# تَذڪرهٔ مَخدُومَانِ هَالا

(1205-1364هه/1790-1944ع)

مخدوم جميل الزمان

Gul Hayat Institute

طالب المولىٰ اڪيڊمي، هالا

1438 هه/ 2017ع

# تَذکِرہُ

# مَخدُومَانِ ھَالا

(1205-1364ھ/1790-1944ع)

مصنف

مخدوم جميل الزمان

Gul Hayat Institute

طالب المولىٰ اڪيڊمي، ھالا

١٤٣٨ھ/2017ع

ڪتاب جا حق ۽ واسطا ڇپائيندڙ وٽ محفوظ

| | |
|---|---|
| ڪتاب جو نالو: | تَذڪِرهٔ مخدُومانِ هَالا |
| مصنف: | مخدوم جميل الزمان |
| لي آئوٽ: | امان الله ڀٽي |
| انڊيڪس: | نديم احمد سولنگي |
| پهريون ڇاپو: | 2001ع |
| ٻيو ڇاپو: | ١٤٣٨هه/2017ع |
| ڇپيندڙ: | سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي |
| ڇپائيندڙ: | طالب المولىٰ اڪيڊمي، هالا |
| پڌرو ڪندڙ: | گُل پنوهر سروري هالا |
| قيمت: | 500/= روپيا |

طالب المولىٰ اڪيڊمي

هالا

Gul Hayat Institute

# فهرست


انتساب (ڇاپو پهريون) ........................ xv
انتساب (ڇاپو ٻيو) ........................ xvi
پيش لفظ (ڇاپو پهريون) مخدوم جميل الزمان ........................ xvii
پيش لفظ (ڇاپو ٻيو) مخدوم جميل الزمان ........................ xx
ٻه اکر ڊاڪٽر نواز علي شوق ........................ xxi
تَذڪِره مَخدُومَانِ هَالا حصو پهريون
(51 ق هـ_998 هـ/573_1590ع) ........................ 1
خاندان جو پس منظر ........................ 3
سلسلهءِ نسب ........................ 4
خاندان جي بزرگن جو تذڪرو ........................ 5
حضرت ابوبڪر صدّيق ؓ ........................ 5
حضرت محمد بن ابوبڪر صدّيق ؓ ........................ 9
حضرت شيخ القاسم المدني ؒ ........................ 13
حضرت حافظ عبدالرحمان المدني ؒ ........................ 14
شيخ الشيوخ شهاب الدين عمر سهروردي ؒ ........................ 15
حضرت غوث الحق مخدوم نوح سرور ؒ ........................ 19
حضرت غوث الحق مخدوم نوح ؒ جن جا بيت ........................ 22
اپٽيان نه انڌيون پوريون پرين پسن ........................ 22
نه سي جوڳي جوءِ ۾ نه سا سڪي ڇاٽ ........................ 22
ابوبڪر! آءُ سامي سفر هليا ........................ 23
متان ڏسي موهجين دنيا وارو ڏَجُ ........................ 23
سمون ٻه ساٿين ڳڏ تون ٻه لوچج لڄ ڪي ........................ 23
برصغير ۾ آمد ........................ 24


Gul Hayat Institute

سنڌ ۾ آمد ........ 28
هالَڪنديءَ ۾ آمد ........ 28
تصوف ........ 30
اويسي طريقو ........ 30
سهروردي سلسلو ........ 30
سروري سلسلو ........ 32
ضميما ........ 34
حَرّه جو اندوهناڪ سانحو ........ 34
يوم الحرّه جا شهيد ........ 54
ستين جو ٿان ........ 62
تَذڪِره مَخدُومَانِ هَالا حصّو ٻيو
(1205_1364 هه/1790_1944ع) ........ 65
حضرت مخدوم محمد امين ثاني صدّيقي قريشي هالائي رحمة الله عليه ........ 67
(1205_1252 هه/1790_1836ع)
سلسلهٔ نسب ........ 70
والد بزرگوار جي طرف کان ........ 70
والده ماجده جي طرف کان ........ 70
ولادت مبارڪ ........ 71
شادي ۽ اولاد ........ 72
سجّاده نشيني ........ 73
ليفٽيننٽ ايڊورڊ ڊيل هوسٽي جي هالا ۾ آمد ........ 75
وصال ........ 81
ضميما ........ 82
فاتح سنڌ مير فتح علي خان ٽالپر ........ 82
واقعاتي تاريخ ........ 84
حضرت مخدوم محمد زمان رابع صدّيقي قريشي هالائي رحمة الله عليه
(1233_1269 هه/1818_1852ع) ........ 91
ولادت ........ 94


Gul Hayat Institute

سلسلهٔ نسب ........................................95
شادي ۽ اولاد ........................................95
سجّاده نشيني ........................................97
وصال ........................................98
حضرت مخدوم محمد زمان رابع رحمة الله عليه جي فرزندن جو احوال ........................................98
حضرت مخدوم محمد امين پکن ڏٽي سائين رحمة الله عليه ........................................99
حضرت ميان شاهہ محمد عرف شاهنواز رحمة الله عليه ........................................99
حضرت ميان غلام نبي "پنيلڏو" رحمة الله عليه ........................................100
حضرت پنيل سائين جو ڪلام ........................................104
مئنون لڳڙا قرب ڪلُوري (ڪافي) ........................................104
سچڻ ڪيو ناگاهہ نظر (ڪافي) ........................................105
عشق اصل ڪنئون اڙانگو، پرت جو پنڌ پري تيو (ڪافي). ........................................105
مون ڪي هوت ملي هيڪار، دعا ڪريو ڙي جيڏيون (ڪافي). ........................................105
اڙي منهنجا راڻا آئون نتي چاٽان (ڪافي). ........................................106
ضميما ........................................106
"سليم" هالائي ابڙو ........................................106
آخوند محمد هاشم علوي ........................................108
درگاهہ جا مجاور ........................................110
واقعاتي تاريخ ........................................111
حضرت مخدوم محمد امين ثالث صدّيقي قريشي هالائي رحمة الله عليه
(1254_1303 هہ/1838_1886ع) ........................................117
ولادت ۽ تعليم ........................................119
شادي ۽ اولاد ........................................121
سجّاده نشيني ........................................123
پکن ڏٽي سائين رحمة الله عليه سان حيدر شاهہ جي ملاقات ........................................123
ست بگھاڙي جو قصو ........................................125
وصال ........................................126
حضرت مخدوم امين محمد ثالث رحمة الله عليه جي فرزندن جو احوال ........................................128

Gul Hayat Institute

حضرت مخدوم محمد زمان سائين سرڪار ؒ ........................ 128
حضرت مخدوم ظهير الدين سائين ؒ ........................ 129
حضرت پير ميان جان محمد ؒ ........................ 129
حضرت پير ميان متن ؒ ........................ 129
حضرت پير ميان فتح محمد ؒ ........................ 130
حضرت پير ميان نبي بخش ؒ ........................ 131
پڪن ڏٽي سائين ؒ جن جي شاعري ........................ 132
حضرت پڪن وارن صاحبن ؒ جو ڪلام ........................ 136
مرحبا يا مصطفيٰ ﷺ سردار سرور مرحبا (مولود شريف) ........................ 136
دلبر دل ڪي دام وِڌا (ڪافي) ........................ 137
جي ميخاني ملندو مولا، بتخاني ۾ ڇا هي ڇا هي! (ڪافي) ........................ 138
بانگِ اَلستُ ربّي، ڇئي عشق جن تي آيو (ڪافي) ........................ 139
ٻاروچا ٻيهار، اڱڻ آءُ تان عيد ڪيون (ڪافي) ........................ 140
سڄڻن جا ساريو سانگ آئون ويٺي روز رڙان (ڪافي) ........................ 140
اڄ عشق اَسان ڪَني آيا هي، ڪر بسم الله سِر ڇايا هي (ڪافي) ........................ 141
"امين محمد" آئيا جوڳي جهونجهي جُوءِ (بيت) ........................ 141
ضميما ........................ 144
راهوند جا فقيراڻا آثار ........................ 144
سيد حيدر شاهہ حيدر اجناڻي ؒ ........................ 147
پير سيد صالح شاهہ جيلاني "صالح" ........................ 150
مرزا قليچ بيگ "قليچ" ........................ 151
قاضي يار محمد قريشي ........................ 152
آخوند الله بخش انصاري ........................ 154
سيٺ وشنداس مانجهوءَ وارو ........................ 156
سيلو فقير سيلاني ........................ 158
منٺار فقير راڄڙ ........................ 160
فقير حاجي محمد پريل مگسي ........................ 162
فقير پريل نوشهرائي ........................ 163

Gul Hayat Institute

فقير علي بخش پٽو ........................ 164
قاضي عبدالله پورگر ........................ 166
واقعاتي تاريخ ........................ 166
حضرت مخدوم محمد زمان سرڪار صدّيقي قريشي هالائي رحمة الله عليه
(1278_1331 هه/1861_1913ع) ........................ 181
ولادت مبارڪ ........................ 181
شادي ........................ 182
سجَاده نشيني ........................ 182
ياٽوئي ۽ سنائي شاهن جو قصو ........................ 186
وگهامل کي معافي ڏيڻ ........................ 187
وصال ........................ 188
واقعاتي تاريخ ........................ 190
حضرت مخدوم محمد ظهير الدين صدّيقي قريشي هالائي رحمة الله عليه
(1280_1345 هه/1863_1927ع) ........................ 207
ولادت مبارڪ ۽ تعليم ........................ 207
شادي ۽ اولاد ........................ 208
دستاربندي ........................ 209
انتظامي اُمور ۽ ترقياتي ڪوششون ........................ 210
پاڙيسرين سان حسنِ سلوڪ ڪرڻ ........................ 212
مولانا عبيدالله سنڌي رحمة الله عليه جي مدد ........................ 213
پٽنا ۾ ڪپڙن جي نمائش ........................ 214
علم پروري ........................ 215
وصال ........................ 218
حضرت مخدوم ظهير الدين رحمة الله عليه جن جي فرزندن جو احوال ........................ 220
حضرت مخدوم غلام محمد عرف گل سائين رحمة الله عليه ........................ 220
حضرت پير ميان عبدالحسين رحمة الله عليه ........................ 220
حضرت پير ميان عبدالرحيم رحمة الله عليه ........................ 221
حضرت پير ميان عبدالرحيم عرف الله بچايو رحمة الله عليه ........................ 221

Gul Hayat Institute

واقعاتي تاريخ ...................... 300

تذڪراءِ سوانح (حاشيہ)

شهنشاھہ يزدگرد شجرو ...................... 9
علامہ ابن الخلڪان رحمة الله عليه ...................... 15
مخدوم عربي ڏياڻو رحمة الله عليه ...................... 20
حضرت شيخ المشائخ ابو نجيب سهروردي رحمة الله عليه ...................... 31
حضرت شيخ المشائخ ابو الفتح الغزالي رحمة الله عليه ...................... 31
حضرت غوث الاعظم رحمة الله عليه ...................... 31
حضرت معقِل بن سنان ...................... 40
باني شهر هالا نوان مخدوم مير محمد ثاني رحمة الله عليه ...................... 72
حضرت مخدوم محمد زمان ثالث رحمة الله عليه ...................... 72
مير غلام علي خان ٽالپر ...................... 73
مير ڪرم علي خان ٽالپر ...................... 74
مير مراد علي خان ٽالپر ...................... 74
مير نور محمد خان ٽالپر ...................... 82
پير ميان محمد علي صدّيقي قريشي ...................... 94
پير ميان وريل صدّيقي قريشي ...................... 95
حضرت مخدوم جنگ جلال صدّيقي قريشي رحمة الله عليه ...................... 96
سيد محمد فاضل شاھہ ...................... 118
استو گلاب ڪٽي ...................... 120
آخوند حافظ حاجي محمد قاسم ...................... 120
نورپور جا پير صاحبان ...................... 121
مخدوم ابراهيم نقشبندي ...................... 127
حضرت مخدوم فتح محمد صدّيقي قريشي رحمة الله عليه ...................... 130
خواجہ غلام فريد رحمة الله عليه ...................... 133
مفتي سعد الله انصاري ...................... 134
آخوند حافظ حاجي عبدالغني ...................... 135
پير ميان مگيلڻو صدّيقي (شجرو) ...................... 159

Gul Hayat Institute

خليفو ارم فقير ........................................ 182
زوار الله ورايو........................................ 183
گل شير ڪاڪا ........................................ 187

شجرا

شجره عالي نسب........................................ 325
حضرت بادشاهه پير دستگير رحمة الله عليه........................................ 326
اجناڻي سادات ........................................ 327
رضوي ۽ نقوي سادات ........................................ 329
حضرت بيبي اسماءِ الخثعمية رضي الله عنها ........................................ 330
حضرت بيبي نائلة الفرافِصة التغلبية رحمة الله عليه ........................................ 331
جنرل مسلم اليربوعي الذبياني........................................ 332
بنوڪنده ........................................ 333
حضرت ابن الجوزي رحمة الله عليه ........................................ 334
پير قائم الدين عرف ڪامل صدّيقي قريشي رحمة الله عليه ........................................ 335
حضرت پير ميان محمد علي صدّيقي قريشي رحمة الله عليه ........................................ 336
نورپور وارا پير صاحبان ........................................ 337
حضرت مخدوم محمد حسن صدّيقي قريشي رحمة الله عليه ........................................ 338
درگاهه شريف هالا جا مجاور (حافظ عبدالواحد جو اولاد) ........................................ 339
درگاهه شريف هالا جا مجاور (حافظ عبدالسلام جو اولاد) ........................................ 340

تصويرون

عاليجناب مخدوم محمد زمان سرڪار رحمة الله عليه ........................................ 343
عاليجناب حضرت مخدوم غلام محمد عرف گل سائين رحمة الله عليه ........................................ 344
عاليجناب حضرت مخدوم غلام محمد رحمة الله عليه ........................................ 345
عاليجناب حضرت مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ رحمة الله عليه ........................................ 346
عاليجناب حضرت مخدوم محمد امين فهيم رحمة الله عليه ........................................ 347
عاليجناب حضرت مخدوم ميان الله بچايو رحمة الله عليه ........................................ 348
عاليجناب حضرت مولوي مخدوم غلام حيدر رحمة الله عليه ........................................ 349
عاليجناب حضرت مولوي مخدوم غلام حيدر رحمة الله عليه ........................................ 350

Gul Hayat Institute

عاليجناب حضرت مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ ﷫ ............. 351
عاليجناب مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ ﷫ پنهنجي فرزندن ۽ پوٽن
سان گڏ (وڏو بنگلو هالا شريف) ........................ 352
عاليجناب مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ ﷫ محفل مشاعره ۾........... 353
عاليجناب مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ ﷫ مخدوم محمد امين فهيم
۽ ٻيا هڪ يادگار تصوير ........................ 354
عاليجناب مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ ﷫ پنجاب جي مسافريءَ دوران..... 355
عاليجناب مولوي مخدوم غلام حيدر ﷫، حضرت قبلا مرشدنا مخدوم
محمد زمان طالب الموليٰ ﷫ ۽ حضرت ميان غلام محي الدين ﷫ .......... 356
عاليجناب مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ ﷫ ۽ پير علي بهادر (1975ع) . 357
عاليجناب مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ ﷫ ۽ ٻيا ................ 358
عاليجناب حضرت مخدوم محمد امين فهيم ﷫ (1992ع)................ 359
عاليجناب حضرت مخدوم محمد امين فهيم ﷫ (وڏو بنگلو هالا شريف) ... 360
عاليجناب حضرت مخدوم محمد امين فهيم ﷫ (1997ع)................ 361
عاليجناب حضرت مخدوم محمد امين فهيم ﷫ پنهنجي پائرن سان گڏ ... 362
عاليجناب حضرت مخدوم محمد امين فهيم ﷫ پنهنجي پائرن ۽ پٽن
سان گڏ ........................ 363
مخدوم محمد امين فهيم ﷫، مخدوم خليق الزمان، مخدوم جميل الزمان
۽ محمد حنيف خان ورياه ........................ 364
عاليجناب حضرت مخدوم ميان الھ بچايو سندن خدمتگذار الھ ورايو
ڪتل ۽ ٻيا ........................ 365
مخدوم پير ميان پنيلڏو 'پنيل' صدّيقي قريشي ........................ 366
مخدوم پير ميان غلام حسين "شيدا" صدّيقي قريشي ........................ 367
مخدوم ميان غلام رسول صدّيقي ........................ 368
مخدوم پير ميان اعجاز حسين صدّيقي قريشي ........................ 368
پير ميان غلام سرور "سرور" صدّيقي قريشي ........................ 369
عاليجناب مخدوم پير ميان غلام محي الدين 'ميرل' صدّيقي قريشي ........ 370
پير ميان غلام سرور "سرور"، پير ميان غلام رسول صدّيقي قريشي ۽ ٻيا.... 371

Gul Hayat Institute

حضرت پير ميان امام علي صدّيقي قريشي رحمة الله عليه ........ 372
پير ميان امام علي صدّيقي قريشي جو وڏو فرزند پير ميان محمد صدّيق
عرف علي انور ........ 373
پير ميان امام علي صدّيقي جو ٻيو نمبر فرزند پير ميان علي بهادر ........ 373
پير ميان جُمن صدّيقي قريشي ........ 374
پير ميان جڙيل صدّيقي قريشي ........ 374
پير علي نواز ولد پير شير محمد صدّيقي قريشي ........ 375
پير علي گوهر ولد پير امام بخش صدّيقي قريشي ........ 375
پير علي حسن ولد پير امام بخش صدّيقي قريشي ........ 376
پير خادم حسين ولد پير فتح علي ........ 376
مولانا فضل احمد غزنوي ........ 377
هزهائينس مير صوبدار خان "مير" ........ 378
هزهائينس مير شهداد خان "حيدري" ........ 378
مير سهراب خان ثاني "مسڪين" ........ 379
هزهائينس مير علي مراد خان "مجروح" ........ 379
سيد مٺن شاهه بن سيد حيدر شاهه 'حيدر' اجناڻي رحمة الله عليه ........ 380
راءِ بهادر سيٺ وشنداس مانجهوءَ وارو ........ 381
فقير وڏو عرف محمد فقير ڪتياڻ رحمة الله عليه ........ 382
استاد سينڌو خان "صيد" ........ 383
منٺار فقير راڄڙ ........ 384
حضرت پير صالح شاهه جيلاني رحمة الله عليه ........ 385
شمس العلماءِ مرزا قليچ بيگ ........ 385
سيد علي احمد شاهه بن سيد مٺن شاهه اجناڻي ........ 386
آخوند محمد هاشم بن آخوند محمد قاسم رحمة الله عليه ........ 386
قاضي غلام محمد قريشي ........ 387
رئيس غلام محمد خان نظاماڻي ........ 387
مولانا دين محمد وفائي ........ 388
پروفيسر محبوب علي چنا ........ 388

Gul Hayat Institute

آخوند حافظ مولوي ربّ ڏنو هالائي ........................ 389
آخوند حافظ محمد قاسم هالائي........................ 389
جلال خان پناڻ بن حافظ محمد خان پناڻ رحمة الله عليه ........................ 390
گلشير ڪاڪا رحمة الله عليه ........................ 390
حضرت امين محمد سائين جي خط جو عڪس ........................ 391
سجَاده نشين درگاهه راڻيپور شريف جي ڪافيءَ خط جو عڪس ......... 392
حضرت امين محمد سائين جي خط جو عڪس ........................ 393
صاحب شريعت مخدوم ظهير الدين رحمة الله عليه جو غلام حيدر شاهه ڏي لکيل خط... 394
مخدوم غلام محمد عرف گل سائين جن جو پنهنجي فرزند ڏانهن خط....... 396
شيخ الشيوخ شهاب الدين سهروردي رحمة الله عليه جن جو ڳوٺ 'سهرورد' ......... 397
پڪا شريف (راهوند)........................ 398
پڪا شريف (راهونب)........................ 399
سومر فقير (پڪا شريف)........................ 400
خدا آباد هالا واري جي جامع مسجد ........................ 401
مخدوم عبدالمالڪ صدّيقي قريشي رحمة الله عليه جي درگاهه ........................ 402
حافظ محمد خان پناڻ رحمة الله عليه ........................ 403
آخوند عبدالرحمان بن آخوند فقير محمّد ........................ 404
ماستر خادم حسين بن آخوند عبدالرحمان ........................ 404
مددي ڪتاب ........................ 405
انديڪس ........................ 409

Gul Hayat Institute

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

# انتساب

(ڇاپو پهريون)

تذڪره مخدومانِ هالا
جو انتساب
حضرت غوث الحق مخدوم نوح عليہ الرّحمت
جن جي موجوده
سجّاده نشين
قبلہ و ڪعبه مرشدِ وقت
**مخدوم محمّد امين "فهيم" سائين**
جن جي ذاتِ گرامي سان
ڪريان ٿو:

عـــمـــر دراز تيـڏي
هادي نـگهبان هووئي

هادي نگهبان هووئي
الله ج دي امان هووئي

18 - ڊسمبر 1996ع
8 - شعبان 1417هه

**جميل الزّمان**
**اٿاس بنگلو هالا**

Gul Hayat Institute

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

# انتساب

(ڇاپو ٻيو)

تذڪره مخدومانِ هالا
جو انتساب
حضرت غوث الحق مخدوم نوح عليہ الرَحمت
جن جي سجَاده نشين
قبلہ و ڪعبہ مرشدِ وقت
**مخدوم محمَد امين "فهيم" سائين رحمة الله عليه**
جن جي ذاتِ گرامي سان
ڪريان ٿو:

**هادي نگهبان هووئي**
**الله ج دي امان هووئي**

20 ـ ربيع الاول 1438 هه
20 ـ ڊسمبر 2016ع

**جميل الزّمان**
**اٿاس بنگلو هالا**

Gul Hayat Institute

# پيش لفظ

## (ڇاپو پهريون)

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

الحمدلله ربّ العالمين، والسلاة والسلام عليٰ سيدنا محمد و علي آله وصحبه اجمعين

حضرت غوث الحق مخدوم لطف الله عرف مخدوم نوح رحمة الله عليه، جن جي آباءُ و اجداد ۽ اولاد جي جامع تاريخ جو ٽيون حصو تحقيق ۽ تصنيف جا مختلف مرحلا طئي ڪري منظرِ عام تي پهتو آهي. انشاءَالله هن سلسلي جا باقي حصا بہ جلد شايع ڪيا ويندا.

سيّدنا حضرت غوث الحق مخدوم نوح رحمة الله عليه جن جي شخصيت ۽ تعليمات تي هن کان پهرين سنڌ جا وڏا عالم ۽ اديب گهڻو ڪجھ لکي ويا آهن، تاهم سندن اهي تصنيفات اڄ صدي کن اڳ جون تحرير ڪيل آهن تنهن ڪري ضرورت هئي تہ حضرتِ غوث الحق مخدوم نوح رحمة الله عليه، سندن وڏن ۽ اولاد جي خدمتن کي نئين تحقيق جي روشني ۾ وري نمايان ڪجي، هن عظيم مقصد کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ جامع رٿابندي ڪئي وئي آهي جنهن جي مطابق حضرت غوث الحق مخدوم نوح رحمة الله عليه جن کان حضرت مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ رحمة الله عليه تائين سمورن بزرگن جي سوانح، احوال، ڪلام ۽ خدمات کي سهيڙي ڇئن جلدن ۾ پڌرو ڪيو ويندو جنهن جي ترتيب هن ريت رهندي:

تذڪره مخدومانِ هالا _ I (1506_1590ع)

تذڪره مخدومانِ هالا _ II (1552_1790ع)

Gul Hayat Institute

تذڪره مخدومانِ هالا- III (1790-1944ع)
تذڪره مخدومانِ هالا- VI (1919-1993ع)

الله تعاليٰ جي لطف و ڪرم سان هن تاريخ جو ٽيون حصو اوهان جي هٿن ۾ آهي جنهن ۾ حضرت مخدوم امين محمد ثاني، حضرت مخدوم محمد زمان رابع، حضرت مخدوم امين محمد ثالث پڪن ڏڻي، حضرت مخدوم محمد زمان سرڪار، حضرت مخدوم ظهيرالدين ۽ حضرت مخدوم غلام محمد عرف گل سائين جن جو تذڪرو شامل آهي.

هن تذڪري کي ٻن حصن ۾ ورهايو اٿم. حصو پهريون هن جامع تاريخ جو مستقل ڀاڱو آهي. جنهن کي ايندڙ هر جلد ۾ نئين تحقيق سان آراستہ ڪري ڇڏرو ڪيو ويندو. جيتوڻيڪ هن ڪتاب جي اشاعت وقت بيون بہ ڪافي ۽ ضروري حقيقتون معلوم ٿيون. پر انهن کي في الوقت هن دستاويز ۾ شامل ڪرڻ ممڪن نہ هئو تنهن ڪري اهو ارادو ايندڙ جلد جي ڇپجڻ تائين ملتوي ڪيو ويو آهي. تذڪره مخدومانِ هالا جي هن حصي ۾ سرور نوح فقير جن جي آباءَ و اجداد کان علاوه سندن شجره نسب تي بہ لکيو اٿم. تنهن ڪري ان بابت بہ ٿي ڳالهيون هتي ڄاڻائڻ ضروري ٿو سمجهان تہ جيئن محقق حضرات کي حقيقت کان آگاهي ٿي سگهي.

برصغير هندو پاڪستان جي عظيم المرتبت بزرگانِ دين جو تعلق گهڻو ڪري عربستان سان رهيو آهي، سندن احوال پڙهڻ سان معلوم ٿئي ٿو تہ انهن بزرگن مان نوي سيڪڙو اولياءَ ڪرام سڏا سنوان خاندانِ اهلبيت مان آهن. اگر نہ تہ بہ سندن سلسلو اشراف العرب سان ضرور ملي ٿو.

ان ۾ ڪو بہ شڪ ناهي تہ اسان جا سمورا بزرگانِ دين صحيح النسب ۽ اعليٰ نسب جا صاحب ٿي گذريا آهن. پر سندن انساب جو مطالعو ڪبو تہ گهڻو ڪري ڪو بہ درست نہ ملندو. سنڌ جا وڏا بزرگ حضرت غوث الحق مخدوم نوح، قلندر شهباز مروندي، شاه عبدالڪريم بُلڙائي، سيد محمد مڪي، سيد ابوبڪر لڪياري، سيد صدرالدين لڪياري، شاه خيرالدين بڪري، سخي عبدالوهاب شاه، لنواري شريف وارا پير صاحبان، ٺٽي جا شيرازي سادات، شاه عبداللطيف ڀٽائي ۽ حضرت عبدالله شاه غازي وغيره انهيءَ زمري

Gul Hayat Institute

# پيش لفظ

## (ڇاپو ٻيو)

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

تذڪرهٔ مخدومانِ هالا جو پهريون ڇاپو 16/15 سال اڳ ڇپجي منظرعام تي آيو. هنيئر ان جو ٻيو ڇاپو اوهان جي هٿن ۾ آهي، جنهن ۾ ڪجھ واڌارن سان گڏ نئين تحقيق بہ شامل ڪئي اٿم جنهن مان سنڌ جي تاريخ سان لاڳاپيل عالم ۽ اديب يقيناً فائدو وٺندا. تذڪرهٔ مخدومانِ هالا جي پهرئين ڇاپي وانگر هن نئين ڇاپي کي بہ اعليٰ حضرت قبلہ مخدوم محمد امين فهيم سائين جن سان منسوب ڪيو اٿم. جتي ان جي خوشي اٿم اتي اهو بہ سوچيان پيو تہ ڪاش جيڪڏهن پاڻ هن جو مطالعو ڪن ها تہ تمام گهڻو پسند فرمائين ها. الله سائينؒ سندن درجات بلند ڪندو. آمين

پاڻ پنهنجي وقت جا شاندار انسان هئا سندن نالو قيامت تائين قائم رهندو انشاءَ اللهؒ.

تاريخ لکڻ هڪ امتحان آهي ۽ خاص طرح پنهنجي بزرگن ۽ خاندان جو تذڪرهٔ لکڻ انتهائي ڏکيو ۽ ذميداري جو ڪم آهي. مون ارادو ڪيو هئو تہ هن ڪتاب جي پهرئين حصي کي تبديل ڪري ان جي جاءِ تي نئين تحقيق تي مشتمل هڪ نئون باب شامل ڪريان جيڪو ايندڙ جلدن/ڇاپن ۾ وڌيڪ تحقيقي مواد سان گڏ ڏنو ويندو.

آئون انهن سيني دوستن جو ٿورائتو آهيان جن تذڪرهٔ مخدومانِ هالا جي هن ٻئي ڇاپي جي تياريءَ ۽ ڇپائيءَ ۾ مدد ڪئي.

الله سائينؒ هن ڪتاب کي مقبوليت عطا فرمائيندو آمين.

**مخدوم جميل الزمان**
بالمورل، ايڊن برو
اسڪاٽ لينڊ

30_ ربيع الاول 1438هہ
29_ ڊسمبر 2016ع (خميس)

Gul Hayat Institute

# ٻه اکر

## (ڇاپو پهريون)

سيد حسام الدين راشدي سڄي زندگي سنڌ جي تاريخ تي عالمانہ انداز ۾ ڪم ڪيو. سندن انهيءَ تاريخي تحقيق سبب کين بين الاقوامي شهرت ملي جنهن تي اسان سيني کي فخر آهي. بنده راقم جي سائين حسام الدين سان بي پناهہ عقيدت ۽ محبت هئي جيڪا تازندگي قائم رهندي، مون Ph.D جو مقالو بہ سندن ئي رهبريءَ ۾ مڪمل ڪيو ۽ سندن صحبت مان ڪافي فيض پرايو. آءٌ روزانو سندن خدمت ۾ حاضر ٿيندو رهندو هوس. اتي ڪيترن ئي عالمن، ۽ اديبن ۽ شاعرن سان ملاقاتون ٿيون. اهي گهڙيون، ڏينهن ۽ راتيون منهنجي زندگيءَ جو قيمتي سرمايو آهن:

جا گهڙي هن ساڻ گذري، سا سڄائي ٿي وئي،
بي سموري زندگي ضايع اجائي ٿي وئي.

هيءَ هڪ حقيقت آهي تہ سنڌ جي اوليائن جون درگاهون ۽ خانقاهون علمي، ادبي ۽ روحاني مرڪز جي حيثيت رکن ٿيون. اُهي ڄڻ يونيورسٽيون هيون جتان پرت جي پانڌيڙن ۽ علم جي اڃايلن پنهنجي پياس ۽ آس پوري ڪئي. افسوس جو انهن درگاهن ۽ خانقاهن تي ڪو خاطر خواهہ تحقيقي ڪم ڪو نہ ٿيو آهي. اسان جو فرض آهي تہ اسان پنهنجن بزرگن ۽ سندن سلسلي سان منسلڪ عالمن، عارفن، اديبن ۽ شاعرن جو تذڪرو لکون، جيڪو سنڌ جو علمي، ادبي، تاريخي، روحاني ۽ ثقافتي سرمايو ثابت ٿيندو.

نهايت خوشيءَ جي ڳالهہ آهي تہ نوجوان اديب شاعر ۽ محقق مخدوم جميل الزمان پنهنجن بزرگن جي تاريخ عالمانہ انداز ۾ لکي آهي. مخدوم جميل الزمان کي سهڻي شاعريءَ سبب سڄي سنڌ ۾ ميڄتا ملي چڪي آهي، پر پاڻ

Gul Hayat Institute

هيءَ جيڪو اعليٰ تحقيقي ڪم ڪيواٽن سو وڏيڪ اهميت رکي ٿو. هيءَ تذڪرو درحقيقت هالا جي مخدوم صاحبان متعلق آهي، پر فاضل تذڪري نگار ابتدا ۾ هالا جي مخدوم صاحبان جي وڏڙن بزرگن جو ذڪر ضروري سمجهندي ان تي مختصر مگر جامع نموني روشني وڌي آهي، جيئن پاڻ لکيو اٿن ته ”هالا جي مخدومن جي سيني اجداد و امجاد جي سوانح لکڻ مقصد ۾ شامل ڪونهي، پر جيئن ته اهي بزرگ خاندان جا منڍ ۽ سرچشما هئا، ان ڪري سندن حياتي ۽ اولاد بابت مستند معلومات ڏيڻ انتهائي ضروري سمجهي هتي ڏني پئي وڃي.“ اها معلومات مخدوم صاحب عالمانه ۽ محققانه انداز ۾ ڏني آهي. جميل سائين پنهنجي هن ڪتاب ۾ لکيو آهي ته ”حضرت مخدوم نوح رحمة الله عليه جن سنڌ ۾ سهروردي سلسلي جا باني هئا. سندن فيض ۽ ڪمال فقط وهب الاهيءَ جي ذريعي ٿيو جنهن ڪري ڪين اويسي به چوندا آهن.“

هن ڪتاب ۾ مختلف ۽ مستند ڪتابن جي حوالن سان حضرت غوث الحق مخدوم نوح رحمة الله عليه جن جي سوانح ۽ ڪرامات تي سهڻي نموني روشني وڌي وئي آهي. مخدوم نوح رحمة الله عليه جي بيتن ۾ ايڏي گهرائي آهي جو انهن تي سنڌي شاعريءَ جي ابتدائي دور جي حوالي سان تحقيق ۽ تشريح ڪرڻ نهايت ضروري آهي. حضرت شيخ الشيوخ جن پنهنجي حياتيءَ ۾ پنهنجي فرزندن ۽ عزيزن کي سهروردي طريقي جي فروغ لاءِ ايران، تهران، ترڪستان، هندستان، بنگال ۽ سنڌ ڏانهن روانو ڪيو هو. سنڌ ۾ سندن خاندان جو اولين مبلغ سيدنا حضرت شيخ عبدالحميد سهروردي رحمة الله عليه هو جيڪو پنهنجي ساٿين سميت سنڌ پهتو سندن متعلق مولانا وفائي لکيو آهي ته ”حڪيم امير علي شاهه مرحوم فتح پوري (رياست خيرپور) لکي ٿو ته غزنوي گهراڻي جي سنڌ تي قبضي ڪرڻ وقت روهڙيءَ جي انهيءَ جبل تي ست اولياءَ اچي چاليهو ڪيڻ ۽ عبادت ڪرڻ لڳا. جن جا نالا آهن: شيخ عبدالحميد سهروردي، شيخ عبدالله حريري، حمزه بن رفعه، علي بن احمد مصري، يوسف بن محمد بلخي، صفي الدين شيرازي ۽ ابوالحسن خرقاني. ان کان پوءِ مخدوم جميل سائين لکن ٿا ته اسان جي تحقيق موجب حضرت شيخ عبدالحميد سهروردي شيخ المشائخ حضرت ابوالنجيب سهروردي جو پوٽو هو جيڪو شهاب الدين غوريءَ جي سنڌ ۽ لاهور فتح ڪرڻ بعد سنڌ ۾ آيو هوندو. ممڪن آهي ته حضرت عبدالحميد سهروردي ۽ حضرت ابوبڪر

Gul Hayat Institute

ڪتاني رحمة الله عليه هن خاندان جو پهريون بزرگ هو جيڪو (غلام گهراڻي) جي دور حڪومت ۾ ڪوٽ ڪروڙمان هجرت ڪري، مختلف هنڌن تي قيام ڪندو اچي بوبڪ ۾ رهيو. سندس علم ۽ بزرگيءَ ڪي ڏسي ڪيس "قاضي" جي عهدي تي فائز ڪيو ويو. سندس مزار حضرت مخدوم سيد محمد عثمان مروندي المعروف "قلندر لعل شهباز رحمة الله عليه" جي مقبري جي پرسان آهي.

هالا ۾ آمد جي عنوان هيٺ لکن ٿا تہ مخدومان هالا جو موسس اعليٰ حضرت مخدوم فخرالدين صغير رحمة الله عليه بوبڪن مان هجرت ڪري اچي هالڪنديءَ ۾ ساڪن ٿيو. سندن اولاد بعد ۾ لاکن، سومرن ۽ هالن مان شادي ڪيائون.

ان ڪان پوءِ شجره نسب وارو باب اچي ٿو جيڪو مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ سائين ڪان شروع ٿي سيدنا ابوبڪر صدّيق رضي الله عنه تائين پهچي ٿو. مخدوم صاحب جي تحقيق مطابق حضرت شيخ شهاب الدين سهروردي رحمة الله عليه جن جو سلسلو سورهين پيڙهيءَ ۾ خليفہ اول سيدنا حضرت ابوبڪر صدّيق رضي الله عنه سان ملي ٿو جيڪو هن ڪتاب ۾ ڏنو اٿن. ان ڪان پوءِ ڪلياتِ امين ۾ ڏنل شجرو پڻ ڪتاب ۾ شامل ڪيو ويو آهي.

هن ڪتاب ۾ اويسي طريقي بابت سهڻي نموني روشني وڌي وئي آهي. ان ڪان علاوه مخدوم جميل الزمان سهروردي سلسلي جي مختصر مگر جامع تاريخ ڄاڻائي آهي.

ڪتاب جي ٻئي حصي ۾ هالا جي مخدومن جو ذڪر خير نظر ايندو. شروعات حضرت مخدوم امين محمد ثاني رحمة الله عليه جن ڪان ڪئي وئي آهي، ان ۾ سندن سوانح ڪان علاوه ان دور جي واقعاتي تاريخ پڻ ڏني وئي آهي، جيڪا سون تي سهاڳو ثابت ٿئي ٿي ۽ آئنده جي مؤرخ ۽ محقق کي ان مان وڏي مدد ملي سگهي ٿي.

ان ڪان پوءِ حضرت مخدوم محمد زمان رابع جو تذڪرو عالمانہ انداز ۾ ڪيو ويو آهي. ڪٿي ڪٿي شاه لطيف جا شعر ڏئي ڪتاب کي وڌيڪ وڻندڙ بڻايو ويو آهي. آخر ۾ ان دور جي واقعاتي تاريخ ڏني وئي آهي، جنهن مان مخدوم صاحب جي وسيع مطالعي ۽ تاريخ سان دلچسپي جو چٽو ثبوت ملي ٿو.

ان ڪان پوءِ حضرت مخدوم امين محمد ثالث رحمة الله عليه پکن ڏٽي جي سوانح ۽ چوند شاعري ڏني وئي آهي ۽ آخر ۾ ان دور جا تاريخي واقعا ڏنا ويا آهن.

Gul Hayat Institute

ان بعد حضرت مخدوم محمد زمان سرڪارؒ حضرت مخدوم ظهيرالدينؒ حضرت مخدوم غلام محمد عرف گل سائين ۽ سندن اولاد جو ذڪر ڪندي حضرت مخدوم محمد زمان طالب الموليٰؒ جو قدري تفصيلي ذڪر ڪيو آهي ۽ سندن ڪلام جو نمونو پڻ ڏنو آهي.

ان کان پوءِ حسب معمول مخدوم غلام محمد جي دور جي واقعاتي تاريخ ڏني وئي آهي. ان تاريخي مواد کان پوءِ شجرا ڏنا ويا آهن، جن ۾ هيٺيان شجرا شامل آهن:

1۔ پير قائم الدين عرف ڪامل صدّيقي جو شجرو
2۔ حضرت پير ميان محمد علي صدّيقيءَ جو شجرو
3۔ نور پور وارن پيرن جو شجرو
4۔ حضرت مخدوم محمد حسن صدّيقيءَ جو شجرو
5۔ حيدرآباد جي اجناڻي سادات جو شجرو
6۔ مجاوران درگاهه حضرت مخدوم نوحؒ جو شجرو

ان کان پوءِ ضميما ڏنا ويا آهن، جن ۾ پڻ قيمتي مواد آيل آهي.

آخر ۾ نهايت اهم ناياب تاريخي تصويرون ڏنيون ويون آهن، جن ڪتاب جي اهميت ۾ اضافو ڪيو آهي.

عربي فارسي سنڌي ۽ اردو زبانن ۾ ڪيترائي تذڪره لکيا ويا آهن، سنڌ ۾ هن موضوع تي سڀ کان گهڻو ۽ سهڻو تحقيقي ڪم سيد حسام الدين راشدي ۽ مولانا دين محمد وفائي ڪيو ان کان پوءِ هن موضوع تي مخدوم جميل الزمان نهايت اعليٰ ۽ معياري ڪم ڪيو آهي. جميل سائين هيءُ ڪتاب لکڻ وقت ڪيترن ئي ناياب ڪتابن کان علاوه ڪن قلمي نسخن مان نهايت ئي قيمتي مواد ڪٺو ڪري پنهنجي هن ڪتاب کي هر لحاظ سان معياري بڻايو آهي. هن ڪتاب جي بي خاص خوبي اها آهي ته هن ۾ ڪنهن بزرگ جو ذڪر ڪرڻ کانپوءِ ان دور جي واقعاتي تاريخ پڻ ڏني وئي آهي جيڪا هن تذڪري جي خاص خصوصيت آهي، جيڪا ٻين تذڪرن ۾ نظر نه ايندي مون کي اميد نه بلڪ يقين آهي ته هيءُ تذڪرو سنڌ جي علمي، ادبي

10۔ آڪٽوبر 2000ع

**نواز علي شوق**
**ڪراچي**

Gul Hayat Institute

# تَذکِرۂ مَخدُومَانِ ھَالا

## حصّو پھريون

(51 ق ھ_998 ھ/573_1590ع)

Gul Hayat Institute

خاندان جو پس منظر

سلسلهٔ نسب

خاندان جي بزرگن جو تذڪرو

برصغير ۾ آمد

سنڌ ۾ آمد

هالَڪنديءَ ۾ آمد

تصّوف

اويسي طريقو

سهروردي سلسلو

سروري سلسلو

ضميما

Gul Hayat Institute

# خاندان جو پس منظر

الله تعاليٰ جي آخري پيغمبر سيد المرسلين سرور ڪونين آقا محمد مصطفيٰ ﷺ جن جي وڏي خليفي سيّدنا حضرت ابوبڪر صدّيق رضي الله عنه جي خاندان مان ڪيترائي اهل الله بزرگ پيدا ٿيا جن دين اسلام ۽ سنت رسول ﷺ جي سربلنديءَ ترويج ۽ اشاعت لاءِ پنهنجي سڄي حياتي وقف ڪري ڇڏي هئي. اسلام جي روشني ۽ تعليمات کي پکيڙڻ لاءِ اُهي سرزمين يثرب وبطحا مان هجرت ڪري دنيا جي دور دراز علائقن ۾ پهتا، اتي جي ماڻهن کي پنهنجي علم وعرفان ۽ روحانيت جي فيض مان بهره ور ڪيائون ۽ هميشه جي لاءِ اتي جا ٿي ويا. سندن رياضت ۽ جهاد جي ڪري اسلام جو نور ڪنڊ ڪڙڇ تائين پهچي ويو. حضرت غوث الحق مخدوم نوح رحمة الله عليه ۽ سندن اجداد و امجاد ۽ اولاد جو شمار به انهن برگزيده هستين ۾ ٿئي ٿو. غوث الحق مخدوم نوح رحمة الله عليه جن جو سلسله نسب حضرت محمد بن سيّدنا حضرت ابوبڪر صدّيق رضي الله عنه سان ملي ٿو.[1] حضرت محمد بن ابوبڪر صدّيق رضي الله عنه جو پڙپوٽو حضرت عبدالله بن عبدالرحمان بن القاسم بن محمد بن ابوبڪر صدّيق رضي الله عنه، عباسي خليفي المنصور[2] جي دور حڪومت ۾ حضرت حسن بن زيد رضي الله عنه[3] جي ڏينهن ۾ مديني پاڪ جو قاضي ٿي رهيو. ڪانئس پوءِ سندس فرزند حضرت محمد، خليفي المامون[4] جي وقت ۾ مديني پاڪ جي قاضي جا فرائض انجام ڏنا.

---

[1] ڏسو سلسلهء نسب، ص: 4.

[2] ابو جعفر عبدالله المنصور بن محمد العباسي القريشي (709_775ع).
The Genealogies، ص: 196.

[3] حضرت ابو محمد الحسن بن زيد بن امام الحسن المجتبيٰ رح (دور امارت: 767_772ع)
The Genealogies، ص: 120.

[4] ابوالعباس عبدالله المامون بن هارون العباسي القريشي (786_833ع)
The Genealogies، ص: 197.

Gul Hayat Institute

قاضي مدينة المنوره حضرت محمد بن عبدالله بن عبدالرحمان بن القاسم رحمة الله عليه تائين هيءُ خاندان مڪي ۽ مديني پاڪ ۾ رهيو. بعد ۾ غالباً سندس فرزند حضرت القاسم بن محمد يا اُن جي اولاد ڪي پنهنجي آبائي وطن کي خيرباد چوڻو پيو. مديني شريف مان هجرت ڪري هيءُ گهراڻو مختلف مقامات تي عارضي رهائش اختيار ڪندو بالآخر ايران جي صوبي زنجان ۾ واقع هڪڙي ننڍڙي ڳوٺ ۾ رهڻ لڳو جيڪو اڳتي هلي "سهرورد"[5] جي نالي سان مشهور ٿيو. سهرورد ۾ 9- صفر 490هه[6] /19- جنوري 1097ع تي سهروردي طريقي جا باني شيخ المشائخ ضياءَالدين ابوالنجيب عبدالقاهر تولد ٿيا. پاڻ پهريان بزرگ هئا، جن پنهنجي نالي سان سهروردي لکڻ شروع ڪيو. حضرت ابوالنجيب سهروردي رحمة الله عليه جن جي حياتي مبارڪ بابت تمام گهڻو مواد ملي ٿو. سندن انتقال 17- جمادي الآخر 563هه بمطابق 29- مارچ 1168ع تي ٿيو.[7] شيخ المشائخ حضرت ابوالنجيب سهروردي رحمة الله عليه کان پوءِ هن گهراڻي جي عظيم فرزند حضرت شيخ الشيوخ شهاب الدين ابو حفص عمر سهروردي جو نالو ٻين بزرگن کان وڌيڪ مشهور معروف ٿيو.

عراق، ايران ۽ برصغير هندو پاڪ ۾ جيڪا شهرت ۽ پذيرائي حضرت شيخ ضياءَ الدين ابوالنجيب سهروردي رحمة الله عليه ۽ حضرت شيخ شهاب الدين ابو حفص عمر سهروردي رحمة الله عليه جن جي حصي ۾ آئي اُها ٻئي ڪنهن کي گهٽ نصيب ٿي.

## سلسلهءِ نسب:

سلطان السنڌ قطب الاقطاب حضرت غوث الحق مخدوم لطف الله المعروف بہ حضرت مخدوم نوح سرور بن نعمت الله بن سراج الدين اسحاق بن شهاب الدين صغير بن فخرالدين صغير بن برهان الدين اسماعيل بن ظهير الدين بن عز الدين عبدالوهاب بن فخر الدين اسماعيل بن برهان الدين

---

[5] سهرود. مخفف (سوره به رد) ڪہ قصبه اي بوده است ڪردُنيش در منطقهٔ زنجان. و معني آن سنگ سرخ است. تاريخ مشاهيرِ ڪرد. ص: 46.

[6] وفيات الاعيان. ص: 185.

[7] سنڌ جي واقعاتي تاريخ. ص: 16.

Gul Hayat Institute

ابوبڪر عبدالله بن نصير الدين محمد بن سراج الدين عبدالله بن حضرت شيخ الشيوخ شهاب الدين عمر سهروردي بن عماد الدين محمد بن شهاب الدين عبدالله بن نجيب الدين محمد بن فخر الدين عبدالله بن سعد بن الحسن بن القاسم بن النضر بن القاسم بن محمد بن عبدالله بن عبدالرحمان بن القاسم بن محمد بن سيّدنا حضرت ابوبڪر صدّيق رضي الله عنه.

## خاندان جي بزرگن جو تذڪرو:

هالا جي مخدومن جي سيني اجداد و امجاد جي سوانح لکڻ مقصد ۾ شامل ڪونهي. جيئن تہ اهي بزرگ خاندان جا "سرچشما" هئا ان ڪري سندن حياتي ۽ اولاد بابت مستند معلومات ڏيڻ انتهائي ضروري سمجهي هتي ڏني پئي وڃي.

## حضرت ابوبڪر صدّيق رضي الله عنه

(51 ق هہ- 13هہ/573-634ع)

خليفة الرسول ﷺ سيّدنا حضرت ابوبڪر صدّيق رضي الله عنه جي ولادت 19 جمادي الثاني 51 ق هہ مطابق 8 جولاءِ 573ع ۾ مڪي شريف ۾ ٿي.[8] سندن اصل نالو عتيق هئو اسلام آڻڻ کانپوءِ حضور ﷺ جن سندن نالو تبديل ڪري "عبدالله" رکيو. سندن تعلق قبيلہ قريش جي هڪڙي شاخ "بني تيم" سان هئو. حضرت ابوبڪر صدّيق رضي الله عنه جو سلسلہ نسب "تيم" کان ٿيندو. "مُره بن ڪعب" تائين پهچي، حضور ﷺ جن جي سلسلہ نسب سان ملي ٿو.[9] سيّدنا حضرت ابوبڪر صدّيق رضي الله عنه جن جو ڪردار الله تعاليٰ ۽ رسول الله جي

Gul Hayat Institute

---

[8] The Concise Encyclopaedia of Islam, P. 19.

گلزار صدّيق رضي الله عنه، ص: 99.

The Genealogies، ص: 37.

The Genealogies، ص: 339.

[9] ڏسو شجرو: 1 (شجرهء عالي نسب)

جا پابند ۽ زبردست شارح احڪامات جو اعليٰ مثال هئو. پاڻ سنت نبوي ﷺ جا پابند ۽ زبردست شارح هئا. پيغمبر آخر الزمان رسالت مآب عالي جناب حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جن سان هر وقت شانه بشانه گڏ رهيا. الله تعاليٰ قرآن ۾ فرمايو آهي:

"جڏهن هو ٻئي غار ۾ هئا تہ رسول الله پنهنجي همنشين کي چيو تہ رنج ۽ غم نہ ڪجي. الله اسان سان گڏ آهي. پوءِ الله مٿن تسڪين نازل فرمائي." (القرآن[10])

حضرت صدّيق اڪبر رضي الله عنه چار شاديون ڪيون. ٻہ اسلام کان اڳ ۽ ٻہ اسلام جي آمد بعد ڪيائون. ڪين ٽي نياڻيون ۽ ٽي فرزند تولد ٿيا.[11] حضرت غوث الحق مخدوم نوح رحمة الله عليه جن جو جداعليٰ حضرت محمد رضي الله عنه، سندن ننڍو فرزند هئو جيڪو سندن ٽين گهرواري بي بي اُم المحمدين اسماءِ بنت عميس رضي الله عنه مان تولد ٿيو. بي بي اسماءِ بنت عميس[12] جو پهريون نڪاح حضرت علي المرتضيٰ رضي الله عنه جن جي وڏي ڀاءُ حضرت جعفر بن ابو طالب رضي الله عنه[13] سان ٿيو. حضرت جعفر الطيار رضي الله عنه جن جي شهادت بعد پيغمبر آخرالزمان حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جن جي رضامندي ۽ اجازت سان سن 8 هجري بمطابق 29_630 ۾ حضرت ابوبڪر صدّيق رضي الله عنه جن حضرت بي بي اسماءِ بنت عميس رضي الله عنه سان شادي ڪئي.[14]

حضرت ابوبڪر صدّيق رضي الله عنه، عربن جي نسب جي وڏي ڄاڻ رکندا هئا. ۽ خاص طرح سان "قريش" جي حسب ۽ نسب تي دسترس حاصل هئن. جبير بن مطعم رضي الله عنه[15] جيڪو بذات خود پنهنجي وقت ۾ "انساب القريش" جو سيني کان وڌيڪ ماهر هئو انهيءَ جي بقول "مون علم الانساب حضرت ابوبڪر صدّيق رضي الله عنه کان سکيو آهي، جيڪو عربن جي حسب نسب جو

---

[10] تاريخ الخلفاءِ، ص: 90.

[11] يارِ غار حضرت ابوبڪر صدّيق رضي الله عنه، ص: 200/199.

[12] ڏسو شجرو: 5 (حضرت بيبي اسماء الخثعمية رضـ)

[13] حضرت ابو عبدالله جعفر الطيار بن ابو طالب الهاشمي القريشي رضي الله عنه (578ع_شهادت 20 آگسٽ 629ع). The Genealogies، ص: 208.

[14] Siddiq_e_Akber.

[15] حضرت ابو محمد ابو عدي جبير بن مطعم بن عدي بن نوفل بن عبد مناف النوفلي القريشي رحمة الله عليه (وصال: 57_59هـ/76_677ع). الموسوعة الحره.

Gul Hayat Institute

سيني کان وڏي ڄاڻ رکندڙ هئو."[16] حضرت ابوبڪر صدّيق رضي الله عنه اسلام کان اڳ به نهايت پرهيزگار هوندا هئا. ابن عساڪر[17]، ابوالعاليه رياحي[18] جي حوالي سان بيان ٿو ڪري ته "صحابه ڪرام جي هڪڙي مجمعي ۾ حضرت صدّيق اڪبر رضي الله عنه کان دريافت ڪيو ويو ته ڇا اوهان زمانهٔ جاهليت ۾ شراب نوشي ڪئي هئي؟" تنهنجي جواب ۾ پاڻ فرمايائون:

**"پناهه بخدا! مون ڪڏهن به شراب نه پيتو." (تاريخ الخلفاءِ)**

صحابه ڪرامن جو سبب پڇيو جنهن تي پاڻ جواب ۾ چيائون:

"شراب انهيءَ لاءِ نه پيتم جو عزّت ۽ ناموس محفوظ رهي ۽ مروّت قائم رهي، ڇو ته شراب خوريءَ سان مروّت نڪريو وڃي."

رسول الله ﷺ جن کي جڏهن حضرت ابوبڪر رضي الله عنه جو جواب معلوم ٿيو ته پاڻ ﷺ به پيرا ارشاد فرمايائون ته: **"ابوبڪر سچ چيو آهي"**[19]

حضور پاڪ ﷺ جن 20_ رمضان المبارڪ 8 هه مطابق 11 جنوري 630ع تي ڪعبته الله شريف مان ڪفار جي بتن کي ڪڍي ان کي پاڪ و صاف ڪرائي ڇڏيو. سن 9 هجري (630ع) ۾ مسلمانن جي پهرئين حج جو انتظام ٿيو. هن وڏي ۽ اهم مقصد لاءِ رسول پاڪ ﷺ جن پنهنجي سيني کان بزرگ اصحابي حضرت ابوبڪر صدّيق رضي الله عنه کي منتخب فرمائي مڪ مڪرمه وڃڻ جو حڪم ڏنو ۽ سندن ماتحتي ۾ ٽي سؤ صحابه ڪرام رضي الله عنهم تي مشتمل قافلو روانو ڪيائون. جنهن ۾ جليل القدر اصحابه ڪرام شريڪ هئا. پاڻ سڳورن ﷺ سندن طرفان قرباني ڪرڻ لاءِ ويهه اٺ پڻ انهيءَ قافلي سان گڏ موڪليا هئا. هن حج اڪبر جي موقعي تي حضرت ابوبڪر صدّيق رضي الله عنه جن، مسلمانن کي حج ڪرڻ جا طريقا ٻڌايا. "يوم النحر" يعني قربانيءَ جي ڏينهن، 10_ذوالحج 9 هه (مطابق 20_ مارچ 631ع)[20] تي حجاج

---

[16] تاريخ الخلفاءِ ص: 106.

[17] حافظ محدث ابو القاسم علي بن الحسين بن هبة الله بن عساڪر الدمشقي رحمه الله (1105_1176ع).

[18] حضرت ابوالعاليه رفيع بن مهران الرياحي البصري رحمه الله (وصال: 90/93 هه) الموسوعة الحره.

[19] تاريخ الخلفاءِ، ص: 95.

[20] تقويم هجري قلمي.

Gul Hayat Institute

# حضرت محمد بن ابوبڪر صدّيق رضي الله عنه

**(10-38ھ/632-658ع)**

حضرت غوث الحق مخدوم نوح رحمة الله عليه جن جو جدِ اعليٰ حضرت محمد بن ابوبڪر رضي الله عنه، 26 ذوالقعد 10 ھ مطابق 23 فيبروري 632ع[32] تي مديني پاڪ جي ويجهو ذوالحليفه (موجوده "ابير علي") عربستان ۾ تولد ٿيو.[33] سندس والده ماجده بيبي اسماءَ بنت عميس رضي الله عنها هئي. خليفه اول حضرت ابوبڪر صدّيق رضي الله عنه جي وصال وقت حضرت محمد رضي الله عنه جي عمر فقط ٻه سال ۽ پنج مهينا هئي ۽ حضرت ابوبڪر صدّيق رضي الله عنه جي وصال کان پوءِ بيبي اسماءَ بنت عميس رضي الله عنها جو نڪاح امام اولياءَ حضرت علي رضي الله عنه سان ٿيو ان ڪري سندس پرورش به حضرت علي المرتضيٰ رضي الله عنه جن ڪئي.

حضرت محمد بن ابوبڪر صدّيق رضي الله عنه جي شادي ايران جي عادل شهنشاهه نوشيروان جي خاندان مان بيبي جهان بانو (گيهان بانو) بنت شهنشاهه يزد گرد سان ٿي.[34] حضرت امام حسين عليه السلام ۽ حضرت محمد رضي الله عنه جون گهرواريون پاڻ ۾ سڳيون ڀينرون هيون. حضرت امام حسين عليه السلام، حضرت محمد بن ابوبڪر رضي الله عنه ۽ حضرت عبدالله بن عمر الفاروق رضي الله عنه شادين کان پوءِ همزلف به ٿيا. حضرت محمد رضي الله عنه جي تربيت امام الاولياءَ حضرت علي المرتضيٰ رضي الله عنه جن ڪئي هئي ۽ کين پنهنجي اولاد جيترو پيار ڪندا هئا. حضرت محمد بن ابوبڪر صدّيق رضي الله عنه به سندن زبردست طرفدار هئا. خليفه سوئم حضرت عثمان غني بن عفان رضي الله عنه جي حڪومت جي خلاف

Gul Hayat Institute

---

[32] سيرة النبي صلي الله عليه وسلم، ص: 236/269/جلد، 1/2.

[33] علامه شبلي، حضرت محمد بن ابوبڪر صدّيق رضي الله عنه جن جي ولادت جي تاريخ 25 ذيعقد 10 هجري ڄاڻائي آهي. ڏسو عهدِ نبوت کے ماہ وسال، ص: 314/315.

[34] شهنشاهه يزد گرد، ساساني خاندان جو آخري بادشاهه هو هن 634ع کان 652ع تائين حڪومت ڪئي. سندس سلسلهء نسب هن طرح آهي: يزد گرد ثالث بن شهر يار بن ڪسريٰ خسرو پرويز ثاني بن هرمز بن نوشيروان عادل خسرو اول بن قيقباد بن فيروز بن يزد گرد. وڌيڪ ڏسو ادب نامئہ ايران، وفيات الاعيان، تاريخ ايران ۽ چوده ستاري

جڏهن بغاوت جو علم بلند ٿيو تہ حضرت محمد بن ابوبڪر رضي الله عنه باغين جو ساٿ ڏنو نتيجتًا مٿس حضرت عثمان غني رضي الله عنه جي قتل جو الزام مڙهيو ويو.

## شهادت حضرت عثمان غني رضي الله عنه:

خليفہ سوئم حضرت عثمان غني رضي الله عنه جن جي شهادت جمعي جي ڏينهن، 18 ذوالحج 35 هہ بمطابق 17۔جون 656ع تي ٿي، ان وقت حضرت محمد بن ابوبڪر صدّيق رضي الله عنه جي عمر فقط چوويهہ سال هئي. تاريخ الخلفاءَ ۾ شهادت عثمان غني رضي الله عنه جو ذڪر تفصيل ۾ ڏنو ويو آهي، جنهن مان ثابت ٿو ٿئي تہ حضرت عثمان غني رضي الله عنه جو قاتل حضرت محمد بن ابوبڪر صدّيق رضي الله عنه ڪو نہ هئو. علامه سيوطي لکي ٿو تہ:

”محمد بن ابوبڪر پنهنجي ساٿين کي چيو تہ پهرين آئون ٿو اندر وڃان ۽ وڃي حضرت عثمان رضي الله عنه کي قابو ٿو ڪريان ۽ جڏهن آئون کيس قابو ڪري وٺان تہ توهان هڪدم حملو ڪري کيس قتل ڪري ڇڏجو. اهو منصوبو ٺاهي محمد بن ابوبڪر رضي الله عنه گهر جي اندر پهتو ۽ حضرت عثمان رضي الله عنه کي سونهاري مان جهليائين انهيءَ مهل حضرت عثمان رضي الله عنه کيس چيو تہ ”جيڪڏهن تنهنجو والد توکي هيءَ حرڪت ڪندي ڏسي ها تہ ڇا چئي ها؟“، اهو ٻڌڻ سان محمد بن ابوبڪر رضي الله عنه سندن سونهاريءَ مان هٿ ڪڍي ڇڏيو، پر ان عرصي ۾ هو ٻئي ڄڻا پهچي چڪا هئا ۽ حضرت عثمان رضي الله عنه ڏانهن وڌيا ۽ کين قتل ڪري ڇڏيائون.“ حضرت علي عليه السلام کي جڏهن معلوم ٿيو تہ اُهي فوراً حضرت عثمان رضي الله عنه جي گهر پهتا ۽ سندن زوجہ بيبي نائلہ رضي الله عنها[35] وٽ آيا ۽ ان کان پڇيائون تہ ”حضرت عثمان رضي الله عنه کي ڪنهن قتل ڪيو آهي.“ بيبي صاحبہ وراڻيو تہ ”آئون انهن قاتلن کي نٿي سڃاڻان جيڪي اندر داخل ٿيا هئا، ها البتہ انهن سان محمد بن ابوبڪر رضي الله عنه گڏ هئو.“ حضرت علي عليه السلام جن انهيءَ وقت محمد بن ابوبڪر کي گهرايو ۽ سيني جي اڳيان ڪانئس قتل بابت پڇيو جنهن تي محمد بن ابوبڪر رضي الله عنه چيو تہ سچ ٿي فرمائي (عثمان غني رضي الله عنه جي زوجہ بيبي صاحبہ) آئون ضرور اندر داخل ٿيو هئس ۽ مون قتل جو ارادو بہ ڪيو هئو پر هُنن (حضرت عثمان رضي الله عنه) جڏهن منهنجي والد جو ذڪر ڪيو تہ آئون پوئتي هٽي ويس. آئون انهيءَ فعل تي نادم آهيان. الله کان توبهہ ٿو

---

[35] ڏسو شجرو 6 (حضرت بيبي نائلة رضي الله عنها).

ڪريان!، خدا جو قسم مون نہ ڪين قتل ڪيو ۽ نہ ڪين قابو جهليو.[36]

اميرالمومنين امام الاولياءَ سيّدنا علي عليه السلام جن جي آڏو حضرت محمد بن ابوبڪر صدّيق رضي الله عنه جي ڏنل حلفيہ بيان مان ثابت ٿئي ٿو تہ پاڻ حضرت عثمان رضي الله عنه کي شهيد ڪو نہ ڪيو هئائين. خليفہ سوم اميرالمومنين حضرت عثمان غني رضي الله عنه جن جي واقعي شهادت متعلق حضرت ابن عباس رضي الله عنه کان روايت آهي تہ:

"آئون، رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم جن وٽ وينو هئس تہ ايتري ۾ حضرت عثمان رضي الله عنه بہ آيو. حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن فرمايو اي عثمان! تون سورة بقره جي تلاوت ڪندي قتل ڪيو ويندين ۽ تنهنجي رت جا ڦڙا آيت، "فَسَيَكْفِيكَهُمُ اللهُ" تي ڪرندا ۽ ٿيو بہ ائين جو 18- ذوالحج 35 هہ ۾ جمع جي ڏينهن عصر جي وقت سودان[37] ۽ ڪنعانہ بن بشر[38] ڪين شهيد ڪري ڇڏيو.[39]

حضرت عثمان غني رضي الله عنه جي شهادت کان پوءِ 23 جون 656ع تي حضرت علي عليه السلام اميرالمومنين ٿيا ۽ سندن بيعت ڪئي وئي. "بنو اميہ" وارن حضرت عثمان رضي الله عنه جي شهادت جو ذميدار حضرت علي عليه السلام جن کي قرار ڏيندي سندن خلاف بغاوت شروع ڪئي. حضرت علي عليه السلام جن انهيءَ شورش جو قلعہ قمع ڪرڻ لاءِ وڏي تحمل ۽ دانائي سان فيصلا ڪيا. ملت اسلاميہ جي ڪجھ حصن وانگر مصر ۾ بہ باغين پنهنجون ڪارروايون جاري ڪري ڇڏيون هيون. حضرت علي عليه السلام جن پنهنجي ساٿين جي

---

[36] تاريخ الخلفاءِ، ص: 245/246.

[37] ڏسو شجرو 8 (بنو ڪنده).

[38] حضرت عثمان غني رضي الله عنه جن جي حڪومت خلاف بغاوت ۽ سندن شهادت هڪ وڏي سازش جو نتيجو هو ڪنعانہ بن بشر، ان جو قاتل بحرية بن حيوة، سودان بن حمران السڪوني ۽ يزيد بن معاويہ جا بہ سپهہ سالار جنرل معاوية بن حُدَيج (حضرت محمد بن ابوبڪر صدّيق رضي الله عنه جو قاتل) ۽ جنرل الحصين بن نمير السڪوني پاڻ ۾ ويجها مائٽ ۽ رشتيدار هئا ۽ بنو اميہ سان بہ قرابت ۽ عزازت ۾ هئا. جنرل الحصين بن نمير اهو شخص هو جنهن يزيد بن معاويہ جي ظالم جرنيل مسلم بن عقبہ جي اڳواڻيءَ ۾ مڪة المڪرمہ جو گهيراءُ ڪيو پر سندن ارادن کي الله تعاليٰ جل جلاله ناڪام و نامراد ڪيو. هنن جي سلسلہ نسب ۽ حالات زندگي کي پڙهڻ سان وڌيڪ ڄاڻ ملي ٿي. (ڏسو شجرو 8).

[39] روحاني جنتري، 1998، ص: 38.

Gul Hayat Institute

مشورن سان حضرت محمد بن ابوبڪر رضي الله عنه جي شجاعت ۽ بهادرانه صلاحيتن کي مدنظر رکندي کيس مصر جو حاڪم مقرر ڪيو. محمد بن ابوبڪر رضي الله عنه وڏي دليريءَ سان، مصر جي باغين سان جنگ جوٽي ۽ انهن سان وڙهندي وڙهندي شهادت جي درجي تي فائز ٿيو.

حضرت محمد بن ابوبڪر رضي الله عنه جي شهادت امير معاويہ بن سفيان جي فوج جي سپهہ سالار عمرو بن العاص جي ڪمانڊر معاويہ بن حديج[40] هٿان 21 جولاءِ 658ع بمطابق 14 صفر 38 هہ تي 26 سالن جي عمر ۾ ٿي.[41] نوجوانيءَ ۾ شهادت ماڻيائين ان ڪري شجرن ۾ سندس نالو "محمد اصغر" بہ لکيو ويو آهي.[42] حضرت محمد بن ابوبڪر رضي الله عنه کي ٽي فرزند ۽ ٻہ نياڻيون تولد ٿيون جن جا اسمائي گرامي هي آهن:

1. حضرت ابو عبدالرحمان القاسم التيمي القريشي المدني رحمة الله عليه.
2. حضرت الشهيد عبدالله التيمي القريشي المدني رحمة الله عليه
3. حضرت زيد التيمي القريشي رحمة الله عليه
4. حضرت بيبي قريبة التيميه القرشيه رحمة الله عليها
5. حضرت بيبي ام ڪلثوم التيميه الليثيه المڪيه رحمة الله عليها

حضرت محمد بن ابوبڪر رضي الله عنه جي فرزند شيخ القاسم جو شمار مديني پاڪ جي ستن عظيم فقيهن ۾ ڪيو وڃي ٿو. سندس ٻيو فرزند حضرت عبدالله القريشي المدني رحمة الله عليه. اصحابہ ڪرام رضي الله عنهم ۽ سندن اولاد سان گڏ يزيدي فوج جي سپهہ سالار مسلم بن عقبة[43] هٿان واقعي حره[44] جي ڏينهن 27_ذوالحج 63 هہ بمطابق 27 آگسٽ 683ع تي لاولد شهيد ٿيو[45].

---

[40] ڏسو شجرو 8 (بنو ڪنده).

[41] تاريخ باب السلام سنڌ جي صفحي 99 تي، حضرت محمد بن ابي بڪر رضي الله عنه جي شهادت جي تاريخ 30 اپريل 658ع ڄاڻائي وئي آهي، اسان جي تحقيق مطابق سندن شهادت ڇنڇر جي ڏينهن 14 صفر 38 هہ /21 جولاءِ 658ع تي 26 سالن جي عمر ۾ فسطاط (قاهره) ۾ ٿي، سندن مزار جامع الصغير جي احاطي ۾ آهي.

[42] تحفة الاوليا، گنجينئہ اوليا، سراج العارفين.

[43] ڏسو شجرو 7 (جنرل مسلم اليربوعوي).

[44] ڏسو ضميمو 1 (حَرّہ جو اندهہ ناڪ سانحو).

[45] ڏسو ضميمو 2 (يوم الحرّہ جا شهيد).

Gul Hayat Institute

# حضرت شيخ القاسم المدني رحمة الله عليه

**(37-107 هـ/657-726ع)**

فقيهہ مدينة المنوره حضرت امام شيخ ابو محمد ابو عبدالرحمان القاسم رحمة الله عليه جي ولادت 37 هہ مطابق 57_658ع ڌاري مديني پاڪ ۾ ٿي. پاڻ اڃا معصوم هئو تہ سندس والد حضرت محمد بن ابوبڪر الصدّيق رضي الله عنہ جي شهادت ٿي ان ڪري سندس پرورش ۽ تربيت سندس پڦي حضرت امّ المومنين بيبي عائشہ صدّيقہ رضي الله عنها جن ڪئي. حضرت شيخ القاسم جي شادي سندس چاچي حضرت عبدالرحمان بن ابوبڪر صدّيق رضي الله عنہ جن جي نياڻي بيبي اسماءَ سان ٿي. حضرت شيخ القاسم رضي الله عنہ جو فرزند عبدالرحمان، حضرت شيخ ابو نجيب سهروردي رحمة الله عليه، حضرت شيخ شهاب الدين سهروردي رحمة الله عليه ۽ حضرت مخدوم نوح هالائي رحمة الله عليه جن جو جدامجد هو.

حضرت شيخ القاسم سندس نياڻي حضرت بيبي اُمِ فروه جي شادي حضرت امام زين العابدين عليه السلام[46] جي فرزند ارجمند حضرت امام محمد باقر عليه السلام[47] سان ڪرائي، جنهن مان حضرت امام جعفر صادق عليہ السلام[48] ۽ حضرت سيد عبدالله رحمة الله عليه تولد ٿيا. حضرت امام زين العابدين عليہ السلام، حضرت شيخ القاسم ۽ حضرت امام سالم رحمة الله عليه[49] پاڻ ۾ ماسات هئا.

امّ المومنين حضرت بيبي عائشة صدّيقہ رضي الله عنها جن جي پروش ۽ نگرانيءَ هيٺ حضرت شيخ القاسم قرآن شريف، حديث پاڪ ۽ فقهہ جو درس ورتو ۽ انهن علوم تي دسترس حاصل ڪئي. سندس علم و فضل ۽ بزرگيءَ جي باري ۾ تاريخ فقهہ اسلامي ۾ لکي ٿو:

---

46 حضرت امام زين العابدين عليه السلام (7 نومبر 658ع/20 آڪٽوبر 713ع).

47 حضرت امام محمد الباقر عليه السلام (9 مئي 677/8 جنوري 737ع).

48 حضرت امام جعفر صادق عليه السلام (20 اپريل 702ع/ 4 ڊسمبر 765ع).
سنڌ جي واقعاتي تاريخ، ص: 715.

49 حضرت امام ابو عبدالله سالم بن عبدالله بن عمر الفاروق المدني رحمة الله عليه. (وصال: 18 مئي 725ع، مدينہ شريف) .The Genealogies، ص: 133.

Gul Hayat Institute

حياتيءَ ۾ سن 57هه مطابق 677ع ڌاري مديني پاڪ ۾ ڄائو سندس شمار امامن ۽ فقيهن ۾ ٿئي ٿو. سندس انتقال 127هه/744ع ۾ حلب (شام) جي هڪڙي ڳوٺ "حوران" ۾ ٿيو حضرت شيخ عبدالرحمان کي هڪڙي نياڻي بيبي اسماءَ رحمة الله عليها ۽ ڇهه فرزند قاضي مدينة المنوره عبدالله. حضرت محمد. حضرت ابوبڪر. حضرت القاسم. حضرت اسماعيل ۽ حضرت عبدالرحمان تولد ٿيا. حضرت شيخ عبدالرحمان کان پوءِ سندس اولاد پنهنجي علم و فضيلت جي سبب بلند مقام تي پهتو.

## شيخ الشيوخ شهاب الدين عمر سهروردي رحمة الله عليه

(539- 632هه/1145-1234ع)

حضرت شيخ الشيوخ شهاب الدين ابو عبدالله عمر سهروردي جن جي ولادت مبارڪ 21 رجب المرجب 539 هه مطابق 17 جنوري 1145ع تي ڳوٺ "سهرورد" ۾ ٿي. پاڻ حضرت غوث الحق مخدوم نوح رحمة الله عليه جا جدامجد هئا. سندن سلسلهءِ عالي نسب 16 پيڙهيءَ ۾ خليفهءَ اول سيّدنا ابوبڪر صدّيق رضي الله عنه تائين پهچي ٿو.[55]

حضرت شيخ الشيوخ ابو حفص عمر سهروردي رحمة الله عليه اجا ڇهن مهينن جا هئا ته سندن والد حضرت شيخ عماد الدين ابو جعفر محمد البڪري رحمة الله عليه جن کي سهرورد ۾ شهيد ڪيو ويو. تنهن ڪري سندن تربيت سندن چاچي ۽ مرشد حضرت شيخ المشائخ ابوالنجيب سهروردي جن جي نظر هيٺ ٿي.

اسلامي تاريخ جو وڏو مؤرخ ابن خلڪان[56] حضرت شيخ الشيوخ جو

Gul Hayat Institute

---

[55] ڏسو سلسلهءِ نسب،ص: 4.

[56] علامه شمس الدين ابوالعباس احمد المعروف به ابن خلڪان رحمة الله عليه. 11 ربيع الثاني 608هه/22 سيپٽمبر 1211ع تي اربل ۾ تولد ٿيو ۽ 26 رجب 681هه/29 آڪٽوبر 1282ع تي دمشق جي النجيبيه مدرسي ۾ انتقال ڪيائين. سندس مزار جبل قاسيون جي ڇانوَ ۾ آهي. ابن خاڪان جو سلسلهءِ نسب هيئن آهي: شمس الدين ابو العباس احمد بن محمد بن ابراهيم بن ابي بڪر بن خلڪان بن باوڪ بن شاڪل (شڪل) بن الحسن

ننڍو همعصر هئو انهيءَ سندن سوانح ۾ رتبي جو بيان هن طرح ڪيو آهي:[57]

”هي فقيهه شافعي مذهب جو بزرگ، نيڪوڪار ۽ خوف خدا رکندڙ هئو. عبادت و رياضت ۾ تمام گهڻي محنت ڪندو هئو. صوفين جي ڪيتري خلق هن کان مجاهدي ۽ گوشہ نشينيءَ جي تربيت حاصل ڪئي. سندس پڇاڙي عمر تائين سندس دور ۽ زماني ۾ هن جهڙو ٻيو ڪو بہ ڪو نہ هو.“ پنهنجي چاچي ابوالنجيب جي صحبت ۾ رهيو ۽ انهيءَ کان ئي تصوف، وعظ ۽ نصيحت حاصل ڪيائين. ساڳيءَ طرح شيخ ابو محمد عبدالقادر (حضرت بادشاهہ پيرؒ) بن ابي صالح الجيليؒ[58] وغيره کان پڻ تصوف، وعظ و نصيحت حاصل ڪيائين. بصره جي علائقي ۾ شيخ ابو محمد بن عبد ڏانهن بہ ويو. ان کان علاوه ٻين بزرگن کي بہ ڏٺائين. عمر جو چڱو موچارو حصو فقهہ ۽ ٻيا علوم حاصل ڪيائين. فنِ ادب پڙهيو ۽ سالن تائين وعظ جون مجلسون منعقد ڪيائين.

ڪيس بغداد جي وڏن بزرگن مان هڪ شمار ڪيو ويندو هئو وعظ جون مجلسون منعقد ڪندو هئو. سندس تقريرون (وعظ) تمام گهڻيون مقبول هونديون هيون. سندس آواز ڏاڍو برڪت وارو هوندو هو. هڪ شخص جيڪو سندس مجلس ۾ موجود هئو (انهيءَ) مون سان ڳالهہ ڪئي تہ هُن (شيخ شهاب الدينؒ) هڪڙي ڏينهن ڪرسي تي ويٺي هي بيت پڙهيا:

لاتَسقی وحدی فما عوّدتنی، اَنّی اَشیخ بها علی جُلاّسی

اَنتَ الکریم ولا یلیق تکرمّا آن یعبرالندماءَ دّور الکاسِ

ترجمو: ”مونکي اڪيلو نہ پياريو. مونکي ان جي عادت

---

(الحسين) بن مالڪ بن جعفر بن يحيٰ بن خالد بن برمڪ. تفصيل لاءِ ڏسو: وفيات الاعيان.

[57] سنڌيءَ ۾ ترجمو پروفيسر احمد علي بن مولوي محمد اڪرم انصاري هالائي ڪيو. پروفيسر صاحب 5 شعبان 1352هہ/23 نومبر 1937ع تي تولد ٿيو. سروري گورنمينٽ اسلاميہ ڪاليج هالا ۾ بهترين پرنسپال ٿي رهيو ۽ يادگار خدمتون انجام ڏنائين. سندس وصال 12 شوال 1424 هہ / 7 ڊسمبر 2003ع تي ٿيو. (تذڪرهٔ مشاهيرِ هالا، ص: 290)

[58] حضرت پيران پير دستگيرؒ (470_561هہ/1077_1166ع). ڏسو شجرو 2 (حضرت بادشاهہ پير دستگير رح)

Gul Hayat Institute

ناهي، بيشڪ آئون چاهيان ٿو تہ منهنجا هم نشين بہ پيئن. تون سخي آهين ۽ ڇا سخاوت جي لحاظ کان ائين ٺهي ٿو تہ جو گلاس ويٺل همنشين وٽان بغير پيئڻ جي لنگهي وڃي.“

انهيءَ تي ماڻهن ڏاڍي پسنديدگيءَ جو اظهار ڪيو. وڏي چاڻ وارا خاموش ٿي ويا ۽ ماڻهن جي هشام تويهہ ڪئي. جيڪي سندس مجلس ۾ خلوت ۾ وهڻ وارا هئا انهن جي هڪڙي جماعت مون ڏٺي جيڪا صوفين جي عادات اطوار مطابق رهندي هئي. انهيءَ جماعت وارا بعد ۾ انهن عجيب و غريب واقعن جو ذڪر ڪندا هئا، جيڪي ڪين انهيءَ حال ۾ اوچتو پيش ايندا هئا ۽ انهن تعجب جهڙين حالتن جو ذڪر ڪندا هئا، جيڪي هو ڏسندا هئا. (حضرت شيخ الشيوخ) الديوان العزيز طرفان اربل ۾ مقرر ڪيل سفير سان دوستي رکي ۽ اتي هڪڙي مجلس بہ منعقد ڪئي. ننڍي عمر جي ڪري مونکي ڪيس ڏسڻ جو اتفاق ڪو نہ ٿيو. هيءُ حج گهڻا ڪندو هئو ۽ اڪثر حجن دوران اُتي رهي پوندو هئو. سندس زماني جا صاحب طريقت بزرگ (پنهنجي) شهرن مان هن کان فتوائن بابت لکت ۾ سوال ڪندا هئا ۽ انهن جا احوال پڇندا هئا. مون ٻڌو تہ ڪنهن ڪيس هن طرح لکيو:

”اي منهنجا سائين سردار! جيڪڏهن آءٌ عمل ڇڏي ٿو ڏيان تہ آئون سُستيءَ ۾ داخل ٿو ٿيان، پر جيڪڏهن عمل ٿو ڪريان تہ مون ۾ خودپسندي داخل ٿي ٿيئي، پوءِ ٻنهي مان ڪهڙي ڳالهہ بهتر آهي؟“ جواب ۾ لکيائين:

”عمل ڪر ۽ الله تعاليٰ کان خودپسنديءَ تي معافي گهر.“ اهڙا ٻيا بہ ڪيترا سندس واقعا ٻڌڻ ۾ اچن ٿا. پنهنجي ڪتاب ”عوارف المعارف“ ۾ لطيف ۽ باريڪ بيت چيا اٿس، جن مان ڪجهہ هي آهن:

اَثم منك سيناً لست اعرفه

اظن لمبَاءَ جرّت فيك اذيالا.

ترجمو: ”تومان سرهاڻ اچي ٿي جنهن کي آئون سڃاڻي نٿو سگهان مون ڀانيو تہ تنهنجي چپن جي لالائي تو ۾ انڪار آندو آهي.“ انهيءَ کان علاوه ان ۾ هي بيت بہ بيان ٿيل آهي:

ان تا ملتكم و فكلّى عيون

او تذ كرتكم فكلّى قلوبُ.

Gul Hayat Institute

ترجمو: ”جڏهن توکي جانچي ڏٺم تہ سڄي ڪائنات اکيون بڻجي وئي. جڏهن تنهنجو ذڪر ڪيم تہ ساري ڪائنات قلوب (دليون) ٿي پئي.“[59]

حضرت شيخ ابو عبدالله ابو حفص عمر شهاب الدين سهروردي رحمة الله عليه جن کي تمام گهڻو اولاد ٿيو تاريخ جي ڪتابن ۽ خانداني شجرن ۾ سندن ٽن فرزندن، حضرت شيخ عبدالله (حضرت غوث الحق مخدوم نوح رحمة الله عليه جو ڏاڏو)، حضرت شيخ عماد الدين ۽ حضرت شيخ شمس العارفين المعروف ترڪمان شاهہ (قديم دهليءَ ۾ موجود ”ترڪمان دروازو“ سندس نالي سان موسوم آهي) ۽ ٽن صاحبزادين بيبي بهي نور، بيبي نور[60] ۽ ٽين صاحبزادي جيڪا سيد مڪي جي والده ماجده هئي[61] جو ذڪر ۽ حوالا ملن ٿا.[62]

حضرت شيخ الشيوخ شهاب الدين ابو حفص عمر سهروردي رحمة الله عليه جو انتقال 1-محرم 632هہ بمطابق 26 سيپٽمبر 1234ع تي ٿيو.[63] ڪين پئي ڏينهن ”الورديا“[64] ۾ سپرد خاڪ ڪيو ويو. جتي هينئر سندن عاليشان مقبرو موجود آهي.[65]

---

59 وفيات الاعيان عربي، ص: 447/448.

60 سهروردي کي سياست بيتي ص: 29/30.

61 ڏسو شجرو 4 (رضوي ۽ نقوي سادات)

62 تاريخ جي مستند ڪتابن ۽ معتبر شجرن مان سندن پنجن (5) فرزندن حضرت شيخ الشيوخ عمادالدين ابو جعفر محمد رح، حضرت شيخ سراج الدين ابو محمد عبدالله رحمة الله عليه، حضرت شيخ جمال الدين احمد رحمة الله عليه، حضرت شيخ زين الدين رحمة الله عليه، حضرت شيخ نصيرالدين رحمة الله عليه ۽ هڪڙي نياڻي بيبي فاطمة معصوم جو ذڪر ملي ٿو. حضرت شيخ عمادالدين سهروردي رحمة الله عليه جن حضرت شيخ الشيوخ جا سجّاده نشين هئا. پاڻ 578هہ/1183ع ۾ تولد ٿيا ۽ 11 جمادي الثاني 655هہ/ 26 جون 1257ع تي بغداد ۾ وصال فرمايائون. ڪائن پوءِ سندن فرزند حضرت شيخ جمال الدين ابوالمڪارم عبدالرحمان سهرورديءَ جن سجّاده نشين ٿيا.

63 سنڌ جي واقعاتي تاريخ ص: 18 واري تاريخ درست ڪانهي.

64 الورديه: مقبرةُ بغداد بعد باب ابرز من الجانب الشرقي قريبامن باب الظفريّه. ياقوت حموي، معجم البلدان، ص: 5/427.

65 وفيات الاعيان.

مفتي غلام سرور لاهوري[66] سندن ولادت ۽ وصال جي تاريخ مثنويءَ ۾ هن طرح سان لکي آهي:[67]

مرشد اولياءَ شهاب الدين　　اکمل الاتقياءَ شهاب الدين

سال توليد آن شہ حق رس　　شدرقم "بادشاهہ دين اقدس".

539ھ

وصل او "متقي امام" آمد　　دانہ آنکس کہ همکلام آمد

632ھ

عقل سال وصال اويقين　　گفت "قطب حسن شهاب الدين"

# حضرت غوث الحق مخدوم نوح سرور رحمۃ اللہ علیہ

(911-998هہ/1506-1590ع)

مهرِ سپهرِ ڪرامت خورشيد فلڪ هدايت ولي الله مرشدِ زمانہ وزمانيان حضرت شيخ مخدوم فخرالدين صغير سهروردي رحمۃ اللہ علیہ جي پُشت مان قطب العصر مجدد دين، صاحب الفيض والفتوح، ڪامل مڪمل مرشد، حضرت غوث الحق مخدوم لطف الله المعروف مخدوم نوح رحمۃ اللہ علیہ جن پيدا ٿيا. حضرت شيخ مخدوم سراج الدين اسحاق سندن ڏاڏو، حضرت شيخ مخدوم شهاب الدين صغير پڙڏاڏو ۽ حضرت شيخ مخدوم فخرالدين صغير تڙڏاڏو هئو. پاڻ حضرت مخدوم نعمت الله جا وڏا فرزند هئا. سندن ولادت مبارڪ 27 ـ رمضان المبارڪ 911 هہ مطابق 21 فيبروري 1506ع جي پاڇَن پرئي ڏينهن تي ڳوٺ ٽوڙيءَ[68] هالا

---

[66] حضرت مفتي غلام سرور بن مفتي غلام محمد الاسدي القريشي الاهوري رحمۃ اللہ علیہ. (1244ـ1307هہ/1837ـ1890ع). The Genealogies، ص: 180.

[67] خزينہ الاصفيا، جلد چوٿون، ص: 36.

[68] "ٽوڙي" موجوده هالن پراڻن کان اٽڪل ٽي ميل پري الهندي طرف سنڌو درياءَ تي واقع هو. جتي درياءَ جو ڪافي ريٽ هو اتي هڪ ٻيلو نالي "مير ٻيلو" هو جيڪو حضرت مخدوم نوح رحمۃ اللہ علیہ جن جي ملڪيت هو. اهو ٻيلو حضرت مخدوم نوح رحمۃ اللہ علیہ جن جي فقراءَ جي ننگر (لنگر) لاءِ پاڻ جي ڪم ايندو هو ۽ باقي ريٽ واري زمين تي ربيع جو فصل ٿيندو هو اهو اناج فقراءَ جي خوراڪ لاءِ استعمال ٿيندو هو: (قاضي شوڪت علي

Gul Hayat Institute

ڪنڊي ۾ ٿي.[69] حضرت مخدوم بلال الدين (يوسف) سندن ننڍو ڀاءُ هو جنهن جو فرزند حضرت مخدوم ميان الهداد صدّيقي قريشي رحمة الله عليه سندن نياڻو هو.

حضرت غوث الحق مخدوم نوح رحمة الله عليه جڏهن ستن ورهين جا ٿيا تہ کين هالڪنڊيءَ جي مشهور عالم ۽ ڪامل بزرگ مخدوم عربي ڏياڻي عرف مخدوم شاهہ ڏني رحمة الله عليه[70] وٽ پڙهڻ لاءِ ويهاريائون. سندن طالب علمي واري زماني جي هڪڙي واقعي بابت مير علي شير قانع رحمة الله عليه[71] لکي ٿو:

"ارڙهن سالن جي عمر ۾ هڪ ڏينهن مخدوم عربيءَ سان گڏ خانقاهہ ۾ مراقبي ۾ مشغول هو. مخدوم عربي قرآن شريف جي تلاوت ڪري رهيو هئو جو اٺاويهين سيپاري تي پهتو هو تہ هن کي عالمِ بالا جو شوق دامنگير ٿيو سو ڇا ڪيائين جو مخدوم عربيءَ جي قرآن شريف پڙهڻ جي ادب جو خيال رکي، ظاهري جسم اتي ڇڏي پاڻ آسمان تي سير تي هليو ويو ۽ مخدوم عربيءَ ختم پورو نہ ڪيو هو تہ موٽي آيو."[72]

حضرت مخدوم نوح رحمة الله عليه جن سنڌ ۾ سهروردي سلسلي جا خاتم ۽ سروري اويسي سهروردي سلسلي جا باني هئا. سندن فيض ۽ ڪمال فقط وهب الاهيءَ جي ذريعي ٿيو جنهن ڪري کين اويسي بہ چوندا آهن.[73] سندن سلسلہ طريقت بابت سنڌ آزاد نمبر ۾ هيٺين تحرير آهي:

---

قريشي، چونڊ ملفوظات، ص:21.

[69] هالڪنڊي: سنڌ جي هن تاريخي پرڳڻي تي الڳ ڪتاب لکڻ گهرجي.

[70] پير آسات جو سڳو ڀاءُ، مخدوم عربي ڏياڻو رحمة الله عليه /ڏيانو مخدوم نوح رحمة الله عليه جو استاد ۽ قرآن شريف جو حافظ پراڻن هالن ۾ هڪ وڏو ڪرامتن جو صاحب ٿي گذريو آهي. مولانا غوثيءَ جي گلزارِ ابرابر مطابق پاڻ عجيب و غريب ۽ هو شربا خوارق عادات جو صاحب هو پاڻ 980هہ/1572ع ۾ وصال ڪيائين ۽ پراڻن هالن ۾ مدفون آهي. (وڌيڪ ڏسو مخدوم نوح سرور رحمة الله عليه جا سهيوگي). اسان وٽ قديمي دستور مطابق هر سال بہ ڏهاڙا 26 ۽ 27 ذيقعد. خانگي طور تي خاص طرح سان ملهائبا آهن. 26_ ذيقعد حضرت غوث الحق رحمة الله عليه جي استاد جي رحلت جو ڏينهن ۽ 27. ذيقعد خود حضرت غوث الحق رحمة الله عليه جن جي وصال جو ڏينهن آهي. ان مان ثابت ٿيو تہ مخدوم عربي ڏياني رحمة الله عليه جو وصال 26_ ذيقعد 980هہ مطابق 30_مارچ 1572ع تي ٿيو. سندس مزار هالا پراڻا ۾ آهي. (مصنف)

[71] مير علي شير قانع جو شجرو انشاءَ الله جلد ئي ڪتاب ۾ ڏبو.

[72] تحفتہ الڪرام، ص: 384.

[73] ڪافي، ص: 182. سروري خاندان جون علمي ادبي ۽ ديني خدمتون، ص: 66.

"هُو اويسي طريقي جو پير هو جنهن ڪري ظاهري ۾ ڪنهن بہ بزرگ جي صحبت ۾ رهي ڪسب ڪماليت نہ ڪيو هوائين پر الله تعاليٰ جو وهب هو جنهن ڪري ولايت جي انتهائي درجي تي وڃي پهتو. مخدوم صاحب کي قرآن شريف جي حقيقتن ۽ اسرارن تي وڏو درڪ هو ۽ قرآن شريف جو درس بہ ڏيندو هو. مخدوم صاحب سنت جو سخت پاۓ بند رهندو هو. هر هڪ ڳالهہ ۾ سنت جو لحاظ رکندو هو. پنهنجن معتقدن کي مريد بجاۓ يار يا سنگتي سڏيندو هو."[74]

حضرت مخدوم نوح رحمۃ اللہ علیہ هڪڙي ڀيري نئي ۾ تشريف فرما ٿيا، اُتي جي عالمن جو اڳئي اهو ٻڌل هئو تہ پاڻ پڙهيل ڪو نہ آهن. انهيءَ هوندي بہ قرآن شريف جي آيتن جون معنائون چڱي طريقي سان بيان ڪن ٿا. نئي جي علماءَ صاحبان کي اشتياق هو سو سيئي گڏجي ڏسڻ آيا تہ پاڻ قرآن پاڪ جون معنائون ڪيئن ٿا بيان ڪن. انهن عالمن منجهان هڪڙي جو چوڻ آهي تہ انهيءَ وقت مخدوم هڪڙي آيت جي تفسير ۾ مشغول هو. مونکي تسبيح هٿ ۾ هئي ۽ هر معنيٰ تي هڪڙو داڻو ڦيرائيندو ٿي ويس. جڏهن هن ماٺ ڪئي، تڏهن ڳڻيم تہ جملي اسي داڻا ٿيا هئا.[75]

تقويٰ ساڻ طاعتون ڪي عاشق اُجارين،
"خيارڪمُ احسن ڪم اخلاقاً" پَرِ اها پارين،
"موتوا!" واري ملڪ ۾ جيءَ کي جيارين
طالب مولا مرد سي مرڻ کي مارين
گهڙيون ٿا گهارين عاشقَ روز الله ؔ سان.

مخدوم طالب المولیٰ[76]

حضرت غوث الحق رحمۃ اللہ علیہ بيحد مستجاب الدعوات هئا، اولياءَ الله جو مصنف لکي ٿو تہ:

"هڪڙي ڀيري دهليءَ جي باشاهہ[77] طرفان هڪڙو لشڪر سنڌ کي فتح

---

[74] الوحيد سنڌ آزاد نمبر، ص: 177.

[75] تحفۃ الڪرام، ص: 385.

[76] ڇپر ۾ ڇڙيون، ص: 19.

[77] شهنشاهہ جلال الدين محمد اڪبر (1542_1605ع).

Gul Hayat Institute

ڪرڻ لاءِ موڪليو ويو. ماڻهن ان جو اطلاع اچي حضرت مخدوم نوح رحمة الله عليه جن کي ڏنو. پاڻ فرمايائون، ”انشاءَالله انجام بخير ٿيندو.“ ايسين تائين اُهو لشڪر هالڪنڊي جي قرب وجوار کي تباهه ۽ برباد ڪندو هالا پهچي ويو. هالڪنڊيءَ جا رهواسي ۽ خانقاه وارا ”لرزان وتر سان“ سندن خدمت ۾ پهتا ۽ حالات عرض رکيائون. پاڻ فرمايائون تہ ”ٿورڙي مٽي کڻي اچو.“ انهن مٽي آندي پاڻ انهيءَ تي هيءَ دعا پڙهي ۽ ان کي لشڪر ڏانهن اڇلايائون:

بسم الله الرحمٰن الرحيم

اَللّٰهم لك الحمدُ ولك المجد ولك الشُكر و اليك المتكاءَ و انت المستعان وعليك التكلان و منك الفرجُ ولاحول ولا قوة الا بالله العظيم و صلى الله على خير خلقه محمد و اٰله و اصحٰبه اجمعين برحمتك يا ارحم الراحمين۔[78]

چون ٿا لشڪر اهڙي تہ بدحواسيءَ سان ڀڳو جو پنهنجي ملڪ رسڻ تائين بہ ڏينهن ڪٿي قيام نہ ڪري سگهيو ۽ پنهنجو گهڻو ٿئون سامان و اسباب پڻ ڇڏي ويو.[79]

## حضرت غوث الحق مخدوم نوح رحمة الله عليه جن جا بيت:

اُپٽيان تہ انڌيون پوريون پرين پسن
آهي اکڙين عجب پر پَسڻ جي.

❊❊

نہ سي جوڳي جوءِ ۾ نہ سا سڪي چاٽ
ڪاپڙين ڪنواٽ وڏي ويل پلاڻيا.

(هيءُ بيت 26، سيپٽمبر 1590ع تي چيائون)

Gul Hayat Institute

---

78 بسم الله الرحمٰن الرحيم اَللّٰهم لك الحمدُ ولك المجد ولك الشُكر و اليك المتكاءَ و انت المستعان و بك المستغاث والتكلان و منك الفرجُ و لاحول و لا قوة، الا بالله العلى العظيم و صلى الله على خير خلقه محمد و آله و اصحٰبه اجمعين۔
مولانا دين محمد وفائي، تذڪره مشاهير سنڌ.

79 اولياءُالله، ص: 427.

ابوبڪر! آءُ سامي سفر هليا
متان تي پئان سڪين سناسين ڪي.

❊❊

متان ڏسي موهجين دنيا وارو ڏَجُ
جدا ڪجئين جوڌئون ڇائي ڪي ٿي ڇَجَ
نرمل! نوح فقير چئي ڪر ربَ سان ريجهي رَجُ
اج نہ ٿئي صبحاڻ صبحاڻ نہ ٿئي اَجُ
مٿيون پيڙي پَجُ وقت وڃي ٿو ويسلا!

❊❊

سمون بہ ساٿين گڏ تون بہ لوڇج لج ڪي
هلندي سمي سامهون تون پڻ ڪرت ڪج
تہ تو پڻ ٿئي ڏڍ سمي بہ سوڀ ٿئي[80]

سنڌ سونهاريءَ جي عظيم بزرگ ۽ مشرق و مغرب جي امام حضرت غوث الحق مخدوم نوح رحمة الله عليه جن جو انتقال پرملال 27 ذيقعد 998هہ مطابق 26 سيپٽمبر 1590ع تي ڳوٺ ٽوڙي، هالڪنديءَ ۾ ٿيو.[81] سندن عمر شريف جو قدم ستاسي (87) سال ۾ هو. پاڻ بلڪل پير مرد ٿي ويا هئا تہ بہ پاڻمرادو هلي چلي سگهندا هئا. ڪنهن بہ قسم جي بيماري يا عارضو ڪو نہ هون. بلڪل تندرست ۽ چاق هئا.[82] نماز بہ مسجد شريف ۾ باجماعت ادا ڪرڻ ويندا هئا.[83] ڪين بروقت سندن وطن ٽوڙي (هالا پراڻا) ۾ دفن ڪيائون پر ٻارهن (12) ورهين ڪان پوءِ درياءَ جي ٻوڏ سبب اتان لاش مبارڪ جي صندوق ڪڍائي نئين ڳوٺ ۾ اچي دفن ڪيائون[84] ۽ ان ڳوٺ کي "اسلام آباد" جو نالو ڏنائون.[85]

---

[80] ڇَپَر ۾ ڇڙيون ص: يح /يط.

[81] سنڌ جي واقعاتي تاريخ، ص: 31.

[82] محمد صدّيق ميمڻ، حضرت مخدوم نوح رحمة الله عليه، ص: 43.

[83] مخدوم نوح نمبر، ماهنامہ فردوس، ص: 14.

[84] قاضي محمد شوڪت علي صاحب سندس مرتب ڪيل ڪتاب "چوند ملفوظات حضرت غوث الحق نوح رحمة الله عليه هالائي" جي صفحي نمبر 35 تي مرحوم و مغفور قاضي غلام محمد صاحب جي حوالي سان، حضرت غوث الحق مخدوم نوح رحمة الله عليه جن جي مزار متعلق "تدفينون" جي عنوان هيٺ لکيل مضمون ۾ ڄاڻايو آهي تہ: "وفات بعد سندن تدفين بہ

Gul Hayat Institute

سرور نوح فقير رحمة الله عليه جن سنت نبوي ﷺ جي اتباع ۾ چار شاديون ڪيون هيون، جن مان ڪين ٻارهن فرزند ۽ نياڻيون ٿيون. پهرئين شادي وقت سندن عمر مبارڪ چاليهه سال هئي، ڪائنن پوءِ سندن فرزند حضرت مخدوم امين محمد اوّل رحمة الله عليه (952_1015هه/1545_1606ع)[86] سندن پهريان سجّاده نشين ٿيا.

## برِصغير ۾ آمد:

حضرت شيخ الشيوخ پنهنجي حياتيءَ ۾ ئي پنهنجي فرزندن ۽ عزيزن کي دين اسلام ۽ سهروردي طريقي جي فروغ لاءِ ايران، توران، ترڪستان، هندستان، بنگال ۽ سنڌ ڏانهن روانو ڪيو.[87] سنڌ ۾ سندن خاندان جو اوّلين مبلغ غالبًا حضرت شيخ عبدالحميد سهروردي رحمة الله عليه هئو جيڪو پنهنجي ساٿين سميت سنڌ پهتو. حضرت شيخ عبدالحميد سهروردي رحمة الله عليه جي سنڌ ۾ آمد متعلق مولانا دين محمد وفائي لکي ٿو:[88]

"حڪيم امير علي شاهه مرحوم فتح پوري (رياست خيرپور) لکي ٿو ته غزنوي گهراڻي جي سنڌ تي قبضي ڪرڻ وقت روهڙيءَ جي انهيءَ جبل تي ست اولياءَ اچي چاليهو ڪڍڻ ۽ عبادت ڪرڻ لڳا. جن جا نالا هي آهن:

1. شيخ عبدالحميد سهروردي، 2. شيخ عبدالله حريري، 3. حمزه بن

---

ٽوڙيءَ ۾ ئي، درياءَ جي ٻوڏ جي ڪري مسجد شريف ۽ قبرستان پاڻيءَ سان پرجي ويو ۽ اهو واقعو تدفين کان يعني 998هه کان تيرهن سال بعد پيش آيو يعني 1010هه (مطابق: 2_1601ع تقويم هجري) ۾ سندن سجّاده نشين حضرت مخدوم محمد امين (امين محمد) رحمة الله عليه جي نگرانيءَ ۾ سيئي لاش مبارڪ هالڪندي (هالا پراڻا) جي اتر پاسي دفن ڪيا ويا ۽ ان ننڍڙي بستيءَ جو نالو اسلام آباد رکيو ويو. هالڪندي (هالا پراڻا) ۾ درياءَ بردي جي ڪري وري 1191هه ۾ يعني 181 سالن (هڪ سؤ ايڪاسي سالن) بعد حضرت مخدوم ميان مير محمد سجّاده نشين نمبر 8 جي وقت ۾ لاش مبارڪ منتقل ڪري هالا نوان آندا ويا. ان جو نالو "مرتضيٰ آباد" رکيو ويو جو اڳتي هلي "هالا نوان" مشهور ٿيو." (چونڊ ملفوظات، ص: 54/53).

[85] محمد صدّيق ميمڻ، حضرت مخدوم نوح رحمة الله عليه، ص: 45.

[86] ڪچڪول، ص: 3

[87] سهروردي کي سياست بيتي، ص: 29/30.

[88] تذڪره مشاهير سنڌ، جلد 1، ص: 147/148.

رفعہ 4. علي بن احمد بصري، 5. يوسف بن محمد بلخي، 6. صفي الدين شيرازي، 7) ابوالحسن خرقاني.[89] جڏهن اهي بزرگ چاليھہ ڏينهن چلو ختم ڪري روانا ٿيا. تڏهن تبرڪ طور ان جاءِ کي سمجهي مٿس ستين جو آستان نالو پيو يعني ستن ماڻهن جي رهڻ جي جاءِ.

مولانا دين محمد اُڪتي هلي لکي ٿو:

مگر جنهن صورت ۾ شاهہ صاحب هن تحقيق لاءِ ڪنهن تاريخ جي ڪتاب جو حوالو ڪو نہ ڏنو آهي تنهن ڪري اهو واقعو بہ تحقيق طلب آهي.[90]

سنڌ جو هڪڙو بيو وڏو محقق ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، حضرت شيخ عبدالحميد سهرورديؒ بابت هيئنئن لکيو آهي:[91]

روہڑی کے جنوب میں، دریائے سندھ کے کنارے پر (ستین جو تھان)[92] کے نام سے ایک پُر فضا مقام ہے۔ اس کے متعلق مختلف روایات مشہور ہیں۔ بکھر کے گورنر میر ابوالقاسم نمکین (وفات 1018ھ) نے اس شہر کو موجودہ شکل دی تھی اور (صفہ صفا) نام رکھا موسم گرما کی راتوں میں وہ اس پُر فضا مقام پر بیٹھ کر مجالس شعر و سخن منعقد کرتے تھے۔ آخر میں میر نمکین کو ان کی وصیت کے مطابق دفن بھی یہیں کیا گیا۔ آج وہاں جو قبریں موجود ہیں، وہ نمکین اور ان کے اولاد کی ہیں۔

سید محب اللہ شاہ نے اپنی کتاب تاریخ البلاد و القصبات میں لکھا ہے کہ جب 419ھ میں سلطان محمود غزنوی کا تسلط سندھ پر ہوا تو سات یا نو عارفوں نے اس جگہ پر چلہ کشی کی۔ فاضل مورخ نے ان میں سے کچھ عارفوں کے نام بھی دیئے ہیں جو درج ذیل ہیں:

1. عبدالحمید سہروردی 2. عبداللہ حریری 3. حمزہ بن رفع 4. علی بن احمد 5. صفی الدین شیرازی 6. ابوالحسن خرقانی ان بزرگوں کے جانے کے بعد لوگ اس جگہ کو متبرک سمجھ کر وہاں آکر نفل پڑھتے تھے اور دعائیں مانگتے تھے۔

Gul Hayat Institute

---

[89] حضرت شيخ المشايخ ابوالحس علي بن احمد الخرقاني البسطاميؒ جو وصال 10 محرم 425هہ/5 ڊسمبر 1033ع تي ٿيو پاڻ حضرت شيخ المشائخ بايزيد بسطاميؒ جن جا تربيت يافتہ مريد ۽ خليفا هئا. The Genealogies ، ص: 150.

[90] تذڪره مشير سنڌ.

[91] شهباز قلندر سيرت و سوانح، ص: 48/49.

[92] ڏسو ضميمو 3 (ستين جو ٿانُ).

اس سے معلوم ہوتا ہے کہ اسی زمانے میں عبد الحمید کے نام سے ایک سہروردی بزرگ سندھ میں آئے تھے؟ لیکن آپ کے متعلق زیادہ کچھ بھی معلوم نہیں ہوتا۔[93]

شيخ الشيوخ سيّدنا شهاب الدين عمر سهروردي جن جي سلسلي جو ٻيو بزرگ ۽ سندن تربيت يافته خليفو حضرت مخدوم نوح بڪريؒ هئو جيڪو سندن حڪم تي سنڌ ۾ آيو سندس انتقال 27- رجب 635 بمطابق 14 مارچ 1238ع تي ٿيو[94] مخدوم نوح بڪريؒ بابت مولانا دين محمد وفائي لکي ٿو:

مخدوم نوحؒ سنڌ جي ڪامل ولين ۽ بزرگن مان ٿي گذريو آهي. هو سڌو سنئون شيخ شهاب الدين سهروردي جو خليفو ۽ مريد آهي. هو بغداد مان سڌو "فرسته سنڌ" سنڌ جي شهر جنهن کي هاڻي بکر سڏيو وڃي ٿو اچي مقيم ٿيو. چون ٿا جڏهن شيخ بهاءُالدين زڪريا ملتانيؒ[95] پنهنجي مرشد شيخ شهاب الدين سهروردي وٽان, سنڌ ڏانهن روانگي جي اجازت وٺي روانو ٿيو تڏهن شيخ سهروردي فرمايس ته اسان جي خليفن مان هڪ وڏو بزرگ "فرسته سنڌ" ۾ رهي ٿو ان سان ضرور وڃي ملاقات ڪج. چو ته هو پنهنجي ڪماليت پاڻ سان ڪنيو آيو هو. مون وٽ فقط پنهنجي ڏئي لاءِ روشني اچي حاصل ڪئي هئائين. ٿيو چا جو شيخ بهاءُالدين زڪريا ملتاني جڏهن بکر (فرسته) ۾ پهتو تڏهن شيخ نوح پنهنجي حياتي جي ڪشتي بهشت جي جوديءَ ڏانهن ڪاهي چڪو هو. يعني هن دنيا مان وفات ڪري ويو هو.[96]

مخدوم نوح بڪري 27 رجب سن 635هه ۾ وفات ڪئي ۽ بکر جي

---

[93] اسان جي نئين تحقيق مطابق مذڪوره شيخ عبدالحميد سهروريؒ, حضرت شيخ ابو نجيب جو پوٽو عبدالحميد بن عبداللطيف بن شيخ ضياءُالدين ابو النجيب عبدالقاهر سهروردي‌ؒ نه پر شيخ ابوالنجيب سهروردي جي پڙڏاڏي حضرت شيخ نجيب الدين ابو جعفر محمد بن عبدالله عمويهؒ جو پاءِ يا اولاد هو جيڪو 419هه ڌاري حضرت شيخ المشائخ ابوالحسن خرقانيؒ جن جي سربراهيءَ ۾ پنهنجي ساٿين سان گڏ سنڌ ۾ آيو هوندو. والله اعلم.

[94] سنڌ جي واقعاتي تاريخ.

[95] حضرت شيخ الاسلام بهاءُالدين ابو محمد زڪريا بن محمد اسدي قريشي سهروردي ملتانيؒ (566_666هه/1171_1269ع) The Genealogies, ص: 178.

[96] تحفة الڪرام, ص: 268.

Gul Hayat Institute

جزيره ۾ دفن ڪيو ويو. هن وقت تائين سندس مقبرو مشهور آهي. ريل جي رستي جي لڳو لڳ هڪ گنبذ ۾ آراميل آهي. چون ٿا تہ هو صدّيقي نسل جو شيخ شهاب الدين سهروردي رحمة الله عليه جي عزيزن مان آهي.[97]

هندستان جي قديم ۽ اولين سهروردي بزرگن ۾ حضرت شيخ الشيوخ رحمة الله عليه جو پوٽو حضرت شيخ اعظم سهروردي رحمة الله عليه 604هہ مطابق 7-1208ع[98] ۾ بدايون پهتو مولانا عبدالقادر بدايوني رحمة الله عليه سندس متعلق هي شعر چيو آهي:

شيخ اعظم سهروردي از مضافات يمن
قوس سازو سهم اندازيئي هر فن اسلام.[99]

حضرت ابوبڪر الصدّيق رضي الله عنه جي خاندان جي هن شاخ جو بزرگ ۽ حضرت غوث الحق مخدوم نوح رحمة الله عليه جن جو جدامجد حضرت ابوبڪر ڪتاني رحمة الله عليه سهروردي سلسلي جو ٽيون بزرگ هئو جيڪو پنهنجي ساٿين سان گڏ ڪوٽ ڪروڙ پهتو.[100]

"حضرت غوث الحق مخدوم نوح رحمة الله عليه جن جي وڏن مان سندن جدِاعليٰ شيخ ابوبڪر ڪتاني رحمة الله عليه[101] پنهنجي چئن ساٿين شيخ احمد، شيخ محمد، شيخ قاضي علي ۽ شيخ جلال الدين سان گڏ هجرت ڪري اچي ڪوٽ ڪروڙ ۾ آباد ٿيو."[102] حضرت شيخ ابوبڪر ڪتاني رحمة الله عليه پنجن ئي بزرگن ۾ وڏيڪ رتبي وارو بزرگ هئو. سندس عبادت ۽ رياضت جي ڪري ڪيس "شمس الدين ڪوٽ ڪروڙي" جي نالي سان سڏيو ويندو هو. سندس انتقال ڪوٽ ڪروڙ ۾ ٿيو.[103]

---

[97] تذڪره مشاهير سنڌ، ص: 163، جلد 3.

[98] مطابق تقويم هجري.

[99] تذڪره بابا فريد گنج شڪر رحمة الله عليه ص: 169، بحوالا تاريخ بدايوني.

[100] قاضي برهان الدين ابوبڪر ڪتاني سهروردي رحمة الله عليه.

[101] اسان جي تحقيق موجب هي شيخ شمس الدين ابوبڪر ڪتابي رحمة الله عليه هو جيڪو پنهنجي خانوادي سان گڏ ڪوٽ ڪروڙ ۾ آيو ۽ هيءُ بزرگ حضرت شيخ فخرالدين ڪبير رحمة الله عليه جو نانو هو.

[102] اولياءُالله، ص: 424.

[103] پنجاب ۾ هن نالي سان ٽي ڪوٽ ڪروڙ موجود آهن، انهن ۾ سيني کان وڏيڪ

Gul Hayat Institute

بعد ۾ سندس اولاد هالڪنديءَ جي پرسان ٺوڙي ڳوٺ ۾ رهڻ لڳو ۽ اتي جي مڪاني قومن لاکن، سومرن ۽ هالن مان شادي ڪيائون.[110] ساڳئي زماني ۾ متعلوي ساداتن جي جدِاعليٰ سيد حيدر شاهه بن سيد مير علي[111] پڻ هرات کان هجرت ڪري اچي هالڪنديءَ ۾ سڪونت اختيار ڪئي هئي.[112]

حضرت شيخ مخدوم فخرالدين رحمة الله عليه پنهنجي دور جو وڏو اهل الله ٿي گذريو آهي، سندس ڪرامتن جا گهڻائي قصا ڪتابن ۾ ملن ٿا. سندس انتقال هالڪنديءَ/ٺوڙيءَ ۾ ٿيو پهرين ڪيس علائقي جي شيخ ابوبڪر واري قبرستان ۾ دفن ڪيو ويو. جڏهن درياءَ جي پاڻي سبب هيءُ خاندان هجرت ڪندو اچي موجوده هالا نوان ۾ رهيو ته پنهنجي خاندان جي بزرگن جا جسم مبارڪ به پاڻ سان گڏ اتان لڏائي کڻي آيا ۽ اچي موجوده درگاهه شريف ۾ سپردِ خاڪ ڪيائون. حضرت مخدوم فخرالدين صغير جي مزار "مخدوم غلام حيدر واري چوڪنڊيءَ" ۾ آهي.[113]

صاحبِ فيض والفتوح حضرت غوث الحق مخدوم نوح رحمة الله عليه جن جي تعليم، تربيت، تلقين ۽ تبليغ جي طفيل گهر گهر ۾ الله جا پانها ۽ فيض جا صاحب پيدا ٿيا. پاڻ الاهي عشق جو اهڙو ته مچ مچايائون جو اچ تائين لکها ماڻهو سندن فيض جي ڪڙي ۾ قابو هليا اچن.[114] پاڻ پنهنجي فرزندن کي به تبليغ جي سلسلي ۾ سنڌ ۽ هند جي مختلف حصن ۾ موڪليائون، جن جو اولاد اڄا تائين ملڪ جي ڪيترن حصن ۾ پکڙيل آهي.[115] سندن اهو جاري ڪيل فيض سنڌ ۾ "سروري سهروردي سلسله" جي نالي سان مشهور آهي. انهيءَ سلسلي ۾ منسلڪ ٿيل ماڻهن جو تعداد سندن زماني ۾ ئي نَوَ لک هو جنهن ڪري هن سلسلي کي "نولکي گودڙي" پڻ سڏيو ويو آهي ۽ سنڌ جي چئن ئي ڪنڊن ۾ بلڪ ان جي حدن کان ٻاهر، اُتر ۾ بهاولپور، ملتان ۽ بلوچستان تائين ۽ ڏکڻ ۾ ڪڇ، ڪاٺياواڙ ۽ گجرات تائين پکڙيل آهي.

Gul Hayat Institute

---

[110] مخدوم نوح نمبر ماهنامه فردوس، ص: 11.
[111] ڏسو شجرو 3 (اجناڻي سادات).
[112] مهراڻ سوانح نمبر سماهي مهراڻ 1990، ص: 652.
[113] تحفہ الاولياءَ قلمي/تاريخ درگاهه مخدوم نوح رحمة الله عليه قلمي از قاضي غلام محمد قريشي.
[114] رفيق حيات، شاعر نمبر، ص: 157.
[115] مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ، ڪافي، ص: 183.

سندن سجّاده نشين سائڻي نقش قدم تي هلي اڄ تائين اهو رهبريءَ جو سلسلو سائڻي نموني ۾ جاري رکندا آيا آهن.[116]

## تصوف:

تصوف جا سيئي سلسلا، سواءِ نقشبندي طريقي جي حضرت امام الاولياءَ امير المومنين سيّدنا حضرت علي بن ابو طالب ﷷ جن جي معرفت سان پاڻ سڳورن ﷺ جن جي ذات اعليٰ صفات تائين پهچن ٿا ۽ نقشبندي طريقو خليفته الرسول ﷺ سيّدنا حضرت ابوبڪر صدّيق ﷛ جن جي معرفت سان نبي آخرالزمان حضرت آقا محمد مصطفيٰ ﷺ جن جي ذات بابرڪات تائين پهچي ٿو.

## اويسي طريقو:

عارفن ۽ اوليائن جي هن سلسلي جي نسبت خيرالتابعين سيّدنا حضرت اويس قرني ﷛ جن سان آهي.[117] حضرت شيخ فريد الدين عطار نيشاپوري ؒ[118] کان روايت آهي تہ "اويسي عارف ۽ الله تعاليٰ جي وچ ۾ ڪوبہ ٽيون واسطو نہ هوندو آهي. اويسي بزرگ هميشہ لاالہ الاالله جي ذڪر ۾ مشغول هوندا آهن جو افضل الذڪر آهي، انهيءَ ذڪر جي فضيلت سبب اويسي اولياءَ عظام جو درجو ۽ رتبو ٻين اولياءَ ڪرام کان بلند و برتر هوندو آهي"، جيئن سراج العارفين ۾ لکيل آهي تہ "*بسیار فقیراں مرشد ظاہری ہیچ ندارند بجمع ذکروزہد بوصل می رسند ایشانرا اویسی گویند۔*"

## سهروردي سلسلو:

سهروردي سلسلي جي مختصر ۽ جامع تاريخ هن ريت آهي: "هيءَ

Gul Hayat Institute

---

[116] فقير سرشار سروري، سوانح نمبر مهراڻ سماهي، ص: 652.

[117] سيّد التابعين خير التابعين سيّدنا حضرت اويس بن عمرو القرني ﷛ (وصال: 37 هہ / 9_658ع) سندن روضو دادو سنڌ ۾ آهي. The Genealogies، ص: 39.

[118] حضرت شيخ فريدالدين ابو حامد محمد بن ابوبڪر ابراهيم عطار نيشاپوري ؒ (540_618هہ/1145_1221ع).

سلسلو شيخ المشائخ مالڪ قلوب برگزيده عالم استاد عارفان حضرت شهاب الدين رحمة الله عليه سان منسوب آهي.[119] هن سلسلي جي مريدن کي سهروردي چوندا آهن.[120] سهرورد ايران جي علائقي "جبل" جو هڪڙو شهر آهي.[121] هتان جو هڪڙو بزرگ شيخ ابو النجيب عبدالقاهر رحمة الله عليه پنهنجي نالي سان گڏ سهروردي لکندو هئو ۽ انهيءَ ئي هن سلسلي جو بنياد وڌو. شيخ ابو النجيب رحمة الله عليه[122] کي شيخ احمد غزالي رحمة الله عليه،[123] شيخ عبدالقادر جيلاني رحمة الله عليه[124] ۽ ڪيترن ئي ٻين بزرگن کان پڻ وڏو روحاني فيض حاصل ٿيو. پاڻ بلند پائي جو بزرگ ۽ ڪيترن ڪتابن جو مصنف هئو جن مان "آداب المريدين" سيني کان وڌيڪ مشهور آهي. سندس خانقاهہ بغداد ۾ درياءَ دجلہ جي الهندي ڪناري تي آباد هئي ۽ ان سان گڏ هڪڙو مدرسو بہ هئو جتان پاڻ تمام عمدي طريقي سان درس و تدريس ۽ اصلاح و تربيت جو ڪم ڪندو رهيو. تاهم هن سلسلي جو وڌيڪ مشهور بزرگ شيخ نجيب الدين رحمة الله عليه (ابو النجيب رحمة الله عليه) جو ڀائٽيو حضرت شيخ شهاب الدين سهروردي رحمة الله عليه آهي. سندس خانقاهہ بہ

---

[119] سهروردي سلسلو حضرت شيخ ابو نجيب سهروردي رحمة الله عليه جن سان منسوب آهي.

[120] ڊاڪٽر ميان محمد سعيد، تذڪره مشائخ شيراز و هند، ص: 231_232.

[121] سهرورد هن وقت، ايران جي صوبي زنجان ۾ آهي.

[122] حضرت شيخ المشائخ ضياءالدين ابو نجيب عبدالقاهر بن شهاب الدين عبدالله التيمي القريشي السهروردي البغدادي رحمة الله عليه. 9 صفر 490هہ مطابق 26 جنوري 1097ع تي سهرورد ۾ تولد ٿيا، سورهن يا سترهن سالن جي عمر ۾ 507هہ/1113ع ۾ تعليم جي حصول لاءِ بغداد ۾ پهتا، حضرت اسعدالعمري الميهنيءَ ۽ ٻين بزرگ استادن کان نظاميہ مدرسي ۾ تعليم ورتائون، بعد ۾ ساڳئي مدرسي جا شيخ الشيوخ مقرر ٿيا ۽ 27 محرم 545هہ/26 مئي 1150ع کان رجب 547هہ/آڪٽوبر 1152ع تائين خدمتون انجام ڏنائون. پنهنجي چاچي شيخ المشائخ وجيه الدين ابو حفص عمر بن نجيب الدين محمد السهرورديءَ ۽ حضرت شيخ المشائخ مجدالدين زين الدين احمد بن محمد عزالي رحمة الله عليه کان فيض حاصل ٿين. 532هہ/1137ع ۾ باقاعده "سهروردي سلسلي" جو بنياد رکيائون. سندن وصال 17 جمادي الثاني 563 هہ مطابق 29 مارچ 1168ع تي بغداد ۾ ٿيو ڪين سندن رباط ۾ سپرد خاڪ ڪيو ويو.

[123] شيخ المشائخ سيّدنا حضرت مجدالدين زين الدين ابو الفتح احمد بن محمد الغزالي رحمة الله عليه. (452_520هہ).

[124] غوث الاعظم پيرِ طريقت قطب الاقطاب پيران پير دستگير سيّدنا حضرت ابو محمد عبدالقادر بن موسيٰ الحسني الجيلاني البغدادي رحمة الله عليه. (470_561هہ/1077_1166ع).

Gul Hayat Institute

بغداد ۾ هئي، جتان پاڻ هن سلسلي جي نشر و اشاعت جو ڪم وڏي اعليٰ پيماني تي ڪندو رهيو. سندس هڪڙو مشهور ڪتاب ”عوارف المعارف“ آهي جنهن ۾ پاڻ تصوف جي بنيادي اعتقادات، خانقاهن جي تنظيم، مريدن ۽ شيوخ جي تعلقات کي وضاحت سان بيان ڪيو اٿس. سندس عقيدو هو ته صوفي دُنياوي معاملن کي انجام ڏيندي، ڪنهن کي نقصان رسائڻ کان بغير پنهنجي روحاني مقامات تي پهچي سگهي ٿو. پاڻ فرمائيندو هئو ته جنهن وٽ ترياق موجود هجي، ان کي زهر مان ڪو ضرر نٿو پهچي سگهي. بغداد ۾ خليفه الناصر[125] سندس وڏي خاطر مدارت ڪئي. انهيءَ کيس هڪڙي دفعي ”اربل“ ۾ بطور سفير اماڻيو، انهيءَ منصب کي پڻ وڏي خوش اسلوبيءَ سان نڀايائين. سهروردي سلسلي کي وسط ايشيا ۽ مشرقِ وسط ۾ وڏي مقبوليت حاصل ٿي، پر جڏهن غز ۽ منگول قبائل انهن علائقن ۾ تباهي ۽ بربادي مچائي ته هن سلسلي جا گهڻا صوفياءَ برصغير هند و پاڪستان هليا آيا. حضرت شيخ شهاب الدين سهرورديؒ هڪ پيرو فرمايو هئو ته ”خلفائي في الهند ڪثيره“ هندستان ۾ منهنجا خليفا گهڻا آهن.[126] هن مڪتبهٔ فڪر سان منسوب گهڻن دانشورن برصغير ۾ مسلم روحاني بغاوت ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو هئو.[127]

## سروري سلسلو:

عارفن ۽ مشائخن جو هي سلسلو غوث الحق قطب الاقطاب سيّدنا حضرت مخدوم لطف الله المعروف به حضرت مخدوم نوح بن نعمت الله صدّيقي هالائيؒ جن سان منسوب آهي، ڪين حضرت امام الاولياءَ سيّدنا علي بن ابو طالبؓ جي معرفت آقائي دوجهان نبي آخر الزمان سيّدنا و مولانا حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جن کان فيض حاصل ٿيو. سندن والد بزرگوار حضرت مخدوم نعمت الله بن اسحاق صدّيقيؒ جن تائين خاندان جو طريقو سهروردي هئو جيڪو حضرت غوث الحقؒ جن تي

---

[125] ابو العباس احمد الناصر بن الحسن العباسي القريشي (553_622هه/1158_1225ع) The Genealogies. ص: 201.

[126] دارا شڪوه، سڪينته الاوليا، ص: 21.

[127] ملتان کی ادبی و تہذیبی زندگی میں صوفیائے کرام کا حصہ، ص: 532/533.

Gul Hayat Institute

ختم ٿيو. مير علي شير قانع لکي ٿو ته: "مخدوم معزاليه خاتم طريقه سهرورد ست". [128] حضرت غوث الحق مخدوم نوح سرور هالائي رحمة الله عليه جن جو ظاهري مرشد ڪو به ڪو نه هئو. سراج العارفين ۾ حضرت مخدوم نوح سرور قدس سره جن جي ڪنهن ظاهري مرشد ڪانسواءِ بلند ۽ ارفع درجات حاصل ڪرڻ بابت لکيل آهي "*حضرت مخدوم نوح قدس سره هيچ مرشد نه گرفته اند وشب وروز به ذکر حق تعالیٰ بوونده*" يعني حضرت مخدوم نوح سرور رحمة الله عليه جن ڪو به مرشد نه ورتو هو ۽ رات ڏينهن الله تعاليٰ ج جي ذڪر ۾ محو هوندا هئا.

سيد عبدالقادر بن محمد هاشم الحسيني ٺٽوي رحمة الله عليه، [129] حديقة الاولياءَ [130] ۾ لکي ٿو ته "حضرت مخدوم نوح رحمة الله عليه جن فرمايو ته، آئون اجا بلوغت جي حد کي نه پهتو هوس ته ستن هزارن نور ۽ ظلمات جي پردن مان لنگهي ويس، جڏهن بلوغت کي پهتس تڏهن موتوا قبل ان تموتيٰ جو سمورو راز مون تي ظاهر ٿي ويو ۽ چوڏهن ورهيه جي ڄمار ۾ حضرت صدّيق اڪبر رضي الله عنه ۽ حضرت علي رضي الله عنه جي وساطت سان حضرت عيسيٰ عليه السلام ۽ حضرت رسول مقبول صلي الله عليه وسلم جن جي زيارت ۽ سندن فيض جي عنايت نصيب ٿيم." حضرت جن جو قلب ذڪر ۽ فڪر، شهود، معائنه مشاهدي جي انوار ۽ تجلين سان منور ۽ روشن هئو. سندن هستي حبيب صلي الله عليه وسلم جي هستيءَ ۾ محو ۽ گم هئي، انهيءَ محويت هوندي به مخدوم معظم رحمة الله عليه جن دنيا جي ڪنهن به ڪم کان بيخبر نه هئا. سندن سلسلهٔ طريقت "اويسي" ڪتاب سراج العارفين ۾ "نوحاني" لکيل آهي. [131]

الحمدلله حضرت غوث الحق مخدوم نوح سرور رحمة الله عليه جن جي سوانح مبارڪ تي رسالہ فتحيه، حديقتہ الاوليا، ارشاد السالڪين، دليل الذاڪرين، سراج العارفين، سفينتہ النوح ۽ تحفتہ الڪرام وغيره ۾ تمام گهڻو مواد موجود

Gul Hayat Institute

[128] معيارِ سالڪان طريقت، مير قانع.
[129] ڏسو شجرو 4 (رضوي ۽ نقوي سادات).
[130] حديقة الاولياءَ، فارسي/سنڌي.
[131] حضرت غوث الحق مخدوم نوح هالائي رحمة الله عليه جن جي "اويسي سلسلي" جي تفصيلي ڄاڻ لاءِ حضرت مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ رحمة الله عليه جن جو "مضامين طالب الموليٰ" ۾ لکيل مضمون پڙهڻ گهرجي.

آهي. هتي سندن ٻارهين سجّاده نشين حضرت مخدوم امين محمد ثانيؒ جن کان سورهين سجّاده نشين حضرت مخدوم غلام محمد عرف گل سائينؒ جن تائين بزرگن جي زندگيءَ جو مختصر احوال ڏنو پيو وڃي.

آڳـي ڪـيا اڳـهـين، نـسـورو ئـي نـور
"لاخوف عليهم ولاهم يحزنون" سـچـن ڪـونـهـي سُـور
مـولـي ڪـيـو مـعـمُـور انـگَ ازلَ اُنَ جـو.

شاهہ ڀٽائيؒ

# ضميما:

## 1. حَرّه جو اندوهناڪ سانحو[132]

(27 -ذوالعج 63هہ/ 27 آگسٽ 683ع)[133]

### تمهيد:

اسلام جي تاريخ ۾ معاويہ بن ابي سفيان پهريون شخص آهي جنهن پنهنجي فرزند لاءِ پنهنجي زندگيءَ ۾ بيعت ورتي. هن مقصد جي حصول لاءِ هن سياست، سفارت ۽ بيت المال کي خوب استعمال ڪيو. سندس وفات کان پوءِ پٽس يزيد کي فقط 3 سال خلافت نصيب ٿي. پهرئين سال يعني 61 هجري ۾ هن حسين بن عليؓ کي بيدرديءَ سان ڪربلا ۾ شهيد ڪرايو. باقي ٻن سالن ۾ هن اسلام جي ٻن مقدس مقامن يعني مڪي ۽ مديني تي چڙهايون ڪيون. هن 63 هجري ۾ مديني تي هڪ لشڪر جرار چاڙهي اماڻيو. مديني وارن شهر جي ٻاهران نڪري ان لشڪر جو مقابلو ڪيو. هن خون آشام معرڪي کي حره جو واقعو سڏيو وڃي ٿو. مديني کي تاراج ڪرڻ کان پوءِ

---

[132] سنڌ جي نامياري عالم محترم سيد علي مير شاهہ صاحب هيءُ مقالو راقم الحروف جي خواهش تي لکيو جيئن تہ انهيءَ اندوهہ ناڪ واقعي ۾ حضرت محمد بن ابوبڪر الصدّيقؓ جو فرزند حضرت عبداللهؒ، اصحابہ ڪرام جو اولاد ۽ ٻيا شرفائي مدينہ المنوره شهيد ٿيا تنهن ڪري پڙهندڙن جي معلومات ۽ دلچسپيءَ لاءِ ان کي هتي بطور خاص شايع ڪجي ٿو.

[133] بمطابق تقويم هجري، قلمي.

Gul Hayat Institute

يزيدي لشڪر مڪي تي چڙهائي ڪئي ۽ ڪعبۃ الله تي سنگبازي ڪرائي. مسجد حرام ۾ آگ وسي رهي هئي ته شامي لشڪر کي اطلاع پهتو ته جنهن يزيد جي بادشاهت کي مضبوط ڪرڻ لاءِ هو وڙهي رهيا هئا سو پنهنجي عملن جو حساب ڏيڻ لاءِ هي جهان ڇڏي ويو. يزيدي لشڪر، حرم نبوي ﷺ جي جيڪا بي حرمتي ڪئي تنهن جو مختصر احوال هتي ڏنو ويندو.

## پس منظر:

مديني ۾ رهندڙ مهاجرن ۽ انصارن، مڪي جي قريشن سان چوٿون ڪائي، اسلام کي غالب ڪيو انهن لڙاين ۾ قريشن جو سربراهه يزيد جو سڳو ڏاڏو ابو سفيان هو. هو ۽ هن جا پيا ساٿاري اسلام ۾ داخل ٿيا. انهن اسلام جي دفاع ۽ ڦهلاءَ لاءِ تاريخي ڪارناما پڻ سرانجام ڏنا، پر جڏهن خلافت جو مرڪز دمشق ڏانهن منتقل ٿيو ۽ ابو سفيان جو فرزند معاويہ خليفو بڻيو ته مديني وارا پاسيرا ويهي رهيا. سيّدنا عمر رضي الله عنه مديني ۽ مڪي جي ماڻهن لاءِ جيڪي وظيفا مقرر ڪيا هئا سي امير معاويہ بند ڪري ڇڏيا. هن شرط لڳايو ته وظيفا فقط جنگي خدمتون بجا آڻيندڙن کي ڏنا ويندا. مديني جا انصار (چند بزرگن کان علاوه) حيدر ڪرار رضي الله عنه طرفان امير معاويہ سان شديد لڙايون لڙي چڪا هئا. مهاجرن جي هڪ وڏي جماعت پڻ هن کان پاسيري هئي. انهن جا وظيفا بند ڪيا ويا، جنهن ڪري هنن ۾ اموي خلافت خلاف عمومي بددلي هئي.

ٻئي پاسي امير معاويہ، رسول ڪريم ﷺ ۽ خلفاءِ راشدين جي سنت کي ترڪ ڪري، پنهنجي پٽ لاءِ پنهنجي جيئري ئي بيعت وٺڻ شروع ڪئي ته هنن جي ناراضگي ۾ ويتر اضافو اچي ويو. بيعت کان انڪار ڪندڙ چار اهم شخصيتون هڪ سيّدنا حسين رضي الله عنه، ٻيو عبدالله بن عمر رضي الله عنه، ٽيون عبدالرحمان بن ابي بڪر رضي الله عنه ۽ چوٿون عبدالله بن زبير رضي الله عنه ان وقت مهاجرن جي اڪابرن ۾ شمار ٿيندا هئا ۽ مديني ۾ رهندا هئا. ايڪهٺ هجري ۾ امام حسين رضي الله عنه يزيدي لشڪر هٿان ڪربلا ۾ شهيد ٿيو. هن جي المناڪ شهادت جي خبر مديني پهتي ته هنن کي سخت ڏک رسيو. باقي ٽن بزرگن مان عبدالرحمان بن ابي بڪر رضي الله عنه اعلان ڪيو ته اسلام ۾ قيصريت جي گنجائش نہ آهي جو هڪ قيصر مري ته ان جي پٽ کي تخت تي ويهارجي، پر عبدالرحمان رضي الله عنه امير معاويہ جي زندگي ۾ وفات ڪري ويو.

Gul Hayat Institute

عبدالله بن عمر رضي الله عنه عبادت ۽ تبليغ ۾ رُڌل رهيو. البت عبدالله بن زبير رضي الله عنه امام حسين رضي الله عنه جي شهادت کان پوءِ مڪي ۾ وڃي پناهه ورتي ۽ يزيد جي بيعت کان نابري واريائين. امام عالي مقام کان پوءِ يزيد کي مخالفت جا ٻه وڏا مرڪز نظر آيا. هڪ مسجدالحرام ۽ مڪو جتي عبدالله بن زبير رضي الله عنه وڃي پناهه ورتي هئي ۽ ٻيو حرم نبوي صلي الله عليه وسلم ۽ مدينو جنهن ۾ مهاجرن ۽ انصارن جي وڏي اڪثريت آباد هئي.

## تاهم لاءِ ڪوششون:

يزيد مديني وارن کي راضي ڪرڻ لاءِ گهڻيون ڪوششون ڪيون. هن عثمان بن محمد بن ابي سفيان کي اتي گورنر مقرر ڪيو پر هو ناتجربيڪار جوان هو ۽ حالات تي ڪنٽرول نه ڪري سگهيو يزيد خلاف اها پروپيگنڊا عام ٿي ويئي ته هو فاسق ۽ فاجر آهي ۽ خلافت جو اهل نه آهي. يزيد کي اهي اطلاع پهتا ته هن پنهنجي گورنر کي حڪم ڏنو ته مديني جي اڪابرن جو هڪ وفد دمشق اماڻ ته آءٌ ساڻن ذاتي طور ڳالهايان. هُن عبدالله بن حنظله،[134] عبدالله بن ابي عمرو مخزومي، منذر بن زبير ۽ ٻين مکيه ماڻهن تي مشتمل هڪ وفد شام ڏانهن موڪليو جتي يزيد هنن جو زبردست استقبال ڪيو ۽ ڪين خلعتن ۽ انعامن سان نوازيائين. ابن اثير[135] (الڪامل جلد 4/ص: 103) جي روايت مطابق هن عبدالله بن حنظله رضي الله عنه کي هڪ لک درهم ۽ هن جي اٺن پٽن مان هر هڪ کي ڏهه هزار درهم ڏنا. منذر بن زبير رضي الله عنه کي هن هڪ لک درهم عطا ڪيا. اهڙي طرح هُن وفد جي هر ميمبر جي دلجوئي ڪرڻ لاءِ ڪين وڏيون رقمون ڏنيون، پر يزيد بابت هنن جي راءِ ۾ ڪا به تبديلي نه آئي. هو جيئن ئي مديني پهتا ته اعلان ڪيائون ته يزيد شرابي ۽ خائن آهي. راڳ رباب جو شوقين ۽ ڪُتن جو خفتي آهي. نچڻين ۽ ڳائڻين سان رغبت ۽ دينداري کان دوري رکي ٿو. ان ڪري اسان هن جي بيعت فسخ (ٽوڙيون) ڪريون ٿا. ابن اثير جي روايت مطابق عبدالله بن حنظله رضي الله عنه اعلان ڪيو:

---

[134] حضرت ابو عبدالرحمان عبدالله بن حنظلة بن عبد عمرو الاوسي المدني رضي الله عنه (63هه/683ع)

[135] "ابن اثير" عزالدين ابي الحسن علي بن محمد الجزري (555_630هه/1160_1233ع).

"دمشق ۾ جنهن ماڻهوءَ سان ملي آيو آهيان تنهن جو حال اهو آهي جو مون سان گڏ فقط منهنجا پٽ هجن ته انهن سان گڏجي هن جي خلاف جهاد ڪريان. هن مون کي وڏا انعام اڪرام ڏنا. جيڪي مون فقط ان ڪري قبول ڪيا ته جيئن اهي رقمون هن ساڻ لڙڻ تي خرچ ڪريان." علامہ ابن سعد[136] لکي ٿو ته هن مسجد نبويﷺ ۾ ماڻهن کي خطاب ڪندي چيو:[137]

"ڀائرو! الله تعاليٰ واحد ۽ لاشريڪ کان ڊڄو! آءٌ يزيد جي خلاف ان ڪري ڪڙو ٿيو آهيان جو مون کي خوف آهي ته ڪٿي آسمان مان اسان تي پٿر نہ وسايا وڃن! هو زنا ۽ شراب جو متوالو ۽ نماز جو تارڪ آهي. جيڪڏهن مون سان ڪنهن بہ ساٿ نہ ڏنو تڏهن بہ هن سان لڙندس!"

ابن سعد مطابق مٿئين بيان کان پوءِ هو مسجد نبويﷺ ۾ عبادت ۾ مشغول ٿي ويو. ڏينهن جو روزو رکندو هو ۽ رات جو بيهي بندگي ڪندو هو. روزي کولڻ وقت فقط ستو پيئندو هو. مسجد ۾ ڪڏهن بہ ڪيس هيڏانهن هوڏانهن لوڏا ڦيريندي نہ ڏٺو ويو. ڪڏهن ڪڏهن اکيون مٿي ڪڍي آسمان ڏانهن نهاريندو هو. باقي سمورو وقت استغراق جي عالم ۾ رهيو. جڏهن ڪيس خبر ملي ته شامي لشڪر وادي القريٰ تائين پهچي چڪو آهي تڏهن هٿياربند ٿي، مديني وارن کي جهاد جي تلقين ڪندي ميدان ۾ نڪري آيو.

يزيد وٽ ويل وفد جو ٻيو ميمبر منذر بن زبيرؓ دمشق کان ٿيندو عراق ويو ۽ اتان مديني آيو اهل مدينہ کانئس خبرون چارون ورتيون، هن عبدالله بن حنظلہؓ ۽ ٻين ساٿين جي ڳالهين جي تصدّيق ڪندي چيو:[138]

"هن مون کي هڪ لک درهم عطيي طور ڏنا، پر هن جي نوازش مون کي حق گوئي کان نٿي روڪي سگهي. خدا جو قسم ته هو شرابي آهي اڪثر ڪري نشي ۾ چور هوندو آهي ۽ نماز بہ وسري ويندي اٿس!"

Gul Hayat Institute

## نعمانؓ جي سخاوت:

يزيد کي سندس جاسوسن خبرون پهچايون ته مديني جي وفد تي تو جيڪا سيڙپ ڪئي سا سڀ بيڪار ويئي. هو يڪ آواز ٿي تنهنجي

---

[136] "ابن سعد" محمد بن سعيد بن منيع البغداديؒ (168_230هـ/784_845ع).
[137] الطبقات الڪبريٰ، 5، 47.
[138] طبري، 7/ 4، الڪامل، 4/ 104.

نعمان بن بشير انصاري جيڪو منڍ کان ئي بنو اُميہ خاندان جو سچو هو تنهن کي گهرائي چيائين تہ مديني وچ، اتان جي رهاڪن مان گهڻا تنهنجي قبيلي سان واسطو رکن ٿا، تون هنن کي وڃي سمجهاءِ تہ منهنجي مخالفت کان باز اچن، جيڪڏهن تنهنجي نصيحت قبول ڪيائون تہ پوءِ بہ ماڻهن کي منهنجي خلاف بغاوت جي جرئت نہ ٿيندي. نعمان رضي الله عنه مديني پهتو ۽ مهاجرن ۽ انصارن کي يزيد جي اطاعت لاءِ اُپاريائين، هن کين سمجهايو:[139]

”فتنو بڇڙي بلا آهي. اوهان لاءِ مناسب آهي تہ رجوع ڪريو امير جي اطاعت قبول ڪريو ۽ مسلمانن جي لٽ نہ پيجو! جي لڙائي لڳي تہ اوهان شامي لشڪر جو مقابلو نہ ڪري سگهندا.“

ماڻهن هن جي هڪ بہ ڳالهہ نہ ٻڌي ۽ ويتر چيائونس تہ تون اسان جي ٻڌي ٽوڙڻ ۽ انتشار پکيڙڻ کان باز اچ. نعمان مهاجرن جي امير عبدالله بن مطيع عدوي[140] کي تنبيهہ ڪئي:[141]

”آءٌ سمجهان ٿو تہ جڏهن شامي فوج ماڻهن جي ڪنڌن ۽ ڪپارن تي تلوارون وسائيندي ۽ جنگ جي جانبہ ڦرڻ لڳندي تڏهن تون پڙ ڇڏي ڀڄي ويندين ۽ هي ويچارا انصار پنهنجين مسجدن، گهرن ۽ گهٽين جي ڦاٽڪن تي ڪُسي ويندا!“

نعمان بن بشير جي نصيحت، وعظ ۽ ڏمڪين مديني وارن تي ڪو اثر نہ ڪيو. هو يزيد جي مخالفت تي ڪمربستہ ٿي ويا. حافظ ابن ڪثير جو بيان آهي تہ قريش، مهاجر ۽ انصار مسجد نبوي صلى الله عليه وسلم جي منبر وٽ اچي جمع ٿيا. ڪن پنهنجا پٽڪا لاهي منبر جي اڳيان اُڇلايا ۽ ڪن پنهنجون جُتيون آڏي گڏ ڪيون ۽ اعلان ڪيائون تہ اسان يزيد کي خلافت تان ائين لاهي ڦٽو ڪيو جيئن هي جوتا ۽ پٽڪا لاٿا اٿئون. ان کان پوءِ هنن يزيد جي سؤٽ ۽ مديني جي گورنر عثمان بن محمد بن ابي سفيان کي ڀڄائي ڪڍيو. بنو اميہ قبيلي سان واسطو رکندڙ ماڻهو پنهنجي بچاءَ لاءِ مروان بن حڪم جي گهر ۾ وڃي لڪا.

---

[139] البدايہ والنهايہ 8/ 219.

[140] التابعي محدث عبدالله بن مطيع رضي الله عنه بن الاسد العدوي القريشي رحمه الله (73هـ/692ع).

[141] البدايہ والنهايہ 8/ 219.

## علي بن حسين رضي الله عنه جي غيرجانبداري:

چوٿين هجري صدي جو مشهور مؤرخ ۽ سياح مسعودي[142] لکي ٿو تہ آل ابي طالب سميت سڄو بنو هاشم قبيلو ٻين مهاجرن ۽ انصارن سان هن مهم ۾ شريڪ هو.[143] پر حقيقت اها آهي تہ سيّدنا علي بن حسين رضي الله عنه جنهن عراقين جي غداري ۽ ڪربلا جو هولناڪ منظر پنهنجين اکين سان ڏٺو هو، سو هن معاملي ۾ غيرجانبدار رهيو. هُن بنو اُميہ جي چڱي مڙس مروان بن حڪم جي دلجوئي ڪئي ۽ ايندڙ سال اموي ڪمانڊر حصين بن نمير[144] جنهن ڪربلا ۾ سيّدنا حسين رضي الله عنه جي شهادت ۾ حصو ورتو هو تنهن کي پڻ عبدالله بن زبير رضي الله عنه کان بچائڻ لاءِ پناهہ ڏني. سيّدنا علي عرف امام زين العابدين رضي الله عنه جي اتباع ۾ عباس رضي الله عنه جي اولاد پڻ خاموشي اختيار ڪئي. هوڏانهن امير المؤمنين سيدنا عمر رضي الله عنه جو لائق فرزند عبدالله رضي الله عنه پڻ مڪمل طرح غيرجانبدار رهيو. امام زين العابدين رضي الله عنه جي صبر ۽ سڪوت جي باوجود ڪن هاشمين بغاوت ۾ بهرو ورتو ۽ يزيدي لشڪر سان وڙهندي شهيد ٿيا.

ابن جرير طبري[145] لکي ٿو تہ جڏهن مديني وارن يزيد جي گورنر کي ڀڄائي ڪڍيو تہ مروان ڏاڍو پريشان ٿيو. هن عبدالله بن عمر رضي الله عنه کان پناهہ گهري، پر هن انڪار ڪيو. ان تي هو علي بن حسين رضي الله عنه وٽ لنگهي ويو جنهن جي سڄي خاندان کي بنو اميہ جي ڪارندن ڪربلا ۾ ذبح ڪيو هو. مروان، امام زين العابدين کان پناهہ طلبي ۽ امام صاحب هن جي درخواست قبول ڪئي. ان تي مروان پنهنجو عيال امام صاحب جي حوالي ڪيو جيڪو هن پنهنجي خاندان سان گڏي مديني کان ٻاهر ينبوع جي مقام تي روانو ڪري ڇڏيو. علي بن حسين رضي الله عنه جي هن عمل جي ڪري مروان ۽ بنو اُميہ جا ٻيا فرد هميشہ هن جا احسانمند رهيا.[146]

---

[142] ابوالحسن علي بن الحسين بن علي المسعودي (282_348هـ/896_957ع).

[143] مروج الذهب، 3/ 79.

[144] ڏسو شجرو 8 (بنو ڪنده).

[145] ابو جعفر محمد بن جرير بن يزيد الطبري (224_310هـ/838_923ع).

[146] طبري، 7/7

Gul Hayat Institute

## ليبڊر شپ جو مسئلو:

مدينو اصحاب ڪرام، اڪابر تابعين، عالمن، عابدن ۽ زاهدن جو مرڪز هو. هنن يزيد خلاف بغاوت جو علم بلند ڪيو تہ آل علي جو اهم ترين فرد امام زين العابدين، امير عمر جو نامور پٽ عبدالله ۽ عباس جا پٽ پوٽا، پاسيرا ٿي ويهي رهيا. عبدالله بن زبير رضي الله عنه خلافت جو اميدوار ضرور هو پر هن موقعي تي مديني وارن جي قيادت ڪرڻ لاءِ سرزمين تي موجود رهڻ بدران مڪي جي حرم ۾ وڃي پناهہ ورتائين.

مديني ۾ رهندڙ آدم ٽلهي ليکي ٽن حصن ۾ ورهايل هو. سڀ کان وڏو عدد انصارن جو هو ٻئي نمبر تي مهاجر ۽ ساڻن واسطو رکندڙ ماڻهو هئا جيڪي گهڻو ڪري قريش هئا. ٽيون طبقو ٻئي عوام تي مشتمل هو جن ۾ مختلف قبيلن ۽ نسلن جا ماڻهو شامل هئا ۽ جيڪي مديني جي سياسي ۽ ديني اهميت جي ڪري وڏي تعداد ۾ اتي اچي آباد ٿيا هئا.

عبدالله بن حنظلہ رضي الله عنه مسجد نبوي صلي الله عليه وسلم ۾ يزيد جي بدڪرداري بابت رپورٽ ڏني تہ ماڻهن يزيد جي بيعت ٽوڙي هُن کي پنهنجو امير چونڊيو پر ائين ٿو لڳي تہ قريش هن جي امارت تي مطمئن نہ هئا. هنن عبدالله بن مطيع عدوي کي پنهنجو امير بڻايو. قريشين کان سواءِ ٻين مهاجرن ۽ ٻاهران آيلن وري معقل بن سنان اشجعي[147] کي پنهنجو ليبڊر منتخت ڪيو. مديني ۾ ان جي پسگردائي ۾ رهندڙ اموي ۽ سندن ٻانها ۽ ٻيلي هن عمومي بغاوت کان سخت ڏنا. جيتوڻيڪ مروان جو اهل ۽ عيال امام زين العابدين جي پناهہ ۾ هو پر اموين جو وڏو تعداد خوف وچان هن (مروان) وٽ وڃي گڏ ٿيو. هنن تڪڙي قاصد ذريعي يزيد کي احوال موڪليو تہ اسان گهيري ۾ اچي ويا آهيون. اسان جي جان ۽ مال خطري ۾ آهن. رسد بند آهي، پاڻي ۽ خوراڪ جي تنگي آهي. جيڪڏهن ترت ڪا امدادي فوج نہ موڪليندا تہ سڀ مارجي ويندا سون.[148]

Gul Hayat Institute

---

[147] حضرت مَعْقِل رضہ بن سنان بن مظاهر بن عركي بن فتيان بن سبيع بن اشجع بن ريث بن غطفان بن سعد بن قيس بن عيلان. وهوكان على المهاجرين يوم الحرة، فقتله مسلم بن عقبه المرى، لعنه، يومئذ صبرا. فغى ذالك يقول القائل: واضبحت النصارُ تبكى سراتها وشتبيهه تبكى معقل بن سنان، جمهرة الانساب، ص: 249.

[148] البدايہ والنهايہ، 8/ 218.

يزيد کي اهڙو مرض هو جو پيرن ۾ باهه ٽيندي هيس ته انهن کي ٿارڻ لاءِ پاڻيءَ ۾ ٻوڙيندو هو جنهن وقت کيس اموين جو خط مليو هو هڪ ڪرسي تي ويٺل هوءِ پيرن جي باهه ٿارڻ لاءِ پاڻيءَ ۾ ٻوڙي رکيا هئائين. خط پڙهڻ سان تپي باهه ٿي ويو. هن ٻن سالن تائين مديني جي مهاجرن ۽ انصارن کي مختلف حيلن سان پنهنجو بڻائڻ لاءِ ڏن ۽ ڌمڪيون استعمال ڪيون هيون. هاڻي هن جي صبر ۽ بردباري ختم ٿي، هن فوراً هڪ شعر پڙهيو:[149]

لَقد بَدلّوا الحلم الذي في سجيتي

فبـــدلت قـــومي غلطـــة بليـــان

ترجمو: ”هنن منهنجي طبعي بردباري ختم ڪري ڇڏي هاڻي آءٌ کين نرميءَ جي جاءِ تي سختيءَ جو مزو چکائيندس.“

## ڪماندر جو انتخاب:

ابن اثير هڪ روايت نقل ڪئي آهي ته معاويه مرڻ کان اڳ يزيد کي سمجهايو هو:

”منهنجا پٽ! آءٌ سمجهان ٿو ته توکي هڪ ڏينهن مديني وارن سان وڙهڻو پوندو. جيڪڏهن اها نوبت اچي ته مُسلم بن عُقبه مُري کي مٿن ڀَيج!“

امير معاويه جي وفات کان ٽي سال پوءِ يزيد مديني وارن کي سيکت ڏيڻ جو فيصلو ڪيو پر هن سڀ کان پهرين عمرو بن سعيد بن ابي العاص کي گهرايو ۽ کيس اموين جو خط پڙهي ٻڌايو ۽ چيئينس ته تون فوج وٺي مديني تي ڪاهه ڪر. عمرو بن سعيد هيئن چئي جان ڇڏائي.[150]

”سائين منهنجا! آءٌ مديني ۾ گورنر هئس ۽ ڪم ٺيڪ ٺاڪ پئي هلايم اوهان مون کي معزول ڪري ٻيو ماڻهو مقرر ڪيو. اڄ جيڪڏهن اوهان جي حڪم تي فوج وٺي مديني جي زمين تي قريشن جو رت وهائڻو پوندو! مون ۾ ايتري همت نه آهي جو ايڏو وڏو بار پنهنجن ڳلهن تي کڻان! ان ڪم لاءِ ڪو ٻيو ڪماندر هٿ ڪريو!“

---

[149] طبري، 7/ 5، الڪامل 4/ 111.

[150] الڪامل، 4/ 111.

Gul Hayat Institute

ان دور جي حالات تي گهري نظر وجهڻ سان اندازو ٿئي ٿو تہ يزيد کي مديني وارن کان وڌيڪ عبدالله بن زبير رضي الله عنه جو ڪُتڪو هو.

ابن جرير طبري جو بيان آهي تہ عمرو بن سعيد جي انڪار کان پوءِ هُن امام حسين رضي الله عنه جي قاتل عبيد بن زياد ڏانهن قاصد اماڻيو تہ عبدالله بن زبير رضي الله عنه سان لڙڻ لاءِ تياري ڪر ۽ مڪي ۽ مديني تي چڙهائي ڪندڙ لشڪر جي اڳي ڪمان سنڀال. عبيد رُکو جواب ڏيندي چيو:[151]

"هڪ فاسق (يزيد) لاءِ ٻن گناهن جو بار پنهنجي ڪنڌ تي نہ کڻندس! هڪ تہ رسول الله صلي الله عليه وسلم جي فرزند (حسين رضي الله عنه) کي قتل ڪيم ۽ ٻيو الله جي گهر تي حملو ڪريان!"

هاڻي يزيد کي پنهنجي والد ماجد جو مشورو ياد آيو ۽ هن مُسلم بن عُقبہ ڏانهن پيغام موڪليو. هيءُ مسلم بنو اُميہ جو دلي وفادار ۽ جنگ آزما جرنيل هو. جيتوڻيڪ هن جو نالو مسلم هو پر حرم نبوي صلي الله عليه وسلم ۾ هُن جيڪي ظلم، زيادتيون ۽ گستاخيون ڪيون تن جي ڪري ابتدائي دور جي اڪابرن ۽ مؤرخن هن کي مُسلم بدران مُسرف (ظالم) سڏيو آهي. ان وقت هو ٻڍو ۽ بيمار هو. هن کي يزيد جو حڪم نامو مليو تہ چمي کڻي اکين تي رکيائين، پر هڪ جنگ آزما بدو وانگر قاصد کان پڇيائين: مديني ۾ بنو اميہ ۽ سندن ٻانها ۽ ٻيلي هڪ هزار ڪن ٿيندا؟ قاصد چيو تہ ايترا تہ ضرور ٿيندا. ان تي هُن ريمارڪ ڏنو: "اميرالمومنين کي ڇئو تہ اهڙن بزدلن ۽ ڀاڙين جي پاران وڙهي ڇا ڪندس؟ هو پاڻ مقابلو ڪن. پنهنجو پاڻ دفاع ڪن! پوءِ سندن پاران وڙهڻ ۾ مزو ايندو!" يزيد پنهنجي ٻڍي وفادار جي ڳالھ نہ مڃي. چيائينس تہ هنن جي مارجڻ کانپوءِ زندگي جو لطف هليو ويندو. تنهن ڪري تڪڙو سندن واهر لاءِ نڪر!

نعمان بن بشير انصاري جنهن کي صحابيت جو شرف حاصل هوءِ جيڪو امير معاويہ جي زماني کان وٺي بنو اُميہ جو پڪو حامي هو تنهن ان موقعي تي يزيد کي منٿ ڪئي تہ اهو ڪم مسلم جي بدران مون تي رکو. انصار منهنجا مٽ مائٽ آهن. مون کي اميد آهي تہ آءٌ اهو ڪم خوش اسلوبيءَ سان ڪري سگهندس ۽ رتوڇاڻ نہ ٿيندي، پر يزيد، جيڪو سيده

---

[151] طبري، 6/7، الڪامل 4/ 112.

زهرا عليها السلام جي فرزند کي مارائڻ جو گناهہ ڪري چڪو هو تنهن جي اعمال نامي ۾ اجان بہ ڪي وڌيڪ سياهہ ڪاريون شامل ٿيڻيون هيون هن نعمان بن بشير انصاري جي صلاح ٺڪرائيندي چيو:[152]

"هر گز ائين نہ ڪندس! ان ڪم لاءِ آءُ پراڻي پاپيءَ (مسلم بن عقبہ) جو انتخاب ڪري چڪو آهيان! آءُ مديني وارن سان بار بار مهربانيون ڪري چڪو آهيان! هاڻي سندن رت وهائڻ گهران ٿو!"

## يزيدي فرمان:

يزيد حجاز تي حملي جو عام اعلان ڪرايو. ان مهم ۾ شرڪت ڪندڙن کي سندن وظيفا ادا ڪيا ويا ۽ وڌيڪ هر ماڻهوءَ کي هڪ سؤ دينار خصوصي عطيو ڏنو ويو. يزيد خود تلوار چيلهہ تي ٻڌي، تير ڪمان ڪلهي تي ٽنگي فوج ۾ گشت ڪيو ۽ کين حجاز کي ڪچلڻ لاءِ اُڀاريو.[153]

فوج جي روانگي وقت يزيد پنهنجي سنگدل ڪمانڊر مسلم بن عقبہ (ابن جرير، ابن ڪثير،[154] ابن اثير، مسعودي، ابن طقطقي[155] جهڙن سڀني ابتدائي مورخن هن کي مجرم ۾ مسرف يعني ڏوهاري ۽ ظالم جا لقب ڏنا آهن) کي حڪم ڏنو.[156]

"جيڪڏهن تنهنجا سؤ ورهہ پورا ٿين تہ پوءِ لشڪر جي واڳ حُصين بن نمير سڪوني (ڪربلا جو يزيدي سورمو) جي حوالي ڪجانءِ. اتي پهچڻ کان پوءِ هنن کي ٽن ڏينهن جي مهلت ڏجانءِ. جيڪڏهن باز نہ اچن تہ خدا جو نالو وٺي مٿن حملو ڪج. هنن کي شڪست ڏيڻ کانپوءِ ٽن ڏينهن لاءِ مديني ۾ خونريزي ۽

---

[152] البدايہ والنهايہ، 8/ 218.

[153] الڪامل، 4/ 112، طبري، 7/ 6_7/ الڪامل، 4/ 113.

[154] حافظ محدث عمادالدين ابو الفداءَ اسماعيل بن عمر القريشي "ابن ڪثير" (701_774هہ/1300_1373ع).

[155] صفي الدين ابو جعفر محمد بن علي بن محمد الحسني "ابن الطقطقي" (660_709هہ/1260_1309ع).

[156] البدايہ والنهايہ، 8/ 219.

Gul Hayat Institute

ڪنداسون. ان تي مسلم ڪيس ڊمڪايو:[157]

"جيڪڏهن عثمان رضي الله عنه جو پٽ نہ هجين تہ تنهنجو سر قلم ڪرائي ڇڏيان ها! خدا جو قسم تہ ٻئي ڪنهن قريشي اهڙي گستاخي ڪئي تہ ان کي ڪڏهن بہ معاف نہ ڪندس."

امام ابن ڪثير هن سلسلي ۾ مسلم جا هي لفظ نقل ڪيا آهن:

"تون ائين سوچيو آهي تہ جيڪڏهن مديني وارن بازي کٽي تہ تون ساڻن شامل ٿي ويندين ۽ جي شامين کي ڪاميابي حاصل ٿي تہ تون چوندين تہ آءُ اميرالمومنين جو پٽ آهيان!"

ان کان پوءِ مسلم جي حڪم سان هن جي سونهاري جي بي ادبي ڪئي وئي، پر اموي هجڻ جي ڪري ڪيس جان جي امان ملي. مروان جي پٽ عبدالملڪ جيڪو بعد ۾ دمشق جو نامور خليفو بڻيو سو مسلم سان مليو ۽ ڪيس جنگ لاءِ قيمتي مشورا ڏنائين. هو عبدالملڪ کان اهڙو خوش ٿيو جو چيائين: شاباس هجي ان پيءُ کي جنهن اهڙو لائق پٽ ڄڻيو!

يزيد جي حڪم مطابق مسلم ٽي ڏينهن مديني جي ٻاهران ڪئمپ لڳائي ويٺو رهيو. هن مديني وارن کي يزيد جي اطاعت قبول ڪرڻ لاءِ پيغام موڪليا. بيهقي جي بيان مطابق هن ٻن سالن جا وظيفا ائڊوانس ۾ ڏيڻ ۽ سستي اناج فراهم ڪرڻ جي آڇ پڻ ڪئي پر باغين هن جي هڪ بہ نہ ٻڌي.

مسلم چين تہ اوهان يزيد جي دوباره بيعت ڪريو ۽ مون کي ڇڏيو تہ مڪي ۾ وڃي عبدالله بن زبير رضي الله عنه جي خبر وٺان جنهن هر طرف کان سرڪش، ڌوهاري ۽ باغي پنهنجي چوڌاري آڻي جمع ڪيا آهن. مديني وارن جو هڪ ئي جواب هو:[158]

"خدا جا دشمنو! جيڪڏهن اوهان جي نيت اها آهي تہ بيت الله جي حرمت برباد ڪريو، اتان جي رهاڪن کي خوفزده ڪريو ۽ عبدالله بن زبير رضي الله عنه تي دسترس حاصل ڪريو تہ پوءِ اسان اوهان کي اڳتي وڌڻ نہ ڏينداسون."

مهلت جي ختم ٿيڻ تي مسلم مديني جي حره (ڪاري پٿر واري زمين)

---

[157] الڪامل، 4/ 114.

[158] الڪامل، 4/ 115.

تي پنهنجو خيمو کوڙي لشڪر کي صف بند ڪيو. مديني وارن پنهنجي لشڪر کي چئن حصن ۾ ورهايو. هڪ حصي جو ڪمانڊر عبدالرحمان بن زهير بن عبد عوف هو جيڪو مشهور اصحابي عبدالرحمان بن عوف جو پائيٽو هو. ٻئي حصي تي عبدالله بن مطيع هو. هي ٻئي ڄڻا قريشن جا هئا. معقل بن سنان اشجعي رضي الله عنه پاڻ ڪريمن جو اصحابي هو ۽ هُن ٽئين حصي جي قيادت ڪئي، سيني کان وڏو انصارن جو لشڪر هو جنهن جو امير عبدالله بن حنظلہ انصار هو. هن جو والد احد جي لڙائي ۾ قريشن خلاف لڙندي شهيد ٿيو هو ۽ اصحاب ڪرام ۾ مشهور هو تہ هن کي ملائڪن غسل ڏنو. ان ڪري تاريخ ۾ هن کي "غُسيل الملائڪہ" يعني "ملائڪن جو وهنجاريل" سڏيو ويندو آهي ۽ هن جي اولاد کي "ابناءُ الغسيل" يعني "ملائڪن جي وهنجاريل جا پٽ" سڏيندا هئا. پاڻ ڪريمن صلي الله عليه وسلم جي وصال وقت هو ستن سالن جو هو. ان ڪري هو "اصاغر صحابہ" يعني "ننڍين اصحابن" مان ڳڻيو ويجي ٿو.

مسلم بن عقبہ مُري ٻنهي لشڪرن جي وچ تي هڪ ڪرسي رکي ان تي چڙهي ويٺو نامور مؤرخ ابن جرير طبري لکي ٿو:[159]

> "جنگ واري ڏينهن مسلم بيمار هو. هن شامين کي حڪم ڏنو تہ لشڪر جي اڳيان هڪ ڪتولو ۽ هڪ ڪرسي رکو. مون کي اتي ويهاريو. شامين پنهنجي سپہ سالار کي ڪرسي تي رکيو ۽ ڪنڌ مٿي ڪري حڪم ڏنائين: شاميو! پنهنجي حاڪم جي ناموس خاطر حملو ڪريو!"

منڊ ۾ مديني وارن جا ٽي امير هئا. پر جنگ جي وقت قريشن عبدالرحمان بن عوف جي خاندان جي هڪ همراهہ کي پڻ پنهنجي حصي جو ڪمانڊر بنايو. شامين حملو ڪيو تہ قريشن ۽ مهاجرن جا پير اکڙي ويا پر بنو عبدالمطلب جي فضل بن عباس بن ربيعہ بن حارث بن عبدالمطلب ويهن سوارن سان مسلم تي حملو ڪيو. ٻيا شهادت جا شوقين پڻ هن سان شامل ٿيا. فضل، مسلم کي ويجهو پهتو تہ پنج سئو شامي تيرن ۽ ڀالن سان مسلم جي سامهون ڍال ٻڌجي بيهي ويا. پر هو وڌندو رهيو ۽ يزيدي علمبردار کي مسلم سمجهي مٿس وار ڪري ماري وڌائين. اهو مقتول هڪ

---

[159] طبري، 7/ 9.

Gul Hayat Institute

بهادر رومي غلام هو. فضل کي خبر پئي ته مسلم زنده آهي ته هن جنگ جاري رکي ۽ مسلم جي ڪرسي کان پندرهن ويهن فوٽن جي فاصلي تي شامين جي هٿان مارجي ويو. هن سان گڏ زيد بن عبدالرحمان بن عوف پڻ اتي شهيد ٿيو. ازانسواءِ بنو تيم جو عبدالله بن محمد بن ابي بڪر، آل ابي طالب مان عبدالله بن جعفر طيار رضي الله عنه جا ٻه پٽ، بنو هاشم مان عباس بن عتبه بن ابي لهب، حمزه بن عبدالله ۽ ٻيا گهڻا نامور، مسلم جي ويجهو لڙندي شهيد ٿيا.

عبدالله بن حنظله جي قيادت ۾ انصارن زبردست استقامت ۽ ثابت قدمي ڏيکاري. مسلم جنگ جي صورتحال ڏسي گهوڙي تي سوار ٿيو ۽ شامي لشڪر ۾ گشت ڪري هنن کي لڙائي لاءِ اڀٽي وڌايائين. ان موقعي تي هن شامين کي خطاب ڪندي چيو:[160]

”شاميو! اوهان ٻين عربن کان حسب ۽ نسب ۾ مٿانهان نه آهيو! نه اوهان جو ملڪ ٻين ملڪن کان وڏو آهي ۽ نه توهان تعداد ۾ ٻين کان گهڻا آهيو! پر الله تعاليٰ! اوهان کي دشمن تي سوڀ ان ڪري ڏيندو آهي جو اوهان پنهنجي حاڪمن جا وفادار ۽ فرمانبردار آهيو ۽ جنگ ۾ ثابت قدم رهو ٿا. اوهان جي مخالفن ۽ ٻين عربن اهي خصلتون ڇڏيون ته الله تعاليٰ هنن جي حالت بدلائي ڇڏي! اوهان پنهنجي فرمانبرداري ۽ اطاعت واري روش تي قائم رهو! اوهان ڏسندا ته الله تعاليٰ اوهان کي فتح ڏيندو!“

ٻڍو جرنيل ظالم ۽ سنگدل ضرور هو پر جنگ جي هن رمز کان واقف هو ته عابدن، زاهدن ۽ متقين جي لشڪر ۾ اتحاد ۽ يڪجهتي نه هوندي ته ميدان جنگ ۾ اهڙن فاسقن هٿان شڪست کائي ويندا جيڪي منظم، متحد ۽ فرمانبردار هوندا.

مسلم بن عقبه جي خطاب کان پوءِ شامين انصارن تي حملو ڪيو پر تلوارن ۽ ڀالن هنن جي پيش قدمي روڪي ڇڏي هاڻي مسلم، مشهور يزيدي ڪمانڊر ۽ ڪربلا جي ويڙهاڪ حُصين بن نمير کي حڪم ڏنو ته مديني جي امير تي سڌو حملو ڪرڻ لاءِ تون اڳتي وڌ.

عبدالله بن حنظله الغسيل رضي الله عنه هر طرف کان شامين کي پاڻ ڏانهن وڌندو ڏٺو ته مديني جي مجاهدن کي خطاب ڪيائين:[161]

---

[160] طبري، 7/ 9_10.

[161] طبري، 7/ 10/ الڪامل، 4/ 117.

Gul Hayat Institute

”مديني وارو! دشمن اوهان جي قوت کي محسوس ڪري ورتو آهي. اوهان ڪجهه وقت قدم ڄمائي لڙو ته الله تعاليٰ هن جنگ جو فيصلو ڪري ڇڏيندو. ياد رکو ته اوهان ديني بصيرت جا مالڪ ۽ رسول اڪرم ﷺ جي هجرت گاهه جا رهاڪو آهيو. ربّ تعاليٰ دنيا جي سڀني بستين کان وڌيڪ اوهان کان راضي ۽ اوهان جي دشمنن تي غضبناڪ آهي. جيڪڏهن اوهان هن مقابلي ۾ مارجي ويا ته شهادت اوهان جو مقدر ٿيندي! هن موقعي کي غنيمت ڄاڻو ۽ هٿان وڃڻ نه ڏيو!“

حجازي ۽ شامي جنگجو هڪ ٻئي کي ويجها ايندا ويا. شامي پري کان تير ۽ ڀالا وسائي رهيا هئا. عبدالله مديني وارن کي اپيل ڪئي ته شامين جو نشانو بڻجڻ بدران ساڻن دست بدست جنگ ڪريو. هن پڪاريو: جنهن کي جنت جو شوق هجي سو منهنجي جهنڊي هيٺ هليو اچي! مقدس شهر جا مجاهد هن کي روڪي ويا ۽ گهمسان جي جنگ لڳي. عبدالله جا اٺ پٽ هئا جن کي هن هڪ هڪ ڪري ميدان ۾ لاٿو. اٺ ئي ڄڻا شامين سان لڙندي پڙ تي پرزا ٿيا. ٻيا جهنڊا ڪري پيا پر عبدالله رضي الله عنه جو جهنڊو آخر تائين سربلند رهيو. چند ساٿي ساڻس گڏ ثابت قدم رهيا. ظهر جو وقت جو آيو ته غلام کي چيائين ته تون آڏو ٿي بيهه ته آءٌ نماز جو فرض ادا ڪريان. هن سڪون سان چار رڪعتون پڙهيون. سلام ورايائين ته فقط ٽي يا چار ساٿي باقي هئا. غلام چيس ته هاڻي لڙائي فضول آهي! ملائڪن جي وهنجاريل احد جي شهيد جي پٽ غلام کي جهڻڪيندي چيو:[162]

”توکي خبر نه آهي ته آءٌ شهادت لاءِ نڪتو آهيان؟“

هن زره لاهي ڦٽي ڪئي ۽ شمشير زني ڪندي شامين ۾ ڪاهي پيو. هو بلند آواز سان هيءَ رجز پڙهندو رهيو:[163]

”بُعداً لِمَن رامَ الفساد وطَغيٰ
وجانَبِ اَلحقّ وآياتِ الهُديٰ“

---

[162] ابن سعد، 5/ 48.

[163] طبري، 7/ 10/ الڪامل، 4/ 117.

Gul Hayat Institute

ترجمو: ”فسادين ۽ سرڪشن تي الله جي لعنت هجي!
هو حق جي رستي ۽ آيات الاهي کان ڦيرا ٿيا!“

هو شامين سان لڙندي حره جي ميدان ڪارزار ۾ شهيد ٿيو. هن جو مائيٽو ڀاءُ محمد بن ثابت بن قيس بن شماس، عبدالله بن قيس بن عاصم، محمد بن عمرو بن حزم ۽ ٻيا نامور انصاري جوان هن جي پهلو ۾ لڙندي شهادت سان سرفراز ٿيا. عبدالله بن مطيع عدوي ۽ محمد بن سعد بن ابي وقاص جوانمردي سان وڙهيا. پر پڇاڙيءَ ۾ ٻين قريشن سان گڏ ڀڄي ويا ۽ مسلم بن عقبہ فاتحانہ مديني ۾ داخل ٿيو. هن پنهنجي سپاهہ کي ٽن ڏينهن تائين مديني ۾ عام لٽ مار ۽ خونريزي جو حڪم ڏنو.

هن لڙائيءَ ۾ منڍ ۾ مديني وارن جي سرسي هئي پر عين وقت تي مروان بنو حارثہ واري علائقي مان هڪ گهوڙي سوار دستي سان پوئتان حملو ڪري جنگ جي نقشو بدلائي ڇڏيو ۽ نتيجو عبدالله ۽ ان جي ثابت قدم ساٿين جي شهادت ۽ اهل مدينہ جي شڪست جي صورت ۾ نڪتو.

ابن جرير طبري ۽ ٻيا مؤرخ لکن ٿا تہ جنگ کان پوءِ مروان بن حڪم شهيدن جا لاش تپاسي رهيو هو. هن جي نگاهہ محمد بن عمرو بن حزم انصاري جي نوراني لاش تي پيئي جيڪو چاندي وانگر چمڪي رهيو هو. مروان ضبط نہ ڪري سگهيو ۽ پڪاريائين.

”توتي خدا جون رحمتون هجن! آءُ اونداهين راتين ۾ توکي مسجد نبوي ﷺ جي هر ٿنڀ جي پرسان ڊگهيون نمازون پڙهندي ۽ سجدا ڪندي ڏسندو هئس!“

هيءُ معرڪو 27 ذي الحج سنہ 63 هجري ۾ برپا ٿيو.

## مسلم جا ڪلور:

Gul Hayat Institute

يزيدي لشڪر پناهہ ڳوليندڙن جي پنيان ڪاهيندو مديني ۾ ڍوڪي پيو ۽ رت ۽ باهہ جي راند کان علاوه حرم نبوي ﷺ ۾ عصمت پناهہ عورتن ۽ مسجد شريف جي اهڙي بي حرمتي ڪيائون جنهن جو تفصيل بيان ڪرڻ جي قلم کي همت نٿي ٿئي. هن سلسلي ۾ اسان حافظ ابن ڪثير جي هڪ عبارت پيش ڪريون ٿا، هو لکي ٿو:[164]

[164] البدايہ والنهايہ، 8/ 220_221.

”مسلم بن عقبہ تن ڏينهن لاءِ مديني ۾ قتل عام ۽ ڦرمار جو حڪم ڏنو. سعديءَ بنت عوف[165] نالي هڪ عورت هن ڏانهن پيغام مُڪو تہ آءٌ تنهنجي مائٽياڻي آهيان. تون پنهنجي فوج کي هدايت ڪر تہ فلاڻي هنڌ اسان جا جيڪي اُٺ چري رهيا آهن تن جو نالو نہ وٺن. پيغام ملڻ شرط مسلم حڪم ڏنو تہ سڀ کان پهرين هن عورت جو وڳ ڦريو وڃي. ٻي عورت کيس درخواست ڪئي تہ منهنجو اوهان جي خاندان سان تعلق آهي. منهنجو پٽ اوهان وٽ قيد آهي، ان کي جيئدان ڏيو. هن ظالم حڪم ڏنو تہ هن کي جلد قتل ڪري سندس سر ٻڍيءَ ڏانهن موڪليو تہ هن جو انتظار ختم ٿئي، چيو وڃي ٿو تہ هنن (شامين) عورتن سان زيادتيون ڪيون. هشام بن حسان جو بيان آهي تہ مديني جي مظلوم عورتن حره جي خون آشام واقعي کان پوءِ هڪ هزار اهڙا ٻار ڄڻيا جن جو پيءُ معلوم نہ هو.“

مديني وارن سان زيادتين ۾ شامين کان وڌيڪ سندن حبشي غلامن حصو ورتو. امام ابن الجوزي[166] هڪ واقعو پيش ڪيو آهي تہ حره واري معرڪي کان ڪجھ زمانو پوءِ قريش جي هڪ عورت ڪعبتہ الله جو طواف ڪندي هڪ سياه فام جوان کي سيني سان لڳائي سندس پيشاني چمي. ٻين عورتن چيس: خدا جي بندي! هن ڪاري جو مٿو ڇو چُميئي؟ هن چيو تہ مون حره واري ڏينهن هڪ ڪاري جي زيادتي جي نتيجي ۾ هيءُ ڇوڪر ڄڻيو! اهو منهنجو پٽ آهي![167]

ڪي اصحاب ڪرام جيڪي ان وقت زنده هئا ۽ مديني ۾ هئا سي روپوش ٿي ويا! جابربن عبدالله رضي الله عنه پڻ انهن مان هڪ هو. حديث جو مشهور راوي ابو سعيد خدري رضي الله عنه هڪ غار ۾ وڃي لڪو. هڪ شامي کيس اتان پڪڙي ٻاهر ڪڍيو. پر پوءِ جڏهن کيس خاطري ٿي تہ هو اصحابي آهي تڏهن کيس ڇڏي ڏنائين ۽ پنهنجي ڪمانڊر وٽ پيش نہ ڪيائين.

مسلم مديني سان لڳ قبا ۾ وڃي خيما کوڙيا ۽ اعلان ڪرايائين تہ

---

[165] المحدثہ سُعدي بنت عوف بن خارجہ بن سنان بن ابي حارثہ بن مُره بن عوف بن سعد بن ذبيان بن بغيض بن ريث بن غفطان بن سعد بن قيس عيلان. المريہ الڪوفية. جمهرة الانساب. ص: 138_145_252_255.

[166] ڏسو شجرو 9.

[167] المنتظم ابن الجوزي. 1529.

Gul Hayat Institute

مديني ۾ ان جي پسگردائيءَ وارا منهنجي هٿ تي اچي يزيد جي بيعت ڪن. جان جي امان ۾ بيعت لاءِ اهو شرط وڌو ويو ته هو اهو اقرار ڪن ته اسان يزيد جا خادم ٿي رهنداسون. هو اسان جي جان ۾ مال بابت جيڪو به فيصلو ڪندو سو قبول ڪنداسون. ٻه قريشي جوان هن وٽ پيش ٿيا ۽ چيائونس ته اسان الله جي ڪتاب ۽ پيغمبر ﷺ جي سنت تي بيعت ٿا ڪريون. هن حڪم ڏنو ته هنن باغين جا سر قلم ڪريو. حڪم تي فوراً عمل ڪيو ويو. ٻن قريشن جي مارجڻ تي مروان چيس: افسوس آهي جو اوهان ٻن قريشن کي قتل ڪرايو جيڪي بيعت ڪري جان جي امان گهري رهيا هئا. يزيد جي ٻُڍي ۽ سخت گير ڪمانڊر مروان کي چيلهه تي ڏنڊو وهائي ڪڍيو ۽ چيائينس:[168]

"انتَ واللہِ لو قلت مقالتهما لقتلتُڪ"

ترجمو: "خدا جو قسم ته جيڪڏهن تون اهي اکر چوين ها جيڪي هنن چيا ته توکي به ڪُهائي ڇڏيان ها."

معقل بن سنان اشجعي رضی اللہ عنہ کي صحابيت جو شرف حاصل هو. هن حره ۾ مدني لشڪر جي هڪ حصي جي ڪمانڊ ڪئي هئي. ذاتي طرح هن جي مسلم بن عقبه سان دوستي هئي. لڙائيءَ ۾ شڪست کان پوءِ هو قبا ۾ هن وٽ پيش پيو ۽ امان گهريائين. مسلم ڪيس ماکيءَ جو شربت پياريو ۽ چيائينس:

"اج تو ڪائي پي ڇيهه ڪيو. تو منهنجي خليفي يزيد بابت جيڪي چيو آهي، سو مون کي معلوم آهي. مون قسم کنيو هو ته ڪنهن جنگ ۾ ملندين ته پهرين توکي ماريندس!"

پوءِ جلاد کي حڪم ڏنائين جنهن معقل رضی اللہ عنہ جي گردن اڏائي ڇڏي.

Gul Hayat Institute

## علي بن حسين رضی اللہ عنہ:

مروان بن حڪم، سيّدنا علي بن حسين رضی اللہ عنہ کي هن شان سان وٺي آيو جو سندن هڪ پاسي کان هو ۽ ٻئي پاسي کان پٽس عبدالملڪ هو جيڪي ٻئي صاحب پوءِ خليفا ٿيا ۽ سندن پشت مان دمشق ۽ اندلس جا ڪيترائي نامور حڪمران پيدا ٿيا. مؤرخ مسعودي لکي ٿو ته جنهن وقت اموي هن کي

---

[168] طبري، 7/ 11/ الڪامل، 4/ 118.

وٺڻ ويا. هو مديني جي آقا جي مقدس مزار تي الله تعاليٰ سان مناجات، پيغمبر ﷺ تي صلواة و سلام ۽ امن و سلامتي لاءِ دعائن ۾ مشغول هو.

مسلم جي مجلس ۾ پهچڻ تي مروان امام صاحب کي شربت جو پيالو پيش ڪيو. ان تي مسلم رڙ ڪئي:

"شايد مروان ۽ عبدالملڪ اوهان جي سفارش ڪرڻ گهرن ٿا. هنن جي سفارش جي باوجود آءٌ اوهان کي قتل ڪرايان ها! پر يزيد مون کي اوهان جي پارت ڪئي آهي. ان ڪري اوهان جو هر طرح احترام ڪندس!"

هن امام صاحب کي غاليچي تي ويهاريو ۽ هُن جنهن به مظلوم جي سفارش ڪئي تنهن جي جان بخش ڪيائين.

مسلم يزيد جي حڪم مطابق ٽي ڏينهن مديني وارن تي هر طرح جو ظلم ۽ جبر روا رکيو. ان پڄاڻان هن پنهنجي تلوار مياڻ ۾ وڌي ۽ اعلان ڪيائين ته هاڻي هلو ته مڪي وارن کي يزيد جي قوت جي مزو چکايون.

حره جي شهيدن جي تعداد بابت روايتون مختلف آهن. مسعودي (مروج الذهب، 3/ 79) ۾ لکي ٿو ته هڪ سؤ جي لڳ ڀڳ قريش، ايترائي انصار ۽ چار هزار عام ماڻهو ڪُٺيا ويا. ان کان سواءِ گهڻا اهڙا به ماريا ويا جن جو ڳاڻيٽو نه ٿيو. ابن جرير طبري ۽ حافظ ابن ڪثير لکن ٿا ته ست سؤ مهاجر، انصار ۽ ٻيا اهم ماڻهو شهيد ٿيا. ازانسواءِ ڏهه هزار ٻيو عوام دمشق مان آيل ڪٽڪ هٿان شهيد ٿيو.

## مسلم جو موت:

ٻڍي ۽ ڪنور جنرل، مديني کي مليا ميٽ ڪري مڪي جو رخ ڪيو. امام ابن الجوزي هڪ روايت نقل ڪئي آهي ته هو بيمار هو ۽ دوا پي مٿان ماني گهرايائين. طبيب چيس ته جلدي ماني نه کائو. اوهان کي نقصان رسندو. هن جواب ڏنو ته هن شهر ۾ عثمان رضي الله عنه بن عفان شهيد ٿيو. آءٌ ان شهر جا ايترا ماڻهو ماري چڪو آهيان جو سندم دل ٺري پيئي آهي. هاڻي وڌيڪ زنده رهڻ جو آرزو نه اٿم. مون کي اميد آهي ته انهن کي مارڻ جي ڪري الله تعاليٰ سندم گناهه معاف ڪري ڇڏيندو.[169]

[169] المنتظم، 1530.

مڪي ڏانهن مارچ ڪندي مُشلل جي مقام تي پهتو ته موت جي ملائڪن اچي پڪڙيس. يزيد جي فرمان تي عمل ڪندي حُصين بن نمير سڪوني کي گهرائي کيس چيائين:[170]

"اڙي گڏهه جا پُٽ! جيڪڏهن اميرالمومنين يزيد توکي نامزد نه ڪري ها ته آءٌ توجهڙي نالائق کي هن لشڪر جي واڳ نه ڏيان ها! پر مون ڪڏهن به خليفي جي نافرماني نه ڪئي آهي. ان ڪري هاڻي هيءُ لشڪر سنڀال! البت منهنجيون چار نصيحتون ياد رکج! هڪ ته مڪي ڏانهن تڪڙو سفر ڪر. ٻيو ته عبدالله بن زبير رضي الله عنه سان مقابلي ۾ دير نه ڪج. ٽيون ته پنهنجي چڙهائيءَ جون خبرون ملڪ ۾ پکيڙي ڇڏ ۽ چوٿون ته ڪنهن قريشيءَ کي پنهنجي ويجهو اچڻ نه ڏجانءِ."

آخر ۾ هن آهستگيءَ سان هي اکر چيا:

"منهنجا ربّ! توتي ۽ تنهنجي رسول ﷺ تي ايمان آڻڻ کانپوءِ منهنجو سڀ کان موچارو عمل مديني وارن جو ڪوس آهي! آخرت ۾ منهنجي هن عمل کي قبول فرمائج."

انهن اکرن چوڻ کان پوءِ هو پنهنجي عملن جو حساب ڪتاب ڏيڻ لاءِ آخرت جي سفر تي روانو ٿي ويو.

## ابن ڪثير جو تبصرو:

حافظ ابن ڪثير هن تاريخي سانحي نقل ڪرڻ کان پوءِ هڪ عجيب تبصرو ڪيو آهي جيڪو هتي نقل ڪريون ٿا:[171]

"يزيد هڪ فاحش گناهه ڪيو جو مسلم بن عقبه کي ٽن ڏينهن تائين مديني جي حرمت برباد ڪرڻ جو حڪم ڏنائين. هي هڪ زبردست گناهه هو. ان واقعي ۾ رسول ڪريم ﷺ جي اصحابن ۽ انهن جي فرزندن جو هڪ وڏو تعداد قتل ٿيو. هن کان اڳ اهو ذڪر ٿي چڪو آهي ته هن امام حسين رضي الله عنه ۽ سندس ساٿين کي عبيدالله بن زياد جي هٿان شهيد ڪرايو. حره وارن ٽن ڏينهن ۾ رسول الله ﷺ جي شهر ۾ جيڪي شديد ظلم ٿيا تن کي نه قلم لکي سگهي ٿو ۽ نه زبان بيان ڪري ٿي سگهي. انهن مصيبتن جو پورو علم ته الله تعاليٰ وٽ

---

170 طبري، 7/ 14/ الڪامل، 4/ 123.

171 البدايه والنهايه، 8/ 222.

آهي. يزيد مسلم بن عقبہ کي هن لاءِ موڪليو هو تہ پنهنجي سلطنت کي مضبوط ڪري، حڪومت کي دوام بخشي ۽ هُن جو ڪو بہ مخالف باقي نہ رهي. الله تعاليٰ هن جي ارادن کي ناڪاميءَ جي صورت ۾ ڪيس سزا ڏني. هو سندس خواهشن جي راهہ ۾ حائل ٿيو. جابرن کي جهوريندڙ ربَّ ڄ پنهنجي قهاريت سان هن کي برباد ڪيو ۽ ڪيس سخت پڪڙ ۾ آندائين.“

حره جي واقعي کان ٻہ مهينا ۽ سورهن ڏينهن پوءِ يزيد شام ۾ پران پورا ڪيا.[172]

## 2: يوم الحَره جا شهيد[173]:

### قريش مدينة:

#### بني هاشم:

ابوبڪر عبدالله بن جعفر بن ابي طالب، الفضل بن العباس بن ربيعه بن الحارث بن عبدالمطلب، عبدالله بن نوفل بن الحارث بن عبدالمطلب، عباس بن عتبه بن ابي لهب.

#### بني سليم بن منصور (حلفاءِ ابي طالب):

سليمان بن صفوان بن عباد بن شيبان، الاسود بن عبّاد بن شيبان، عتبه بن معبد، محمد بن عقبه بن دُبيه بن جابر، سندس ڀاءُ سليمان، جري بن حزم بن جابر.

#### بني المطلب بن عبد مناف:

يحيٰ بن نافع بن عُجير بن عبد يزيد بن هاشم، عبدالله بن نافع بن عجير.

#### بني سليم (خلفائي بني المطلب):

جَيفَر عبدالله بن مالڪ.

#### بني نوفل بن عبد مناف:

---

[172] مسلم بن عقبة المُري جو لاڏاڻو 20 محرم 64هہ/18 سيپٽمبر 683ع تي جڏهن تہ يزيد بن معاويہ 15 ربيع الاول 64هہ/10 نومبر 683 تي فوت ٿيو. The Genealogies، ص: 69/70.

[173] واقعي حره جي شهداءَ جي هيءَ فهرست محترم سيد علي مير شاهہ صاحب جي مقالي ۾ شامل ڪانهي، ان ڪري ان کي جدا ضميمي ۾ هتي ڏنو پيو وڃي.

Gul Hayat Institute

داود بن الوليد بن قرظه بن عبد عمرو بن نوفل، سندس پٽ الوليد بن داؤد، عبيدالله بن عتبه بن غزوان.

## بني امية بن عبد شمس بن عبد مناف:

اسماعيل بن خالد بن عقبه بن ابي معيط، ابو علبا مولي مروان بن الحكم، سليمان، عمرو الوليد.

## بني اسد بن عبدالعزي بن قصي:

وهب بن عبدالله بن زمعه بن الاسود بن المطلب بن اسد بن عبدالعزي، يزيد بن عبدالله بن زمعه، ابو سلمه بن عبدالله بن زمعه، المقداد بن وهب بن زمعه، ابن عبدالله بن زمعه، المغيره بن عبدالله بن السائب بن ابي حبيش بن المطلب بن اسد، عبدالله و عمرو (نوفل بن عدي بن نوفل بن اسد جا پٽ)، ابن عبدالرحمان بن عبدالله بن ابي ذؤيب بن عدي بن نوفل بن اسد، عدي بن تويت بن حبيب بن اسد.

## حلفائي بني اسد:

عبدالله بن عبدالرحمان بن حاطب بن ابي بلتعه، اسامه بن الخيار.

## بني عبدالدار بن قصي:

عبدالله بن عبدالرحمان بن مسافع بن طلحه بن ابي طلحه، عبدالله بن عبدالعزي بن عثمان بن عبدالدار، محمد بن ايوب بن ثابت بن عبدالمنذر بن علقمه بن ڪلدة، مصعب بن ابي عميره، يزيد ۽ زيد، مسافع جا پٽ، عبدالرحمان بن عمرو بن الاسود.

## بني زهرة:

Gul Hayat Institute

زيد بن عبدالرحمان بن عوف، ابان بن عبدالله بن عوف، عياض بن حسن بن عوف، محمد بن الاسود بن عوف، الصلت بن مخرمه بن نوفل بن وهيب بن عبد مناف بن زهرة، محمد بن المسور بن مخرمه، عبدالله بن عبدالرحمان بن الاسود بن عبد يغوث، اسماعيل بن وهيب بن الاسود بن عبد يغوث، عمير ۽ عمرو (سعد بن ابي وقاص جا پٽ)، اسحاق بن هاشم بن عتبه بن ابي وقاص، عمران بن عبدالرحمان بن نافع بن عتبه بن ابي وقاص، محمد بن نافع بن عتبه بن ابي وقاص.

**حلفائي بني زهرة:**

عثمان. الجلاس. محمد بنو العلا بن جاريه. ابو عبدالله بن موهب بن رياح. عبدالله و عبيدالله (بشر بن السائب جا پٽ).

**بني تيم بن مرة:**

يعقوب بن طلحه بن عبيدالله. عبيدالله بن عثمان بن عبيدالله بن عثمان بن عمرو بن كعب. عبدالله بن محمد بن ابي بكر الصدّيق. معبد بن الحارث بن خالد بن صخر بن عامر بن عمرو بن كعب.

**حلفائي بني تَيم:**

موسيٰ بن الحارث بن الطفيل. الحارث بن المنقذ بن الطفيل. عمار بن صهيب. مصعب ۽ خالد (محمد بن صهيب جا پٽ).

**بني مخزوم:**

عبدالله بن ابي عمرو بن حفص بن المغيرة. ابو سعد بن عبدالرحمان بن الحارث بن هشام. عبدالله بن الحارث بن عبدالله بن ابي ربيعه. و مسلم (مسلمه) بن ابي برد بن معبد بن وهب بن عائذ.

**بني عدي بن كعب:**

ابوبكر بن عبيدالله بن عمر بن الخطاب. عبدالله ۽ سليمان (عاصم بن عمر بن الخطاب جا پٽ). عمر (عمرو) بن سعيد بن زيد بن عمرو بن نفيل. ابوبكر بن عبدالرحمان بن سعيد بن زيد بن عمرو بن نفيل. محمد بن سليمان بن مطيع بن الاسود بن حارثه بن نضله بن عوف بن عبيد بن عويج. عبدالملك بن عبدالرحمان بن مطيع. عبدالله بن نافع بن عبد عمرو بن عبدالله بن نضله. ابراهيم بن نعيم بن عبدالله بن النحّام. محمد بن ابي الجهم بن حذيفه بن غانم. خديج (حديج) بن ابي حثمه بن حذافه بن غانم.

**حلفائي بني عدي بن كعب:**

اياس بن السري. يعلي بن السري. يوسف بن حبيب (بني ليث).

**بني سهم بن عمرو بن هصيص:**

ذؤيب بن عمرو بن خنيس بن حذاقه بن سعد بن سهم. مياح بن خلف. فضاله بن مياح.

Gul Hayat Institute

**بني جمح بن عمرو:**

عبدالملڪ بن حطّاب، الحارث بن معمر بن حبيب بن وهب بن حذافه بن جمح، حطاب بن الحارث بن حطاب، عمرو بن محمد بن حاطب، حاطب بن عمرو بن الحارث بن حاطب بن الحارث بن معمر.

**حلفائي بني جمع بن عمرو:**

عثمان (عمرو) بن ڪثير بن الصلت، نعيم بن لوط (يا لوط بن نعيم) بن الصلت الڪندي.

**بني عامر بن لؤي:**

عبدالرحمان بن حويطب بن عبدالعُزي، عبدالملڪ بن عبدالرحمان بن حويطب، ربيعه بن سهم (سهل) بن عبدالله بن زمعه، عبدالرحمان بن زمعه بن قيس، عمرو بن عبدالله بن زمعه، عبدالله بن عبدالله بن زمعه، عبدالله بن عبدالرحمان بن عمرو بن حاطب، سليط بن عبدالله بن عمرو بن هاشم (صاحب صحيفه قريش)، هاشم بن حمزة، هشام بن عبدالاسود بن هاشم بن ڪنانه، هشام بن عبدالله بن ڪنانه، ربيعه ۽ ڪنانه (هاشم بن ڪنانه بن عثمان بن حصن جا پٽ)، الخيار بن عبدالرحمان بن الخيار، ابو سليمان بن عبدالله بن الخيار، سليمان بن اويس بن سعد بن ابي سرح، ابو عمرو بن عبدالله بن عمرو بن اويس، الحارث بن عبدالله بن ڪنانه، ابو قيس بن عبدالرحمان بن عدي.

**بني حجير (حجر بن معيص):**

فضاله بن خالد بن نائله بن رواحه، عياض بن خالد بن نائله بن هرمز (هرم) بن رواحه، الحارث ۽ مسلم (خالد جا پٽ)، محمد بن عبدالرحمان بن الطفيل، عياض بن ابي سلام بن يزيد بن عبدالله بن مالڪ بن ربيعه بن وهب، زيد (يزيد) بن عبدالله بن مسافع بن اُنس بن عبد بن وهيب بن ضباب.

Gul Hayat Institute

**بني الحارث بن فهر:**

شعيب بن ابي عبدالله، مرداس بن عوف، ابراهيم بن اسرائيل، مصعب بن عبدالله بن ابي خيثمه.

## بني العجلان:

عمارة(عمار) بن سلمه، عبدالرحمان بن الحارث بن سلمه.

## بني معاوية بن مالك:

محمد بن بشير، عبدالله بن كليب، محمد بن جبير، عبيدالله بن جبير، عبيدالله ۽ العلاء (ثابت جا پٽ)، السائب بن عبدالله، ثعلبه ۽ عامر (الحارث بن ثعلبه جا پٽ)، سعد بن عبدالله، عبدالله بن حزم بن عمرو بن اميه، عتبه بن الاشعث بن كعب.

## بني عبدالاشهل:

عبدالله بن سعد بن معاذ، محمد بن بشير بن معاذ.

## بني زعوراءَ:

عمرو بن يزيد بن السكن، عباد بن راشد بن رافع بن قيس، موسيٰ بن عبدالله، جعفر بن ثعلبه، سلمه (مسلمه) بن عباد بن سلكان، عباد بن سلكان بن سلامه بن وقش، شيبه بن عبدالعزيز.

## النبيت:

سعيد بن جبير، عبدالله بن سعد، عباد، ساعد، جبيرة بنو سعد.

## بني حارثة بن الحارث:

عبدالله بن عبدالرحمان بن سهل، كنانه بن سهل بن عبدالله بن اوس بن قيظي، عبدالله بن اويس، سهل بن ابي امامه حليف، جعفر بن ثعلبه بن محيصه، وساعدة بن اسد بن ساعدة، يزيد بن محمد بن سلمة.

## بني ظفر:

عمرو، محمد ۽ يزيد (بنو ثابت بن قيس بن الخطيم)، محمد بن ابي نمله بن زرارة.

Gul Hayat Institute

## بني مالڪ بن النجار (الخزرج):

عمرو بن سعيد بن الحارث بن الصمه، سعيد، سليمان، زيد، يحيٰ، عبيدالله بنو زيد بن ثابت بن الضحاڪ، محمد ۽ زيد (عمارة بن زيد بن ثابت بن الضحاڪ جا پٽ) محمد بن عمرو بن حزم، عبدالرحمان، عثمان، عبدالملڪ (بنو محمد بن عمرو بن حزم)، عبدالله، جابر، معاويه بنو عمرو بن حزم، العلاءَ بن عبدالله بن رقيم بن نضله، عمرو بن المعلي بن عمرو العلا بن عبدالله بن نعيم بن نضله، مالڪ بن معاذ بن عمرو بن قيس، محمد بن عبدالله بن عبدالرحمان بن اسعد بن زرارة، قيس بن سعد بن قيس بن عمرو بن سهيل، عبدالرحمان بن ابي الزناد، ابراهيم بن تميم بن قيس بن فهد، عبدالرحمان بن سعد، عبدالرحمان بن معاذ، خالد بن صفوان، وعبدالرحمان بن سعد، زيد بن ابي عمرو بن عمرو بن محصن، يحيٰ بن عمرو، محمد بن ابي ڪعب، عائذ بن ابي قيس بن انس بن قيس، انس بن محمد بن عبدالله بن ابي طلحه، عمرو بن ابي عمرو، اسماعيل بن عبدالرحمان بن حسان بن ثابت، محمد بن عبدالملڪ بن نُبيط، عامر بن عقبه، عمارة بن عمرو بن حزم، قيس بن ابي الورد بن قَهد.

## بني عدي بن النجار:

بڪر بن عبدالله بن قيس بن صرمه، مالڪ بن سواد بن غزيه، عون بن رفاعه، عمرو بن عبدالله، الحارث بن سراقه، عبدالله ۽ يحيٰ (انس بن مالڪ جا پٽ).

## بني دينار بن النجار:

سعد بن عمير بن اُهيب.

Gul Hayat Institute

## بني مازن بن النجار:

عمرو بن تميم بن غزيه، نعمان بن عمرو بن سعد بن عمرو بن غزيه، سعد ۽ جعفر (ابي داود بن عمير بن مالڪ جا پٽ)، عبدالله بن زيد بن عاصم، سندس پٽ ابو الحسن، عبدالله بن حارث بن عبدالله بن ڪعب، سندس پائر عبدالرحمان ۽ قيس، عمرو بن ابي الحسن، عتبه بن جرير، حڪيم بن ابي قحافه.

## بني الحرث بن الخزرج:

عبدالرحمان بن خبيب بن اساف، محمد بن عبدالرحمان بن خالد بن اساف، محمد ۽ عبدالله (خالد بن اساف جا پٽ)، عبيدالله بن أنيس بن سڪن بن اساف، سعد بن ڪليب بن اساف، محمد، يحيٰ، عبدالله بنو ثابت بن قيس بن شماس، وابو نعيم بن ابي فضاله بن ثابت، لبيب بن بسر بن يزيد، عبدالله بن عتبه بن سماڪ، عبدالرحمان بن عبدالله بن حصين، عبدالله بن الربيع بن سراقه، السائب بن عبدالله بن ثعلبه، عامر بن الحرث بن ثعلبه، سعد بن عبيدالله، عبدالله بن حسن بن عمرو بن اميه، عتبه بن الاشعث بن ڪعب.

## بني عوف بن الخزرج:

عبدالله بن ربيعه بن بلال.

## بني سالم بن عوف:

نوفل بن محمد بن عباد بن عبادة بن الصامت، محمد بن ڪعب بن عجزة، سعد بن ڪعب بن عجزه، ثابت بن عبدالله بن اياس.

## بني سلمة:

معاذ بن الصمه، ايوب بن عبدالله بن معاذ، عمرو بن خشرم، عبدالرحمان بن ابي قتادة بن ربعي، يزيد بن ابي اليسر، يحيٰ بن صيفي بن الاسود بن وهب بن ڪعب بن مالڪ بن محمد بن عبدالرحمان بن ابي المنذر.

## بني بياضة:

Gul Hayat Institute

عبدالله بن زياد بن لبيد.

## بني زريق:

عروة بن ابي عمارة، سندس پٽ عثمان بن عروة، عقبه بن ابي عمارة، ان جو ڀاءُ مسعود، سعد بن عثمان بن خلدة، سلمه بن قيس بن ثابت بن خلدة، عامر بن عبدالرحمان بن عمرو، المطلب بن عامر بن عمرو بن خلدة، الحارث بن رفاعه بن رافع بن مالڪ، و سليمان بن ابي عياش بن معاويه بن صامت.

## آل المعليٰ:

سعيد بن ابي سعيد بن اوس بن المعلي، سهل بن ابي سعيد. الحارث بن عتبه بن عبيد بن المعلي، محمد بن عمرو بن قيس، ڪثير بن افلح موليٰ ابي ايوب الانصاري رضي الله عنه[174]

## 3: ستين جو ٿان:[175]

"مير ابوالقاسم نمڪين[176] گورنري کان پوءِ فقط جاگير حاصل ڪري هميشه لاءِ بکر ۾ روهڙي ۾ رهجي ويو ۽ روهڙي کان الهندي پاسي کان هڪ ٽڪري تي جنهن کي ان زماني ۾ "ڪار ماتري" چوندا هئا. ان کي "صفه صفا" نالو ڪري پنهنجي خاندان جي قبرستان لاءِ مقرر ڪيو.

هو وڏو عالم ۽ خوشخط ۽ اهل قلم هو. هو ايڏو ڪائو هو جو هڪ هزار انب ۽ هزار صوف ۽ مڻ تور هنداڻو هڪ ڏينهن ۾ ڪائي ويندو هو. انهيءَ زماني ۾ الور (اروڙ) سندس جاگير ۾ هئو. جتي هڪ مڻ تور به هنداڻا ٿيندا هئا. هن ڪيترين ئي شاديون ڪيون هيون. 22 پٽ ڇڏي هن دنيا فاني مان 1018هه[177] ۾ وفات ڪري ويو ۽ صفه صفا ۾ دفن ٿيو جنهن کي اڄ ڪلهه جا جاهل ماڻهو ستين جو ٿان ڪري سڏيندا آهن. هي بيان سندس شاگرد شيخ فريد بکري جي ڪتاب تان ورتل آهي ۽ ان جو چشم ديد بيان آهي.

"ستين جو ٿان" مير ابوالقاسم جي خاندان واري مقبري کي اڪبري زماني ۾ ڪار ماتري سڏيو ويندو هو ۽ ابوالقاسم ان ٽڪريءَ کي گهڙائي مٿيون صحن سڌو ڪرائي ان تي قبرستان ڪرايو جنهن کي هن صفه صفا. نالو ڏنو ۽ ٽڪري جي هيٺين پاسي کان ڪي حجرا ۽ جايون به ٺهرائي ڇڏيائون. "لب تاريخ" جي مصنف ان پهاڙي کي "قاسم خواني" جي نالي سان سڏيو آهي. انهيءَ پهاڙي جي ايترن جدا جدا نالن هوندي به خبر نٿي پوي ته ڪار ماتري يا صفه صفا تي ستين جو ٿان چو نالو ٿيو آهي. يائنجي ٿو

---

[174] تاريخ خليفا ابن خياط ص: 155/154/153/152/151/150.

[175] تذڪره مشاهير سنڌ، ص: 147/146/145/144.

[176] مير نمڪين جي سوانح لاءِ پير حسام الدّين جو مقالو پڙهڻ گهرجي.

[177] 1018هه/1610ع.

تہ صفہ صفا مان ڦري گهري ستين جو ٿان ٿيو آهي. جاهل ماڻهن جو چوڻ آهي تہ حجرن ۾ اندر بيبيون ستيون رهن ٿيون. جن جي ناليءِ ۾ ايندڙ ويندڙن کان نذر نياز ڦريندا رهندا آهن. هوڏانهن ڪا بہ غير شادي شده زال اتي ڪا نہ رهي ٿي ۽ نہ وري غير آباد حصہ ۾ زالن رهڻ جي ضرورت ئي آهي.

سنڌ جي هڪ ڏند ڪٿا تي هندو تاريخ نويس لکيو آهي تہ: جڏهن مسلمانن بکر تي حملو ڪيو هو. تڏهن راجپوت عورتن پنهنجي ست بچائڻ لاءِ انهيءَ جاءِ تي اچي پاڻ کي باهہ ۾ ساڙي آپگهات ڪيو. جنهن ڪري ان تي ستين جو ٿان نالو پيو آهي. پر پوءِ مسلمانن اتي قبرون ٺهرائي ٿان کي بگيڙي ڇڏيو آهي. اهو حملو ڪڏهن ٿيو ۽ راجپوت بکر جي علائقي ۾ ڪڏهن حاڪم هئا؟ ان تي ڪا بہ روشني پيل ڪا نہ آهي. هندو تاريخ نويس عام طرح جاهل ٿيندا آهن. پوءِ هر هڪ ڳالهہ ۾ ٽنگ اڙايو ويٺا ڏند ڪٿائون ڪندا آهن. ورنہ حقيقت ۾ انهيءَ اڻ سڌي ٽڪري جي درستي ۽ قبرستان جو ٺهڻ ۽ هيٺ جايون ۽ حجرن اڏائڻ جو سمورو ڪم مير ابو القاسم نمڪين جي هٿان ٿيو ۽ سندس شاگرد ۽ مورخ شيخ فريد بکري جي سامهون ٿيو جنهن "ذخيرة الخوانين" ۾ ان جو تفصيل سان ذڪر ڪيو آهي ۽ انگريز مؤرخن بہ ساڳي ئي ڳالهہ لکي آهي. جن سنڌ جي آثار قديمہ تي تحقيق کان پوءِ ڪتاب لکيا آهن. جيئن تہ مسٽر بلاڪمين[178] (مترجم آئين اڪبري) لکي ٿو تہ: روهڙيءَ جي قريب ڏکڻ طرف درياءَ جي ڪناري واري جنهن شاخ کي ڪار ماتري جي ناليءِ سان سڏين ٿا. اها هڪ ننڊي ٽڪري آهي جنهن کي مير ابوالقاسم نمڪين پنهنجي مقبري لاءِ سڌو ڪرائي مٿس نالو رکيو هو صفہ صفا. ان تي سندس پوين جون بہ تربتون آهن.

سر رچرڊ برٽن[179] 19 صدي عيسوءِ ۾ انهيءَ جاءِ جو معائنو ڪري ان بابت جو ڪجهہ لکيو آهي سو سندس اکرن ۾ ڏيون ٿا. لکي ٿو تہ: "جيئن

---

[178] Heinrich Ferdinand Blochmann was son of Erivest Ehrenfried Blochmann. He was born on 8th January 1838 at Dresden, Germany and died on 13th July 1878 at Kalkatta, India

[179] Sir Richard Francis Burton son of Lt. Colenel Joseph Nettevville Burton was born on 18th March 1821 at Torquay, Devon, England and he died on 20th October 1890 in Trieste, Austria.

ڏڪڻ پاسي ڪان ڏاڪڻ تان چڙهجي ٿو تيئن ڏاڪڻ جي اڌ ڪان پوءِ هڪ ننڍي هال ۾ پهچون ٿا جنهن جي ٻنهي پاسن ڪان مجاورن جي رهڻ جا گهر يا گدام آهن. ٻئي پاسي واري جاءِ ڪي قفل لڳل هو ۽ چون ٿا تہ انهيءَ ۾ ستين جو آستانو آهي، مگر مان دروازي مان جهاتي پائي ڏٺي تہ مونکي ڪا بہ شيءِ نظر ڪا نہ آئي. اتان وري پوءِ ٻي ڏاڪڻ ملي ٿي جنهن تان چڙهي هڪ ايوان تي پهچجي ٿو جو ٽڪري جي چوٽيءَ تي آهي، جنهن تي قبرن جا مجموعا آهن. جن مان مکيہ قبر مير سيد ابوالقاسم جي آهي." ان ڪان پوءِ قبرن جي ترتيب وغيره جو تفصيل ڏنل آهي. هن مان هي بہ ظاهر آهي تہ هندن جي ستين جو سڙڻ يا مسلمانن جي ٻي نڪاحي عورتن جي لڪي ويهڻ جون سموريون ڳالهيون ڪوڙيون ۽ واهيات آهن، جن ڪي ٻي سمجھ ماڻهن خواهہ مخواهہ ڪري مشهور ڪيو آهي.

Gul Hayat Institute

# تذکرهٔ مخدومانِ هالا

## حصو ٻيو

(1205_1364هه/1790_1944ع)

Gul Hayat Institute

حضرت مخدوم محمد امين ثاني رحمة الله عليه
(1205_1252ھ / 1790_1836ع)

حضرت مخدوم محمد زمان رابع رحمة الله عليه
(1233_1269ھ / 1818_1852ع)

حضرت مخدوم محمد امين ثالث رحمة الله عليه
(1254_1303ھ / 1838_1886ع)

حضرت مخدوم محمد زمان سرڪار رحمة الله عليه
(1278_1331ھ / 1861_1913ع)

حضرت مخدوم محمد ظهير الدين رحمة الله عليه
(1280_1345ھ / 1863_1927ع)

حضرت مخدوم غلام محمد "مغموم" عرف گل سائين رحمة الله عليه
(1303_1364ھ / 1886_1944ع)

شجرا

تصويرون

مددي ڪتاب/ذريعا

انڊيڪس

Gul Hayat Institute

# حضرت

# مخدوم محمد امين ثاني

# صدّيقي قريشي هالائي رحمة الله عليه

(11_ سجّاده نشين درگاهہ شريف، هالا)

(ولادت: 1205هہ/ 1790ع مرتضيٰ آباد، هالا نوان)

(سجّاده نشيني: 1223هہ/ 1809ع)

(وصال: 1252هہ/1836ع مرتضيٰ آباد، هالا نوان)

(مدفن: ننڍو قبو، درگاهہ شريف)

Gul Hayat Institute

سلسلهٔ نسب

والد بزرگوار جي طرف کان

والده ماجده جي طرف کان

ولادت مبارڪ

شادي ۽ اولاد

سجاده نشيني

ليفٽيننٽ ايڊورڊ ڊيل هوسٽي جي حالا ۾ آمد

وصال

ضميما

واقعاتي تاريخ (1223_1252هه / 1809_1836ع)

Gul Hayat Institute

# حضرت مخدوم محمد امين ثاني صدّيقي قريشي هالائي رحمة الله عليه

(1205-1252هه/1790-1836ع)[180]

سلطان السندّ صاحب الفيض والفتوح ڪامل مڪمل مرشد حضرت غوث الحق مخدوم نوح رحمة الله عليه[181] جي يارهين سجّاده نشين اعليٰ حضرت مخدوم محمد امين ثاني جن جي هستيءَ جو ظهور فاتح سندّ مير فتح علي خان ٽالپر جي دور حڪومت ۾ ٿيو.[182] پاڻ شريعت جا پابند، بامروت، ڪريم النفس ۽ صاحب جود و سخا هئا. رات ۽ ڏينهن جو وڏو حصو عبادتِ الاهي ۾ گذاريندا هئا. متقي، زاهد ۽ عابد ٿي گذريا آهن. سندن روز مره جي عبادت متعلق تحفة الاولياءَ ۾ لکي ٿو:

"حضرت مخدوم میاں امین محمد ثانی صاحبِ دستارہ یازدہم روز مرہ سورۃ مزمل چہل ویکبار (41) ہر روز وظیفہ بود و صلوات کریمہ ہر روز پنج ہزار بار (5000) وتہلیلہ شریفہ ہر روز دہ ہزار بار (10000) می خوانده اند و دعوت اینہ شریفہ یعنی مفتاح الاوراد را شش لک (600000) خوانده بود ازان پس دو ہزار بار ہر روز میخواندند تاز آخر الیوم."[183]

---

[180] سندّ جي بزرگ اديب مولانا دين محمد وفائي صاحب غلط فهميءَ وچان، مشاهيرِ سندّ ۾ حضرت مخدوم محمد امين ثالث عرف پکن ڏٽي سائين رحمة الله عليه جن جي ذڪر جو عنوان سندن نالي يعني "حضرت مخدوم امين محمد ثاني" سان ڪيو آهي، ڏسو حوالو نمبر 1، ص: 147.

[181] پيغام نوح رحمة الله عليه ۾ حضرت مخدوم نوح رحمة الله عليه جن جا متعدد القاب لکيل آهن جن مان هڪڙو 'سلطان السندّ' آهي.

[182] ڏسو ضميمو: 1.

[183] تحفة الاولياءَ، قلمي، ص: 134/135.

Gul Hayat Institute

محمد ثاني عرف ميرپير بن حضرت مخدوم محمد زمان ثاني بن حضرت مخدوم مير محمد اوّل بن حضرت مخدوم ميان محمد عرف مٺن بن حضرت مخدوم ميان مير محمد بن حضرت مخدوم ابو محمد ابوالخير بن حضرت مخدوم محمد امين اوّل بن حضرت غوث الحق مخدوم نوح صدّيقي قريشي هالائي رحمت الله عليہ.

## ولادت مبارڪ:

حضرت مخدوم محمد امين ثاني رحمة الله عليه جن جي ولادت، حضرت غوث الحق مخدوم نوح عليہ الرحمت جن جي نائين سجّاده نشين حضرت مخدوم محمد زمان ثالث رحمة الله عليه جن جي دور سجادگيءَ ۾ 11-ربيع الثاني 1205ھ[186] مطابق 19- ڊسمبر 1790ع[187] تي موجوده هالا نوان سنڌ ۾ ٿي. پاڻ حضرت غوث الحق مخدوم نوح فقير رحمة الله عليه جي سجّاده نشينن ۾ پهريان بزرگ هئا جن جي ولادت نئين ٻڌل ڳوٺ، هالا نوان ۾ ٿي. ساڳئي سال ۾ درگاهه حضرت مخدوم نوح عليہ الرحمت جو وڏو قبو جڙي راس ٿيو.[188]

سندن والد بزرگوار حضرت مخدوم ميان پنيلڏي بن عثمان رحمة الله عليه (1771-1819ع) جن ٻہ شاديون ڪيون هيون، پاڻ پهرئين گهر مان تولّد ٿيا ۽ سيني ڀائرن ۾ وڏا هئا. سندن ٻانگ جو نالو "محمد امين" هئو جيڪو سندن ستين ڏاڏي ۽ حضرت غوث الحق مخدوم نوح رحمة الله عليه جن جي پهرئين سجّاده

---

[186] رفيق حيات شاعر نمبر، ص: 159. پيغام نوح، قلمي، ص: 15 ۽ تحفة الاوليا، قلمي، ص: 88/78 تي سندن ولادت جي تاريخ 1- صفر المظفر 1205ھ ڄاڻائي وئي آهي جيڪا عيسوي سن مطابق 11- آڪٽوبر 1890ع ٿئي ٿي، جيئن تہ بعد جي تحقيق مان 'رفيق حيات شاعر' ۽ 'پيغام نوح' واري ولادت تاريخ ڪي متفق طور تي صحيح قرار ڏنو ويو هئو. ان ڪري هتي بہ اها تاريخ ڏني اٿم. (مصنف).

[187] تقويم هجري، قلمي.

[188] حضرت غوث الحق مخدوم نوح رحمة الله عليه جن جو وڏو قبو، حضرت مخدوم محمد زمان ثاني رحمة الله عليه جن 1202ھ/1791ع تي تعمير ڪرائڻ شروع ڪيو جنهن کي فاتح سنڌ مير فتح علي خان ٽالپر تڪميل تي پهچايو. (ڏسو: تحفة الاوليا، گنجينۀ اولياءَ، مضامين طالب المولي، تاريخ درگاهہ حضرت مخدوم نوح رحمة الله عليه قلمي ۽ پيغام نوح رحمة الله عليه.)

Gul Hayat Institute

نشين، حضرت مخدوم محمد امين اوّل رحمة الله عليه جن جي نسبت جي ڪري مٿن رکيو ويو هو.

حضرت مخدوم محمد امين ثاني رحمة الله عليه جن جو نانو "بانيءِ شهر هالا نوان" حضرت مخدوم مير محمد ثاني المعروف حضرت مخدوم مير پير بن حضرت مخدوم محمد زمان ثاني رحمة الله عليه، حضرت غوث الحق مخدوم نوح فقير رحمة الله عليه جن جو ائون سجّاده نشين هئو.[189]

## شادي ۽ اولاد[190]:

حضرت مخدوم محمد امين ثاني رحمة الله عليه جن ٽي شاديون ڪيون، ڪين چار نياڻيون ۽ چار فرزند تولد ٿيا. سندن پهرئين شادي، سندن مامي، درگاهه حضرت غوث الحق مخدوم نوح رحمة الله عليه جي نائين سجّاده نشين، حضرت مخدوم محمد زمان ثالث رحمة الله عليه[191] بن حضرت مخدوم مير محمد ثاني رحمة الله عليه

---

[189] **حضرت مخدوم مير محمد ثاني (1738_1789):**

بانيءِ شهر هالا نوان حضرت مخدوم مير محمد ثاني عرف حضرت مخدوم مير پير جن جي ولادت 10_ جون 1737ع تي سندن آبائي ڳوٺ هالا پراڻا (اسلام پور) ۾ ٿي. پاڻ 1770ع تي سندن والد بزرگوار حضرت مخدوم محمد زمان ثاني رحمة الله عليه جن جي جاءِ تي، حضرت غوث الحق مخدوم نوح رحمة الله عليه جن جا ائون نمبر سجّاده نشين ٿيا. "هالا نوان" تعمير ڪرايائون ان ڪري کين 'بانيءِ شهر هالا نوان' جي لقب سان لکيو ويندو آهي. سندن انتقال، فاتح سنڌ مير فتح علي خان ٽالپر جي اوائلي دور حڪومت ۾ 19_ ڊسمبر 1789ع تي ٿيو ڪين درگاهه حضرت مخدوم نوح رحمة الله عليه ۾ وڏي قبي جي ڏکڻ طرف کان سپرد خاڪ ڪيو ويو جتي بعد ۾ مير فتح علي خان قبو تعمير ڪرايو جنهن کي 'ننڍو قبو' سڏجي ٿو. حضرت مخدوم مير محمد ثاني رحمة الله عليه جن جي مزار ننڍي قبي ۾ اُڀرندي پاسي کان ٻئي نمبر تي آهي.

[190] تحفة الاولياءَ، قلمي، ص: 88.

[191] **حضرت مخدوم محمد زمان ثالث رحمة الله عليه (1766_1807):**

بانيءِ قبهٔ حضرت مخدوم نوح رحمة الله عليه، حضرت حافظ حڪيم مخدوم محمد زمان ثالث رحمة الله عليه بن بانيءِ شهر هالا نوان حضرت مخدوم مير محمد ثاني رحمة الله عليه جن جي ولادت 15_ نومبر 1766ع تي هالا پراڻا ۾ ٿي. پاڻ سندن والد بزرگوار جي وصال بعد 22_ ڊسمبر 1789ع تي حضرت غوث الحق مخدوم نوح رحمة الله عليه جن جي گاديءَ تي ويٺا. سن

جن جي نياڻيءَ سان ٿي، جنهن مان ٻه فرزند، حضرت پير ميان بچيل ؒ ۽ حضرت پير ميان مير محمد ؒ تولد ٿيا. ٻي شادي حضرت پير ميان محمد علي بن پير ميان عبدالڪريم صدّيقي قريشي ؒ[192] جن وٽان ڪيائون، جنهن مان هڪڙو فرزند حضرت مخدوم محمد علي المعروف حضرت مخدوم محمد زمان رابع ؒ ۽ ٽي نياڻيون تولد ٿيون. ٽئين حرم مان هڪڙو فرزند، حضرت پير ميان جان محمد ۽ هڪڙي نياڻي تولد ٿي.

سندن ٽئين فرزند حضرت مخدوم محمد زمان رابع ؒ کان سواءِ باقي سڀني صاحبزادن جو انتقال سندن حياتيءَ ۾ ٿيو ان ڪري انهن جو گهڻو احوال موجود ناهي.

## سجّاده نشيني:

حضرت مخدوم محمد امين ثاني ؒ جن واليءِ سنڌ مير غلام علي خان ٽالپر جي دور حڪومت ۾ 13_ذوالحج 1223ھ مطابق 29_ جنوري 1809ع تي يارهين سجّاده نشين جي حيثيت سان حضرت غوث الحق مخدوم نوح ؒ جن جي مسندِ خلافت تي ويٺا. ان وقت سندن عمر مبارڪ ويهه سال هئي.

پاڻ هميشه احڪام الاهي ۽ سنت شريف تي عمل ڪرڻ جي تلقين ڪندا هئا. سجّاده نشيني جو سمورو دور خلق جي خدمت ۾ گذاريائون. سندن روحاني رمزن، علم ۽ شفقت مان هزارين سڪايل مستفيض ٿيا.

سندن سجادگيءَ جو دور تقريباً 27 سالن تي محيط هئو ان دوران سنڌ تي ٽالپرن جي ڇئن حڪمرانن مير غلام علي خان[193]، مير ڪرم علي

---

1202ھ (ڊسمبر 1789ع/جنوري 1790) ۾ حضرت غوث الحق مخدوم نوح ؒ جن جو وڏو قبو تعمير ڪرايائون. پاڻ حافظ القرآن ۽ حاذق حڪيم هئا. سندن انتقال 27_ مارچ 1807ع تي ٿيو. کين درگاهه شريف جي ننڍي قبي ۾ سندن والد بزرگوار جي پرسان اپرندي پاسي سپرد خاڪ ڪيو ويو.

[192] ڏسو حوالو 208، ص: 94.

[193] **مير غلام علي خان ٽالپر (وصال: 1811ع):**
مير غلام علي خان ولد مير صوبدار خان ٽالپر، پهرين چؤياري جو ٻيو رڪن هئو

خان[194] مير مراد علي خان[195] ۽ مير نور محمد خان حڪومت ڪئي.

---

جيڪو سندس پاڻ فاتح سنڌ، مير فتح علي خان ٽالپر جي انتقال بعد 16_ محرم 1217هه مطابق 1802ع تي سنڌ جو حاڪم ٿيو. سندس دستاربندي جي موقعي تي خيرپور جي حڪمران مير سهراب خان ٽالپر سميت سڀئي مير صاحبان موجود هئا. مير غلام علي خان سن 1218هه ۾ ميرپورخاص جي حاڪم مير ٺاري خان سان جنگ ڪئي جنهن ۾ فتح ياب ٿيو. 1803ع تي هُن انگريزن سان ڳالهيون شروع ڪيون، نتيجي ۾ سنڌ حڪومت ۽ برطانيا سرڪار وچ ۾ ٻه معاهده ٿيا. پهريون 24_ جولائي 1808مطابق 1_جمادي الثاني 1223هه ۽ ٻيو 9_ نومبر 1820ع تي ٿيو. مير غلام علي خان ٽالپر تقريباً 9 سال حڪومت ڪئي. سندس انتقال 6_ جمادي الثاني 1227هه مطابق 16_ جون 1812ع تي ٿيو.

194 **مير ڪرم علي خان ٽالپر (وصال: 1828ع):**

سرڪار عظمت مدار مير ڪرم علي خان ٽالپر، سندس پاڻ مير غلام علي خان ٽالپر جي وصال 6_ جمادي الثاني 1227هه مطابق 16_ جون 1812ع بعد فرمانروا ٿيو. مير صاحب وڏو صاحب ذوق ۽ بلند پائي جو شاعر پڻ هئو. سندس ٻه تصنيفون 'ديوان ڪرم' ۽ 'مجموعہ دلڪشا' موجود آهن. مير غلام علي خان ٽالپر جي ڏينهن ۾ رنجيت سنگهه 'راجا' جو لقب اختيار ڪيو ۽ 1820ع تي هن دريائي ستلج ۽ دريائي سنڌ جي وچ واري سموري علائقي تي قبضو ڪري ورتو ان ڪان علاوه، مير ڪرم علي خان جو زمانو شاهه شجاع الملڪ پاران سنڌ تي حملن ۽ سازشن سان ڀرپور ڏسڻ ۾ اچي ٿو. مير ڪرم علي خان ٽالپر 16 سال حڪومت ڪئي، سندس انتقال 12_ جمادي الثاني 1244هه مطابق 19_ ڊسمبر 1825ع تي ٿيو. سندس وصال جي تاريخ (بادابهشتش بارگاهه) مان نڪري ٿي. مير علي شير قانع ٺٽوي جو فرزند مير غلام علي مائل (ولادت: 1171هه/1767ع، وصال: 19 ذوالحجه 1251هه/6 اپريل 1836ع) ۽ مير صابر علي صابر (وصال: 1286هه/70_1869ع) سندس دربار جا مشهور شاعر هئا.

195 **مير مراد علي خان ٽالپر (وصال: 1833ع):**

سرڪار بلند اقتدار، سرڪار جهان مدار مير مراد علي خان ٽالپر، ڊسمبر 1828ع تي سندس پاڻ مير ڪرم علي خان جي انتقال بعد سنڌ جي تخت جو وارث بڻيو. 20_اپريل 1832ع تي هينري پاٽنجر سان معاهدو ڪيائين جنهن جي توثيق 19_ جولائي 1832ع تي لارڊ ٻنتڪ، گورنر جنرل هندستان ڪئي. 1831 ۾ سندس قابل مشير نواب ولي محمد خان لغاري جو انتقال ٿيو ۽ ان جي فوراً بعد سنڌ جي مير صاحبن جي اتحاد ۾ نفاق پيدا ٿيو. 1248 مطابق 32_1833ع ۾ مير مراد علي خان مصلحتاً شاهه شجاع الملڪ کي سنڌ اچڻ

## ليفٽيننٽ ايڊورڊ ڊيل هوسٽي جي هالا ۾ آمد[196]:

جون 1829ع ۾ ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي ڪورٽ آف ڊائريڪٽرز جي حڪم تي بمبئيءَ جي گورنر لارڊ ڪليئر (Lord Clare)، ليفٽيننٽ هينري پوٽنجر (3 آڪٽوبر 1789ع/ 18 مارچ 1856ع)[197] جي اڳواڻيءَ ۾ ڇهن تجربيڪار آفيسرن تي مشتمل هڪڙو وفد، سنڌ جي ميرن سان ڳالهين لاءِ سنڌ ڏانهن روانو ڪيو انهيءَ وفد جو هڪڙو رُڪن سنڌو درياءَ جي ڪناري تي سفر ڪندو، تاريخ 20- فيبروري 1832ع تي[198] هالا پهتو جتي سندس ملاقات حضرت مخدوم محمد امين ثاني ﷫ جن سان ٿي، جنهن ملاقات جو تفصيلي بيان هن پنهنجي سفرنامي ۾ هن طرح ڪيو آهي:

---

جي دعوت ڏني. مير مراد علي خان اديب ۽ شاعر هئو سندس تي ڪتاب 'ديوان فارسي' 'محڪ خسروي' ۽ 'طب مراد' موجود آهن. مير صاحب تقريباً 2 سال حڪومت ڪئي، سندس وصال 6- جمادي الثاني 1249هه مطابق 24- آڪٽوبر 1833ع تي ٿيو. (تفصيل لاءِ ڏسو تاريخ سنڌ ۽ A Short History of Sindh، عيسوي سن تقويم هجري تان ورتل آهن).

[196] ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ سنڌ ۾ قدم ڄمائڻ لاءِ، واپار وهنوار جي بهاني سان سال 1635ع ۾ ٺٽي ۾ پهرين فيڪٽري کولي جيڪا 27 سال قائم رهڻ بعد 1662ع ۾ بند ڪئي وئي. 1758ع ۾ ڪلهوڙن جي اجازت سان ٻي فيڪٽري جو آغاز ٿيو جيڪا پڻ 17 سال هلي ۽ 1775ع ۾ بند ٿي وئي. انگريزن، هندستان تي حڪومت قائم ڪرڻ کان پوءِ سڀ کان پهرين سنڌ تي قبضو ڪرڻ جو منصوبو ناهيو ۽ ان کي عملي جامو پارائڻ لاءِ گورنمينٽ آف انڊيا، 1800-1799ع ۾ ناٿن ڪرو (Nathan Crow) 1809ع ۾ ڪئپٽن ڊيوڊسيٽن (Captin David Seton) ۽ نڪولس هينڪي سمٿ (Nicholas Hankey Simith)، 1820ع ۾ سي-ايف سيڊليئر (C.F Sadlier) ۽ 1829ع ۾ هنري پاٽينجز جي اڳواڻيءَ ۾ فوجي آفيسرن تي مشتمل وفد، سنڌ جي حڪمرانن سان واپار ۽ ڪاروبار بابت ڳالهين لاءِ سنڌ ڏانهن موڪليا جن واپار ۽ تجارت متعلق سطحي ڳالهين سان گڏوگڏ سنڌ ۽ اتي جي رهندڙن بابت پڻ اهم معلومات گڏ ڪئي جيڪا انگريزن کي سنڌ تي حملي (1843ع) وقت ڪم آئي. (تفصيل لاءِ ڏسو: Sindh Analyzed, P: 106-107.)

[197] تاريخ سنڌ، جلد 2، ص: 678.

[198] 20 فيبروري 1832ع مطابق 18 رمضان المبارڪ 1247 هجري

Gul Hayat Institute

**February 20th:**

Moved on 8 miles in the same direction to Salarrah, a village of 500 houses, 1,200 inhabitants, 1/4 mile from the Indus. The road to this was through jungle and intersected by several deep water courses from Salarrah. A ride of one mile along the left bank of the Indus brought us to Gotanna, which is on the very edge of the river. It is here 1 1/2 miles broad, current 1 1/4 per hour. There was a small island opposite to the place, crossed a very deep and broad water course which conveys water towards Meerpoor, 10 miles from Gotanna in the same direction, or if anything rather more east, lies Halla or as it is called Halla Gunja. During the latter part of the march (which I conceive to be a distance of miles) we made a good deal of progress. The appearance of the weather was unfavourable, I determined on stopping at Halla. which being a Peer's town I knew I should be well received. It was past 2 o clock when we reached our ground, having been upwards of 6 hours on the road.

As I was sitting under a tree waiting until! the camels were unladen, some well dressed people entered into conversation with me, and asked if we had come for the purpose of visiting the celebrated Peer Makhdoom Nooh. I replied, no, that I was on my way to Khyrpoor, they recommended us to visit the Peer, and also the Musjids and tombs of the place; as I was curious to find out whether the peer would discover me, I proceeded to his house which was in the town, surrounded by a pretty high wall the top of which was ornamented with the horns of the Katapacha (a Species of deer.) We were shown into a large oblong

Gul Hayat Institute

apartment, the sides and roof of which were beautifully carved and painted and the whole of the floor richly carpeted, giving the place and appearance of comfort far superior to the apartment of the Ameers. At the end of this room was small square couch near which we seated ourselves. After waiting a short time, the Peer made his appearance. I was surprised to find him quite a young man of five and twenty years of age instead of a venerable old gentleman with a white beard. His countenance was pleasing and manners particularly good. We rose on his entrance, and he advanced and gave us his hand to kiss. I at once saw he had no idea of my being a European, he then requested we would be seated and asked me who I was? I said "a soldier" in the service of the British Government proceeding with letters to Meer Rustam Khan of Khyrpoor. He asked if I had Meer Moorad Ali's permission to which Quaem Khan our guide who was present replied and said he was directed to show us the way, the Peer turned to me and said, "are there many of you Patans in the service of the ferengees?". I said "yes, a great number". That there were however only thirty with the elchçe at Hyderabad. He then asked a number of odd questions about the English. If they were good people, whether they ever prayed? If they were not very clever? and if it was true that they were all white, had white eyes, hair and bodies? if so said he they must be very ugly. I laughed at this part of his speech and gave the necessary replies to it as well as to his other questions. The Peer then enquired if it was true that the son of Shah Shuj-ul- Mulk was with the English at Hyderabad, and whether they were not going to take Shikarpoor by surprize. The Jamadarre replied, that it

Gul Hayat Institute

was a foolish report, and quite false, that there was no such person with the mission and that as to the English taking Shikarpoor, that they came as friends and were incapable of treachery. We shortly after took our leave and I desired Quaem Khan to explain to the Peer that I was a Sahib (English gentleman) at which he was much amused and said, He is right, the fakirs and beggars are very annoying to strangers, but I should not have thought he was a European."

It rained all night and untill 12 o'clock this day February 21st, I was therefore, compelled to remain until 2pm, to let the tents dry a little.

Halla is a large and populous town containing 4, 000 inhabitants with a rich and extensive bazaar, part of a town belong to the Peer, who is very polite and has great influence over the people. They are much better treated in Peer's village than in any other town in Sind and it often happens when illtreated by the Ameers, they take refuge in these towns where they become safe from all further prosecution. There is a handsome Mosque and dharamshalla north-west of the town; to the north-west of Halla. distant about one mile, are the ruins of the city of Khudabad, which I was informed was formerly the largest city in Sind next to Thatta, the ruins extend 7 miles but there are at present not more than 100 houses occupied. The tomb of Meer Fatteh Ali Khan stands on the southern extremity of the place.

Gul Hayat Institute

**ترجمو[199]:**

20_ فيبروري 1832ع (18 رمضان المبارڪ 1247هـ. سومر)

ساڄـِئي طرف اَٺن 8 ميلن جو فاصلو طئي ڪيوسين تہ سامهون هڪ ڳوٺ "سالارو" نظر آيو. جيڪو پنج سؤ (500) گهرن تي مشتمل هو ۽ ان جي آبادي (1200) ٻارهن سؤ ماڻهن تي هئي. هيءُ ڳوٺ سنڌو درياءَ کان فرلانگ سوا فرلانگ تي هو. هن ڳوٺ ڏانهن جيڪو رستو ويو ٿي اُهو ٻيلي جي وڇان ٿي ويو ۽ ان درميان ڪيترين ڍنڍون ۽ ڍورا لتاڙڻا ٿي پيا. سنڌو درياءَ جو ڪاٻو ڪنارو ڏيئي هڪ ميل جو سفر ڪيوسين تہ هڪ ڳوٺ "گهوٽاٽو" پهتاسين. جيڪو درياءَ جي ڪنڌيءَ تي واقع آهي. ان مقام تي درياءَ جو پيٽ ڏيڍ ميل تائين هو ۽ پاڻيءَ جي وهڪري جي رفتار 1,1/4 ميل في ڪلاڪ جي حساب سان هئي. سامهون هڪ ننڍو ٻيٽ هو. جنهن تي پهچڻ لاءِ اُونهي ۽ وسيع پاڻيءَ جو رخ ميرپور (ميرانپور) ڏانهن هو جيڪو گهوٽاٽن کان 10 ميلن جي مفاصلي تي ساڄـِئي طرف واقع هو. ان جي بلڪل اوير ۾ هالا آهي جنهن کي "هالا گُنجا"[200] بہ چئجي ٿو.

فاصلو جيڪو آئون سمجهان ٿو تہ ميلن ۾ هوندو سو اسان چڱي رفتار ۾ طئي ڪيو. موسم خوشگوار نہ هئي سو مون هالا ۾ ترسڻ جو پڪو پهہ ڪري ڇڏيو. هالا جيڪو پير (مخدومن) جو شهر هئو سو مونکي پڪ هئي تہ اُتي منهنجو سنو آڏرياءَ ٿيندو. ٻي بجي کان مٿي جو وقت هوندو جڏهن اسين ڇهن ڪلاڪن جي رستي جو پنڌ طئي ڪري پنهنجي منزل مقصود تي پهتاسين.

آئون وڻ هينان انهيءَ انتظار ۾ ويٺو هُئس تہ جيئن اُٺن تان سامان لاٿو وڃي تہ ايتري ۾ ڪجهہ خوش لباس ماڻهن اچي مون سان ڳالهہ ٻولهہ شروع ڪئي ۽ پڇيائون تہ ڇا اسين مخدوم نوح جي مزار جي زيارت ڪرڻ جو مقصد سان آيا آهيون؟ ان تي جواب ۾ نہ چوندي وضاحت ڪيم تہ آئون خيرپور وڃي رهيو آهيان. ان تي انهن اصرار ڪيو تہ پير (مخدوم صاحب)

---

[199] پروفيسر عبدالفتاح ابڙو هالائي.

[200] هالا شريف جي مڪمل تاريخ لکڻ کپي جنهن ۾ هالا جي جاگرافي، تمدن تي تحقيق ٿيل هجي.

سان ٻه ملو ۽ هالا جي مسجدن ۽ مقبرن جي زيارت ڪرڻ هلڻ تي ته پير (مخدوم صاحب) سان ملڻ جو اشتياق وڌي ويو. آئون پير جي بنگلي ڏانهن هلڻ لڳس. جيڪو هالا شهر ۾ هو ان بنگلي جي چوڌاري هڪ ڪوٽ هو جنهن کي ڪنابچا (هرڻي ۽ جو قسم) جي سڱن سان سينگاريو ويو هو. اسان کي وڏي محرابي ڪمري ۾ آندو ويو جنهن جي ڀتين ۽ ڇت تي خوبصورتي سان اُڪر ۽ چترڪاري جو ڪم ٿيل هو فرش تي عاليشان غاليچا وڇايل هئا جنهن سان هي ڪمرو ڪنهن امير جي محل کان وڌيڪ خوبصورت ٿي لڳو ڪمري جي ڪنڊ ۾ هڪڙو ننڍو چورس ڪوچ (صوفہ) پيل هئو جنهن تي اسين وڃي ويهاسين. ٿوري انتظار کان پوءِ پير تشريف فرما ٿيو. مون کي انتهائي تعجب لڳو جڏهن مون ڏٺو ته پير 20_25 سالن جو هئو حالانڪ مون سمجهيو ائين پئي ته هو ڪو وڏي عمر جو بزرگ ۽ سفيد ريش هوندو. پير جو انداز وٺندڙ ۽ خاص طور تي ملڻ جو طور طريقو ڏاڍو سنو هو. سندس آمد تي اسين اُٿي بيهاسين. پاڻ اڳتي وڌي پنهنجو هٿ چمڻ لاءِ وڌايائين. مون يڪدم محسوس ڪيو ته ڪيس خواب و خيال ۾ به ڪونه هو ته ڪو آئون يورپين هوس. مون کي ويهڻ جو چئي پاڻ پڇيائين ته آئون ڪير آهيان؟ جنهن تي مون جواب ڏنو ته انگريز سرڪار وٽ هڪ سپاهي آهيان ۽ خيرپور جي مير رستم خان ڏانهن خط کڻي وڃي رهيو آهيان. پاڻ پڇيائين ته ڇا مونکي مير مراد عليءَ[201] جو اجازت نامو آهي؟ ان تي اسان جي گائيڊ قائم خان جواب ڏيندي چيو ته هن کي رستو ڏيکارڻ لاءِ هدايتون ڏنيون ويون آهن. پير صاحب مون ڏانهن منهن ڪيو ۽ پڇيائين ته ڇا فرنگين جي ملازمت ۾ پناڻ ڪافي آهن؟ جي ها اهي ڪافي تعداد ۾ موجود آهن. جواب ڏيندي چيم. هن انگريزن جي باري ۾ عجيب و غريب سوال ڪيا. ڇا اُهي سنا ماڻهو آهن؟ ڇا اُهي عبادت گذار آهن؟ ڇا اُهي وڌيڪ چالاڪ ته نه آهن؟ جيڪڏهن اها ڳالهه سچي آهي ته اهي رنگ جا اڇا آهن ته ڇا انهن جون اکيون اڇيون آهن؟ ڇا انهن جا وار ۽ جسم اڇا آهن؟ جيڪڏهن ائين ئي آهي ته پوءِ يقيناً هُو بدصورت هوندا. سندس انهيءَ گفتار تي مون کي کل

[201] هزهائينس مير مراد علي خان 23, ڊسمبر 1828ع تي گاديءَ تي ويٺو ۽ 21, آڪٽوبر 1833ع تي انتقال ڪيائين. (سنڌ جي واقعاتي تاريخ, ص: 57/59).

Gul Hayat Institute

اچي ويئي ۽ سندس ڪيل سوالن جا مناسب ۽ معقول جواب ڏنم. پوءِ هن پڇيو تہ ڇا شاھہ شجاع الملڪ حيدرآباد ۾ انگريزن سان مليل هو؟ ڇا اهي شڪارپور تي اوچتو حملو آور تہ ڪو نہ ٿي رهيا آهن؟ جمعدار ورائيو تہ اها هڪ احمقانہ ۽ سراسر ڪوڙي خبر آهي ۽ ڪو بہ اهڙو شخص ڪنهن بہ اهڙي قسم جي ڳالهہ ۾ شامل نہ هو تہ ڪو انگريزن شڪارپور پئي ڪنئي. حقيقت ۾ اهي دوستن جي حيثيت سان آيا آهن ۽ انهن ڪا بہ غداري نہ ڪئي آهي. ٿوري وقت کان پوءِ اسان ڪانئس اجازت ورتي ۽ مون قائم خان آڏو ان خواهش جو اظهار ڪيو تہ ڪيس اهو ٻڌايو وڃي تہ آئون صاحبلوڪ آهيان. جنهن تي پاڻ ڏاڍو لطف اندزو ٿيو ۽ چيائين تہ ”اهو صحيح آهي، فقير فقراءِ اجنبين تي تمام گهڻو ناراض آهن پر مون تہ سوچيوئي ڪو نہ تہ ڪو هي يورپي آهي.“

سڄي رات بارش پئي پئي جيڪا ٻئي ڏينهن يعني 21۔ فيبروري جي 12 وڳي تائين هلي. ان ڪري مون کي 2 وڳي تائين هالا ۾ ترسڻو پيو تہ جيئن خيما سُڪن. هالا هڪ وڏو ۽ ڳتيل شهر آهي جنهن ۾ 4000 (چار هزار) رهواسي آباد آهن. ان ۾ هڪ شاندار ۽ وڏي بازار آهي. شهر جو هڪ حصو پير جو آهي جيڪو انتهائي شريف النفس ۽ ماڻهن تي خاصو اثر رکندڙ شخص آهي. سنڌ جي ڪنهن بہ شهر ۾ ماڻهن کي ايتري عزت ڪا نہ ٿي ملي جيتري پير جي هن شهر وارن کي ملي ٿي. ايتري قدر جو جيڪڏهن ڪنهن بہ امير ماڻهوءَ جي طرفان ڪنهن ٻئي شهر ۾ ڪنهن کي تڪليف پهچندي آهي تہ اُهي بہ هن شهر ۾ پير وٽ اچيو پناھہ وٺندا آهن. شهر جي اتر اولهہ ۾ هڪ خوبصورت مسجد ۽ ڌرم شالا پڻ آهي. هالا جي اتر اولهہ ۾ هڪ ميل جي مفاصلي تي خدا آباد جي شهر جا کنڊرات موجود آهن جنهن لاءِ بعد ۾ مون کي اهو معلوم ٿيو تہ ڪنهن زماني ۾ ٺٽي کان پوءِ سنڌ ۾ ٻئي نمبر تي خدا آباد وڏو شهر هو. اهي کنڊرات 7 ميلن تائين پکڙيل هئا. هن وقت ان شهر ۾ 100 گهرن کان مٿي گهر نہ هوندا. بلڪل ڏکڻ ۾ مير فتح علي خان جو مقبرو آهي.“

## وصال:

حضرت مخدوم محمد امين ثانيؒ جن جو انتقال پرملال.

Gul Hayat Institute

16_ رمضان 1252هہ[202] مطابق 24_ڊسمبر 1836ع[203] تي ٿيو. پاڻ 27 سال حضرت غوث الحق مخدوم نوح ؒ جن جي مسند خلافت و ارشاد تي جلوه افروز رهيا. ڪين درگاهہ حضرت مخدوم نوح ؒ جي ننڍي قبي ۾ سپردِ خاڪ ڪيو ويو. سندن مزار ننڍي قبي واري چوڪنڊي ۾ الهندي طرف ڪان پهرئين آهي. حضرت مخدوم محمد امين ثاني ؒ جن جي انتقال وقت سنڌ تي مير نور محمد خان ٽالپر[204] حڪمران هئو.

## ضميما:

### 1 : فاتح سنڌ مير فتح علي خان ٽالپر (1767_1802ع):

مير فتح علي خان ٽالپر 1181 هجري مطابق 1767ع ۾ تولد ٿيو. سندس سلسلئہ نسب هن طرح آهي: مير فتح علي خان بن مير صوبدار خان بن مير بهرام خان بن مير شهداد خان ٽالپر بن هوتڪ خان بن ڳڪو خان عرف سليمان خان ٽالپر. مير فتح علي خان اڃا ننڍو هئو تہ سندس والد ۽ ڏاڏي کي واليءِ سنڌ ميان سرفراز خان ڪلهوڙي 15 جمادي الثاني 1189هہ بمطابق 13_ آگسٽ 1775ع تي پنهنجي دربار ۾ گهرائي، حسن ميراڻي هٿان شهيد ڪرائي ڇڏيو جنهن جي نتيجي ۾ وڏي شورش پيدا ٿي ۽ بالآخر مير بهرام

---

[202] تحفة الاوليا قلمي، گنجنيئہ اوليا، گلستان اسرار سروريہ، پيغام نوح، ڪليات امين، شاعر.

[203] تقويم هجري قلمي.

[204] مير نور محمد خان ٽالپر (وصال: 1839ع):

سرڪار عالي مدار مير نور محمد خان ولد مير مراد علي خان ٽالپر آڪٽوبر 1833ع تي سنڌ جي تخت تي ويٺو ۽ ساڳئي سال خيرپور جي ميرن ۽ شاهہ شجاع الملڪ درميان ڪرڙي واري جنگ ٿي. مير نور محمد جي دور ۾ 24_ جنوري 1839ع تي انگريز فوج احمد پور مان رواني ٿي روهڙي ۾ پهتي. انگريز فوج جي خيرپور پهچڻ شرط اليگزينڊر برنس، مير رستم خان سان ملاقات ڪئي ۽ ڪيس وفاداري جو يقين ڏياريو. پر ڪجهہ ئي ڏينهن بعد انگريز بکر جي قلعي تي قبضو ڪيو. انگريزي فوج 1255هہ/1839ع تي سرجان ڪبن ۽ جنرل ويلشائر اوٽرام جي سرڪردگيءَ ۾ بمبئيءَ کان ڪراچي پهتي ۽ ڪراچيءَ کان ٺٽي پهتي، انهن ڏينهن ۾ (جمادي الثاني 1255هہ/آگسٽ_ سيپٽمبر 1839ع). مير نور محمد خان جو انتقال ٿيو. (تفصيل لاءِ ملاحظہ ڪريو تاريخ سنڌ_2، A Short History of Sindh، عيسوي تاريخون تقويم هجري قلمي تان ورتل آهن).

خان جي عزيز مير فتح خان جي سربراهيءَ ۾ ٽالپرن ۽ بلوچن گڏجي خدا آباد ثاني تي حملو ڪيو. ميان سرفراز خان ڪلهوڙو بدحواسي جي عالم ۾ چند ساٿين سان گڏ ٻيڙيءَ جي وسيلي فرار ٿي حيدرآباد پهتو. مير فتح خان پاران ميان سرفراز خان ڪلهوڙي جي ڀاءُ ميان محمود خان ڪلهوڙي کي تخت نشين ڪيو ويو ۽ 1189هه مطابق 1775ع ۾ ٿي ميان محمود ڪلهوڙي کي معزول ڪري ميان غلام نبي کي حڪمران بنايو ويو. 1190هه مطابق 1776_1777 ۾ ميان غلام نبي ڪلهوڙي ۽ مير بجار خان درميان لانياري واري جنگ لڳي. جڏهن شڪست جا آثار ڏسڻ ۾ آيا ته ميان غلام نبيءَ ڪلهوڙي قاصد هٿان صلح لاءِ پيغام موڪليو. ڪنهن طرح سان انهيءَ پيغام جو علم تاجي ليکيءَ کي پئجي ويو. هو سڌو ميان غلام نبي ڪلهوڙي وٽ پهتو. ڪيس ماري ۽ پاڻ اُتان ساٿين سميت فرار ٿي ويو. ميان غلام نبيءَ جي شهادت بعد سندس ڀاءُ ميان عبدالنبي تخت تي وينو. ان وقت ميان سرفراز خان ڪلهوڙو ۽ ان جا عزيز حيدرآباد جي قلعي ۾ قيد هئا جن کي ميان عبدالنبيءَ 1191هه/1777_1778 ۾ قتل ڪرائي ڇڏيو. مير بجار خان، خدا آباد مان ميان عبدالنبي ڏي نياپو موڪليو ته ڪلهوڙن جي خاندان ۾ هن وقت تون ئي هن ملڪ جي فرمان روائي لاءِ مستحق آهين. ان ڪري تون اچي پنهنجي ڀاءُ جي جاءِ تي مسند نشين ٿي. ميان عبدالنبي هالا ڪندي پهتو جتي ٻئي ڏينهن مير بجار خان ڪيس اميرن امراءِ سميت درگاهه حضرت غوث الحق مخدوم نوح رحمة الله عليه تي وٺي آيو ۽ سندس دستاربندي ڪرايائين. مير بجار خان جي مقبوليت کي ڏسي ميان عبدالنبي سازش ڪري ڪيس 1193هه_1779ع ۾ شهيد ڪرائي ڇڏيو ۽ ساڳي طريقي سان هن مير بجار خان جي فرزند مير عبدالله خان ۽ مير فتح محمد خان کي پڻ 1196هه/1781_1782ع ۾ قتل ڪرائي ڇڏيو. مير عبدالله ۽ مير فتح محمد خان جي شهادت وقت صاحب تذڪره مير فتح علي خان حيدرآباد ۾ موجود هئو. انهيءَ مير سهراب خان ٽالپر جي صلاح سان ڇهن هزارن بلوچن تي مشتمل لشڪر وٺي هالاڻيءَ ۾ ميان غلام نبي سان جنگ ڪئي، زوردار مقابلي ڪانپوءِ ميان عبدالنبي شڪست کائي ڀڳو ۽ ٽالپرن کي فتح حاصل ٿي. ٽن سالن بعد 1198هه/1783_1784 ۾ مير فتح علي خان ٽالپر حيدرآباد کي به فتح ڪري ورتو. مير فتح علي خان وڏو بهادر ۽ دانشمند حاڪم هئو انهيءَ 1199هه/1784_1785ع ۾ سنڌ کي ستن حصن ۾ ورهائي چار حصا

Gul Hayat Institute

پاڻ وٽ رکيا ۽ حصا مير سهراب خان کي ۽ هڪڙو حصو مير ٺاري خان کي ڏنائين. حيدرآباد کي وفاقي درالحڪومت قرار ڏنو ويو. مير فتح علي خان ٽر ۾ 'اسلام ڳڙهه' ۽ 'فتح ڳڙهه' قلعا تعمير ڪرايا ۽ سڪرنڊ جي پر فضا ڍنڍ وٽ فتح آباد شهر تعمير ڪرايائين. سندس ئي حڪمت عملي سان تيمور شاهه ڪراچي جو بندر موٽائي ٽالپرن کي ڏنو. حضرت مخدوم محمد زمان ثالث رحمة الله عليه جن 1205هه/1790_1791ع ۾ حضرت غوث الحق مخدوم نوح عليہ الرحمت جن جو مقبرو جوڙائڻ شروع ڪيو جنهن کي مير فتح علي خان مڪمل ڪرايو ۽ ان ڪان علاوه هُن حضرت مخدوم مير محمد ثاني عرف مير پير رحمة الله عليه جو مقبرو (ننڍو قبو) پڻ تعمير ڪرايو. مير فتح علي خان ٽالپر جو انتقال 9_ محرم 1217 مطابق 12 مئي 1802ع تي حيدرآباد جي قلعي ۾ ٿيو جتان سندس جسم کي خداآباد (هالا پرسان) ۾ آڻي سپرد خاڪ ڪيو ويو. مير فتح علي خان کي وفات ڪان ڪجهه ڪلاڪ اڳ هڪڙو فرزند ڄائو جنهن تي پنهنجي والد جو نالو صوبدار خان رکيائين. مير صوبدار خان 'مير' جي ولادت 9_ محرم 1217هه/12 مئي 1802ع تي حيدرآباد ۾ ٿي ۽ سندس انتقال انگريزن جي قيد ۾ ٿيو. (تفصيل لاءِ ڏسو تاريخ سنڌ، پيغام نوح ۽ A Short History of Sindh).

## واقعاتي تاريخ:

(1223_1252 هه/1809_1836ع)

### 1809ع

29_ جنوري:

**حضرت مخدوم محمد امين ثاني رحمة الله عليه يارهين سجّاده نشين جي حيثيت سان حضرت غوث الحق مخدوم نوح رحمة الله عليه جي مسند خلافت تي ويٺا. (13، ذوالحج 1223 هه).**

22_ آگسٽ:

**سنڌ جي ميرن سان انگريزن جو عهدنامو ٿيو.**

29_ جولاءِ:

**سيد ثابت علي شاهه 'ثابت' جو 72 سالن جي عمر ۾ انتقال ٿيو (27_ جمادي الاول 1225هه).**

Gul Hayat Institute

1811ع

5_ فيبروري:
جارج IV، سندس والد جي ذهني علالت سبب برطانيه جي شهنشاهه جا فرائض انجام ڏيڻ لڳو.
28_ مئي:
پير احمد شاهه بدين واري جو انتقال ٿيو (5 جمادي الاول 1226هه).
17_ مئي:
سنڌ جي حاڪم، مير غلام علي خان ٽالپر جو انتقال ٿيو (6_ جمادي الاول 1226هه). "مير فتح علي خان کان پوءِ پڳ مير غلام علي خان تي آئي، سندس لاش، هالن واري خدا آباد ۾ دفن ڪيو ويو."

1814ع

23_ جنوري:
مير علي شير 'قانع' جي پاٽتي، مير عظيم الدين ٺٽوي جو انتقال ٿيو (1_ صفر 1229هه). مير عظيم الدين ٺٽوي، سيد يار محمد بن سيد عزت الله جو فرزند ۽ مير 'مائل' جو سڳو سؤٽ هو. سندس ولادت 1163هه/1749_1750ع ۾ ٿي.
8_ ڊسمبر:
حضرت سيد قطب علي شاهه "قطب" جي ولادت ٿي، سندس سلسلو حضرت امام زين العابدين عليه السلام سان ملي ٿو.

1816ع

30_ مئي:
پير علي گوهر شاهه اول جي ولادت ٿي، (4_ رجب 1231هه). پير علي گوهر شاهه جو شمار وقت جي عمده شاعرن ۾ ٿئي ٿو سندس تخلص "اصغر" هئو.

1818ع

11_ مئي:
حضرت مخدوم محمد زمان رابع جن جي ولادت ٿي (5_ رجب 1233هه). پاڻ، حضرت غوث الحق مخدوم نوح رحمة الله عليه جا 12_ نمبر سجّاده نشين هئا. سندن انتقال 1852ع ۾ ٿيو.
4_ جون:

Gul Hayat Institute

پير محمد راشد شاهہ جو فرزند پير صبغت الله شاهہ "پير پاڳارو اول" جي حيثيت سان گادي نشين ٿيو.

1819ع

14_ جنوري:
پير علي محمد شاهہ بن پير صبغت الله شاهہ 'تجر ڌڻي' ڄائو (17_ ربيع الاول 1234ھ).

23_ مارچ:
انگريزن (برطانيا) ڪڇ جي گادي واري شهر ڀُڄ تي قبضو ڪيو.

24_ مئي:
مهاراڻي وڪٽوريا، ڪنزنگٽن محل (لنڊن) ۾ ڄائي.

13_ آڪٽوبر:
ڪڇ جي راجا ۽ ايسٽ انڊيا ڪمپني جي وچ ۾ معاهدو ٿيو.

24_ آڪٽوبر:
حضرت شاهہ مدني خواجہ محمد حسن جي ولادت ٿي (5_ محرم 1235ھ).

1820ع

9_ نومبر:
ايسٽ انڊيا ڪمپني ۽ سنڌ جي ميرن جي وچ ۾ عهدنامو ٿيو.

1821ع

17_ مئي:
حضرت خواجہ محمد زمان ثاني جي ننڍي ڀاءُ ۽ خليفي شيخ عبداللطيف لنواريءَ واري جو وصال ٿيو. (15_ شعبان 1236ھ). مندرجہ ذيل شعر وردِ زبان هوندو هئس:

گل راچہ مجال است کہ گوید بگلال
از بہرچہ سازی و از بہرچہ شکنی۔

1822ع

27_ فيبروري:
'ڄاڙيجن جو نسب نامو'، ڪڇ ۾ اصل گجراتي زبان مان فارسي ۾ ترجمو ڪيو ويو.

Gul Hayat Institute

20_ اپريل:
سنڌ جي والي مير مراد علي خان ٽالپر ۽ ايسٽ انڊيا ڪمپني درميان عهدنامو ٿيو.
6_ آڪٽوبر:
خواجہ محمد سعيد بن حضرت خواجہ گل محمد جو وصال ٿيو (10_ محرم 1237هہ).
19_ ڊسمبر:
هزهائينيس مير شهداد خان بن هزهائينيس ميرنور محمد خان ٽالپر جي ولادت ٿي، سندس تخلص ”حيدري“ هئو.

1823ع

26_ مئي:
حبيب الله سنڌي نوشهرائي، جو مديني ۾ وصال ٿيو (16_ رمضان 1238هہ).
7_ جون:
نواب الهداد خان ’صوفي‘ ولد نواب ولي محمد خان ڄائو.

1824ع

26_ آگسٽ:
هزهائينيس مير نور محمد خان اول جو فرزند مير حسين علي خان تولد ٿيو. سندس تخلص ’حسين‘ هو.

1825ع

9_ مارچ:
مولانا الحاج ميان گل محمد شهدادڪوٽي جي ولادت ٿي (21_ رجب 1240هہ). پاڻ علامہ مولانا نور محمد شهدادڪوٽي جو وڏو فرزند هو.
12_جولائي:
هزهائينيس مير محمد حسن علي خان ’حسن‘ بن مير محمد نصير خان ٽالپر حيدرآباد ۾ ڄائو.

1826ع

24_ جون:
سيد احمد شهيد، سندس جماعت وٽي پير ڳوٺ پهتو.

Gul Hayat Institute

1827ع

11_ اپريل:

حضرت حافظ عبدالوهاب عرف سچل سرمست جو انتقال ٿيو (14_ رمضان 1242هه).

27_ آگسٽ:

مير محمد علي خان ٽالپر بن مير صوبدار خان ٽالپر جي ولادت ٿي (4_ صفر 1243هه).

1828ع

26_ جنوري:

مرزا رحيم بيگ ولد مرزا خسرو بيگ جو انتقال ٿيو (9_ رجب 1243هه).

19_ ڊسمبر:

سنڌ جي حاڪم مير ڪرم علي خان ٽالپر جو وصال ٿيو (12_ جمادي الثاني 1244هه). "مير ڪرم علي خان پوين سال ڏيڍ بيماري ۾ گذاريون هي پهريون حڪمران هو جيڪو پراڻي خدا آباد بجاءِ حيدرآباد ۾ دفن ٿيو."

23_ ڊسمبر:

مير مراد علي خان ٽالپر گادي تي ويٺو (16_ جمادي الثاني 1244هه). مير مراد علي خان ٽالپرن جي "پهرين چوياري" جو آخري رڪن هو جنهن تي مير ڪرم علي خان جي انتقال بعد پڳ آهي.

1829ع

13_ آگسٽ:

سيد حافظ حڪيم ميران محمد شاهه اول جي ولادت اڳئين ٽڪڙ ۾ ٿي (12_ صفر 1245هه). پاڻ حڪيم سيد محمد جو وڏو فرزند ۽ سنڌ اسيمبليءَ جي اڳوڻي اسپيڪر سيد ميران محمد شاهه "مهجور" جي ڏاڏو هئو.

1830ع

3_ فيبروري:

قاضي عبدالرحيم شڪارپوري جو وصال ٿيو (9_ شعبان 1245هه).

Gul Hayat Institute

1831ع

13_ فيبروري:

پير صبغت الله شاهہ راشدي جو انتقال ٿيو (1_ رمضان 1246هہ).

1_ جولائي:

حضرت خواجہ گل محمد جا مسهو پائر، بدمعاشن جو هڪ وڏو ٽولو وٺي، هٿيارن پنهوارن سان آڌيءَ رات جو اچي ڪوٽ تي ڪڙڪيا. ڏاڪڻيون جي ساڻ ڪڻي آيا هئا، تن تي چڙهي قلعي جي اُتر واري پيت تان ٽپي اندر وارد ٿيا. ٻن ٽن درويشن کي قتل ڪيائون ۽ ٻين ڪيترن کي زخمي ڪري وڌائون (21_ محرم 1247هہ).

27_ جولائي:

حضرت خواجہ گل محمد جو وصال ٿيو (17_ صفر 1247هہ).

1832ع

4_ اپريل:

خيرپور رياست ۽ ايسٽ انڊيا ڪمپني درميان صلح جو عهدنامو ٿيو.

22_ اپريل:

ايسٽ انڊيا ڪمپني ۽ سنڌ جي حيدرآباد واري سرڪار (جيڪا پنهنجي اقرار نامن تان ڦري ويندڙ سمجهي ٿي ويئي) درميان وڏيڪ عهدنامو ٿيو.

1833ع

21_ آڪٽوبر:

واليءِ سنڌ مير مراد علي خان ٽالپر جو انتقال ٿيو (6_ جمادي الثاني 1249هہ). "15_ ڏينهن کن سيني جي سور ۽ پيڏي جي درد ۾ مبتلا رهي، ان مان ابدي نجات حاصل ڪيائين".

Gul Hayat Institute

1834ع

23_ جون:

قاضي عبدالنبي شڪارپوري جو وصال ٿيو (15_ صفر 1250هہ). کيس سندس والد قاضي عبدالرحيم شڪارپوري جي پهلو ۾ دفن ڪيو ويو.

15_ آگسٽ:

"درياهہ جي پائڻ ڪري، پير علي گوهر شاهہ سندس والد بزرگوار پير محمد

راشد جي مزار رحيم ڏني ڪلهوڙي ڳوٺ مان منتقل ڪرائي موجود جاءِ تي ڪرائي (9- ربيع الآخر 1250هه).

23- ڊسمبر:

ايسٽ انڊيا ڪمپني حيدرآباد جي سنڌ سرڪار سان واپاري عهدنامو ڪيو جيڪو هندستان ڪائونسل جي گورنر جنرل جي حڪم نامي هيٺ پڌرو ڪيو ويو.

1836ع

19- فيبروري:

حضرت خواجه غلام فريد ؒ، مٺڻ ڪوٽ ۾ تولد ٿيو (2- ذوالقعد 1251هه).

6- اپريل:

مير علي شير "قانع" جي وڏي فرزند مير غلام علي خان "مائل" جو انتقال ٿيو (19- ذوالحج 1251هه).

20- جون:

مهاراڻي وڪٽوريا برطانيا جي تخت تي ويٺي.

28- سيپٽمبر:

هندستان جي شهنشاهه اڪبر شاهه ثاني جي وفات ٿي (27- جمادي الثاني 1253هه).

29- سيپٽمبر:

بهادر شاهه 'ظفر' هندستان جي تخت تي ويٺو.

24- ڊسمبر:

حضرت مخدوم محمد امين ثانيؒ جن جو انتقال ٿيو پاڻ حضرت مخدوم ميان پنهلڏني جا فرزند ۽ حضرت غوث الحق مخدوم نوح ؒ جا 11 سجّاده نشين هئا. (16 رمضان 1252 هه).

Gul Hayat Institute

# حضرت

# مخدوم محمد زمان رابع

# صدّيقي قريشي هالائي رحمة الله عليه

(12_سجّاده نشين درگاهہ شريف، هالا)

(ولادت: 1233هہ/1818ع مرتضيٰ آباد، هالا نوان)

(سجّاده نشيني: 1252هہ/1836ع)

(وصال: 1269هہ/1852ع مرتضيٰ آباد، هالا نوان)

(مدفن: وڏو قبو درگاهہ شريف)

Gul Hayat Institute

ولادت

سلسلۂ نسب

شادي ۽ اولاد

سجّاده نشيني

وصال

حضرت مخدوم محمد زمان رابع ﷫ جي فرزندن جو احوال

ضميما

واقعاتي تاريخ (1252_1269ھ/1836_1852ع)

Gul Hayat Institute

# حضرت مخدوم محمد زمان رابع صدّيقي قريشي هالائي رحمة الله عليه

(1233-1269ھ/1818-1852ع)

حضرت مخدوم محمد زمان رابع رحمة الله عليه، حضرت غوث الحق مخدوم نوح فقير رح جا ٻارهون نمبر سجّاده نشين ٿي گذريا آهن. سندن والد بزرگوار حضرت مخدوم محمد امين ثاني بن حضرت مخدوم ميان پنيلڏو بن حضرت مخدوم ميان عثمان عُرف منن، هن فقيراڻي گاديءَ جا يارهون نمبر سجّاده نشين هئا.

حضرت مخدوم محمد زمان رابع، نيڪ سيرت، نيڪ طبع، سٺين سهڻين عادات واطوار جا صاحب ۽ عبادت گذار هئا. ڳوٺ وارن سان ڀلائي ڪرڻ، پاڙيسرين ۽ جماعت وارن جي مدد ڪرڻ ۽ غريبن نادارن جي پر گهور لهڻ کي پنهنجو فرض سمجهندا هئا. پنهنجي مختصر حياتي، الله پاڪ ج جي احڪام تي عمل ڪندي ۽ حقوق العباد جي ادائگي ۾ گذاري ڇڏيائون. سندن هٿان ڪنهن کي ٻـ ڪو ايذاءُ يا رنج نـ پهتو. عُفو ۽ در گذر جو اعليٰ مثال، بيحد شفيق ۽ سخي مرد هئا. سندن شخصيت جو اجمالي خاڪو هنن بيتن مان اخذ ڪري سگهجي ٿو:

سا سٽَ سارِيائون، الف جنهن جي اڳ ۾
"لامَقصُودَ فِی الدّارَينِ"، ان پَر اُتائون
سَگهُرَ سوئائون، ٿيا رسيلا رحمان سينءَ.
شاھ عبداللطيف ڀٽائي رح [205]

---

[205] شاھ جو رسالو، مرتب ڪلياڻ آڏواڻي.

Gul Hayat Institute

مونا طورسينا سدا سَنياسِين
طالب المولیٰ مذّڪر اي ڪلام ڪيائون ڪن
سکن ڪي سين پرئين ٻجهي ڏنائون ٻن
الف آديسن چوندي رکيو چت ۾

شاھ عبداللطيف ڀٽائي رحہ[206]

## ولادت:

پاڻ سندن محترم ڏاڏي حضرت مخدوم پير ميان پنيلڏي ﷫ جن جي حياتيءَ ۾ 5 رجب المرجب 1233ھ[207] مطابق 11 مئي 1818ع تي پنهنجي آبائي ڳوٺ هالا شريف ۾ تولد ٿيا. انوقت سندن والد بزرگوار حضرت مخدوم محمد امين "ثاني" جي عمر 28 سال هئي ۽ سندن ٻہ چاچا، حضرت پير ميان پريل ﷫ (1814_1854) ۽ حضرت پير ميان مٺن ﷫ (1816_1826) پڻ ڇاول هئا. حضرت مخدوم محمّد زمان رابع ﷫ جي والد بزرگوار حضرت مخدوم محمد امين ثانيءَ تي شاديون ڪيون هيون، پاڻ ٻئي حرم مان توّلد ٿيا ۽ سيني ڀائرن ۾ ننڍا هئا. سندن ٻانگ جو نالو "محمد علي" هئو جيڪو سندن ناني حضرت پير ميان محمد علي صدّيقي قريشي رح[208] جي نسبت جي ڪري مٿن رکيو ويو هئو.

---

[206] مضامينِ طالب المولیٰ، ص: 65.

[207] ڪچڪول، ص: 4/رفيق حِيات، شاعر، ص:159/ پيغام نوح قلمي، ص: 130.

[208] **پير ميان محمد علي صدّيقي قريشي (وصال: 1817ع):**

پير ميان محمد علي بن پير ميان محمد ڪريم جو سلسلهٔ نسب حضرت مخدوم ميان فتح محمّد عرف ڦتن بن حضرت مخدوم محمد امين اوّل کان ٿيندو حضرت غوث الحق مخدوم نوح ﷫ تائين پهچي ٿو. پير صاحب، حضرت مخدوم محمد امين ثاني جو سهرو ۽ حضرت مخدوم محمد زمان رابع جو نانو هئو. سندس ولادت هالا ۾ ٿي ۽ اندازاً 1817ع تائين بقيدِ حيات هئو. پير ميان محمد علي کي فقط هڪڙي نياڻي بيبي (والده صاحبہ حضرت مخدوم محمد زمان رابع ﷫) تولد ٿي. سندس وڏي ڀاءُ پير ميان نظر عليءَ لا ولد وفات ڪئي. هي پير صاحبان ۽ سندن بزرگ هالا ۾ رهندا هئا. پير ميان محمد علي جي تڙ ڏاڏي پير ميان ستابي ﷫ جي وڏي ڀاءُ پير ميان غلام علي کي ٻہ فرزند ٿيا جن جو اولاد، پوٽيا پڙپوٽا 1870ع ڌاري يا ان کان ٿورو اڳ هجرت ڪري رحيم يارخان پنجاب ۾ وڃي رهيا ۽ اجا تائين اتي سڪونت پذير آهن. پير ميان

## سلسلۂ نسب:

سندن سلسلۂ نسب يارهين پيڙهيءَ ۾ حضرت غوث الحق مخدوم نوح فقير رحمة الله عليه سان ملي ٿو جيڪو هن طرح آهي:

حضرت مخدوم محمد زمان رابع بن حضرت مخدوم محمد امين ثاني بن حضرت مخدوم ميان پنيلڏو بن حضرت مخدوم ميان عثمان عرف مٺن بن حضرت مخدوم محمد زمان ثاني بن حضرت مخدوم مير محمد اوّل بن حضرت مخدوم ميان محمّد عرف مٺن ڪلان بن حضرت مخدوم مير محمد بن حضرت مخدوم ابو محمد ابو الخير بن حضرت مخدوم محمد امين اوّل بن حضرت غوث الحق مخدوم نوح رحمة الله عليه.

## شادي ۽ اولاد:

حضرت مخدوم محمد زمان رابع رحمة الله عليه جن هڪري شادي ڪئي، ڪين چار نياڻيون ۽ ٽي فرزند تولد ٿيا. سندن سُهرو حضرت پير ميان وريل رحمة الله عليه[209]

---

محمد علي جو پنجون ڏاڏو، حضرت مخدوم عبدالمالڪ رح وڏو الله وارو ڪامل ولي ٿي گذريو آهي. سندس ڪرامتن جا ڪئين واقعا مشهور آهن. هن وقت پير حاجي ميان مصري سندس سجّاده نشين آهي. پير ميان محمد علي بن پير ميان محمد ڪريم جو انتقال اندازاً 1817ع ڌاري هالا ۾ ٿيو. ڪيس درگاهہ شريف جي حضرت مخدوم نعمت الله واري چوڪنڊيءَ ۾ سندس وڏن جي پرسان دفنايو ويو. پير حاجي ميان مصري سجّاده نشين درگاهہ حضرت پير عبدالملڪ رح جي انتقال بعد سندس فرزند پير افتخار حسين، درگاهہ جو سجّاده نشين آهي. جنهن جي دستاربنديءَ جي رسم، حضرت قبلہ مخدوم محمّد امين فهيم سائين جنجي حڪم تي راقم الحروف (جميل الزمان) درگاهہ عبدالملڪ، تي ادا ڪئي.

[209] **پير ميان وريل صدّيقي قريشي رحمة الله عليه:**
پير صاحب 19 صدي جي بزرگن مان هئو. سندس ولادت هالا ۾ ٿي. پاڻ حضرت غوث الحق مخدوم نوح رحمة الله عليه جن جيٰ فرزند حضرت مخدوم جلال محمد عرف جُنگ جلال رحمة الله عليه جن جو صاحبِ دستار هئو. سندس سلسلۂ نسب هن ريت آهي: حضرت پير ميان وريل بن پير ميان جمن بن پير ميان قائم الدين بن پير ميان موريل بن پير ميان محمد صفيٰ بن پير ميان عبدالواسع بن پير ميان شاهن سَچہ بن پير ميان ابو الفتح بن حضرت مخدوم جلال محمد بن حضرت غوث الحق مخدوم نوح رحمة الله عليه. پير وريل کان پوءِ سندس فرزند پير قائم الدين عرف ميان ڪامل سجّاده نشين ٿيو. هن وقت (2001ع ۾) پير ميان جمن ثاني رحمة الله عليه جو وڏو فرزند پير ميان الهجڙيو عرف ميان جڙيل (ولادت: 10

Gul Hayat Institute

سندن فرزندن جا اسمائي گرامي هي آهن:

حضرت مخدوم محمد امين ثالث پکن ڏڏي سائين رحمة الله عليه

حضرت پير ميان شاهہ محمد عرف شاهنواز سائين رحمة الله عليه

حضرت پير ميان غلام نبي عرف پنيلڏو سائين رحمة الله عليه

## سجّاده نشيني:

حضرت مخدوم محمد زمان رابع رح پنهنجي والد حضرت مخدوم محمد امين ثاني رح جي انتقال (16 رمضان 1252هہ [211] مطابق 24 ڊسمبر 1836ع) بعد رمضان 1252هہ/ڊسمبر 1836ع ۾ حضرت غوث الحق مخدوم نوح رحمة الله عليه جن جي ٻارهين پاڳاري جي حيثيت سان مسند خلافت تي ويٺا. حضرت مخدوم محمّد زمان رابع رحمة الله عليه جن جا وڏا ڀائر پنهنجي والد جي حياتيءَ ۾ ئي گذاري ويا هئا. تنهن جيڪري دستار، مٿن آئي. تحفتہ الاولياءِ ۾ سندن عبادت، عادات و روزمره بابت لکي ٿو تہ:

”پاڻ هر وقت الله پاڪ ج جي ثنا ۾ مشغول رهندا هئا ۽ روزانو بلاناغہ قرآن شريف جي تلاوت ڪندا هئا. سادگي پسند فرمائيندا هئا. هميشہ صبر ۽ سڪون ۽ خاموشيءَ ۾ رهندا هئا. ضروري ڳالهہ جو جواب ڏيندا هئا ۽ غير ضروري گفتگو کان احتياط ڪندا هئا“.[212]

حضرت مخدوم محمّد زمان رح جن جي دور ۾ انگريزن، جنرل چارلس نيپئر (1782_1851ع)[213] جي سپهہ سالاريءَ هيٺ 1843ع ۾ سنڌ جي حڪمرانن کي اندروني سازشن ۾ وڪوڙي کين شڪست ڏيئي سنڌ تي

---

انتقال ٿيو ڪيس بکر ۾ سندس خانداني قبرستان ”صفحہ صفا“ ۾ دفن ڪيو ويو (تاريخ سنڌ ص: 234/233، جلد 2) حضرت مخدوم جنگ جلال رحمة الله عليه جي ولادت ۽ وصال جون تاريخون ملي نہ سگهيون آهن. مٿين تاريخن مان ثابت ٿئي ٿو تہ پاڻ 1642ع تائين حيات هئا. انتقال بعد کين پنهنجي والد ۽ مرشد حضرت غوث الحق مخدوم نوح رحمة الله عليه جن جي درگاهہ ۾ سپردِ خاڪ ڪيو ويو هئو. جڏهن درياهہ جي پاڻيءَ ڪري سڀ مزارون لڏائي موجوده هنڌ تي درگاهہ قائم ڪئي وئي تہ کين حضرت مخدوم نعمت الله واري چوڪنديءَ ۾ دفنايو ويو جتي سندن مزار موجود آهي.

[211] گنجينہ اوليا، ص: 195/ تحفتہ الاوليا، ص: 67.

[212] تحفتہ الاولياءِ، قلمي.

[213] New Colmbia Encyclopedia, P:1877.

Gul Hayat Institute

قبضو ڪيو. جيتوڻيڪ اهو دور سياسي لاهن، چاڙهن وفادارن ۽ بيوفائن جي ڪري سنڌ جي تاريخ ۾ منفرد مقام رکي ٿو مگر حضرت مخدوم محمد زمان رابع رح هميشه حڪومت جي ايوانن کان پري رهيا. الله جي مدد سان زندگي گذاريائون ۽ آخري وقت تائين عام ماڻهن جي پرخلوص ديني ۽ دنوي خدمت ڪيائون.

## وصال:

حضرت مخدوم محمد زمان رابع رحمة الله عليه جن جو انتقال 34 سالن جي عمر ۾ 19 صفر 1269ھ [214] مطابق 1 ڊسمبر 1852ع تي ٿيو. سندن مزار درگاھ حضرت غوث الحق مخدوم نوح رحمة الله عليه جي وڏي قبي ۾ چوڪنڊيءَ کان ٻاهر الهندي پاسي کان آهي.

ڪاپڙين ڪنواٽ وڏيءَ ويل پلاڻيا.

حضرت مخدوم نوح رحمة الله عليه

سڙھ تي سِبيائون، بندر جَن ٽڙن تي

سڙھ سبي ساڃا ڪري، ڪوهُا ڪنيائون.

بيرقون بحرن ۾، چوڙي چڏيائون.

لهرون لنگهيائون، لطف ساڻ لطيف چئي.

شاھ عبداللطيف ڀٽائي رح [215]

## حضرت مخدوم محمد زمان رابع رحمة الله عليه جي فرزندن جو احوال:

حضرت مخدوم محمد زمان رابع رحمة الله عليه کي ٽي فرزند، حضرت مخدوم محمد امين ثالث عرف پڪن ڏٽي سائين رحمة الله عليه، ميان شاھ محمد عرف شاهنواز سائين رح ۽ ميان غلام نبي عرف پنليڏو سائين رح تولّد ٿيا. جن مان حضرت مخدوم محمد امين "امين" ۽ ميان پنيلڏو "پنيل" بهترين شاعر ٿي گذريا آهن.

Gul Hayat Institute

[214] گنجينهٔ الاولياء، ص: 197/تحفتہ الاولياء، ص: 78/پيغام نوح.

[215] شاھ جو رسالو مرتب ڪلياڻ آڏواڻي.

## حضرت مخدوم محمد امين پڪن ڌڻي سائين رحمة الله عليه

(1838_1886ع)

پاڻ سيني ڀائرن ۾ وڏا هئا. سندن ولادت 1840ع ۾ ٿي، والد بزرگوار ڪان پوءِ 1852ع ۾ حضرت غوث الحق مخدوم نوح فقير رحمة الله عليه جن جا سجّاده نشين ٿيا. سندن حياتي مبارڪ جو احوال اڳتي ايندو.

## حضرت ميان شاهه محمد عرف شاهنواز رحمة الله عليه

(1258_1332ھ/1842_1913ع)

حضرت پير ميان شاهه محمد سائينؒ جي ولادت 1258ھ[216]/1842ع[217] ۾ ٿي. پاڻ پڪن وارن صاحبن ڪان ٻه سال ننڍا ۽ ميان پنيلڏي "پنيل" ڪان تقريباً ڏهه سال وڏا هئا. سندن ٻيو نالو "شاهنواز" هئو جنهن جي نسبت جي ڪري وڏي عمر وارا فقير ۽ نوڪر ڪين "شاهنواز سائين" سڏيندا هئا. هڪڙي شادي مائٽن مان ڪيائون ۽ ڪين فقط هڪڙي نياڻي صاحبه تولّد ٿي، جنهن جي شادي حضرت قبله حضرت مخدوم محمّد زمان سرڪار رحمة الله عليه جن سان ٿي. ميان شاهه محمد نهايت بااخلاق، سنجيده ۽ با مروت انسان هئا. سندن تربيت پهرين والد صاحب ۽ پوءِ سندن وڏي ڀاءُ حضرت مخدوم محمد امين ثالث رحمة الله عليه ڪئي.

ميان شاهه محمد عرف شاهنواز سائين رحمة الله عليه جي حياتي جو گهڻو حصو هالا ۾ گذريو سندن رهائش حضرت مخدوم صاحب جي موجوده ڪوٺيءَ ۾ "طالب المولىٰ لائبريري" جي ٻر واري اوطاق ۾ هوندي هئي، جنهن کي "مئين شاهنواز جو بنگلو" سڏيو ويندو هئو. حاجي علي محمد عرف حاجي عَلُو سندن حاضري جو خاص ماڻهو هئو. مٽس ڏاڍو قرب هوندو هئن ۽ ان ڪري انتي وڏيون نوازشون به ڪيائون.

---

[216] گنجينهٔ اسرارِ سروريه قلمي. / گنجينهٔ الاوليا، قلمي، ص: 250.

[217] ڪلياتِ امين، ص: 15 تي ڄاڻايل سندن ولادت جو سن 1833، درست ناهي.

حضرت پير ميان شاهه محمد عرف "شاهنواز سائين" ﷫ جن جو انتقال ايڪهتر سالن جي ڄمار ۾ 23 محرم 1332هه مطابق 22 ڊسمبر 1913ع تي ٿيو. ان وقت (سندن ڀائٽيو) حضرت صاحب شريعت مخدوم ظهير الدين سائين ؒ[218] درگاهه حضرت غوث الحق مخدوم نوح ﷫ جا سجّاده نشين هئا. حضرت ميان شاهه محمد سائين کي درگاهه شريف جي حضرت مخدوم نعمت الله واري چوڪنديءَ ۾ سندن ڀاءُ ميان پنيلڏي جي پرسان دفنايو ويو.

## حضرت ميان غلام نبي "پنيلڏو" ﷫[219]

(1268_1304هه/1852_1887ع)

حضرت پير ميان غلام نبي عرف پنيلڏي سائين ؒ جي سندن ولادت 9 ذيقعد 1268هه مطابق 25 آگسٽ 1852ع[220] تي پنهنجي والد بزرگوار حضرت مخدوم محمد زمان رابع ﷫ جي انتقال کان فقط ٽي مهينا اڳ هالا ۾ ٿي. ميان غلام نبي عرف "پنيلڏي سائين" جو ننڍپڻ هالا ۾ گذريو پاڻ سيني ڀائرن ۾ ننڍا هئا. سندن تعليم و تربيت حضرت مخدوم محمد امين ثالث ﷫ جي نگراني هيٺ ٿي. حضرت مخدوم محمد امين ثالث ﷫ کانئن ٻارهن سال کن وڏا هئا ۽ سندن پرورش والد وانگر ڪيائون.

حضرت پير ميان غلام نبي جو ٻيو نالو "پنيلڏو" هئو جيڪو سندن پڙڏاڏي حضرت مخدوم ميان پنيلڏو بن حضرت مخدوم ميان عثمان عرف مٺن جي نسبت جي ڪري مٿن رکيو ويو هئو. قاضي عبدالحئي سليم هالائيءَ (1918_1992ع)[221] غلط فهميءَ سبب تذڪره شعراءِ هالا ص: 15 تي

---

[218] پاڻ سيپٽمبر 1913ع تي سجّاده نشين ٿيا. گنجينئہ اسرار سرورية قلمي ص: 13.

[219] اهو نالو بعد ۾ سندن پوٽي، حضرت مخدوم ميان غلام محي الدين "ميرل" ﷫ جي فرزند تي رکيو ويو. اسين کين "چاچا پنيلڏو" سڏيندا هئاسين. سندن انتقال 19 فيبروري 1979ع تي 35 سالن جي عمر ۾ هالا ۾ ٿيو.

[220] مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ يادِ رفتگان، ص: 26. سروري خاندان جون علمي ادبي ۽ ديني خدمتون قلمي جي ص: 171 تي ڄاڻايل سن 1855ع درست ناهي.

[221] ڏسو ضميمو 2.

Gul Hayat Institute

سندن نالو نبي بخش ڄاڻايو آهي. اصل ۾ نبي بخش، حضرت مخدوم محمد امين ثالث رحمة الله عليه جي ننڍي فرزند ۽ پير ميان پنيلڏي جي ڀائٽي جو نالو هئو. ميان "نبي بخش" جي ولادت ميان پنيلڏي جي حياتي ۾ سن 1297هه/1879ع ۾ هالا شريف ۾ ٿي، سندن مختصر احوال اڳتي ڏنل آهي.

"ميان پنيلڏي جو قد موزون، بدن ڀريل ۽ چهرو ڪتابي هئو. پاڻ شريف الطبع ۽ مٺيادار جوان هئا. منجهن خانداني رک رکاءُ ۽ ميناج ننڍي هوندي کان موجوده هئو. پاڻ عمر جو گهڻو حصو هالا ۾ رهيا البته سير و سياحت شوق سان ڪندا هئا. هڪڙي ڀيري پاڻ سال ڏيڍ کان ٻه گهڻو عرصو هالا کان ٻاهر، حيدرآباد دکن واري پاسي ڏي گهمڻ جي خيال کان اسريا هئا. سندن وڏي ڀاءُ حضرت مخدوم محمد امين "امين" رحمة الله عليه جو ساڻن بي انتها پيار هوندو هئو انهن سندن ياد ۾ "لولي" چئي، جيڪا بعد ۾ بيحد مشهور ٿي ۽ ڪيترو وقت عام ماڻهن کي برزبان ياد هوندي هئي.[222]

"آءُ وري آءُ وري آءُ وري سڄڻ تو نه سري،
دک ماري دردن جي آءُ وري"

حضرت ميان پنيلڏي "پنيل"رح جي شادي، حيدرآباد دکن ۾ رهندڙ هالا جي "سانڏن" مان ٿي. روايت آهي ته هالا شريف ۾ رهندڙ سانڊ قومَ جي ڪجهه ماڻهن روزگار جي سانگي لڏي وڃي حيدرآباد دکن ۾ مستقل سڪونت اختيار ڪئي ۽ دکن جي نظام جي فوج ۾ ڀرتي ٿيا. ميان پنليڏو سير و سياحت جي خيال سان گهمندا حيدرآباد دکن پُهتا ۽ انهن سانڏن مان شادي ڪيائون.[223] "سندن سُهري کي لشڪري ميان سڏيندا هئا".[224]

Gul Hayat Institute

ميان پنيلڏي سائين جي شادي، مير محبوب علي خان آصف جاهه ڇهين جي دورِ حڪومت ۾ سن 1881/1882ع ڌاري حيدرآباد دکن ۾ ٿي[225]

---

[222] حضرت قبله حضرت مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ سائينرح جن اها يادگار ڳالهه 21_ سيپٽمبر 1992ع تي سندن وڏي بنگلي تي مون کي ٻڌائي هئي.

[223] راوي حضرت مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ سائينرح.

[224] راوي آخوند محمد هاشم ڏسو ضميمو 3 ۽ 4.

[225] مير محبوب علي خان (1866_1911ع) 1869ع ۾ دکن جو نظام ٿيو. ڏسو The Last

## ڪافي[235]

سڄڻ ڪيو ناگاهه نظر، اکيون وهن نارا نديون،
هو اکيون حاڪم هنن جون، هي اکيون هن جيون بنديون.
هي سڪن هن لاءِ هميش، هر لحظ ڪيو يار ياد،
هن کي شڪرانو ۽ شاباس، هو نه ڄاڻان ڪيئن ڪنديون.
حسن سان همذات ٿيو، جلوت ڏسي ٿيون جان نثار،
سي پسڻ ڏاران نه پرچن، جي ڏکن آهن ڏڌيون.
سڪ جي سوزش سرخ ڪيون، ابرو اُتم ٿيون آبدار،
سي وسن ”لوهو“ جيون نهرون، برهه جي باد ٻنديون.
”پنيل“ پابوس جانان، روز ازل کان تاشمار،
محب توکي معافي ڏيندو، ميٺي مر مرشد منديون.

## ڪافي[236]

عشق اصل ڪنئون اڙانگو پرت جو پنڌ پري ٿيو.

1 مُلهه ته ملندئي ڪينڪي، سر ڏئي لاهه سانگو.
2 سڌڙيا ٻڌن ٿا ٻار ۾، طلب وارن کي آهه تانگهو.
3 هن دنيا جي دور سان، دل رکڻ آهي سنهن دانگو.
4 گُم ٿي ”غلام النبي“، نا ته سڏيندئي نياڳو.

## ڪافي[237]

مون کي هوت ملي هيڪار دعا ڪريو ڙي جيڏيون.

1 شهر بحر پٽيون، ووڙيندي‌س وڻڪارَ.
2 مون تان ائين نه پانئيون، ڄَت آهن جهونجهارَ.
3 آهي اميد الله ج ۾، دم نه ٿيان هڪ ڌارَ.
4 ”پنيل“ جي ٻه پريت جي ميان، پريئن منجهن پچارَ.

Gul Hayat Institute

---

235 ڪليات امين، ص: 318.
236 سروري خاندان جون علمي ادبي ديني خدمتون، ص: 183.
237 ڪلياتِ امين، ص: 315.

## ڪافي[238]

اڙي منهنجا راڻا آئون نتي جاڻان.
جاڻا الا_ کهڙي ڏوهہ ڪيو اٿئي ڏمر.

1_ وڻَ تہ ويچارا ميان ڪاڪ ڪنڌين جا
توريءَ ڪنور ڪوماڻا_الا_سوڍل ساوا اچي ڪر.

2_ سوڍل منهنجو ميان سڀ ڪان سهڻوڙي ادا،
بيا سڀ ڪوجها ڪاڻا_الا_آءُ اڪين جي تہ اندر.

3_ پريت "پنيل" چوي ميان مومل مارئي ڙي ادا،
وٽنس ڪين وڃاڻا_ الا_ آءُ گهوريءَ جي تون گهر.

# ضميما:

## 2: "سليم" هالائي ابڙو

(1918_1992ع)

قاضي عبدالحئي ولد حاجي سليم الدين ابڙو 12_ نومبر 1918ع تي هالا ۾ تولد ٿيو. ابتدائي تعليم هالا ۾ حاصل ڪري مئٽرڪ گورنمينٽ هاءِ اسڪول ڪونٽري مان پاس ڪيائين ۽ پوسٽ ٽيليگراف کاتي ۾ ڪلارڪ مقرر ٿيو بعد ۾ انسپيڪٽر آف پوسٽ آفيسز ٿيو. ڪراچي مان بي_ اي، ايل_ايل_ بي پاس ڪيائين. بعد ۾ اطلاعات کاتي ۾ انفرميشن آفيسر ٿيو. ڪجهہ وقت لاءِ "ڳوٺ سڌار" کاتي ۾ پڻ نوڪري ڪيائين. جتان انديانا يونيورسٽيءَ ۾ سمعي ۽ بصري تعليم ۾ ايم_ايس_سي ڪيائين. پاڪستان واپس اچي سنڌيءَ ۾ ايم _اي فرسٽ ڪلاس سيڪنڊ پوزيشن ۾ پاس ڪيائين. ڪجهہ وقت بي_ايڊ ڪاليج سکر جو پرنسپال تي رهيو.

1962ع کان 1965ع تائين منهنجي (طالب المولىٰ) جي خواهش تي "سروري اسلاميہ ڪاليج" هالا جو پرنسيپال تي رهيو. اتان واپس انفرميشن

---

[238] تذڪره شعرائي هالا، ص: 16

ڪاتي ويو. جتان 1_ مئي 1977ع ۾ رٽائرڊ ٿيو ۽ هالا ۾ سليم هوميوپيٿڪ دواخانو ڪوليائين. سليم صاحب سٺو شاعر، اديب، نثر نويس ۽ صحافي هو. هن منهنجو (طالب الموليٰ) جو ڀهريون ڪتاب "بهارِ طالب" بہ ترتيب ڏنو. ان ڪان سواءِ "تذڪره شعراءِ هالا" "شڪوه سنڌ" ۽ انعام يافتہ ڪتاب "گل بانو" لکيائين. عُمر جا پويان 15 سال ديني خدمت لاءِ وقف ڪري ڇڏيائين. پنهنجي حياتيءَ ۾ پنهنجو ڪلام ضايع ڪري ڇڏيائين. سليم صاحب 23_ آگسٽ 1992ع ۾ وفات ڪئي. (ياد رِفتگان، مخدوم طالب الموليٰ، ص: 423/422).

## سندس ڪلام

ان بت خاموشي ڪي پوڇيندي انسان ڪيترو،
حسن ظاهر تي اجا تون هوندين حيران ڪيترو.

وٺ سنيالي اقتضائي نفس نادان جو لغام،
آخرين اسپِ هوس کي ڏيندين ميدان ڪيترو.

دل تہ هڪڙي ننيڙِ ڪشتي، موجزن درياءِ عشق،
اف! رقابت جو اُتي روڪيندين طوفان ڪيترو.

نيٺ رسوائي ڪندو هيءُ عشق جانان عام ۾،
آه! سانڍيندين سڄڻ جو سوز پنهان ڪيترو.

دشت غفلت ۾ وڃائي واٽ وينين راهرو!
پنهنجي منزل جو پڇائيندين تون نيشان ڪيترو.

دور آ مقصد جي منزل جنهن جي نامعلوم راه،
بي ثمر بنده! لتاڙيندين بيابان ڪيترو.

دل ڏني آهي تہ اميد وفا تي الغياث،
دل ڏئي بي درد کي آهين پريشان ڪيترو

Gul Hayat Institute

# 3: آخوند محمد هاشم علوي

(1930_2000ع)

آخوند محمد هاشم وڏو فراخ دل، خوش مزاج ۽ سادگي پسند شخص هئو جيترو وقت تعليم کاتي ۾ رهيو اوترو وقت استادن، اسٽاف ۽ شاگردن جي هر دلعزيز شخصيت سمجهيو ويندو هئو. آخوند محمد قاسم علوي جي ناچاڪائي دوران پاڻ، اسان کي قرآن شريف پڙهائيندو هئو ۽ آخوند محمد قاسم کان پوءِ اسان کي باقاعده تعليم ڏنائين. آخوند صاحب کي ڪافي سالن کان ذيابطيس ٿي پئي هئي ان جي باوجود سردي هجي يا گرمي ڪڏهن به پنهنجي فرائض منصبي ۾ ڪوتاهي نہ اچڻ ڏنائين. آخوند محمد قاسم ۽ آخوند ربّ ڏني کان پوءِ پاڻ حضرت غوث الحق مخدوم نوح عليہ الرحمت ۽ سندن خاندان متعلق مڪمل معلومات رکندو هئو. هن ڪتاب جي تياري ۾ منهنجي تمام گهڻي مدد ڪيائين.

## شجرو:

آخوند محمد هاشم بن آخوند محمد قاسم (آخوند داون) بن حافظ ولي محمد بن آخوند حافظ محمد قاسم بن حافظ محمد حاصل بن حافظ قاسم بن حافظ پنيو بن محمد احسان بن حافظ ربّ ڏنو بن محمد قاسم بن حاجي حبيب الله بن محمد احسان بن حاجي نعمت الله بن حاجي امان الله بن حافظ نور محمد بن حافظ عبدالواحد مجاور.

## ولادت:

آخوند محمد هاشم جي ولادت 5_ شعبان 1349ع مطابق 26_ ڊسمبر 1930ع تي جمعي جي ڏينهن شام جو 5 بجي هالن ۾ ٿي. سندس ڀانگ جو نالو” محمد حاصل “ هئو جيڪو سندس بزرگن جي نسبت هئڻ ڪري مٽس رکيو ويو هئو.

## والد بزرگوار:

آخوند محمد هاشم جو والد آخوند محمد قاسم علوي وڏو قابل ۽ لائق انسان هئو. سندس ولادت 12_ اپريل 1910ع تي هالا ۾ ٿي. آخوند محمد

Gul Hayat Institute

قاسم اسان جو استاد هئو ۽ قرآن پاڪ جي تعليم ڏيندو هئو سندس انتقال 10۔ جولائي 1973ع تي ڪافي وقت بيمار رهڻ بعد ٿيو. سندس غير حاضريءَ ۾ آخوند محمد هاشم اسان کي قرآن شريف پڙهائيندو هئو.

## تعليم:

آخوند محمد هاشم قرآن شريف جي تعليم سندس چاچي آخوند حافظ مولوي ربّ ڏني کان ورتي. 1941/1940ع ڌاري (ڪافي وڏي عمر ۾) هالا جي سنڌي پرائمري اسڪول ۾ داخل ٿيو ۽ ٽن درجن تائين علم حاصل ڪيائين. 1965ع تي پير سيد حاجي محب الله شاهہ راشديءَ وٽان سَند مليس. 1۔ آگسٽ 1965ع تي تعليم کاتي ۾ قرآن شريف ۽ فقهہ جو معلم مقرر ٿيو ۽ 30۔ نومبر 1986ع تائين خدمتون انجام ڏنائين، 1۔ ڊسمبر 1986ع کان درگاهہ حضرت غوث الحق حضرت مخدوم نوح عليہ الرحمت جي پيش امام جي ذميداري سنڀاليائين جيڪا آخر تائين انجام ڏنائين.

## شادي:

آخوند صاحب جي شادي خانۂ آبادي 9۔ رجب المرجب 1370هہ بمطابق 17۔ اپريل 1951ع تي حيدرآباد جي نائين واري پڙ وٽ رهندڙ سومرن مان، لڪاني سومري جي نياڻيءَ سان ٿي. آخوند صاحب جي اهليه انتهائي شريف ۽ عبادت گذار هئي جنهن جو انتقال 19۔ شوال 1411هہ بمطابق 3۔ مئي 1991ع تي جمعي جي ڏينهن رات جو 8 بجي هالن ۾ ٿيو.

## اولاد:

آخوند صاحب هڪڙي شادي ڪئي، کيس 5 نياڻيون ۽ 3 پٽ تولد ٿيا، سندس وڏو پٽ آخوند علي محمد عرف آخوند مشتاق احمد 4۔ محرم 1380هہ مطابق 30۔ جون 1960ع تي ڄائو ۽ منهنجو ٽيج شريڪ آهي، شاعري سان دلچسپي اٿس، ڪجھہ وقت تعليم کاتي ۾ نوڪري ڪرڻ بعد هاڻ آخوند محمد هاشم جون ذميداريون سنڀالڻ لڳو آهي. آخوند محمد هاشم جو ٻيو نمبر پٽ آخوند عبدالفتاح عرف آخوند آفتاب احمد 20۔ ذوالحج 1385هہ مطابق 12۔ اپريل 1966ع تي ڄائو ۽ سندس ننڍو پٽ آخوند عبدالعزيز عرف اشفاق احمد 13۔ ذوالقعد 1390هہ مطابق 11 جنوري 1981ع تي تولد ٿيو.

Gul Hayat Institute

انتقال ڪيو. ٻنهي ڀائرن، سائين ڀڪن ڌڻيءَ جي حاضري دل جي عقيدت سان ڏني. حاجي عبدالغني ڀڪن تي سندن حاضري ڏني ۽ مسافريءَ ۾ ٻہ سندن نوڪريءَ ۾ مصروف رهندو هو ۽ سندن منشي ٻہ تي رهيو. حاجي عبدالمنعم، سائين جن جي حاضريءَ تي حاضر هوندو هو. سائين ڀڪن ڌڻيءَ سان ظهر جي نماز درگاهہ تي پڙهي، پوءِ سائين راهونڊ تي ويندو هو. خاص ڪري سائين جن جو ڪلام، سندس ورد زبان هوندو هو. سيد حيدر شاهہ جو ڪلام، سائين ڀڪن ڌڻيءَ کي پڙهي ٻڌائيندو هو. سائين ڀڪن ڌڻيءَ جي خط جو جواب جو نظمي صورت ۾ هوندو هو، سو سيد حيدر شاهہ ۽ سيد فاضل شاهہ ڏي کڻي ويندو هو. حاجي عبدالمنعم غير شادي شده هو. باقي حاجي عبدالغنيءَ کي ٻہ پٽ ۽ ٽي نياڻيون ٿيون. انهن مان ٻہ پٽ سندس حياتيءَ ۾ فوت ٿي ويا. باقي ٽن نياڻين مان، ٻن کي اولاد آهي. وڏي نياڻيءَ کي ٻہ پٽ حافظ عبدالفتاح ۽ مولوي حافظ عبدالعزيز آهن ۽ ننڍي نياڻيءَ جو اولاد، آخوند محمد قاسم (مير منشي قبلہ حضرت مخدوم "طالب المولىٰ") ۽ مولوي حافظ ربَ ڏنو آهي.

## واقعاتي تاريخ:

(1252_1269 هہ/1836_1852ع)

### 1836ع

ڊسمبر:

حضرت مخدوم زمان رابع رحمة الله عليه جن حضرت غوث الحق مخدوم نوح رحمة الله عليه جن جي ٻارهين پاڳاري جي حيثيت سان مسند خلافت تي ويٺا.

### 1839ع

10_اپريل:

هاسارام سُندرداس ڀمناڻي روهڙي ۾ ڄائو شاعر ۽ ليکڪ هئو.

24_ ڊسمبر:

هزهائينيس مير محمد نصير خان "جعفري" سنڌ جي تخت تي ويٺو.

### 1840ع

20_ جنوري:

نامي گرامي بجر خان، مبارڪ بگٽي ۽ ڊومڪين ۽ جکراڻين جا 48 سردار گرفتار ٿيا.

Gul Hayat Institute

1843ع

15_ فيبروري:
بلوچن جوش ۾ اچي، ميجر آئوٽرام جي 'ڇانوڻي حيدرآباد' تي حملو ڪري قتل و غارت گري ڪئي. ميجر آئوٽرام جان بچائي ٻيڙيءَ ۾ چڙهي وڃي پهتو.

17_ فيبروري:
مياڻيءَ جي جنگ تي، سنڌ جي ميرن کي شڪست آئي، انگريزن سنڌ تي قبضو ڪيو.

21_ فيبروري:
سر چارلس نيپئر، حيدرآباد جي قلعي ۾ داخل ٿيو ساڻس گڏ مير نصير خان ٽالپر جو ديوان مينارام، خدمتگار بهادر ۽ آخوند محمد بچل 'انور' پڻ گڏ هئا.

24_ مارچ:
دو آبي واري جنگ تي.

10_ اپريل:
مير صوبدار خان ۽ هيٺيان مير صاحبان باندي ٿي، جلاوطن بڻجي، "نمرود" نالي جهاز ۾ ڪلڪتي ڏانهن روانا ٿيا (10 _ربيع الاول 1259هه).

1_ مير نصير خان بن مير مراد علي خان.
2_ مير محمد خان بن مير غلام علي خان.
3_ مير شهداد خان بن مير نور محمد خان.
4_ مير حسن علي خان بن مير نصير خان.
5_ مير عباس علي خان بن مير نصير خان.
6_ مير فتح علي خان بن مير صوبدار خان.
7_ مير محمد علي خان بن مير صوبدار خان.

23_ اپريل:
باقي هيٺيان مير صاحب ٻـ ٻاهر روانا ڪيا ويا (23_ ربيع الاول 1259هه).

1_ مير حسين علي خان بن مير نور محمد خان.
2_ مير محمد خان بن مير مراد علي خان.
3_ مير يار محمد خان بن مير مراد علي خان

1844ع

23_ مارچ:
مولانا غلام صدّيق شهدادڪوٽي چالو (4_ ربيع الاول 1260هه). علامه نور

Gul Hayat Institute

محمد شهدادڪوٽي جو ننڍو فرزند هو.

1845ع

14ـ اپريل:

هزهائينيس مير محمد نصير خان "جعفري" جو ڪلڪتي ۾ انتقال ٿيو. کيس سندس وصيت موجب ڪربلا معليٰ ۾ سپرد خاڪ ڪيو ويو.

1846ع

15ـ مارچ:

صوفي سيد رکيل شاهه 'رکيل' ڳوٺ فتح پور گنداواهه رياست بلوچستان ۾ تولد ٿيو. سندس سلسلءِ نسب حضرت امام حسين عليه السلام سان ملي ٿو. صوفي رکيل شاهه، حضرت شاهه عنايت الله شهيد رحمة الله عليه جو مريد هو.

9ـ جولائي:

هزهائينيس مير صوبدار خان "مير" جو انتقال ٿيو.

1847ع

26ـ اپريل:

پير سيد علي گوهر شاهه اول جو وصال ٿيو (11ـ جمادي الاول 1263هه). پير صاحب جو تخلص "اصغر" هئو.

1848ع

10ـ جولائي:

ساڌو نولراءِ حيدرآباد ۾ ڄائو. سنڌ ۾ 'برهمو سماج' جو بنياد رکيائين.

1849ع

31ـ جولائي:

صوفي صادق فقير 'صادق' جو انتقال ٿيو (11ـ رمضان 1265هه). صوفي صادق فقير جي ولادت 1170هه مطابق 1756ـ1757ع ۾ ٿي. "صوفي صادق فقير پنهنجي وقت جو برگزيده ۽ خدا رسيده صوفي بزرگ ۽ اعليٰ مرتبت ۽ عظيم الشان شاعر ٿي گذريو آهي. سنڌ ۾ سندس معتقد ۽ مريد وسيع ۽ ڪثير تعداد ۾ موجود آهن."

18ـ ڊسمبر:

محمد عارف شڪارپوريءَ جو وصال ٿيو (2ـ صفر 1266هه). سندس تخلص

Gul Hayat Institute

'صنعت' هو ڪيس امين شاهہ چشتيءَ جي قبرستان ۾ دفنايو ويو.

1850ع

20_ مئي:

راءِ بهادر ديوان تارا چند، حيدرآباد ۾ ڄائو هي صاحب ساڌو نولراءِ ۽ ساڌو هيرانند جو پاءُ هو.

1851ع

12_ جنوري:

ميان موسيٰ مداح جو انتقال ٿيو (9_ ربيع الاول 1267هه).

12_ جنوري:

خليفي محمود نظاماڻي جو انتقال ٿيو (9_ ربيع الاول 1267هه). خليفي جي والد جو نالو گنهور خان هو. سندس مزار ڪڙيئي گنهور ضلعي بدين ۾ آهي، جيڪا سندس پٽ لطف الله 1302هه/1774_1885ع ۾ تعمير ڪرائي.

22_ جنوري:

مولانا عبدالله پيرائي جي ولادت ٿي. مولانا عبدالله بن مولانا محمد ڪامل بن مفتي محمد قريشي صدّيقي جو تعلق قمبر سان هو. سندس ولادت پير نالي هڪ ڪچي واهڻ ۾ ٿي.

15_ سيپٽمبر:

مولوي محمد عاقل ولد آخوند الهنواز سومرو پير ڳوٺ ۾ ڄائو. سندس تخلص 'عاقل' هئو. 3_ سيپٽمبر 1961ع تي وصال ڪيائين.

1852ع

25_ آگسٽ:

حضرت مخدوم پير ميان غلام نبي عرف پنيلڏو هالن ۾ تولد ٿيو. سندس تخلص 'پنيل' هئو. پاڻ حضرت مخدوم محمد زمان رابع رحمة الله عليه، 12_ سجّاده نشين جو آخري فرزند ۽ وقت جو بهترين ڪافي گو شاعر ٿي گذريو آهي.

2_ ڊسمبر:

حضرت مخدوم محمد زمان رابع رحمة الله عليه جن جو 34 سالن جي عمر ۾ انتقال ٿيو سندن مزار حضرت غوث الحق مخدوم نوح رحمة الله عليه جي قبي ۾ چوڪنڊيءَ ڪان ٻاهر الهندي پاسي آهي. (19، صفر 1269 هه).

Gul Hayat Institute

# حضرت

# مخدوم محمد امين ثالث

# صدّيقي قريشي هالائي رحمة الله عليه

# "پکن ڏٽي سائين"

(13 ـ سجَاده نشين درگاهه شريف، هالا)

(ولادت: 1254هه/1838ع، هالا نوان)

(سجَاده نشيني:1269/ 1852ع)

(وصال: 1303هه/1886ع، هالا نوان)

(مدفن: وڏو قبو، درگاهه شريف، هالا سِنڌ)

Gul Hayat Institute

ولادت ۽ تعليم

شادي ۽ اولاد

سجّاده نشيني

پڪن ڏٽي سائين رحمة الله عليه سان حيدر شاهه جي ملاقات

ست بگهاڙين جو قصّو

وصال

حضرت مخدوم امين محمد ثالث رحمة الله عليه جي فرزندن جو احوال

پڪن ڏٽي سائين رحمة الله عليه جن جي شاعري ۽ ڪلام

ضميما

واقعاتي تاريخ (1269_1303هه/1852_1886ع)

Gul Hayat Institute

طالب مولا مردسي ڏسيو اکيون لڙن
واحدﷻ! مانَ ورن رمي اهي راهونڊ ۾.
مخدوم طالب المولىٰ رحمة الله عليه

پکن وارا صاحب پنهنجي والد حضرت مخدوم محمد زمان رابع جا مريد هئا[243] ۽ سندن تربيت جو بنياد بہ والد بزرگوار جي هدايتن تي ٻڌل هئو. سندن حلقۂ احباب، سيد حيدر شاهہ حيدر، خواجہ عبدالرحمان نقشبندي (وصال: 98_1897ع) ۽ سيد فاضل شاهہ[244] جهڙن بزرگن، عالمن ۽

---

[243] علامہ دائود پوٽي (ولادت: 25 مارچ 1896_ وصال: 22 نومبر 1958ع) ڪتاب "سرها گل" ۾ لکيو آهي تہ "پير ميان امين محمد، حضرت مخدوم نوح رحمة الله عليه جي اولاد مان وڏي هدايت وارو بزرگ ٿي گذريو آهي. خواجہ عبدالرحمان نقشبندي وٽان امانت مليس".
پروفيسر محبوب علي چنا (ولادت: 12 مارچ 1922_ وصال: 22 نومبر 1977ع) ماهوار رسالي فردوس جي "حضرت مخدوم نوح نمبر" ص: 30 تي ان جي جواب ۾ لکي ٿو تہ "حضرت مخدوم صاحب، خواجہ عبدالرحمان صاحب جن جا مريد هئا؟ اهڙي ڪا بہ ثابتي حضرت مخدوم صاحب جنجي ڪتابن خواه روايتن مان نٿي ملي". مون (مصنف) ٻئي ڳالهيون پڙهڻ بعد تاريخ 14 اپريل 1992ع تي عاليجناب حضرت مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ سائين رح جن کان ان بابت پڇيو هئو. پاڻ ان وقت سندن وڏي بنگلي تي هئا ۽ جيڪو جواب ڏنائون اهو مندرجہ ذيل آهي:
**"پکن وارا صاحبَ پنهنجي والد جا مريد هئا. سندن تربيت جو بنياد بہ سندن والد جي هدايت تي ٻڌل هئو، جيڪڏهن پاڻ خواجہ صاحب جا معتقد هجن ها تہ مٿن يعني پکن وارن صاحبن تي خواجہ صاحب جي مشرب وغيره جو اثر هجي ها. جنهن جي ڪا حقيقت ڪانهي".**

[244] **سيد محمد فاضل شاهہ** رحمة الله عليه (1836_1901ع):
سيد محمد فاضل شاهہ بن سيد حيدر شاهہ بن سيد اسماعيل شاهہ. 1252هہ مطابق 1836ع ۾ حيدرآباد ۾ ڄائو. فارسيءَ جي تعليم مولوي ولهاريءَ کان ورتائين، مولوي محمد حسن وٽ عربيءَ جي تحصيل حاصل ڪيائين (ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، ڪافيون جلد 1 ص: 408). فاضل شاهہ جڏهن مڪتبن ۽ مدرسن جي محدود گهيري مان نڪتو تہ ڪيس پيٽ گذر لاءِ ڳولا ڪرڻي پئي علمي مرڪزن ۽ مجلسن ۾ حصو وٺڻ، تقريرون ڪرڻ، همعصرن سان تحريري مقابلو ڪرڻ ۽ شعر ٺاهڻ سندس شروعاتي، مشغوليون هيون (ڊاڪٽر غلام علي الانہ، منتخب ديوان فاضل ص: 6). سائين فاضل شاهہ، انگريزن جي اڳياڙي واري زماني جو جيد عالم، مفتي، مفسر، فقيهہ ۽ شاعر ٿي گذريو آهي، سندس تعلق ٽن متشرع طريقن سان هو جن مان حضرت مخدوم نوح رحمة الله عليه هالن واري جو سهروردي طريقو بہ اچي وڃي ٿو (پروفيسر محبوب علي چنا، ڪلياتِ امين ص: 51). سيد محمد فاضل شاهہ، حضرت مخدوم محمد امين ثالث رحمة الله عليه جو معتقد ۽ گهاٽو دوست هئو ساڻن بيحد محبّت ڪندو هئو. شروع ۾ حضرت مخدوم امين محمد ۽ سندن مشرب کان

نقيرن تي مشتمل هوندو هئو ۽ اهڙن ئي الله وارن سان سندن رهاڻيون ٿينديون هيون.

ڏسي عين الک جا ٿيا لاهوتي لالَ
صُمٌّ بُکْمٌ عُمْيٌ جوڳين ٿيا جمالَ
نانگن کي ناسوت ۾ ٿيا قربَ ڪمالَ
حاضر ڏٺا حالَ ويراڳين وصال جا
پکن ڏٺي ﷫

## ولادت[245] ۽ تعليم:

حضرت مخدوم محمد امين ثالث رح 7 شعبان المعظم 1254هه مطابق 26

---

سخت احتزاز ڪندو هئو ۽ نهايت خراب سمجهندو هئو. جڏهن حيدرآباد شهر جو قاضي مقرر ٿيو تہ اتفاقاً پکن وارن صاحبن سان راهہ هلندي ملاقات ٿيس. اُتي ڪافي ٻيا ماڻهو بہ موجود هئا. پاڻ پکن وارن صاحبن کي بيهاري ڪائنن تصوف جا ڪي پيچيده سوال پڇيائين. حضرت مخدوم امين محمد ﷫ جن هڪ سوال جو نهايت مفصل ۽ ٿورن لفظن ۾ جواب ڏنو ۽ تشريح ڪئي. سيد فاضل شاهہ تي ڏاڍو اثر ٿيو ۽ زارو زار روئڻ لڳو. اڳتي وڌي اچي پکن وارن صاحبن سان مليو ۽ هميشہ لاءِ سندن قرب ۾ قابو ٿي ويو (راوي، سيد علي احمد شاهہ اجناڻي). حضرت مخدوم امين محمد صاحب عليہ الرحمه سان بہ سائين فاضل شاهہ جو گهرو عقيدت مندانہ رستو هئو. حضرت مخدوم صاحب جن سائين فاضل شاهہ جن جي پاڙي ۾ اوستي الياس نيروڻي جي اوطاق تي گهڻي قدر اچي رهندا هئا ۽ سائين فاضل شاهہ بہ گهڻي حب سان هالن ۾ وڃيو حضرت مخدوم صاحب جن جي صحبت جو فيض حاصل ڪندو هئو. جڏهن حضرت مخدوم صاحب، دنيا جا لڳ لاڳاپا ڇڏي ڪري، هالا شهر کان پري راهوبڻ مڪان ۾ وڃي زهد ۽ رياضت ۾ مشغول ٿيا هئا، تڏهن سائين فاضل شاهہ بہ دنيا جا سڀ ڪم ڪار ڇڏي ڪري ساندهہ ٻارهن مهينا مسجد جي ڪنڊ وسائي ويٺو (محمد صدّيق مسافر، ديوان فاضل ص: 50_51) سيد محمد فاضل شاهہ ﷫ جو انتقال 67 سالن جي ڄمار ۾ 21 شعبان 1319هه (گنجينئہ اسرار سروريہ) مطابق 3 ڊسمبر 1901ع تي ٿيو.

"فرض فاضل ڪر فقيري فخر سان ـ مڪر جا قانون ڪر مسمار مچ."

245 حضرت مخدوم محمد امين ثالث ﷫ جي ولادت جي تاريخ گنجينئہ اولياءَ قلمي جي ص: 198 ۽ 250 تي 14 رمضان المبارڪ 1256 هه مطابق 9، نومبر 1840ع ڄاڻائي ويئي آهي. هتي ڪچڪول، شاعر ۽ پيغام نوح ۾ ڏنل ولادت جي تاريخ کي وڌيڪ مستند سمجهي ڏنو پيو وڃي. گنجينه اولياء، حضرت غوث الحق مخدوم نوح ﷫ جن جي پندرهين سجّاده نشين صاحب شريعت حضرت مخدوم ظهير الدين ﷫ جن جي حڪم ۽ نگراني هيٺ 1341هه مطابق 1923/22ع تي پراڻن قلمي نسخن تان پيٽي مرتب ڪيو ويو هئو.

Gul Hayat Institute

آڪٽوبر 1838ع تي جمعہ جي ڏينهن هالا ۾ ڄاوا. مٿن پنهنجي ڏاڏي جو نالو "محمد امين" رکيو ويو. راهوند تي پڪا ٺاهي وڃي رهيا ان ڪري مٿ مائٽ ۽ جماعت وارا کين "پڪن ڌڻي" ۽ "پڪن وارا صاحب" سڏيندا هئا. آسائش سان ڀرپور زندگي ڪي ڇڏي فقيري آستانو وسائڻ جي سبب قديم قلمي ڪتابن ۾ سندن ذڪر "عارف باالله" ۽ "ابراهيم ادهم ثاني" جهڙن القاب سان ڪيو ويو آهي. محمد امين کان علاوه سندن ٻانگ جو ٻيو نالو "اميد علي" هئو. پراڻي خانداني دستور مطابق اُستي گلاب سومري[246] جي والده ماجده کين کير ڌنو. حضرت مخدوم محمد امين ثالث رحمة الله عليه جو ننڍپڻ هالا ۾ گذريو ابتدائي تعليم بہ هالا ۾ ورتائون. قرآن پاڪ جو علم درگاهہ حضرت مخدوم نوح عليہ الرحمت جي مجاور آخوند حافظ محمد قاسم[247] وٽ پڙهيا. حضرت امين

---

[246] **اُستو گلاب ڪٽي** (1843_1964):

اُستو گلاب سومرو عرف اوستو گلاب ڪٽي 1259هہ/1843ع ڌاري هالا ۾ ڄائو. اجا ننڍو هئو تہ سندس والد حاجي پريل سومرو گذاري ويو تنهن ڪري ٻاراڻي وهي ۾ گهر جو سڄو بار مٿس آيو. ڦوه جوانيءَ ۾ حيدرآباد (سنڌ) مان شادي ڪيائين، 9 فرزند ۽ ٽي نياڻيون ٿيس. سندس اهليہ ۽ ٽي فرزند سندس حياتي ۾ وفات ڪري ويا. باقي ڇهہ پٽ ۽ ٻہ نياڻيون ڪانئس پوءِ دارالبقا ڏي راهي ٿيا. هن وقت سندس هڪڙي نياڻي حيات آهي، جنهن جي شادي حيدرآباد ۾ ٿيل آهي. اُستو گلاب، حضرت مخدوم محمد امين ثالث رحمة الله عليه جن جو ٽيج شريڪ ڀاءُ هئو عمر جو وڏو حصو سندن حاضري ڏنائين. ساڻن گڏ اٿيو ويٺو ڏينهن ۽ راتيون گذاريئين. ڪيس پڪن ڌڻي رحمة الله عليه جن جا ڪيئي واقعا ۽ ڳالهيون چڱيون ياد هونديون هيون ۽ اڪثر اهي ٻڌائيندو رهندو هئو. حضرت مخدوم محمد زمان سرڪار رحمة الله عليه، حضرت مخدوم ظهير الدين رحمة الله عليه، حضرت مخدوم ميان فتح محمد رحمة الله عليه ۽ ٻيا حضرت مخدوم صاحبان سندس تمام گهڻي عزت ڪندا هئا. ڪيس مال ڌارڻ جو شوق هئو وٽس هر وقت اٽڪل 50 مينهون ۽ 100 کن اعليٰ قسم جون ٻڪريون هونديون هيون. اُستي گلاب، حضرت مخدوم نوح سرور رحمة الله عليه جي پنجن سجاده نشينن جو زمانو ڏٺو هو. زندگي جي آخري وقت ۾ بہ سندس نظر بلڪل چٽي هئي ۽ هر ڳالهہ صاف ٻڌندو هئو. پوين سالن ۾ گردي ۾ پٿري ٿي پيس، جنهن جي آپريشن ڪراچيءَ مان ڪرايائين. سندس انتقال 12 جمادي الثاني 1384هہ/19 آڪٽوبر 1964ع تي سومر ڏينهن هالا ۾ ٿيو. سندس عمر 125 سال هئي.

[247] **آخوند حافظ حاجي محمد قاسم (وصال: 1897):**

درگاهہ شريف جو مجاور آخوند محمد قاسم بن آخوند حافظ محمد حاصل، پڪن وارن صاحبن جو استاد هئو. قرآن شريف جي تعليم پنهنجي والد صاحب کان ورتائين ۽

Gul Hayat Institute

نوح رحمة الله عليه جو اولاد آهن. حضرت مخدوم محمد امين عرف پڪن ڌڻي رحمة الله عليه جن کي ٽي نياڻيون ۽ ڇهه فرزند تولد ٿيا. سندن فرزندن جا اسمائي گرامي هي هئا:

حضرت مخدوم محمد زمان سرڪار سائين رحمة الله عليه
(1861_1913ع)

حضرت مخدوم ظهير الدين سائين رحمة الله عليه
(1863_1927ع)

حضرت پير ميان جان محمد رحمة الله عليه
(1868_؟)

حضرت پير ميان مٺن رحمة الله عليه
(1870_؟)

حضرت پير ميان فتح محمد رحمة الله عليه
(1872_1922ع)

حضرت پير ميان نبي بخش رحمة الله عليه
(1879_1888ع)

حضرت مخدوم محمد زمان سرڪار صاحبِ شريعت حضرت مخدوم ظهير الدين، ميان فتح محمد، ميان جان محمد ۽ ميان مٺن پهرئين گهر مان هئا. ميان نبي بخش ٻيئن گهر مان تولد ٿيا. حضرت پير ميان نبي بخش رحمة الله عليه جن جي ولادت کان پوءِ پڪن وارا صاحب جلدئي راهونڊ ڏي اُسريا ۽ فقيري اختيار ڪيائون.

---

مياڻ علي نواز صاحب ڏني. گنجينئہ اوليا موجب پير ميان جمن رحمة الله عليه ۽ پير ميان ربَ رکيو رحمة الله عليه سن 1880ع ۾ بقيد حيات هئا ۽ نورپور ۾ ئي رهندا هئا. پير ميان ربَ رکيي جا ٻئي فرزند پير ميان علي حسن ۽ پير ميان غلام علي بہ حيات هئا. حضرت مخدوم محمد امين ثالث رحمة الله عليه ۽ سندن فرزند حضرت ميان فتح محمد صاحب رح جي شادي خانہ آبادي انهن پير صاحبان وٽان ٿي. منهنجي ملاقات پير ميان امام بخش عرف ايمن سائين سان نہ ٿي سگهي جو سندس طبيعت ناساز هئي، باقي ٽنهي پير صاحبن، پير ميان علي نواز، پير ميان علي حسن ۽ پير ميان علي گوهر سان چڱي ڪچهري ٿي، ان کان سواءِ پير صاحبن جي مقام تي رهندڙ فقير شهمير مورو بہ مليو. ان وٽان بہ معلومات ورتي وئي. مون سان پير مختيار علي شاهہ، پير ميان منصور علي، پير ميان بشير ۽ محمد صالح جت ڊرائيور گڏ هئا. اسين نورپور ۾ ٻپهرن کان ٽورو اڳ پهتاسين ۽ ٻئي ڪلاڪ ترسڻ بعد واپس ٿياسين، پروگرام مطابق رئيس علي نواز خان اُنڙ وٽ قاضي احمد ۾ ٻپهرو ڪري رات جو 8 بجي هالا پهتاسين (مصنف).

Gul Hayat Institute

## سجّاده نشيني:

"والد بزرگوار ۽ مرشد حق آگاهه جي وفات سندن جوانيءَ ۾ غم انگيز جهوراٽو پيدا ڪيو. حضرت مخدوم محمد زمان رابع ﷫ عين عنفوانِ شباب ۾ رحلت فرمائي ويا. امين سائين هن جهوري کي حوصلي ۽ استقلال سان برداشت ڪيو. درگاهه فلڪ پائگاهه جو انتظام، جماعت سروري جي تربيت جو اهتمام سندن ڪُلهي تي آيو".[251]

حضرت مخدوم محمد امين ثالث ﷫ ٻارهن سالن جي ننڍي عُمر ۾ 19 صفر 1269هه /2/1 ڊسمبر 1852ع تي حضرت غوث الحق مخدوم نوح عليہ الرحمت جن جا سجّاده نشين ٿيا. ننڍي عُمر جي باوجود وڏي تحمل ۽ بردباري سان پنهنجون سڀئي ذميداريون انجام ڏنائون. سندن سَجادگي جو عرصو 33 سالن ۽ ڪجهه مهينن تي محيط هئو انهيءَ سڄي دور جو وڏو حصو خدمت خلق ڪندي گذاريائون. زندگيءَ جا پويان چار پنج سال دنيا کي ڇڏي وچي راهونڊ تي منزل انداز ٿيا.

سندن دستار بندي جي ڏينهن ۾ انگريزن کي سنڌ تي قبضو ڪندي نوَ سال گزري چُڪا هئا. لارڊ ڊلهوزي (1812_1860ع)[252] سنڌ جو گورنر هئو. جيڪو 1847ع کان 1856ع تائين ان عهدي تي فائز رهيو. انگريز ۽ سندن حڪومت جا ڪارندا وڏي سوچيل منصوبا بنديءَ سان سنڌ جي زبان، معاشي سماجي نظرين ۽ علمي، ادبي، سياسي مڪاتبِ فڪر تي پنهنجائپ جو انداز رکندي اثر انداز ٿيڻ لڳا هئا. انهن پنهنجا نوان رواج ۽ دستور قائم ڪيا، جن جي ڇاپ اڄا تائين سنڌ جي معاشري ۽ ثقافت تي نمايان آهي.

Gul Hayat Institute

## پکن ڏٺي سائين ﷫ سان حيدر شاهه جي ملاقات:

"مرحوم حاجي حيدر شاهه هڪ شريعت جو پابند عالم هو. جڏهن کيس معلوم ٿيو تہ سندس ڳوٺ "اجن شاهه" جي ويجهو راهونڊ واري ڊٻ ۾

[251] ڪلياتِ امين، ص: 18.
[252] The New Columbia Encyclopaedia, P: 712.

حضرت مخدوم محمد امين صاحب جن دنيا کي ترڪ ڪري فقير ٿي اچي
چلہ ڪشي ۾ ويٺا آهن، تڏهن شاهہ صاحب انهيءَ گس کان هالن ڏي اچڻ
ڇڏي ڏنو جو خيال ڪيائين تہ بدعتي ماڻهن جو ڏسڻ بہ گناهہ آهي ۽ اتي
غير شرعي رسمون هونديون. حقيقت تہ هئي بلڪل ان جي برعڪس. هالن
کان جيڪو شهدادپور رستو وڃي ٿو، ان رستي سان "اجن شاهہ" ٻن ميلن
کان مٿي آهي ۽ هالن کان وچون رستو جيڪو راهونڊ کان آهي، ان رستي
وسيلي "اجن شاهہ" هڪ ميل مس ٿيندو. ان ڪري اڪثر اجن شاهہ جا
ماڻهو راهونڊ واري گس کان هالن ڏي ايندا ويندا هئا. پڪن وارن صاحبن
پنهنجو پڪو انهيءَ گس جي قريب هنيو. هڪ دفعي شاهہ صاحب هالن ڏي
اچي رهيو هو، ان ڏينهن اُٺ تي جَت هو نئون، جنهن کي هي معلوم ئي ڪو نہ
هو تہ ڪو شاهہ صاحب راهونڊ کان هالن ڏي ڪو نہ ايندو ويندو آهي. سو
هليو آيو راهونڊ کان. شاهہ صاحب بہ ان ڏينهن هو ڪنهن پنهنجي ڌن ۾، سو
ڪو بہ ڌيان ڪو نہ ڏنائين. اچي پڪن جي وچ ۾ پهتو ۽ ذڪر "لا اله الا الله"
جو آواز ڪن تي پيس. اتي پاڻ سنڀاليائين تہ ڪٿي اچي ويو آهيان! اُٺ
واري کي چيائين تہ هاڻي اُٺ تڪڙو هڪلي نڪري هل ۽ پاڻ چادر سان
ڪٽي جهنڊ هنيائين، انهيءَ خيال سان تہ انهن فقيرن تي نظر نہ پوي، متان
گنهگار ٿجي. هوڏانهن پڪن وارا صاحب بہ فقراءَ سميت اچي ڪچهري واري
ٿلهي تي سوبرو ئي ويٺا ۽ فقراءَ کي ٻڌايائون تہ اڄ اسان جو دوست اچي ٿو.
جڏهن شاهہ صاحب اچي ٿلهي جي برابر ٿيو تہ پڪن وارن صاحبن چيس تہ
"حاجي حيدر شاهہ! اسين اوهان کي ڏاڍو ياد ٿا ڪريون." اهي لفظ شاهہ
صاحب جي ڪن تي پوندا ويا ۽ شاهہ صاحب هلندي اُٺ تان پاڻ ڪٽي ڇڏيو
۽ ڊوڙندو روئندو اچي حضرت مخدوم صاحب جي قدمن لڳو ۽ گوڏا پيچي
واريءَ ۾ ويهي رهيو. جَت کي چيائين تہ .ابا، هاڻي توکي موڪل آهي آءُ منزل
تي پهتس." شاهہ صاحب بيان ڪندو هو تہ جڏهن هو صاحب حج لاءِ روانو
ٿيو هو تڏهن حرم شريف ۾ نماز بعد سلام ورائڻ وقت هي آواز ٻڌندو هو تہ
"حاجي حيدر شاهہ! اسين اوهان کي ڏاڍو ياد ٿا ڪريون". حيران ٿيندو هوس
تہ هي آواز ڪٿان آيو. اڄ اهو ئي آواز ۽ اهي ئي لفظ ٻڌم. شاهہ صاحب جا
وڏا تہ اصل کان حضرت غوث الحق مخدوم نوح ﷫ جا مريد هئا. پاڻ بہ ان

Gul Hayat Institute

توکي دعا دستگير جي
تنهنجي مدد محمد ﷺ ڪارڻي
ڪج مهر منثار سان
آهين وڏو آڏار

ميان ملڪ ڏٺي مختارَ
۽ چڱا چارئي يارَ
سائين ڏيهه ڏٺي ڏاتارَ
ڪنڌي ڏينهن قيام جي

منثار فقير راڄڙ[254]

## وصال:

قطبِ دوران، عارف الوقت عاليجناب حضرت مخدوم محمد امين ثالث رحمة الله عليه جن جو انتقال 26 رمضان 1303هه[255] بمطابق 29 جون 1886ع تي اڱاري جي ڏينهن هالا ۾ ٿيو. ساڳئي ڏينهن سج لٿي کان پوءِ قدر جي رات 27 رمضان 1303هه /29 جون 1886ع تي ڪين صاحب الفيض والفتوح غوث الحق حضرت مخدوم نوح عليہ الرحمت جن جي پيرانديءَ کان درگاه شريف جي وڏي قبي ۾ سپرد خاڪ ڪيو ويو.

---

[254] رسالو رهنمائي، ڏهر نمبر 2، ص: 48.

[255] گنجنهٔ اوليا، ص: 199/ گنجينهٔ اسرار سروريہ، ص: 14.

مولانا دين محمد وفائي، تذڪره مشاهيرِ سنڌ جلد 1، ص: 175 تي ۽ پروفيسر محبوب علي چنا، ڪلياتِ امين جي ص: 40 تي ۽ ڪچڪول ۾ ڏنل حضرت غوث الحق مخدوم نوح عليہ الرحمت جي سجّاده نشينن واري فهرست ۾ غلط فهميءَ کان حضرت مخدوم محمد امين ثالث رحمة الله عليه جن جي وصال جي تاريخ 27، رمضان 1303هه ڄاڻائي آهي ۽ ساڳئي طرح پروفيسر محبوب علي چنا صاحب مذڪوره اسلامي تاريخ جي عيسوي تاريخ وري 29 جنوري 1886ع بروز اربع لکي آهي جنهن کي تذهوڪي ۽ بعد جي مؤرخن ۽ محققن پنهنجي تصنيفات ۾ ورجايو آهي جيڪو درست ناهي. حقيقت ۾ حضرت مخدوم محمد امين پکن ڏٺي رحمة الله عليه جن جو انتقال 26 رمضان 1303هه تي سج بيلي ڏينهن ڏٺي جو ٿيو هئو پر سندن تدفين سج لهڻ بعد ٿي هئي، اسلامي دستور موجب سج لٿي کان بعد تاريخ متجيو ٿي وڃي. سيني شعرا حضرات پنهنجي شعرن ۾ 27 رمضان 1303هه ڇٽي آهي جيڪا پکن وارن صاحب جي وصال جي نہ پر سندن تدفين جي تاريخ آهي. گنجينهٔ اوليا ۽ گنجينهٔ اسرارِ سروريہ ص: 16 تي پکن وارن صاحبن جي وفات جي تاريخ، وقت ۽ ڏينهن واضح لکيل آهي جيڪو هن طرح آهي: "وصال حضرت مخدوم امين محمد ثالث رحمة الله عليه 26 رمضان 1303ھ، بروز سہ شنبہ وقت يکپاس." اهائي ساڳي تاريخ سندن مزار جي پيرانديءَ کان لڳل تختيءَ تي پڻ درج آهي، تقويم هجري مطابق 26 رمضان 1303هه، 29 جنوري 1886ع نہ پر 29 جون 1886ع ٿئي ٿي ۽ ڊاڪٽر بلوچ "ڪافيون" ۾ پڻ اها تاريخ لکي آهي.

ناڪئو نِگَهبَانُ معلم مُنجي خبرون
جِن ساري ڪنيو سمنڊ تي سفر جو سامان
لطف ساڻ لطيف چئي تِن لنگهيو طوفانِ
سنڀاري سبحـــــــانُ وجي عادَتِئُون اُڪَتا
شاهه عبداللطيف ﷫

وڏائون وحدت جا دل اندر درياهه
بابو ڪاهين بر ڏي سامي سنجهه صباح
وٽي ويراڳين ڪي صبر جي صلاح
تن آديسين کي آههَ انئي پهر الک جي
مخدوم امين محمد پکن ڏٺي ﷫

قاضي عبدالمعالي، حضرت مخدوم محمد ابراهيم نقشبندي نٿوي[256] منتي سعد الله انصاري، ماستر عبدالله نٿوي، آخوند الله بخش انصاري ۽ ٻين شاعرن سندن وصال پر ملال تي قطعات ۽ بيت لکيا هئا جن مان ڪجهه هتي ڏجن ٿا.[257]

---

[256] **حضرت مخدوم ابراهيم نقشبندي (1827_1900ع):**
حضرت مخدوم محمد ابراهيم بن مخدوم عبدالڪريم بن مخدوم غلام حيدر بن مخدوم عبدالڪريم بن مخدوم محمد زمان بن مخدوم عنايت الله بن مخدوم امين محمد بن مخدوم ڪرم الله. ماهه جمادي الاول 1243هه (نومبر 1827ع) ۾ ڄائو. شاعريءَ ۾ تخلص پهريائين "مسڪين" پوءِ "خليل" هئس. سندس شاعريءَ جو زمانو 1296هه (79_1878ع) هو. حضرت مخدوم صاحب علم عرفان ۾ وڏي عظمت جو مالڪ هو. جوانيءَ جي وقت ۾ صوفيانه تعليم ۽ تربيت پوري ڪري طريقت جو مرشد ورتائين. حضرت مخدوم صاحب سڄي زندگي نثر نويسي ۽ شعر و شاعري ۾ گذاري. ديندار واهلِ دل بزرگ هو. هن جي تصنيفن مان "مقالات الشعراءِ" مشهور آهي. هن بزرگ 74 سالن جي عمر ۾ سن 1317هه (1899_1900ع) ۾ وفات ڪئي. حضرت مخدوم محمد ابراهيم خليل پنهنجي دور جو عالم ۽ فاضل، قادر الڪلام شاعر ۽ نقاد هو. هيءُ بزرگ حضرت مخدوم محمد هاشم نٿوي جي ڏهٽاڻ مان آهي، سندس والده ماجده جو نسب نامو هن ريت آهي: بيبي بتول بنت مخدوم عبداللطيف بن مخدوم محمد ابراهيم بن مخدوم عبداللطيف بن مخدوم محمد هاشم نٿوي المتوفي 1174هه (61_1760ع). (ڪلياتِ علوي، ص: 100/101. عيسوي سن ۽ تاريخون تقويم هجري، احمد چنڊ، قلمي تان ورتل آهن).

[257] تفصيل لاءِ ڏسو "ڪلياتِ امين".

شهِ ما ز دُنیا چو تشیرف برد
خدایش مکالید جنت سپرد
به هاتف رَسیده ندائی چنیں
شهنشاهِ جنت محمد امین
(1303هـ)

مفتي سعد الله انصاري

موچاري مخدوم جو ماڳ ٿيو ملڪوت
آڳي آهي عطا ڪيو نرمل ڪي ناسوت
لائق لطف سان لڌو لعل وڃي لاهوت
جاءِ ڪري جبروت واريءَ ۾ ويهي رهيو

آخوند الله بخش انصاري

دلا گریه را دم گیر از رگ ابر، | کِه اینجا عزائی محمد امین است
بیا موز از رعد یرتقب فریاد | که ماتم که این سالك رشد دین است
درین وقت کنهٔبوئی دین فارغ آمد، | باین ترك دنیاش صد آفرین است
ز رمضان چوششِ بودا فزدن عشهرین | برحلت غم افزائی روئی زمین است

*حضرت مخدوم ابراهيم نقشبندي*

## حضرت مخدوم امين محمد ثالث رحمة الله عليه جي فرزندن جو احوال:

## حضرت مخدوم محمد زمان سائين سرڪار رحمة الله عليه
(1861_1913ع)

حضرت مخدوم محمد زمان سرڪار 1861ع ۾ تولد ٿيا. پڪن وارن صاحبن جا وڏا فرزند هئا ۽ سندن وصال بعد 1886ع ۾ چوڏهين سجّاده نشين جي حيثيت ۾ حضرت غوث الحق مخدوم نوح رحمة الله عليه جن جي مسندِ خلافت تي ويٺا. سندن انتقال 1913ع ۾ ٿيو.

Gul Hayat Institute

## حضرت مخدوم ظهير الدين سائين رحمة الله عليه

(1863_1927ع)

صاحبِ شريعت حضرت مخدوم ظهير الدينؒ 1863ع ۾ تولد ٿيا ۽ پڪن ڌڻي رحمة الله عليه جن جا ٻيو نمبر فرزند هئا. حضرت مخدوم محمد زمان سرڪار رحمة الله عليه 1913ع ۾ لاولد انتقال ڪيو سندن جاءِ تي حضرت مخدوم ظهير الدين پنڌرهين سجّاده نشين طور مسندِ خلافت تي ويٺا. سندن انتقال 1927ع ۾ ٿيو.

## حضرت پير ميان جان محمد رحمة الله عليه

(1868_؟)

حضرت پير ميان جان محمد، پڪن وارن صاحبن جا ٽيو نمبر فرزند هئا. سندن ولادت مبارڪ سن 1285هـ[258]/69_1868ع ۾ هالن ۾ ٿي. اندازو آهي تہ پاڻ ڪمسنيءَ ۾ انتقال ڪيائون. ڪين درگاهہ شريف جي حضرت مخدوم نعمت الله رحمة الله عليه واري چوڪنديءَ ۾ سپردِ خاڪ ڪيو ويو. سندن مزار ميان الهبچايو عرف مير سائين رحمة الله عليه ولد حضرت مخدوم ظهير الدين رحمة الله عليه جي پير ۾ آهي.

## حضرت پير ميان متن رحمة الله عليه

(1870_؟)

سندن ولادت 1287هـ[259]/ 1870_1871ع ۾ هالا ۾ ٿي. پاڻ پڪن ڌڻي رحمة الله عليه جا چوٿون نمبر فرزند هئا. پڪن وارن صاحبن، متن پنهنجي والد جناب حضرت مخدوم محمد زمان رابع رحمة الله عليه جي چاچي جو نالو رکيو هئو. پير ميان متن رحمة الله عليه پنهنجي ڀاءُ پير ميان جان محمد رحمة الله عليه وانگر ڪمسنيءَ ۾ هن دورنگي دنيا کي ڇڏي وڃي جنّت الفردوس جا مڪين ٿيا. سندن وفات جي تاريخ هٿ اچي نہ سگهي آهي، ڪين درگاهہ شريف ۾ سيد منگيلڏي شاهہ جي پير سان اپرندي طرف سپرد خاڪ ڪيو ويو.

---

[258] تحفتہ الاوليا قلمي، گنجينئہ اسرارِ سروريہ قلمي، گنجينئہ اولياءَ، ص: 252.

[259] تحفتہ الاوليا قلمي/ گنجينئہ اسرا سروريہ قلمي/ گنجينئہ اولياءَ، ص: 252.

Gul Hayat Institute

۾ هوندي هئي.

هڪڙي پيري پنهنجي والد صاحب جي حڪم تي پنهنجي وڏي ڀاءُ حضرت مخدوم ظهير الدين سائين رحمة الله عليه جن سان گڏ مسافريءَ تي اُسريا جتي پڪن وارن صاحبن رحمة الله عليه پنهنجن هٿن سان لکيل خط ڏانهن موڪليو هو اهو خط هاڻي خاندان جي نوادرات ۾ شامل آهي. فتح محمد سائين رحمة الله عليه جن کي اولاد ڪو نه ٿيو سندن انتقال (تقريباً) 52 سالن جي عمر ۾ 20 شوال 1340هه [262] بمطابق 17 جون 1922ع تي ڇنڇر جي ڏينهن هالا ۾ ٿيو. سندن وصال وقت، عاليجناب حضرت مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ سائين رح جنجي عمر اڍائي سال ڪن هئي. حضرت فتح محمد سائين رحمة الله عليه جن کي درگاهه شريف ۾ حضرت مخدوم نعمت الله رحمة الله عليه واري چوڪنڊي ۾ سندن ننڍي چاچي حضرت پير ميان پنيلڏي "پنيل" صدّيقي قريشي رح جنجي پرسان اپرندي پاسي دفنايو ويو.

## حضرت پير ميان نبي بخش رحمة الله عليه

(1879_1889ع)

پاڻ حضرت مخدوم محمد امين ثالث رحمة الله عليه جن جا سڀني ۾ ننڍا فرزند ۽ آخري اولاد هئا. سندن ولادت 1297هه [263]/80_1879ع ۾ هالا ۾ ٿي. ميان نبي بخش سائين جا ناناڻا ذات جا شورائي هئا. سندن ولادت کان پوءِ جلد ئي پڪن وارا صاحب فقيري اختيار ڪري راهوند تي رهڻ لڳا. ميان نبي بخش جي حياتي جو وڌيڪ احوال ملڻ جي توقع آهي. پاڻ ڏهن سالن جي عمر ۾ پڪن ڏٺي رحمة الله عليه کان ٻه سال کن پوءِ سن 1306هه [264] مطابق 89_1888ع ۾ انتقال ڪيائون، ان وقت سندن وڏا ڀاءُ حضرت مخدوم محمد زمان سرڪار رحمة الله عليه سجّاده نشين هئا ۽ حضرت مخدوم غلام محمد عرف گل سائين رحمة الله عليه پڻ ڇاول هئا. [265] حضرت پير ميان نبي بخش سائين رحمة الله عليه جن کي درگاهه شريف ۾ حضرت مخدوم نعمت الله واري چوڪنڊيءَ ۾ سپردِ خاڪ ڪيو ويو.

---

[262] گنجينهٔ اسرار سروريه، ص: 3.
[263] گنجينهٔ اوليا، ص: 252.
[264] گنجينهٔ اسرار سروريه، قلمي.
[265] ڏسو حصو "حضرت مخدوم غلام محمد رحمت الله عليه".

Gul Hayat Institute

## پڪن ڏٽي سائين رحمة الله عليه جن جي شاعري:

حضرت مخدوم محمد امين ثالث پڪن ڏٽي رحمة الله عليه پنهنجي دور جا مقبول ترين ۽ پختہ گو شاعر هئا. سندن وڻندڙ ۽ پرسوز ڪلام همعصرن ۾ بہ اوترو ئي مقبول هو جيترو هن وقت پسند ڪيو ٿو وڃي، بالخصوص سندن هي ڪافي "سڄڻ جا ساريو سانگ" اڄ بہ وڏي شوق ۽ چاهت سان ٻڌي ويندي آهي. پڪن وارن صاحبن جو ڪلام فصاحت ۽ سلاست جو اعليٰ نمونو آهي، جنهن ۾ جماليات، عشق مجازي، نعتيہ رنگ جابجاءِ نظر اچي ٿو ان ڪان علاوه پاڻ واقعات ۽ محاورن کي پڻ انتهائي خوبصورت پيرائي ۾ استعمال ڪيو اٿن، سندن هيءُ قطعو ان جو هڪڙو مثال آهي:

آتشِ عشق تو در سينئه من "بٽي" شد
هرکه شيرين جهان بود همه "ڪتي" شد
جان و دل دادم و باقي چه دگر مي طلبي
دلبرا: راست بگو عشق نه شد "چٽي" شد.

راقم الحروف پنهنجي استاد عاليجناب حضرت مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ سائين رحمة الله عليه جن جي اجازت سان حضرت پڪن ڏٽي رحمة الله عليه جن جي مٿئين قطعہ جو سنڌي ۾ منظوم ترجمو ڪيو جيڪو هي آهي:

عشق جي باھ ٻري سيني اندر بٽي ٿي،
جا بہ دنيا جي مٺي شي آهي سا ڪتي ٿي،
جان و دل ڏيئي ڇڏيم باقي مون ڪان ڇا ٿو گهرين،
اي پرين! سچ ٿو چوان عشق نہ ٿيو چٽي ٿي.

"امين محمد سائين جو ڪلام بيان ۽ انداز جي لحاظ ڪان سنڌي ٻوليءَ لاءِ سونهن آهي، اهڙو پاڪيزه ۽ شيرين ڪلام سنڌي ٻوليءَ لاءِ ايئن آهي جيئن خواجہ فريد [266] جو ڪلام سرائڪي ٻوليءَ ۾ آهي. اهو ئي سبب آهي

---

[266] **خواجہ غلام فريد (1845_1901ع):**

حضرت خواجہ صاحب 26 ذوالحج 1261هہ/26 ڊسمبر 1845ع تي چاچڙان شريف ۾ ڄائو پڪن وارن صاحبن ڪان پنج سال ڪن ننڍو ۽ سندن همعصر صوفي شاعر هو. خواجہ

عبدالمنعم وغيره شامل هئا. سيٺ وشنداس مانجهوءِ وارو[277] ۽ آخوند عبدالغني[278] سندن مير منشي ۽ ڪارخاني جا منتظم ﺑﻪ ٿي رهيا هئا. سندن مريدن ۽ معتقدن ۾ ڪيئين الله وارا ۽ شاعر اديب ٿي گذريا آهن جن ۾ سيلو فقير سيلاني[279]، منٺار فقير راڄڙ[280]، فقير پريل نوشهرائي[281]، فقير علي بخش پٽو[282] فقير حاجي محمد پريل مگسي[283] ۽ قاضي عبدالله پورگر هالائي[284] وغيره شامل هئا.

جهڙيءَ طرح حافظ شيرازيؒ کي رڪناباد جا ڪنارا ۽ نظارا دلپسند هئا تهڙي طرح سائين امين محمد جن راهونڊ جي رغبت جو بيان ڪيترن ئي هنڌ ڪيو آهي ۽ اڳتي هلي ڪهڙي نہ اعليٰ پايہ جي خوبي سان رسول اڪرم ﷺ جن جي بعثت، دين اسلام جي دعوت ۽ بعدازان هجرت جي اسرار ۽ حقيقت کي عيان ڪيو اٿن.[285]

---

[277] ڏسو ضميمو 11.

[278] **آخوند حافظ حاجي عبدالغني (1840_1934ع):**

سندس ولادت 1256ھ/1840ع تي ٿي. پاڻ حضرت مخدوم محمد امين ثالثؒ جن جو همعمر ۽ هممصر هو. آخوند صاحب جي تعليم ۽ تربيت سندس والد آخوند حافظ ٻاجهوءَ ڪئي. آخوند صاحب هڪڙي شادي ڪئي. سندس ٻہ پٽ، آخوند حافظ عبدالله شادي شده ۽ آخوند حاجي عبدالمنعم غير شادي شده هئا. آخوند صاحب، پڪن وارن صاحبن وٽ مير منشي ٿي رهيو ۽ بورچيخاني جو انتظام بہ سنڀاليندو هو پڪن وارا صاحب جيترو وقت راهونڊ تي رهيا، آخوند صاحب کي پاڻ سان گڏ رکيائون. پڪن وارن صاحبن کان پوءِ آخوند صاحب، حضرت مخدوم محمد زمان سرڪار جن جي خدمت ۾ رهيو. ڪيس پڇاڙڪن سالن ۾ گوڏن ۾ تڪليف رهڻ لڳي جنهن ڪري هڪڙي هنڌ ويهي رهيو هو سندس انتقال تمام وڏي عمر ۾ 14_ ذوالحج 1352ھ بمطابق 31_ مارچ 1934ع تي بروز ڇنڇر هالا ۾ ٿيو. سندس مزار "حضرت مخدوم ميان نوندي" جي مقام ۾ آهي.

[279] ڏسو ضميمو 12.

[280] ڏسو ضميمو 13.

[281] ڏسو ضميمو 15.

[282] ڏسو ضميمو 16.

[283] ڏسو ضميمو 14.

[284] ڏسو ضميمو 17.

[285] قاضي عبدالحي سليم هالائي، تذڪره شعراءِ هالا، ص: 716.

Gul Hayat Institute

آڊيسي ارداس ۾ آچر ڏينهن آهين
سامي سگَريون سور جون سهسين سيبائين
اوري تي اثبات کي ”لا“ لاهوتي لاهين
”من عرف نفسه فقد عرف ربه“ ناهه اهو ڻاهين
رمزون ريجهه رهاڻ جون راهونديِ راهين
واري ۾ واهين فاضل بحر فنا جو

سيد فاضل شاهه ”فاضل“ [286]

پکن وارا صاحب پاڻ وٽ هر وقت ڪاغذ ۽ قلم گڏ رکندا هئا. سمهڻ مهل به ڪجهه ڪاغذ ۽ قلم پنهنجي ساڄي پاسي کان رکي ڇڏيندا هئا ۽ عموماً لکندا رهندا هئا.[287] سندن ڪلام ۾ نهنائي ۽ نماڻائي، عجزونياز، سوزو گداز، سڪ ۽ اوسيئڙي جا جلوه جابجا ڏسڻ ۾ اچن ٿا. هتي سندن ڪلام مان انتخاب ڏجي ٿو:

## حضرت پکن وارن صاحبن رحمة الله عليه جو ڪلام:

### مولود شريف (بهاڳ)

مرحبا يا مصطفيٰ ﷺ سردار سرور مرحبا،
مرحبا شاهه رُسُل ﷺ يا مير مدني مرحبا.

مرحبا معراج ۾ ان کي چيو خلقي خدا،
يا شفيع المذنبين آءُ عاصين احمد اجها.

مرحبا ملڪوت چيو اُن تي سدا اي سيدا،
اي ”يُريدّ الله اطهر“ توتي صلواة و ثنا.

شرف تنهنجي شان ۾ ”يس“، ”طه“ هل ”آتيٰ“،
وصفِ تو ”والليل“ وارن ”وجهڪ“ تنهنجو ”والضحيٰ“.

---

[286] ڪلياتِ امين، ڇاپو پهريون، ص: 53.

[287] حضرت مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ سائين رح (راوي).

خَلَقتُ الجَنّاتِ تَجرِی تَحتِها الأنهَارُها،
”يُرزَقُونَ فَرِحِينَ“ فائق تو هتان سڀ توهه ٿيا.

حاجَتِ الذّراتُ وجدا عند في اَسلوبِهَا،
يا محمد مصطفيٰ ﷺ وانت شافِعُ واَلشفَا.

## كافي (توڙي-گنڌاري)

دلبر دل کي دام وِڌا،
ڪيئن ”لاعَبدي“ چئي لاهيان لاهيان.

ادنيٰ ڪان منجهه عبدي آيا،
وحدت جا تن ورق ورايا،
قرب قَرابتِ رمز ريجهايا،
پيرِ پرت ڏي پايان پايان.

جان جگر ڪري پارا پارا،
نايا نينهن اندر منجهه نارا نارا،
وِرهه اڇي ڪيا وارا وارا،
ڳالهه تنهين جي تو ڳايان ڳايان.

باغ برهه جي ڪيون گلزاريو
تن طلب ۾ تارون تارون.
چا بتخانا مسجد واريون،
چا ڪعبي ڏي مان ڪاهيان ڪاهيان.

”امين محمد“ عشق جون ڳالهيون،
هونِ هميشه جي هم حاليون،
ڏسي پرت وارن جون چوڪيون چاليون،
آءُ تہ عجب ۾ آهيان آهيان.

Gul Hayat Institute

## ڪافي (ڀيروي)

جي ميخاني ملندو مولا، بتخاني ۾ ڇاهي ڇاهي!
هنودي بتخاني آيا،
ترڪن طعنا تن تي لايا،
پريم پٽر ۾ ناهي ناهي.

ٻيڪ برهمڻ دل ۾ دورا،
واسنگ واهگروءَ جا ٿورا،
دال چپاتي ڇاهي ڇاهي.

منهن ۾ ملياٽي ڇوَٽ سان چوري،
اهڙي ٻيت ڇڏي ڏي پوري،
رمز رکيو دل راهي راهي.

ميخاني جا چون مَوالي،
خيال خوديءَ هٿ پيالا خالي،
وات وجائن واهي واهي.

سنگ سنياسي پنن واجاٽيون،
ڳولن راجا ۽ ٻيون راٽيون،
ناهہ نڳيءَ جا ناهي ناهي.

”امين محمد“ آهي انهن جو،
مَنُ ماري جن ساجن سمجهيو،
الڪ انهن سان آهي آهي.

Gul Hayat Institute

## ڪافي (تلنگ)

بانگِ اَلستُ ربَي، چئي عشق جن تي آيو.
ميدانِ معرفت ۾ ڪونتل تنين ڪُڏايو.

ڏسي عشق جا اشارا، وِهندا سي ڪيئن ويچارا،
نيٽين وهائي نارا، هيءَ هيءَ جو هُل مچايو.

اڙاهه ڪوُن اپائي، رائي ڪنهين ترائي،
پٽ پيءُ هتان ڪُهائي، بَطحيٰ ۾ گهر بنايو.

ڪت مصر ماه ڪعنان، لائي پرت پوءِ ٿيو پنهان،
رکي بار برهه بَه نهان، مالڪ تي مُلهه چڪايو.

جفعل ۾ جوڙي جاني، ڪيائين ڪل تي ڪامراني
لاريب "لَن تراني"، "اَرَني" تي ڪنهن آلايو.

ڪربل ۾ خيمون ڪوڙي، ڪنڌ ڪات ڪان نه موڙي،
تيغ و تبر سان توڙي، سر بر سِنَان سهايو.

هر هڪ جي جاءِ ناهي، هت ڪير سينو ساهي،
ڪيئي فرّخياب ڦاهي ڪاپار ڪَرِڻَ لايو.

"قالوا بليٰ" ڪهاڻي، ثابت صحيح سڃاڻي،
ان وقت ڪي جي جاڻي، تنهنجي روح ڪهڙو رايو.

لاشڪ لباس لائي، ڪثرت ۾ پير پائي،
احمدﷺ اچي سڏائي، "محمد امين" تي آيو.

Gul Hayat Institute

## ڪافي (ڪوهياري)

ڀاروچا ڀيهار، اڳڙ آءُ تان عيد ڪيون
اچي ويھج اوڏڙو منھنجا تون منٺار،
ديدن ۾ تا ديد ڪيون

هلڻ واريون من ۾ هلي ڪر هيڪار،
خوشيءَ ڪي تہ خريد ڪيون

اهي اسان ڪي ڳالهڙيون، سيڪاريون سنسار،
هلائي تہ حميد ڪيون

هل تہ گھمون ڪي گھٽيون، ٻرهن جي بازار،
شهرن ۾ تہ شنيد ڪيون

"امين" تنهنجي عشق جي، پيئي آھہ پچار،
هوتان رسيد ڪيون

## ڪافي

سڄڻ جا ساريو سانگ آئون وبني روز رڙان
الست بربڪم آواز اهوئي
برهہ پڙهايم بانگ
آئون وبني روز رڙان

قالوا بلىٰ جا قول جي ڪيڙئي
وبني اڏايان ڪانگ
آئون وبني روز رڙان

"امين محمد" ڪي عشق اوهانجي
نينهن جي ڪاڙس نانگ
آئون وبني روز رڙان

Gul Hayat Institute

## ڪافي[288] (جوڳ)

اج عشق اَسان ڳني آيا هي، ڪر بسم الله سِر چايا هي
ڪيئي عشق دي مئن مهماني هي
ڪل قالب اج قرباني هي
سرساهہ محب دي ماني هي
ڪڏ هان خون شراب ملايا هي
جڏان نينهن اسان نون نروار ڪيتا
هر رنگ وچ هڻ هموار ڪيتا
هڪ داڻي ڪون خروار ڪيتا
سِر سُبحاني سڪلايا هي
آکي عين "امين" اظهار ٿئي
وچ نينهن نشي نروار ٿئي
ابرو تيز تبر تلوار ٿئي
مژگان تير تفنگ چلايا هي.

## بيت (رامڪلي)

(1)

"امين محمد" آئيا، جوڳي جهونجهي جُوءِ،
"ڪُلُ شيءِ يّرجعُ"، ثابت سندي سُوءِ،
گاروڙي گرنات ڪان، رانول رڱي روءِ،
"هُو" ۾ ٿيا هوءِ، معرفت جي معرڪي.

Gul Hayat Institute

---

288 ڪافيون، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، ص: 348.

(2)

معرفت جي معرڪي، آديسي آيا،
دونهان دواپر جا، جوڳين جاڳايا،
سر سناسين پانهنجا، ناٿ اڳيان نايا،
"فَاسجُدوا" في الحال تي، امر ۾ آيا،
ڪالَ نہ ڪنبايا، ڪالهہ ڪنبايو ڪاپڙين.

(3)

جي پائئين جوڳي ٿيان، تہ ڪرتئون مارج ڪال،
"ونَحنُ اَقربُ اِليه" ويجهڙو، اٿئي واحد جو وصال،
چاڙهج تہ جاٿائن ڪي، رڱج نا رومال،
ڪيئي گذرن گر ريءَ، سامي توڪي سال،
حقيقت جا حال، پوربِ ڪجو پڌرا.

(4)

پورب ڪجو پڌرا، طريقت جا تانَ،
آهن جتاهين جوڳ ۾، سڀ ڪاهوڙي خانَ،
پاٽي پوربين ڪي، نفرت ڪنان نانَ،
سامين ڪي سرير ۾، شريعت جا شانَ
پينر پلا مانَ، وِجهَل ويراڳين جي.

(5)

وِجهل ويراڳين جي، ماءُ منهنجي من،
پوي ڪوڪ قلات ۾، ڪاپڙين جي ڳن،
ماءُ منهنجي من، ڪِجڻ ڪاهوڙين جو.

(6)

ڪِجڻ ڪاهوڙين جو، آيل مون اندر،
پسم ساڻ پيوت تي، بابو ويا بر،
هليا جي هنگلاج ڏي، وري پون نہ وَر،
ناٿ ملي نارائڻ ۾، سامين پوري سَر،
جوڳي جاٿائون پَر، "امين" انهن سان ٿئي.

Gul Hayat Institute

(7)

جوڳي جاتائون ڪري، آديسي آيا،
گاروڙين گڏيش جا، سامين ڪيا سعيا،
ڪن نمايو ناٿ کي، ڪي ناٿن به نمايا،
پرين پهرايا، "امين" اوچڙ عشق جا.

(8)

جي پائين جوڳي ٿيان، ته پيرين پنڌ وسار،
"قالوا بليٰ" قول ڪيئي، عهد اهيئي پار،
گڏج گورک ناٿ کي، ٿلا مور نه ٽار،
دائم تو دربار، اجهي اگهوري آئيا.

(9)

ايندي اگهورين جا، ڏوري ڀچج ڏس،
ونج واٽ وصال جي، ٻئي پاسي ڪيم ترس،
اوڏوئي اڪڙين ڪان، نيڻ نهاري ڏس،
ته جوڳي پائيئي جَسُ، ايندي آڏوتين ڪان.

(10)

جي پائين جوڳي ٿيان، ته ڪرتئون مارج ڪال،
اٽي اور الک سين، هيٺو وٺي حال،
جي پوئي وَتِ وصال کي، نه جئڻ جاڻ جنجال،
موڙي تنهنجو مال، جي گرسين گڏجين ڪاپڙي

(11)

Gul Hayat Institute

جي پائين جوڳي ٿيان، ته واتؤن ورد وسار،
موت مَنجهيئي مار تون، ماري جيءُ جيار،
دود دڪائج دل ۾، نيٽين ننڊ وسار،
پنجئي حس حبيب سان، چست عناصر چار،
وائي بي نا وار، آڏوتي الک ري

(12)

وحدت جا وجود مان، ينگا پيچي چڙهِ،
جهڳا جبيرين سين، وڃي عبديءَ ۾ اڏ،
ڦڪا فقيريءَ جو حال نہ پويئي هڏ،
منجهہ ۾ ويهہ مات ڪري، سُجي پوءِ مَ سڏ،
اڪيون ان سان گڏ، جي اوڏا ڪين احد ڪي.

(13)

"الف" الله عليم تون، راحم ربّ رحمان،
الف "الستُ بِربِّڪُمۡ"، فرض ٿيو فرمان،
"قالُوا بَليٰ" ڪل ٿيو جزءَ تي جرمان،
"جَزَاؤُهُمۡ عِنۡدَرَبِّهِمۡ"، اهو ئي احسان،
"محمدﷺ" لڌو مان، عالم تي "امين" تي.

# ضميما:

## 5: راهوند جا فقيراڻا آثار[289]

علاقي راهوند ۾ نارَ پڪا، گهوگهات ۾ سيد حسن جو مقام اچي وڃن ٿا. اسان کي هت فقط "پڪن" جو احوال ڏيڻو آهي، جو سائين "پڪن ڏٽيءَ" جو رياضتگاهہ هو. هي زيارتگاهہ، هالا کان شهدادپور وارو رستو ميل ڏيڍ وٺي هلبو تہ ذڪڻ طرف پريان وڻن جا جهڳٽا نظر ايندا. رستو ڇڏي، واريا سي لاهين چاڙهين کي عبور ڪري، اچي ڪليل ميدان ۾ پهچبو. جتي متي دڙي تي هڪ ڪِرُ ڏسڻ ۾ ايندو جو سائين "پڪن ڏٽيءَ" جي ڪچهريءَ وارو ڪِرُ هو. اسان جي مشاهدي جو مرڪز بہ اهو ئي هنڌ آهي. ان کان پنجهتر قدم هلبو تہ اسان کي "دونهين" جو هنڌ نظر ايندو جو پڻ واريا سي پيچري جي لاهہ کان پوءِ هيٺانهون آهي. هڪڙو ڏگن سان پڪن جو مَنَهن ٺهيل آهي. جنهن جي هيٺان چار ڪاٺين جا ڏڪ متيءَ سان لتل نشان طور موجود آهن.

[289] ڪليات امين، ص: 28/32.

هينئين بيت مان ظاهر آهي:

رياضت ۾ رهنما، ورهہ گذاريا چار،
جئن پارس پهڻ سان ڪري، ڪامل ڪئي ساڪار،
جن داڻو دست نہ رکيو، تن ڀڪيو وڏي ٻار،
هاڻي تان مون ڏيکار، ڪو هڪڙو مڙس ملڪ ۾.

امام بخش حاجاڻي (ڳوٺ سعيد آباد) جي چوڻ موجب، هن "پکن ڏٽيءَ" جي زيارت ڪئي هئي، اهو روايت تو ڪري تہ هو آخوند اسماعيل ميرڙاڻيءَ جهڏي گدام واري وٽ پڙهندو هو. اهو آخوند صاحب، پنهنجي خطابين کي وني، جن ۾ مذڪور امام بخش حاجاڻو بہ هوندو هو پکن تي اڳاري اربع تي ايندو هو. اربع جي رات جو اتي رهي، وري اربع جي ڏيد پهر جو واپس ٿيندا هئا. هن آخوند صاحب جي روايت موجب سيلاني فقير امين سائينءَ کي چوندو هو تہ ميلو تہ جيئري هت نہ هٽائجي، پر هالا هلي هٽائجي. پوءِ پاڻ هالا هليا ۽ پکن بہ پيا پيرو ڪندا هئا. هن پکن واري جوڳ، ڪين رباني جوڳي بنائي ڇڏيو تنهن ڪري جوڳ وارين شين جو جَجهو شوق هوندو هون. هڪ دفعي، ناري جي سفر تي نڪتا تہ هڪ هنڌ حڪم ڪيائون تہ سندن سواريءَ واري اُٺ جي پاکڙي ۾ گورکيون چوڌاري لٽڪايون وڃن. امين سائين جن، سنياسين وارو سير بہ جام ڪيو جو سرور جي لانڍين پٽ راهہ واريءَ جي آثارن مان ظاهر آهي.

هاڻي اچون ٿا هن راهہ واري تڪيي جي جاگرافيائي احوال تي: اهي لانڍيون يا تڪيو راهہ واري پٽ تي واقع آهي ۽ جمڙائو واهہ جي راهہ واري بنگلي جي اپرندي طرف ميل کن پنڌ تي آهي: رئيس قوتل خان پرڳڙيءَ جي ڳوٺ کان ساڍا ٽي ميل کن اتر طرف ۽ چام ڏاتار جي مقبري کان ساڍا ٽي کوهہ کن اوپر طرف آهي. هي مقام تعلقي سنجهوري ضلعي سانگهڙ ۾ آهي. پٽ، جنهن تي تڪيو يا لانڍيون نهيل آهن، سا ويهہ پُرهہ کن مٿي آهي. سڄي پٽ اتر کان ڏکڻ، ٻن- ٽن بلاڪن جي منڊيءَ ۾ آهي. ايڪڙ کن ۾ زمين سنواريل آهي. بہ ڪِڙ نهيل آهن ۽ هڪ اوتارو. پهريون ڪِڙ اوڀرائون منهن سائين پکن ڏٽيءَ وارو آهي، جو چيرائين ڪکن جو نهيل آهي. ٻيو وري طالب المولىٰ جي ارشاد تي فقير محمد صادق (گلو فقير جي پاڻتي جي پٽ،

ٺهرايو. ان جو بہ اوپرائون منهن آهي. هيٺ بہ ٻہ اوتارا ٺهيل آهن. جي آئي وڃي لاءِ ٺهرايل آهن. پٽ جي اولهہ طرف کان ڏيڍ ڦري ڏکڻ تائين وڪڙيل آهي. اوپر طرف کان اچ وڃ ٿئي ٿي. ڏيڍ ۾ اونهاري ۾ پاڻي گهٽ ۽ سياري ۾ گهڻو آهي. گلو فقير ڏاهري اترادي اصل ويٺل ڳوٺ ابن شاهہ ڪوٽ ڏيجي خيرپور رياست. ستن پيڙهين کان وٺي، سرور سائين جي ٿوڙ ۾ داخل هئا. اتان لڏي اچي راهہ واريءَ تي ويٺا.[290]

هڪ دفعي گلو فقير جي دعوت تي سائين امين جن آيا. هي سمون جمڙائوءَ جي گسن کان اڳ جو هو. هر هنڌ ويراني ۽ غير آبادي لڳي پئي هئي. هڪ ڏينهن مانجهاندو ڪري، گلو فقير کي موجوده لانڊيين واري جاءِ تي وٺي آيا ۽ لڪڻ سان ليڪو ڪڍي، گلو فقير کي چيائون تہ "هن جڳهہ تي لانڊي ٺهرائجانءِ هي اسان جي ڪچهريءَ جو هنڌ ٿيندو." هن فقير حسب الحڪم لانڊي ٺهرائي، ان جي هميشہ خدمت ڪندو رهيو. ان جي وفات کان پوءِ، سندس مائي ياڻتي، صفائي وغيره ڪندي هئي. ان بعد دائم فقير ڏاهري ويٺل ٽنڊوالهيار، "گل سائين" حضرت مخدوم غلام محمد رحمة الله عليه جن جي اجازت سان ڪم ڪار سنڀاليندو رهيو. هاڻي يوسف ڏاهري خدمت ڪندو رهي ٿو.

## 6: سيد حيدر شاهہ حيدر اجناڻي رحمة الله عليه[291]

سيد حيدر شاهہ ولد مير علي شاهہ اجناڻي، مٽياري سادات جرار پوٽي جو نسلي سلسلو ڏهين پُريءَ ۾ حضرت امام موسيٰ ڪاظم جن سان گڏجي ٿو. شاهہ صاحب جا وڏا جيئڻ پنهنجو ڳوٺ اچي ٻڌي ويٺا تيئن اُتي ئي رهيا ۽ شاهہ صاحب جو تولد بہ پنهنجي اباڻي ڳوٺ ۾ ٿيو. ڳوٺ جو نالو سندس وڏي ڏاڏي اجن شاهہ ڪري، "اجن شاهہ" مشهور ٿي ويو آهي ۽ ان ڳوٺ کي "سيد جو ڳوٺ" بہ ڪري سڏيندا آهن. شاهہ صاحب جي ڄمڻ بعد، سندس والده وفات ڪئي ۽ ڳوٺ جي هڪ مائي موچياڻي شاهہ صاحب کي نپائڻ لڳي. سال کن جي گذرڻ بعد، شاهہ صاحب جو والد بزرگوار وفات ڪري ويو. شاهہ صاحب جڏهن نوَن يا ڏهن سالن جو ٿيو تڏهن سندس وڏي ڀاءُ، سيد

[290] گلو فقير ولد جهنڊو فقير ڏاهريءَ جي شجرة نسب لاءِ ڏسو ڪليات امين، ص: 32.
[291] مخدوم طالب المولىٰ، مضامين، طالب المولىٰ، ص: 130 کان 137.

Gul Hayat Institute

ماڪن شاهہ صاحب قرآن حڪيم حفظ ڪيو. ان بعد شاهہ صاحب دائري شريف ۾ (اڏيري لال جي پرسان) وجي، تعليم وٺڻ لڳو. ڪجهہ وقت گذرڻ بعد شاهہ صاحب جي ڪوٽريءَ ۾ قسمت ٿي، جتي هڪ عالم وٽ تعليم وٺي، وقت جي دستور موجب فارغ التحصيل ٿيو. ان بعد شاهہ صاحب مير نور محمد جي ٽنڊي اچي، شيخ عبدالله ڪتب فروش وٽ ڪتب فروشيءَ جو ڌنڌو شروع ڪيو. مير حسين علي خان جي خواهش تي جامع مسجد جي پيش امامي قبول ڪيائين. ان مير صاحب جي خرچ تي شيخ صاحب جي دختر نيڪ اختر سان سندس شادي ٿي.

حيدرآباد جي شاهي بازار ۾ هڪ وڏو ڪتبخانو کوليائين. شاهہ صاحب کي ٽي فرزند تولد ٿيا. پر ننڍي هوندي ئي فوت ٿي ويا. ٿوري وقت کان پوءِ شاهہ صاحب حج ادا ڪرڻ لاءِ روانو ٿيو ۽ موٽي ٽنڊي نور محمد ۾ آيو. اتي ڪيس هڪ نياڻي ۽ فرزند تولد ٿيا. فرزند جو نالو مير علي شاهہ رکيائين. ٿوري عرصي بعد، شاهہ صاحب موٽي اچي پنهنجي اباڻي ڳوٺ "اجن شاهہ" ۾ رهيو ۽ اعليٰ پيماني تي ڪتب فروشي شروع ڪيائين. اُتي بہ شاهہ کي ٻہ فرزند تولد ٿيا. هڪڙي جو نالو سيد منن شاهہ ۽ ٻئي جو نالو سيد يوسف شاهہ رکيائين. ڪتب فروشيءَ جو مرڪز لاڙڪاڻو بڻايو ويو، جتي ڇپيل ڪتب جو گهڻو اهتمام ٿيندو هو. ٻارهين مهيني وچي شاهہ صاحب حساب ڪتاب صاف ڪندو هو. هالا ۾ بہ شاهہ صاحب جي ڪتب فروشيءَ جو ڌنڌو هلندو هو.

شاهہ صاحب هڪ دفعي، جيئن لاڙڪاڻي مان بيخوش ٿي ڳوٺ موٽيو، تيئن ٻاروچي باغ وٽ، هالن کان اتر طرف، اٽڪل ڇئن يا پنجن ميلن تي زياده بيمار ٿي پيو جو ڪيس ڪٽ تي کڻي ڳوٺ آيا ۽ ان ڏينهن ئي شاهہ صاحب (10 محرم الحرام 1303ھ) وفات ڪئي: يعني سائين پڪن ڏٽيءَ جي وفات کان ست مهينا اڳ.

شاهہ صاحب پنهنجي وقت جي بهترين شاعرن مان هڪ هو. موزون ۽ غير موزون ڪلام لکيو اٿن، مگر افسوس آهي جو شاهہ صاحب جو ڪلام سواءِ چند سنڌي ڏهرن ۽ هڪ منظوم خط جي، ٻيو سڀ ضايع ٿي ويو! سندن جيڪو ڪلام اسان کي هٿ آيو آهي سو خدمت ۾ حاضر ڪريون ٿا. شاهہ صاحب هيٺيون منظوم خط پنهنجي مرشد جي خدمت ۾ موڪليو:

Gul Hayat Institute

اڏر ڪانگا ڳهي وڃ پار پرين،
ڪنياتَل خوش هجين چؤ سؤ سلامن،
ٻڌي ٻانهون وهج تون وينتيءَ سان،
اکين مان آب واهي چئج جيئن چُوان،
ڪروڙين ڪرشنون آزيون ادب ڪج،
رڙي روئي تون عالم کي عجب ڏج،
رهج راهونڊ ۾ ڪي روز راتيون،
لکيڻا لئج ات الله لاتيون،
ويهي ورنه اڳيان وائي ورائج،
پري پؤنرا پلائيءَ جا پلائج،
ادا، اُت حال هن مسڪين جو چؤ
سڪي ساري، اٿس راهونڊ جو رؤ
(هلندڙ)

موزون آهي تہ سائين پکن ڏٽيءَ جو جواب بہ هت درج ڪجي:

"العِشقُ نارُ اللهِ" کي، جي سالڪ سڃاڻي،
تان سر ڏئي سودو ڪري، نينهن وني ناٽي،
وري وَجه الله ڏي، پڌرو ٿي پاڻهي،
ڪنين سوري سيج ڪئي، ڪي گهميا منجهه گهاٽي،
ڪي "سر در قدمِ يار" چئي، هليا ويا هاٽي،
انهيءَ اهڃاڻي اٿئي "حيدر" ڪم همت جو.

"حيدرشاهہ" همت سان، وٽ گاروڙين جو گس،
"لا" ۾ لاهوتين جو ڏوري پيچ ڏس،
ٿي آڌوتي اکڙين ڪان، نير وهايو وس،
پوءِ جوڳي چونڊءِ جس، اچي آسڻ تنهنجي.

جي پانئين جوڳي ٿيان، تہ جونجهي ڏسج جوءِ،
مٽڪا مالها جا چني، هل هنئين جي سوءِ،
سيڪو داٿو دل جو، وڃي پنبڻين وٽان پُوءِ،
پوءِ "هو هو" منجهان هوءِ، پاڻهي ٿيندا پڌرا.

Gul Hayat Institute

وڏائون وحدت جا، دل اندر درياهه،
بابو ڪاهين پر ڏي، سامي سنجهه صباح،
وٽي ويراڳين ڪي، صبر جي صلاح،
تن آديسين ڪي آهه، انئي پهر الک جي

## 7: پير سيد صالح شاهه جيلاني "صالح"[292]

(1870_1943ع)

سيد صالح شاهه جيلاني آفندي، صالح ڳوٺ راڻيپور ضلعي خيرپور ميرس ۾ سال 1870ع ۾ ڄائو. پاڻ سندس والد صاحب جي وفات بعد درگاهه راڻيپور شريف جو گادي نشين ٿيو. سندس پيري مريدي جو سلسلو اڄ تائين جاري آهي. مرحوم صالح شاهه نهايت اعليٰ دماغ، عالي همت، باتهذيب ۽ بااخلاق بزرگ ۽ وقت جو نهايت سنو باعلم شاعر به هو. سندس تخلص "صالح" هو ۽ ڪلام ۾ حقيقت سمايل اٿس. 1943ع ۾ وصال ڪيائين.

### ڪلام

جنهن کي حملي حسن حيران ڪيو تنهن دين ڪفر يڪسان ٿيو
ڪري ترڪ زهد صنعان سپيو ڇڏي تسبيح اهل زنار ٿيو.

وه خبر "يحب الجمال" عجب، وه حسن پر تي حال عجب،
آهي قالوا بليٰ جي چال عجب، پوءِ عروج نزول تڪرار ٿيو.

آهيون شاغل ڪثرت عيش ڪڏهن، دلريش گدا درويش ڪڏهن،
ڪٿ پير عقيدت ڪيش ڪڏهن، اِنهيءَ سير ۾ دل سرشار ٿيو.

آهيون رند قلندر مست ڪٿي، ٿيون نيست منجهان تا هست ڪٿي،
آهي شاهي بندوبست ڪٿي، ڪٿ ڪرڻ گدائي ڪار ٿيو.

"من عرف" وارو مفهوم لهي، ڪيو "صالح" سر معلوم سهي،
وحدت ۾ ڪا المعدوم رهي، لَاتُدْرِكُهُ الْأَبْصَارُ ٿيو.

---

292 يادِ رفتگان، ص: 140/141.

Gul Hayat Institute

# 8: مرزا قليچ بيگ "قليچ"[293]

(1853_1929ع)

شمس العلماءَ مرزا قليچ بيگ 7 آڪٽوبر 1853ع ۾ تولد ٿيو. کيس انگريز سرڪار کان ٻہ خطاب مليا، هڪ "خانبهادر" ۽ ٻيو "شمس العلماءَ". سندس والد مرزا فريدون بيگ ايران کان آيو ۽ ٽنڊو ٺوڙهو (حيدرآباد) ۾ سڪونت اختيار ڪيائين. اهو دور ٽالپرن جي حڪومت جو هو. مرزا صاحب سنڌي، فارسي، اردو، عربي ۽ انگريزي جي اعليٰ تعليم حاصل ڪئي. ڪافي وقت سرڪاري نوڪري بہ بهترين نموني سان هلائي. پاڻ شاعري جي هر پهلو تي طبع آزمائي ڪيائين. حليم الطبع، صلح پسند، هر دلعزيز ۽ خوش اخلاق هو. نظم ۽ نثر جي اٽڪل ٽي سؤ ڪن ڪتابن جو مصنف ۽ مترجم وغيره ٿي گذريو آهي، جن ۾ ڪي ڇپيل ۽ ڪي اڻ ڇپيل آهن. سندس انتقال 3 جولاءِ 1929ع ۾ ٿيو.

## ڪلام[294]

### (حضرت مخدوم امين محمد صاحب جي تتبَع تي)

دَرَدن جو دِل ۾ دلبَر، دُونهون اچي دُکايو
محبّت جو مَچُ مَچائي، جيرو جگر جلايو.

هَٿَ سان ڦٽيو حَبِيبن ، توڙئون تَڙِيو طبيبَن،
قُربئون کُهِي قريبَن، ساڙڻ جو کيو بہ سعيو.

جن سان رکي محبت، تِن تي وجهي مصيبت،
رَحمت جي لاءِ زحمت، سَودو ڪري سَوايو.

---

293 مخدوم طالب المولىٰ، يادِ رفتگان، ص: 76_77.

294 يادِ رفتگان، ص: 77.

سُوريءَ تي ڪر چڙهائي، ٻَڪريءَ جان کي ڪَلائي،
کي گَرٿَ سان حيرائي، ڪِن کي وِجهي ڪُهايو.

لَذت اچي ٿي جِن کي، سُورن کي ٿا سِڪن سي،
ڪارڻ ڪُسڻ جي پِڙ تي، گردن اَچن جُهڪايو.

جي عشق توکي آهي، وَڄُ تون "قليچ!" ڪاهي،
سِرُ ڏي هَٿن سان لاهي، پورهيو ٿِيئي سَجايو.

## 9: قاضي يار محمد قريشي[295]

پروفيسر چنا، ڪليات، امين ۾ لکيو آهي تہ:

"اسان جي محترم اديب دوست، قاضي غلام محمد صاحب، ساڪن هالا پراڻا، مرحوم قاضي يار محمد صاحب جي باري ۾، جو ڪجھ لکي موڪليو آهي، اهو درج ڪجي ٿو:

"تاريخ ولادت متعلق ڪو بہ تصدّيق وارو احوال معلوم ٿي نہ سگهيو آهي. سندس والد بزرگوار جو نالو قاضي محمد روشن هو. سندن نسب ٽين پيڙهيءَ ۾ قاضي محمد قابل هالن پراڻن واري سان وڃي ملي ٿو. هي "هالن پراڻن وارن قاضين" جي نالي سان مشهور آهن. ڪين ڪو بہ اولاد ڪو نہ ٿيو. تاريخ وفات 25۔ شعبان المعظم 1316هہ بمطابق 8 جنوري 1899ع ڏينهن آچر آهي. سندن زندگيءَ جا ٻيا ابتدائي احوال اسان کي معلوم ٿي نہ سگهيا آهن تہ پاڻ، سرڪار جي کهڙي ملازمت ۾ هئا. آخر عمر ۾ کين پينشن ملندي هئي، جنهن مان خير جو گذارو ڪندا رهندا هئا. فارسي تعليم نهايت اعليٰ ورتل هين ۽ پاڻ فارسي شعر بہ چيو اٿن. جو زماني جي دستبرد ڪري، دستياب ٿي نہ سگهيو آهي. ان وقت، سندن هڪ ويجهو عزيز، قاضي ابو المعالي، هڪ وڏو اديب ۽ شاعر موجود هو جنهن سان سندن ادبي محفلون نهايت آب و تاب سان ٿينديون هيون. مرحوم قاضي عبدالمعالي فارسيءَ جو مستند عالم هو. جنهن جو ڪلام فارسيءَ ۾ موجود هو. پر هاڻي عنقا وانگر غائب آهي.سندن تاريخ وصال اڳ آيل آهي. قاضي مرحوم يار

[295] ڪليات، امين، ص: 61 کان 68.

محمد صوم صلواة جو بيحد پابند هو. جيئن تہ هالن پراڻن وارا قاضي صاحب اصل کان حضرت مخدوم نوح ﷺ جن جا مريد هئا، تيئن ان وقت سائين پکن ڏنّيءَ جي زماني ڪري، قاضي صاحب بہ پنهنجي مرشد سان حد ڪمال محبّت ۽ عقيدت رکندو هو. اڪثر سندن حاضريءَ ۾ رهندڙ هو. هڪ دفعي جي روايت آهي تہ قاضي صاحب دستوري طرح، سائين پکن ڏنّيءَ جن جي خدمت ۾ ويٺو هو. اوچتو سائين پکن ڏنّيءَ، هڪ نظر فيض اثر ڏانهنس ڪئي، بس هيءَ نظر نہ هئي، ڪو راز هو يا الست جو آواز هو. نظر سان اچي اکين مان آب وهيو. پاڻي هو يا عشق جي برسات هئي، سا خبر تہ طالب ۽ مطلوب کي. ان بعد پاڻ ،سائين پکن ڏنّيءَ جي شان ۾ سنڌي ڪلام چيو اٿس، جو سروري توڙ ۾ "ڏهر قاضي يار محمد" جي نالي سان مشهور آهي. ان بعد ايترو معلوم ٿيو آهي تہ هميشہ سندس اکيون آليون رهنديون هيون. سندس اندر جا آلاپ هينئين طرح پيش ڪجن ٿا:[296]

(1)

رمز راهوندين جي، مون کي ماريو ماءُ،
وهڻ مون وِهہ ٿيو سُتي اچي نہ ساءُ،
ڪوجو وريو واءُ، جو دکيو دونهون درد جو.

(2)

دکي دونهي درد جي، مَگَر مچايو
بنان ساجن سيڪنهن، سار ٿي سجهايو
ديرو دمايو اچي مورت من ۾.

(3)

مورت رهي من ۾، باقي ڪين بچيو
"كُلُّ شَیْءٍ هَالِكٌ إِلَّا وَجْهَهُ" ، انهيءَ رمز رسيو
جڏهن سائينءَ سبب ڪيو تڏهن گر کي رسيو گودڙيو.

---

[296] ڪليات امين ۾ قاضي صاحب جا جملي 29 بيت ڏنل آهن جن مان هتي بيت نمبر 1 کان 5 ڏجن ٿا باقي ابيات لاءِ ڏسو ڪلياتِ امين، ص: 63 کان 68.

Gul Hayat Institute

(4)

گر ڪي رسيو گودڙيو، رڙهي ۾ راهونڊ،
سدا سارنگ جئن وسي، سنڌي برهه بونڊ،
هلي ڏسي ڪو هونڊ، ته موٽڻ جي مس ڪري

(5)

رهن جي راهونڊ ۾، تنين وڏو ڀاڳ،
قادر ڪرم سان ڪري، منهنجو اتي ماڳ،
سَريو تن سهاڳ، رهن جي راهونڊ ۾

## 10: آخوند الله بخش انصاري[297]

هي آخوند صاحب هالا نوان شهر جي صادقاڻي مُلن جي خاندان مان آهي. اهو خاندان، جناب حضرت مخدوم صاحب جي ڪوٽ جي ٻاهرين ڏاکڻي پر ۾ متصل ساڪن آهي، يعني سنڌن قريبي پاڙي وارا آهن. هن آخوند صاحب جو ڪجھ احوال اسان کي معلوم ٿي نه سگهيو پر ڪجهه، سنڌس سپوت پوٽي، حڪيم حافظ عبدالڪريم صاحب[298] کان معلوم ٿيو آهي، سو درج ڪجي ٿو. باقي سنڌس ڏهر، سي ته اڳ ۾ ئي سروري ٽوڙن ۾ مشهور آهن.

آخوند الله بخش ولد آخوند حاجي محمد قابل، سائين پڪن ڏٽيءَ جو سچو ساٿياري ۽ مريد هو. اهو حال، سنڌس ڪلام "وِرهه جي ورلاپن" مان معلوم ٿيندو. جي هن صاحب، سائين پڪن ڏٽيءَ جي وفات بعد چيا آهن. شريعت جو پابند، صوم و صلواة تي مستحڪم ۽ روحانيت جي ريجھ جو راٽو هو. پاڻ ڏينهن ۽ رات ذڪر ۽ فڪر جي صحبت ۾ گذاريندو هو. الله جي نيڪ ٻانهن وانگر پنهنجو پيٽ گذران هٿ جي پورهئي وسيلي ڪندو هو. انهيءَ ڪري سنڌس ڏينهن جو ڪجھ وقت، ٽوپ سبڻ ۽ تيل ڪڙي جي سودڻ ۾ گذرندو هو. آخوند مرحوم جي وڏي پوٽي، آخوند الله بخش (جنهن تي سنڌس نالو پيل آهي) کان معلوم ٿيو ته آخوند مرحوم جي وفات، سنڌس تولد ٿيڻ کان هڪ سال اڳ

---

[297] ڪلياتِ امين، ص: 56 کان 61 تائين.

[298] حڪيم حافظ عبدالڪريم انصاري 1900ع ۾ ڄائو ۽ 1988ع ۾ وفات ڪيائين.

ٿي آهي. آخوند الله بخش جي ولادت 1897 _1898ع جي وچ ڌاري مطابق 1315هه ٿي آهي. ان حساب موجب، اسان جو وڏو آخوند صاحب 1897ع مطابق 1314هه ڌاري فوت ٿيو آهي. آخوند الله بخش جو ڪلام:[299]

(1)

خالق خاوند خلقٺهار، جنهن خلق ۾ خلقيو ملڪ مهندار،
تنهن نانءُ نبي جو آهي نروار، تنهن ڪي ساري صحيح سنيار-
هاري، ڪر موچاري ڪار!

(2)

جهنگ "هئڙ" جو وڍ تون واڍا، کُهڙ ڪپي ڪر ڪرڙا ڪاندا،
ڏئينس باهه برهه جا ٽاندا، تنهن ۾ پاڙ ٻيائي ٻار-
هاري، ڪر موچاري ڪار!

(3)

ٻاجهه سان ٻانها ٻنا ٻَڌُ، دَغا دَڙيءَ جو پٽي هَنڌ،
ڪوڏر هڻ، ڪري هيٺ ڪنڌ، سِٽا سڌاري سنئين سنوار-
هاري، ڪر موچاري ڪار!

(4)

هيٺ مٿانهين ڪر هڪجيهي، مِنو پاڙ پنجهو وجهه ويهي،
نهورَ ڪڍ نئين تون نيهي، سخت زمين ڪي ترڇي تار-
هاري، ڪر موچاري ڪار!

(5)

اڏون نائڪا ٺُڪيو ٺاهه، نارُ تنهين تي نينهن جو واهه،
رُوڙ اُٿل جو ڊپ نه لاهه، پاٽي اجايو هار مَ هار-
هاري، ڪر موچاري ڪار!

---

[299] باقي ڪلام لاءِ ڏسو ڪلياتِ امين، ص: 56 کان 61 تائين.

(6)

حُبَ جو هاري هر جوڙاءِ، غم جو گهوبو تنهن جو گهڙاءِ،
فڪر جو ڦار اُتِس ڦهڪاءِ، محبّت جو منجهه اَنّ چِٽار۔
هاري، ڪر موچاري ڪار!

(7)

"امين محمد" جي واهه اراضي، شهر چڙهي ٿيو پکن تي راضي،
"الله بخش" اُت خاص نيازي، سنگ صفا ڪر نفس جو جهار۔
هاري، ڪر موچاري ڪار!

## 11: سيٺ وشنداس مانجهوءَ وارو[300]

سنڌ جي هڪ انمول هستي، سيٺ وشنداس ولد سيٺ نهالچند ڀارواڻي مانجهوءَ وارو، سائين پکن ڏٺيءَ جو ڏٺيءَ ڏوتل دربار جو هڪ رتن هو. سيٺ وشنداس جو جنم سن 1843ع ۾ ڪوٽڙي تعلقي جي مانجهوءَ ڳوٺ ۾ ٿيو. سيٺ وشنداس جو پتا سيٺ نهالچند_لکميچند. هڪ واپاري هو. پر ساڳئي وقت هڪ درويش ۽ شاعر هو. سندس ڪيترا سارا مريد هئا. سکر جو درويش شاعر بچل شاهه پڻ سيٺ نهال جو مريد هو. سيٺ صاحب کي مريد، صدق ۽ لاڏڪوڏ وچان، "ڀڳت نهال لال" ڪري سڏيندا هئا.

ننڍپڻ ۾ سيٺ وشنداس جون ڪچهريون، سندس باغ "بلاس" ۾ ڪيترن مهنتن پنڊتن سان ٿينديون هيون، جنهن ڪري ننڍي هوندي کان وٺي، سندس طبع ۾ ويراڳ جو سلو پيدا ٿيو. جنهن هن کي وطن جا وڻ ڇڏائي، ڳوٺ جليانوال ضلعي قصور، پنجاب ۾ ستگر گلابداس جي چرنن ۾ پهچايو. مرشد جي روحاني رنگ، سيٺ وشنداس تي گهرو اثر ڪيو جنهن ڪري پاڻ فرمايو اٿس:

انئي پهر عجيب جي، ارواح سان من لڳو
سنگ ساجن شاهه جي، پَوَ پرم سپ پولو پڳو.

پاڻ روحاني اپياس ۾ پڙ تي، هينئن ٻولڻ لڳو:

[300] ڪلياتِ امين، ص: 80/79/78

Gul Hayat Institute

”نامئن هندو، نامئن تُرڪا، نامئن پنڊت قاضي ري،
نامئن سيد، شيخ، مُسلا، نامئن پيا غازي ري،
سچ بات مي اوران اوري، بيڪ بني سڀ بازي ري،
”وشنداس“ جب آپ پڇانيا، سرور رنگ ۾ رضي ري.

وشنداس کي مرشد پاران موڪل ملي. ٻارهن مهينن جي عرصي بعد، ڳوٺ پهتو. سندس ديانت ۽ سچائيءَ جو ناماچارو وڏي ويو. انهيءَ زماني ۾ هالن جا پير حضرت مخدوم امين محمد صاحب اڃا ننڍي عمر جا هئا. حضرت مخدوم صاحب جن جي ڏيڏيءَ تان وشنداس کي آڇ ٿي ته عام مختار ٿي سندن سمورو ڪاروبار هلائي. وشنداس آڇ قبولي، سندن ڪاروبار ۾ مصروف ٿي ويو. تمام ديانتداريءَ سان نوڪري ڏنائين. سندس ديانت جون ڳالهيون ضرب المثال آهن.

هڪ دفعي جي ڳالهه آهي ته سائين پڪن ڏٽي رات جو 11_12 بجي ڌاري ننڊ مان اٿي ڳناس پاڻي پيئڻ لاءِ گهريو. جيتر ديوان صاحب پاڻي آندو، تيتر پڪن ڏٽي ننڊ ۾ سمهي رهيا. ديوان صاحب پاڻيءَ جو گلاس تريءَ تي جهلي بيهي رهيو. جڏهن سائين صبح جو نماز تي سجاڳ ٿيو ته هڪ ماڻهو پاسي کان بيٺل ڏٺائين. پڇيائونس ته ڪير آهين؟ جواب مليو ”قبلہ غلام وشنداس“ پاڻ ڏاڍو خوش ٿيا ۽ دعا ڪندي چيائون ته ”تون سيٺ وشنداس آهين.“ پاڻ به ان وقت کان وٺي کيس ”سيٺ وشنداس“ سڏيندا هئا. پڪن ڏٽيءَ جي وصال بعد، ٿوري وقت اندر نوڪري ترڪ ڪري، وڃي پنهنجي ڪاروبار کي لڳو ۽ ٿوري وقت اندر سنڌ جو ناميارو ”سيٺ“ ٿي ويو. هن جا ڪارخانا ۽ مشينون باڍهه، ڪنڊو، ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ برک هئا. سخاوت جو به سائين هو پنگتي سڏارن ۾ به هڪڙوئي هو سندس سماجي خدمتون خاصيتون آهن.

سنگيت جو ڪوڏيو هو. هن وٽ راڳ روپ جون محفلون گرم هونديون هيون. هن وٽ هِدُوخان ۽ ان جو پٽ سينڌو خان مکيہ گويا ٿي گذريا آهن. مرحوم سينڌو خان هڪ بهترين خوشنويس، شاعر ۽ موسيقي، جو ماهر هو. هن پنهنجي حياتيءَ جا آخرين لمحات قبلہ طالب الموليٰ سان گذاريا. موسيقي ۾ سندن رهنمائي ڪري، پاڻ 1948ع [301] ۾ گذاري ويو ۽ ”محمد

[301] استاد سينڌي خان جو انتقال 1948ع تي نہ بلڪ 8 فيبروري 1942ع تي ٿيو.

Gul Hayat Institute

فقير ” ڪٽياڻ جي مقبري ”ميخانہ منصوري“ ۾ ڪيس دفن ڪيو ويو.

سيٺ صاحب، ساهت جو بہ مشتاق ٿي گذريو آهي ۽ ڪيترائي ديني ڪتاب شايع ڪرائي، مسلمانن خواهہ هندن ۾ مفت تقسيم ڪندو هو. اهڙيءَ ريت 7 جنوري 1929ع ۾، پنجاسي ورهين جي عمر ۾ پرلوڪ پڌاريائين. سنڌ جي هر ڪنهن ٻچي جي وات ۾ هن جي وائي هئي. ڪنهن صاحب هن جي مشن جي راس ٿيڻ تي ڪافي ناهي، جو هر ڪو ڪافي پيو ڳائيندو هو. ان جو ٿَلُ هيءَ آهي:

ٿَلُ: واهہ ڙي وشنداس، تنهنجي مشن ٿي راس،
ڳُلون ڪن ڳُوڪار- پلو آلا!

هن جو نامچار، سنڌ جي هر ڪنهن رسالي ۾ اخبار ۾ ايندو هو. سنڌ مدرسي جي هڪ مشهور مدرس، مولانا احمد خان نورنگزادي جو هڪ قابل داد قصيدو سيٺ صاحب جي شان ۾ نهيل آهي. ان جو مطلع ڏيئي، سيٺ وشنداس جو ذڪر ختم ڪجي ٿو:

”هجي شال سرهو وشنداس سيٺ.
رهي غم ڪان آجو وشنداس سيٺ.

## 12: سيلو فقير سيلاني[302]

سروري جماعت ۾ حضرت پکڻ ڏٽي رحمة الله عليه جن جي حلقي ۾ شامل جن فقيرن ۽ بزرگن جا نالا مشهور و معروف ٿيا انهن ۾ سيلو فقير سيلاني بہ صف اول ۾ اچي ٿو انهيءَ ڪري سندس احوال هتي ڏجي ٿو.[303]

Gul Hayat Institute

[302] خليفي سهيل عرف سيلو فقير سيلاني جي ولادت، والدين ۽ حالات بابت ڪا گهڻي معلومات نہ ملي سگهي آهي عام طرح سان ڪيس ذات جو منگريو چون ٿا. ڪلياتِ امين جو مصنف پروفيسر چنا صاحب بہ ان راءِ جو حامي ڏسڻ ۾ اچي ٿو ان جي برعڪس عالجيناب حضرت مخدوم صاحب جن جي خاص ملازم حاجي محمد يوسف (وندِيارا ارباب جو چوڻ آهي تہ ”حضرت قبلہ حضرت مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ سائين فرمائيندا هئا تہ سيلو فقير ذات جو منگريو نہ پر سيد هو“. حاجي محمد يوسف اربابِ اِها ڳالهہ مون (مخدوم جميل الزمان) کي روبرو فيبروري 2000ع ۾ ٻڌائي هئي.

[303] ڪليات امين، ص: 22/21

"سهيل عرف سيلو هڪ سروري درويش ۽ سيلاني فقير هو. فقير هميشہ سير و سياحت جو ڪوڏيو رهيو ان ڪري ڪيس سڀ "سيلاني" سڏيندا هئا. فقير صاحب، ذات جو "منگريو" هو سندس مڪان، هالن کان اوڀر ۽ اتر طرف هالا براج وٽ، ميل- سوا تي آهي. اهو فقير صاحب، ميان مڱيلڏي ولد ميان الهہ اوپائي[304] وڏي جو صحبت يافتہ هو ڪيس فيض بہ اتانهون مليو هو. سيلاني فقير جي صحبت ۽ مجاهدي، رياضت ۽ سلوڪ متعلق حضرت مخدوم مولوي غلام حيدر صدّيقي رحمة الله عليه کان روايت آهي تہ هڪ ڏينهن، ميان مڱيلڏي جن وٽان، ڪين هدايت ٿي تہ:

"فقير، هاڻي وڃي روتيءَ رڙيءَ جي ڪجي!"

سندن اها هدايت بہ مجاهدي لاءِ هئي. ان هدايت تي، فقير صاحب رخصتياب ٿي، اچي ٻني ڪئي. جيستائين سندس پوک پچي تيار ٿي، تيستائين "فقر" ڪري، ان تي گذران ڪندو هو. آخرڪار ان مجاهدي مان بہ "فقير" سيلاني پار ٿيو ۽ سروري ٿوڙ ۾ "خلافت" حاصل ڪيائين.

امين محمد سائينءَ جي ملاقات ۽ صحبت متعلق روايت آهي تہ "هڪ ڀيري امين سائين، فقير صاحب وٽ گهي ويا. اتي وڃي ڪين عرض ڪيائون تہ اسان سان بہ "حال وندجي" فقير صاحب، ٿاڌل (ڀنگ) گهوٽيل مان ڪجھ ڏيڻو ڪيو پر پاڻ فرمايائون تہ اسان ڪي شريعت شريف مطابق گهرجي، فقير ڳاڙهي مُستيءَ جو شربت پيش ڪيو جنهن مان ٽي سُرڪيون پريائون ، پهرين سرڪ پرڻ کان پوءِ اُتي جي ماحول جي غيبي معاملات جو ڪشف ٿيڻ لڳو، ٻي سرڪ پرڻ کان پوءِ، مڪاشفي ۾ تيزي محسوس ٿين، ٽين سرڪ کان پوءِ، ڪشف جي واردات ايتري وڌي وين، جو هالن ڏانهن واپس ورندي، واٽ تي هڪ حامل عورت کي فرمايائون تہ توکي پُٽ آهي اڳتي هلي. سندن اهو ڪشف سچو نڪتو ۽ ان عورت کي واقعي پٽ ڄائو."[305]

---

[304] پير ميان مڱيلڏو ولد ميان الهہ اوپايو حضرت پکن ڌڻي رحمة الله عليه جن جي ڏاڏي حضرت مخدوم امين محمد ثاني رحمة الله عليه جن جي چاچي حضرت پير ميان مڱيلڏي جي اولاد مان هو سندس سلسلہ نسب هن طرح آهي: پير ميان مڱيلڏو بن الهہ اوپايو بن مڱيلڏو بن ميان مٺن عرف عثمان بن حضرت مخدوم محمد زمان رحمة الله عليه.

[305] اها روايت، حضرت مخدوم محمد زمان صاحب "طالب المولیٰ" سجّاده نشين حضرت

فقير سهيل جي ڦهرين صحبت، "سروري امانت" کي حضرت امين سائينءَ ڏانهن منتقل ڪرڻ لاءِ ڪافي ثابت ٿي ۽

"آنان که خاک را به نظر کیمیا کنند۔"

"آخرڪار سروري امانت، امين سائينءَ کي سونپي، سيلاني رمندو رهيو. سهيل فقير، 18 ربيع الآخر 1302هـ مطابق 4 فيبروري 1885ع جو وفات ڪئي، يعني امين سائينءَ کان فقط هڪ سال اڳ. فقير صاحب کي سندس مرشد غوث الحق حضرت مخدوم نوح رحمة الله عليه جي درگاهه ۾ ڏاکڻي چوڪنديءَ جي هيٺئين پِڙ ۾ ٻيءَ قطار ۾ دفن ڪيو ويو."

## 13: منٺار فقير راڄڙ[306]

(1865_16 جنوري 1935ع)

منٺار فقير ولد قبول محمد ذات راڄڙ، ڳوٺ ڪاٽي راڄڙ، تعلقو ڪپرو، ضلعو سانگهڙ سنڌ. مرحوم جي طبيعت ننڍي هوندي کان وٺي فقيريءَ ڏي مائل هوندي هئي. سندس آباءَ و اجداد حضرت غوث الحق مخدوم نوح ﷫ جا مريد هئا ۽ پاڻ حضرت غوث الحق﷫ جي تيرهين سجّاده نشين حضرت مخدوم محمد امين صاحب "امين" ﷫ جي هٿ تي بيعت ڪيائين. هڪ سچو طالب ۽ فقير ٿي پيو. پنهنجي مرشد جي وفات بعد، بيحد اُداس ٿي پيو ۽ سندس ڏينهن سخت بيچينيءَ ۾ گذرڻ لڳا. هڪ رات پنهنجي مرشد کي خواب ۾ ڏٺائين. پاڻ، کيس هڪ ڪاغذ ڏنائون، ۽ چيائونس ته: "پڙهه!" فقير چيو ته، "اڻپڙهيل آهيان!" پاڻ وري چيائونس ته، "توکي پڙهايون ٿا ۽ پڙهه!" پوءِ پاڻ لکيل اکرن تي آڱر رکندا پڙهندا هليا، ۽ فقير به اهي لفظ چوندو ويو. صبح جو فقير کي اکرن جي شناس هئي ۽ ڪوشش سان سنڌي لکڻ پڙهڻ ۾ چڱو ٿي ويو ۽ پنهنجي وقت ۾ شاعر به چڱو ٿيو.هي اها ڪافي هئي جا فقير کي خواب ۾ پڙهائي وئي:

لاهي ويهه مَر لڏ، هل ته پهچين هوت کي!

---

غوث الحق نوح ﷫، بيان فرمائي آهي. (ڪلياتِ امين).

306 ڪلياتِ امين، ص: 72 کان 74.

Gul Hayat Institute

ڪم نہ ايندئي ڪيچ ري، ڪا ٻي اڏاوت اڏ... هَلُ تہ
پنيار هن پنيور جا، نيئي رسائيندءِ ڪڏ... هَلُ تہ...
ٻانيڻ عشق ٻروچ جو بيٺو ڪريئي، سڏ ... هَلُ تہ...
هل تہ ڪيچ قبول ٿئين، هت رُلاءِ مَ هڏ... هَلُ تہ...
متان مُنجهين "منٿار" تون، ڏينهن وڃني ٿا، ڏڏا... هَلُ تہ.....

منٿار فقير، سائين امين محمدرح جي شان ۾ جي ڏهر چيا آهن. انهن مان چند هيٺ ڏجن ٿا:

(1)

مِيان "امين محمد" اجرا، سَگهہ پريا سروَر،
يلي خاوند خلقيئي، پاڪ ڏٺيءَ پرور،
توکي نَرَ نوازيو ڏيهہ ڏٺي ڏاتر،
تون تن جي پاڪر آهين، جنين تي چادر،
اتر ڏٺي اجاريون، ڪوڏ منجهان قادر،
ڪر مهر "منٿار" سان، ميان نِمُن ڏٺي نر،
ڪامل تنهنجا ڪر، مولي مٿانهان ڪيا.

(2)

ميان "امين محمد" اجرا، دل وٺيا دلدار،
طلب تنهنجي تات ٿم، سِڪ گهڻي سردار،
"منٿار" چئي منهنجا پرين، تون پيرو ڪج پتار،
تون نہ وسرين يار، مون نہ وسارج وَلها.

(3)

ميان "امين محمد" اجرا، سخي شاهنشاهہ،
تون بحر خدا جو بادشاهہ، دُر منجهان درياهہ،
ڪيئي نوازيئي ڪيترا، نظر ساڻ نگاهہ،
ڪر مهر "منٿار" سان، يا سخي سرور شاهہ،
دليئون پير داناهہ، سڄ منهنجا سڏڙا.

Gul Hayat Institute

# 14: فقير حاجي محمد پريل مگسي

(1852_1911ع)[307]

هن صاحب جو اصل وطن ياڳناڙي هو ۽ بعد ۾ هن محبّت جي پرواني، امين سائينءَ جي شمع تي فدا ٿي، هالا شريف ڪي پنهنجو مسڪن بڻايو. هي صاحب، اوّل پوليس کاتي ۾ جمعدار هو پوءِ سائين پڪن ڏٺيءَ جي صحبت ۾ نوڪري ترڪ ڪري، آخر تائين حضرت مخدوم صاحب جن جو خاص خدمتگار ٿي رهيو ۽ وفات بہ اتي ئي ڪيائين. جو ڪيس خدمتگارن جي قبرستان ۾ دفن ڪيو ويو. مرحوم، مرثيہ گو شاعر هو. سندس گهڻو ڪلام گم آهي، باقي بہ_ ٽي بيت ۽ هڪ_ بہ مرثيا موجود آهن.[308] مثال طور هيٺ ڏجن ٿا:

اول نانءُ الله جو قادر ربّ قهار،
خاوند پنهنجي خلق ۾ سيّد ڪيو سردار،
سڀ تي نبي سرورﷺ ٿيو مڙني جو مهندار،
ڪريو هي! هي! مير حسين لاءِ جو اڙين جو آڌار،
”پريل“ تنهن پينار آهي روز الست ڪان.

سائين پڪن ڏٺيءَ جي تاهيل مشهور ”لولي“ جا پاڻ پنهنجي ننڊي ياءُ ميان غلام نبي عرف پنليڏو جي حيدرآباد دکن ڏي اُسرڻ کان پوءِ، جدائيءَ جي جهوراٽي ۾ ٺاهي هئائون. ان جي ٽن بندن ۾ بہ پريل جو نالو اچي ٿو لوليءَ جو مطلع هي آهي جو وراٽي طور هر بند بعد ۾ اچي ٿو:

آءُ وري تو سري، واهر ڪر يار، آءُ تو لئي چري،
دک ماري دردن جي، آءُ وري!

اهي ٽي بند هي آهن:

(1)

الف آديسين جي، ماءُ نهوڙيس نينهن،
وري واريءَ تي وُٺا، مون ڪي محبّت مينهن،

307 ڪليات امين، ص: 68_69_70.
308 يادرفتگان، مخدوم ”طالب المولیٰ“، ص: 12.

پهچان مان "پريل" چئي، ماءِ سنياسين سيئن،
ڏني تيڙم ڏينهن، ڪينر ڪاڙين جا.

(2)

ظ ظهوريءَ يار جي، راهوند رچايو
ان ڪي مڄ مجاز جو، الستئون آيو
هلڻ جو هنگلاج ڏي، راول ڪي رايو
"پريل" پچائيو اندر عشق عجيب جو.

(3)

ف فياضي ڳالهڙيون، دل ڪان ڪر مَ دور
فهم فڪر ڪان ڪيو، آديسين عبور
ادنيٰ ڪان اعليٰ رسي، نرمل ٿيا نُور
"پريل" تنهنجو پور، دردئون پوي دل ۾.

## 15: فقير پريل نوشهرائي[309]

پير ميان قربان علي ولد ميان جمال الدين عرف فقير "جمال" نوشهرائيءَ کان، جو فقير صاحب بابت احوال معلوم ٿيو سو هي آهي: فقير ميان محمد پريل ولد ميان غلام محمد، حضرت مخدوم عبدالرحمان گينڊائي نوشهرائيءَ جي خاندان جو فرد فريد هو. جيئن سندس خاندان اصل نقيراڻو هو تيئن ان صاحب بہ فقيريءَ جي پاڪ پيروي اختيار ڪئي. هي صاحب حضرت مخدوم صاحب هالن واري جي خليفن مان هو. انهن ڏينهن ۾ حضرت مخدوم امين محمد سائين سجّاده نشين هو ۽ فقير صاحب سندن معتقد مريد، حڪيم ڪمال وارو ۽ شاعر شعور وارو هو. سندس ڪلام تہ گهڻو پيو ٻڌجي، پر هت ڪجهہ قبل طالب الموليٰ ۽ حاجي محمد بچل جلباڻي کان معلوم ڪري ۽ سيد فاضل شاهہ واري ڪافين جي ڪتاب مان چونڊي، خدمت ۾ پيش ڪري رهيو آهيان:

[309] ڪلياتِ امين، ص: 71_72

Gul Hayat Institute

## بيت

جي پانئين جوڳي ٿيان، تہ بَر ۾ بني چاڙهہ،
جيرا جگر ڦوڙهي، ڦقڙ ڦوڪي ٻار،
پسجين دوستاڻي دربار، انهيءَ پر "پريل" چوي،

## ڪافي

اڪيون ڪين مجين، ڪنهن جون متيون،
جيڪي رمز سڄڻ جيءَ منجھ رتيون،
اڪيون عشق واريون عريان ٿين، سر گوئي تي ميدان ڏين،
ڳوڙهيون ڪين مجن، ڪنهين جون ڳتيون.
جڏهن عشق اچي امام ٿيو، تڏهن هوش عقل حيران ٿيو
جيڪي پرت رکن، تن کي ڪري پتيون.
جيڪي مچ ڏسي مستان ٿين، سي تہ "پريل" چوي پروان ٿين،
سي تہ نرڻ مشڪل، آهن توڙ تتيون.

## 16: فقير علي بخش پتو[310]

(1251_1319هہ/1836_1902ع)

علي بخش فقير پتو، ساڪن هالا، پکن ڏٽيءَ جي خاص حاضريءَ جو ملازم ۽ درويش صفت ماڻهو هو. سندس مڪان (اوتارو)، اڄ تائين هالن ۾ موجود آهي. علي گنج واهہ جي ڏاکڻين ڪپ تي، درگاهہ جي اُتر ۾ اهو واقع آهي. سندس والد جو نالو امام بخش هو. سندس خاندان اصل پنهنڄ جي ملڪ جو ٻڌڻ ۾ تو اچي. سندس وڏا بازداري جو ڪم ڪندڙ هئا. ان سبب، سندن رهائش حضرت مخدوم نوح رحمة الله عليه جن جي اولاد سان ٿي ۽ ان جاءِ تي رهڻ ٿين، جتي اصل درگاهہ هئي. سندن هجرت سبب، پنهنڄ خاندان بہ ساڻن گڏجي، هت هالن نئين ۾ آيو.

---

310 ڪلياتِ امين، ص: 74_75

Gul Hayat Institute

# 17: قاضي عبدالله پورگر[314]

هالا شهر جي باشندن مان، جي سائين پکن ڏٺيءَ جا مقرب ۽ معتقد هئا. انهن مان قاضي صاحب بہ هڪ آهي. قاضي صاحب، پورگرن جي خاندان مان هو ۽ تمام متقي ۽ صوم صلوات جو پابند رياضتي بہ هڪڙو هو. ميان محمد دائود پورگر، جنهن جي عمر هن وقت اٽڪل پنجهتر ورهيہ آهي، ان کان معلوم ٿيو تہ آخوند عبدالمجيد مجاور، قاضي صاحب وٽ، مسجد شريف ۾ پڙهائيندو هو. مرحوم قاضي صاحب، آخوند وٽ هر وقت مراقبي ۾ ويٺو هوندو هو. ڪڏهن ڪڏهن پکن ڏٺي، پنهنجي فرزند حضرت مخدوم ظهير الدين صاحب سان گڏ، مرحوم قاضي صاحب وٽ صحبت لاءِ پڻ ويندا هئا. جڏهن قاضي مرحوم جي شادي ٿي هئي، تڏهن پکن ڏٺي، خاص طور وٽس مستورات سميت ويا هئا. آخري عمر ۾ قاضي صاحب حج تي ويو ۽ مديني منوره ۾ 1307هہ (مطابق 89_1890ع)[315] ۾ وصال ڪيائين.

## واقعاتي تاريخ:

(1269_1303 هہ/1852_1886ع)

### 1852ع

2/1 _ ڊسمبر:
حضرت مخدوم امين محمد ثالث رحمة الله عليه، 13_ سجّاده نشين جي حيثيت ۾ حضرت غوث الحق مخدوم نوح رحمة الله عليه جي گادي تي ويٺا (19_ صفر 1269هہ). حضرت مخدوم نوح رحمة الله عليه جي 12_ سجّاده نشين، حضرت مخدوم محمد پاڻ حضرت مخدوم محمد زمان رابع جا وڏا فرزند هئا.

### 1853ع

17_ فيبروري:
فقير محمد يوسف اگڙو عرف 'نانڪ يوسف' گذاري ويو

[314] ڪلياتِ امين، ص:.76.

[315] تقويم هجري قلمي، ص: 88.

Gul Hayat Institute

(9_ جمادي الاول 1269هه).

29_ آگسٽ:

سنڌ جي گورنر سر چارلس نيپئر جو 65 سالن جي ڄمار ۾ هيمپشائر، برطانيا ۾ لاڏاڻو ٿيو. هو 1843ع کان 1847ع تائين مقبوضه سنڌ جو گورنر ٿي رهيو

7_ آڪٽوبر:

خانبهادر شمس العلماءِ مرزا قليچ بيگ 'قليچ' ولد مرزا فريدون بيگ ڄائو

26_ ڊسمبر:

لارڊ ايلفنسٽن، وسڪائونٽ فالڪلينڊ جي جاءِ تي بمبئي جو گورنر مقرر ٿيو

1854ع

22_ نومبر:

مير محمد خان ٽالپر، دهلي ۽ پنجاب کان ٿيندو حيدرآباد پهتو (1 ربيع الاول 1271هه).

1855ع

5_ مارچ:

مير محمد خان ٽالپر جو انتقال ٿيو (15_ جمادي الثاني 1271هه) "ٽالپري مقابرن ۾ سندس جدا مقبرو آهي، جنهن ۾ سانس گڏ فقط سندس پٽ مير شاهنواز خان رکيل آهي" مير صاحب جي سجع هيءَ هئي:

"مير محمد مغفور مرحوم"

1857ع

2_ اپريل:

**مولوي عزيز الله متعلوي جو وصال ٿيو (7_شعبان 1273هه). پاڻ قرآن مجيد جو سنڌي ۾ ترجمو ڪيو هئائين. سندس تدفين لنواري شريف ۾ ٿي.**

**28_ آگسٽ:**

**هزهائينيس مير شهداد خان 'حيدري' ولد هزهائينيس مير نور محمد خان جو ڪلڪتي ۾ اسيري جي حالت ۾ انتقال ٿيو.**

Gul Hayat Institute

## 1859ع

2_ فيبروري:
محمد حسن 'بيڪس' روهڙائي جي ولادت ٿي (28_جمادي الثاني 1275ھ).
"بيڪس" سنڌ جي نامياري صوفي ۽ شاعر فقير عبدالقادر عرف قادر بخش 'بيدل' جو فرزند هئو.
18_ فيبروري:
پير سيد محمد ياسين شاھ راشدي، جھنڊي واري جو وصال ٿيو (15_ رجب 1275ھ). "پھرين کين ڳوٺ راڄو خانائي ۾ دفن ڪيو ويو. هڪ سال گذرڻ بعد سندن وڏي فرزند پير فضل الله شھيد سندن جسم اتان ڪڍرائي شاھ شريف جي مسجد جي اتر پاسي دفن ڪرايو."

## 1860ع

5_ اپريل:
مولانا مخدوم غلام محمد ملڪاڻي جي ولادت ٿي (14_رمضان 1276ھ).
18_ اپريل:
مولانا حاجي محمد هالائي بن آخوند محمد اسماعيل بن آخوند دين محمد جي ولادت ٿي (27_ رمضان 1276ھ).
29_ سيپٽمبر:
پير محمد اشرف شاھ ڪاماري واري جو وصال ٿيو (14_ ربيع الاول 1277ھ). سندس ولادت 1214ھ/1799_1800ع ۾ ٿي، پاڻ پير محمد غوث جو فرزند هئو سندس ڳوٺ ۽ آخري آرام گاھ ڪامارو شريف، تعلقي ٽنڊو الهيار ضلعي حيدرآباد ۾ آهي.
16_ ڊسمبر:
مرزا خسرو بيگ جو انتقال ٿيو (3_ جمادي الثاني 1277ھ). "مرزا خسرو بيگ ايران کان خريد ٿي مير ڪرم علي خان ٽالپر وٽ بطور غلام آيو جنهن کيس پالي، آزاد ڪري، اميري جي منصب تي پھچايو. خسرو بيگ، سڀني علومن ۾

Gul Hayat Institute

طاق هو. طب سان بہ خاص شغف هئس ۽ انهيءَ فن ۾ 'طبِ خسروي' جي نالي سان ڪتاب مرتب ڪيائين. جيڪو سندس خاندان ۾ محفوظ آهي.*

## 1861ع

13۔ مئي:

نارٿ ويسٽرن ريلوي "North Western Railway" ڪراچي کان ڪوٽڙي جي درميان پهريون دفعو 169 ڪلوميٽر لائين جو آغاز ڪيو.

28۔ سيپٽمبر:

پير علي اصغر 'علي' شاهہ راشدي جي ولادت ٿي. سندس تخلص 'علي' هئو.

4۔ نومبر:

حضرت غوث الحق مخدوم نوح ﷫ جي 14۔ سجاده نشين مخدوم محمد زمان سرڪار جي ولادت ٿي (1۔ جمادي الاول 1278هہ). پاڻ حضرت مخدوم محمد امين ثالث عرف پڪن ڌڻي ﷫ جن جا وڏا فرزند هئا. سندن وصال 1913ع ۾ ٿيو.

## 1862ع

6۔ اپريل:

الحاج الحافظ خواجہ محمد حسن جان قندار ۾ ڄائو (6۔شوال 1278هہ). پاڻ حضرت خواجہ عبدالرحمان ﷫ جو وڏو فرزند هئو.

12۔ مئي:

مرزا دوست محمد بيگ 'دوست' ولد مرزا علي بخش بيگ ڄائو.

4۔ آگسٽ:

پير سيد شاهہ مردان شاهہ اول جي ولادت ٿي (7۔ صفر 1279هہ).

## 1863ع

3۔ مارچ:

مولوي غلام رسول عرف محمد هاشم شڪارپوري ڄائو سندس تخلص 'هاشم' هئو. مولوي غلام رسول، حضرت رئيس العارفين خواجہ امين

Gul Hayat Institute

چشتي رحمة الله عليه جي خليفي، مولانا حافظ صاحبڏني چشتيءَ جو پڙپوٽو هئو.

11_ مارچ:

ميجر جيمز آئوٽرام جو فرانس ۾ لاڏاڻو ٿيو.

23_ مارچ:

ساڌو هيرانند حيدرآباد ۾ ڄائو. "سنڌ سڌار" جو ايڊيٽر هئو.

28_ آڪٽوبر:

صاحب شريعت حضرت مخدوم محمّد ظهيرالدين رحمة الله عليه جي ولادت ٿي (15_ جمادي الاول 1280هه). پاڻ حضرت غوث الحق مخدوم نوح رحمة الله عليه جي 13_ سجّاده نشين مخدوم محمد امين ثالث رحمة الله عليه جا ٻيو نمبر فرزند ۽ حضرت غوث الحق مخدوم نوح رحمة الله عليه جا پنڌرهون نمبر سجّاده نشين هئا. ڪين "محمد پريل ڄام" ۽ "پرو ڄام سائين" جي نالن سان پڻ سڏيو ويندو هئو.

5_ ڊسمبر:

سنڌ جي پهرئين ڪمشنر سر بارٽل فريئر، مير يار محمد بن مير مراد علي خان وٽ وڃي ٽالپرن جي عهد جي تاريخ لکڻ لاءِ فرمائش ڪئي، جنهن تي مير صاحب 1279هه/1862_1863ع ۾ 'فريئر نامو' لکيو.

## 1865ع

3_ جون:

جارج_V لنڊن ۾ ڄائو سندس پورو نالو جارج فريڊرڪ ارنسٽ البرٽ هئو. 6_ مئي 1910ع تي برطانيا جي تخت تي ويٺو سندس تاج پوشي واري رسم 22_ جون 1911ع تي ٿي.

5_ جون:

فولاد علي فقير شر تولد ٿيو (10_ محرم 1282هه).

26_ آڪٽوبر:

صوفي حمل فقير سندس شجرو تحرير/قلمبند ڪيو (5_جمادي الثاني 1282هه).

Gul Hayat Institute

1866ع

18_ جنوري:
ڪيمچند امرت راءِ مير چنداڻي، پرمانند ميوارام سان گڏ ڪرسچن ٿيو. سندس عيسائي نالو 'ٿامس' ۽ پرمانند جو نالو 'فيلڪس' رکيو ويو. پاڻ حيدرآباد جي 'پرڀات' ۽ 'سنڌ واسي' جو ايڊيٽر ٿي رهيو.

22_ مارچ:
پير علي محمد قريشي غوث پوٽو گذاري ويو (5_ ذوالقعد 1282هه).

14_ اپريل:
دارالعلوم ديوبند جو افتتاح ٿيو.

13_ آگسٽ:
مير امام بخش خان ٽالپر کي بمبئي قانون ساز ڪائونسل ۾ نشست ملي.

29_ سيپٽمبر:
پير امام بخش شاهه قريشي بڪيرائي جو وصال ٿيو (14_ جمادي الاول 1283هه).

1867ع

16_ جولائي:
پير علي محمد شاهه بن پير صبغت الله شاهه 'تجر ڌڻي' جو وصال ٿيو (14_ ربيع الاول 1284هه).

1868ع

21_ آڪٽوبر:
اميد علي شاهه ولد نظر محمد شاهه جو ٽنڊي محمد خان ۾ انتقال ٿيو (5_ رجب 1285هه). سندس اصل رهائش اگهيم ڪوٽ اگهاماڻن ۾ هئي.

30_ نومبر:
علامه اسد الله شاهه ٽکڙ ۾ ڄائو (15_ شعبان 1285هه). پاڻ حڪيم، حاجي حافظ، قاضي ۽ شاعر ٿي گذريو. سندس تخلص 'فدا' هو. 'خلافت تحريڪ' جي اڳواڻن مان هو ۽ 'بهارِ اخلاق' رسالو جاري ڪيائين.

Gul Hayat Institute

## 1869ع

15_ فيبروري:

مرزا اسد الله خان 'غالب' (ڄم 1797ع) جو دهليءَ ۾ انتقال ٿيو.

بیدادِ عشق سے نہیں ڈرتا مگر، اسد
جس دل پہ ناز تھا مجھے وہ دل نہیں رہا۔

2_ آڪٽوبر:

موهن داس ڪرم چند گانڌي ڄائو.

## 1870ع

21_ فيبروري:

نواب احمد خان جي وفات ٿي. پاڻ وزيراعظم نواب ولي محمد خان لغاريءَ جو فرزند هو.

21_ اپريل:

سيد علي محمد شاهه دائري واري جو انتقال ٿيو (19_ محرم 1287هه).

18_ مئي:

فاتح سنڌ، مير فتح علي خان ٽالپر جي شهزادي، بيبي بلقيس جو انتقال ٿيو. (16_ صفر 1287هه). "اڄ به ڪيترا ڪتاب نظر مان گذرن ٿا، جيڪي ان بلند اقبال ۽ پاڪيزه ذوق واري سنڌي شهزاديءَ پنهنجي خاص ڪتب خاني لاءِ نهايت اهتمام سان نقل ڪرايا هئا. انهيءَ شهزادي جو عقد مير نور محمد خان سان ٿيو."

## 1871ع

13_ جنوري:

سيد حاجي محمد حافظ شاهه اڳئين تڪڙ ۾ ڄائو. پاڻ سيد الهه بخش شاهه جو چوٿون نمبر فرزند هو (20_ شوال 1287هه).

9_ جون:

مخدوم عبدالرحمان پنهنجي والد مخدوم محمد هاشم جي فارسي ڪتاب "حيات العاشقين يعني مناسڪ حج" جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو جيڪو

Gul Hayat Institute

محمدي ڇاپخاني بمبئي مان شايع ٿيو (20_ ربيع الاول 1288ھ).

17_ جولائي:

نواب حاجي غلام حيدر خان، ڳوٺ تاجپور ضلعي حيدرآباد ۾ ڄائو. پاڻ نواب ولي محمد فقير جو فرزند هو.

1872ع

10_ مارچ:

امام انقلاب حضرت مولانا عبيدالله سنڌيؒ، چيانوالي ضلعي سيالڪوٽ ۾ ڄائو.

1873ع

15_ جنوري:

فقير عبدالقار 'بيدل' جو انتقال ٿيو (16_ ذيقعد 1289ھ). ڪيس قادر بخش پڻ سڏيو ويندو آهي. سندس والد خليفو محمد حسن هئو. "فقير قادر بخش 1230ھ/1814ع ۾ ڄائو. سندس ڇٺيءَ جو نالو عبدالقادر رکيو ويو مگر پاڻ، پيران پير دستگير حضرت غوث الاعظم سيد عبدالقادر جيلانيؒ جي احترام سبب قادر بخش سڏائڻ لڳو. بيدل فقير جو شجره نسب حضرت غوث بهاءُالحق زڪرياؒ سان ملي ٿو. سيِ ڪان ڦهريائين سندس ڏاڏي حضرت عبدالقادر قريشي ملتان مان هميشہ لاءِ لڏي اچي روهڙيءَ ۾ سڪونت اختيار ڪئي. بيدل فقير سيِ ڪان اڳ هڪ فارسي غزل چيو جنهن جي مصرع هن طرح آهي:

زاهد از مسجد يکبار به ميخانه در آ
عهد و پيمانه شکن طالب پيمانه در آ۔

فقير بيدلؒ جي مزار هاءِ اسڪول روهڙيءَ جي پرسان آهي.

9_ سيپٽمبر:

بمبئي ليجسليٽو ڪائونسل جو اجلاس شروع ٿيو جيڪو 9_11_13_17_25_26_27_29 ڪان 30_ سيپٽمبر تائين هليو.

Gul Hayat Institute

## 1874ع

24_ جنوري:
ويرومل بيگراج، سکر ۾ ڄائو. شري گوڪلداس جي صحبت ڪيس سياست ۾ وٺي آئي.
13_ مارچ:
مولوي محمد صادق، ڪڏي وارو تولد ٿيو. (25_ محرم 1291هه).

## 1875ع

20_ جون:
پير ميان خدا ڏنو شاهه ولد پير ميان امام بخش رضوي نصرپور ۾ ڄائو. سندس اصل نالو بنده حسين شاهه هو. پاڻ حضرت سيد غلام حسين شاهه عرف گل پير رضوي جو 3_ نمبر سجّاده نشين هو. سندس وصال 1938ع ۾ ٿيو.

## 1876ع

11_ جنوري:
مير سهراب خان ثاني 'مسڪين' ولد مير محمد حسن خان ٽالپر منگهڻ واري ۾ وفات ڪئي.
12_ سيپٽمبر:
مرزا علي نواز بيگ 'خسروي' حيدرآباد ۾ ڄائو.
25_ ڊسمبر:
بانيءِ پاڪستان، قائداعظم محمد علي جناح ڄائو.

Gul Hayat Institute

## 1877ع

2_ نومبر:
آغا خان سوئم ڪراچي ۾ ڄائو.

## 1878ع

30_ مارچ:
مير حسين علي خان 'حسين' جو انتقال ٿيو. مير صاحب 1859ع ۾ گورنر جنرل لارڊ ڊلائوزي جي حڪم سان ڪلڪتي مان حيدرآباد پهتو جتي مذڪوره تاريخ

تي وفات ڪيائين. ڪيس سندس آبائي قبرستان يعني ميرن جي قبن واري ٽڪري تي دفن ڪيو ويو.

## 1879ع

26ـ جنوري:

صوفي شاعر حمل فقير لغاري جو وصال ٿيو (2ـ صفر 1296ھ).

30ـ مارچ:

مير شير محمد خان جي هندو منشي موريي فقير ڏگهن سنڌي بيتن ۾ ليلان چنيسر "تصو ڪوئنرو چنيسر" جي عنوان سان جوڙي راس ڪيو.

1ـ اپريل:

سنڌ جو قادرالڪلام شاعر محمد صدّيق 'مسافر' ٽنڊي باگي ضلعي بدين ۾ تولد ٿيو.

31ـ جولائي:

درگاهه حضرت مخدوم نوح ﷫ جي مجاور حاجي محمد صالح، "تحفه الاوليا" جو قلمي نسخو لکي پورو ڪيو (11ـ شعبان 1296ھ). سندس والد حافظ ويڙو هئو.

27ـ نومبر:

مولانا نور محمد شهدادڪوٽيءَ جو 90 ورهين جي ڄمار ۾ انتقال ٿيو (12ـ ذوالحج 1296ھ). پاڻ پاڳناڙيءَ جي شهر 'ڪنڊي' ۾ تولد ٿيو. سندس سلسلو قادري هو.

## 1880ع

Gul Hayat Institute

9ـ نومبر:

حاجي شير محمد ڇڦدو ڄائو. سندس والد حاجي محمد صالح ڇڦدي جو وصال 1ـ جون 1922ع ۾ ٿيو.

## 1881ع

8ـ جنوري:

خواجه محمد حسن "شاهه مدني" جو مديني شريف ۾ انتقال ٿيو (7ـ صفر 1298ھ). "سندن مرقد قبهءِ اهل البيت جي ويجهو جنت البقيع ۾ خواجه

محمد پارسا جي قبر وٽ ڪيو ويو.“

18_ جنوري:

آخوند محمد قاسم هالائي (ڄم 1806ع) جو وصال ٿيو. پاڻ آخوند نعمت الله جو فرزند هئو. آخوند قاسم هالن پراڻن جي سانوڻي آخوندن مان هڪ بهترين عالم فاضل شاعر ٿي گذريو آهي, سندس تخلص ”قاسم“ هو.

12_ اپريل:

آغا خان اول جو انتقال ٿيو.

6_ جولائي:

حڪومت هندستان ۾ روينيو ۽ زراعت جا محڪمہ قائم ٿيا.

25_ جولائي:

خان بهادر حاجي امام بخش خان ”صابر“ جتوئي, عرف شاهنواز خان جي ولادت ٿي.

31_ جولائي:

’بيڪس‘ روهڙائي جو وصال ٿيو (5_ رمضان 1298ھ).

## 1882ع

5_ نومبر:

مولانا عبدالرحمان ميمڻ شڪارپوريءَ جو وصال ٿيو. (23_ذوالحج 1299ھ).

30_ نومبر:

نواب الهداد خان ’صوفي‘ ولد نواب ولي محمد خان لغاري جو وصال ٿيو.

## 1883ع

26_ فيبروري:

مخدوم پير ميان غلام حسين ’شيدا‘ هالا نوان ۾ تولد ٿيو. سندس والد جو نالو مخدوم پنيلڏو ’پنيل‘ هئو.

## 1884ع

27_ فيبروري:

پير سيد حامد شاهہ راشدي ڄائو (30_ ربيع الثاني 1301ھ).

Gul Hayat Institute

15_ مارچ:

مولوي الله بخش ’ابوجهي‘ جي ڪوشش سان ’مجمع محمدي ﷺ‘ نالي جماعت وجود ۾ آئي، جيڪا بعد ۾ ”سنڌ محمدن ايسوسيئيشن“ جي نالي ۾ تبديل ٿي. سنڌ جي مختلف هنڌن تي ان جون شاخون قائم ٿيون تفصيل هن ريت آهي:

18_ جون 1884 شڪارپور ۾، مرزا علي محمد جي مدد سان. 20_ سيپٽمبر 1884ع لاڙڪاڻي ۾ مرزا قلب علي جي مدد سان، ۽ 12_مارچ 1885ع جيڪب آباد ۾.

16_ مارچ:

خانبهادر حسن علي آفندي، پنهنجن ساٿين سان گڏجي، محمدن ﷺ ايسوسيئيشن جو بنياد وڌو.

27_ مارچ:

مخدوم ميان غلام رسول عرف ’احمد علي‘ صدّيقي، هالا نوان ۾ ڄائو.

6_ جولائي:

نواب مير گل محمد خان ’زيب‘ جي ولادت ٿي (13_ رمضان المبارڪ 1301هه). پاڻ واليءِ جهل بلوچستان سردار قيصر خان جو ٻيو نمبر فرزند ۽ بهترين شاعر هو.

9_ آگسٽ:

هزهائينيس مير علي نواز خان ’ناز‘ ڄائو. سندس والد جو نالو مير امام بخش خان هئو.

27_ آگسٽ:

قاضي شفيع محمد پاٽائي، خيرپور ناٿن شاهه جي ڪاردار مولچند کي اسلام قبول ڪرڻ لاءِ منظوم خط لکيو (6_ ذيقعد 1301هه). ان جون چار سٽون آهن:

بسم الله الرحمٰن الرحيم

لااله الاالله محمد رسول الله

شکر خدا که این نبیؑ کرد پاک و صاف

از آتش هزار گناه و خطا معاف

## 1885ع

23_ جولائي:
ميان عبدالرحيم جو وصال ٿيو. سندس ولادت 1238هه مطابق 1822_1823ع ۾ ٿي، پاڻ دين محمد عباسي جو فرزند هو (10_ شوال 1302هه).
29_ آگسٽ:
ڪشنچند 'بيوس' ڄائو.
4_ سيپٽمبر:
ميان جان محمد 'فدا' ولد ميان فيض محمد، ڪڪڙ ضلعي دادو ۾ ڄائو. سندس سلسلو ڇهين پيڙهيءَ ۾ ميان سرفراز ڪلهوڙي سان ملي ٿي.
23_ آڪٽوبر:
سيد حاجي حيدر شاهه 'حيدر' اول اجناڻي جو وصال ٿيو (13_ محرم 1303هه). سندس هٿن اکرن سان عربي ۾ لکيل 'سيرت پاڪ' جو ناياب نسخو سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو جي لائبريري ۾ موجود آهي. سيد حيدر شاهه کي ڳوٺ اجن شاهه جي پرسان سندس آبائي قبرستان ۾ دفن ڪيو ويو.

## 1886ع

10_ جنوري:
ميان غلام سرور 'فقير' قادري لاڙڪاڻي ۾ ڄائو. سندس والد جو نالو ميان نور محمد قادري هو.
13_ فيبروي:
حضرت غوث الحق مخدوم نوح رحمة الله عليه جي 16_ سجّاده نشين حضرت مخدوم غلام محمد 'مغموم' (وصال، 1944ع) جن جي هالا ۾ ولادت ٿي (8_ جمادي الاول 1303هه). سندن والد حضرت مخدوم ظهيرالدين، حضرت مخدوم نوح رحمة الله عليه جا 15_ سجّاده نشين هئا.
19_ اپريل:
نواب خداداد خان ثاني جي ولادت ٿي.
29_ جون:
حضرت غوث الحق مخدوم نوح رحمة الله عليه جي 13_ سجّاده نشين حضرت مخدوم محمد امين ثالث رحمة الله عليه جو انتقال ٿيو (26_رمضان 1303هه).

Gul Hayat Institute

# حضرت

# مخدوم محمد زمان سرڪار

# صدّيقي قريشي هالائي رحمة الله عليه

(14 سجّاده نشين درگاهہ شريف، هالا)

(ولادت: 1278هہ/1861ع، هالا شريف)

(سجّاده نشيني: 1303هہ/ 1886ع)

(وصال: 1331هہ/1913ع، هالا شريف)

(مدفن: ننڍو قبو درگاهہ شريف)

Gul Hayat Institute

ولادت مبارڪ

شادي

سجّاده نشيني

ياڙوتي ۾ سنائي شاهن جو قصّو

وگهامل کي معافي ڏيڻ

وصال

واقعاتي تاريخ(1303_1331ھ/1886_1913ع)

Gul Hayat Institute

# حضرت مخدوم محمد زمان سرڪار صدّيقي قريشي هالائي رحمة الله عليه

## (1278-1331هه/1861-1913ع)

حضرت مخدوم محمد زمان سرڪار رحمة الله عليه وڏن خوبين جا مالڪ ٿي گذريا آهن. پنهنجي خُلق، مروت، شيردلي، بيباڪي ۽ غيرت منديءَ جي ڪري هر خاص و عام ۾ بيحد مقبول ٿيا. راڄن ڀاڳن جا فيصلا گهڻو ڪري پاڻ خود ڪندا هئا ۽ بلڪل بي ريائي سان فيصلو ڏيندا به هئا ۽ ان تي عمل به ڪرائيندا هئا. امير هجي يا ڪو وڏو ڪامورو پاڻ اُن جي اکين ۾ اکيون وجهي ۽ حق جي ڳالهه ڪرڻ کي ماڻ تي ترجيح ڏيندا هئا. پنهنجن جو قدم بقدم ساٿ ڏنائون ۽ ڌارين سان انتهائي شفقت سان پيش آيا:

سُرَها ڏيم سَي جن ساجاءِ سِراڻ سين
تيغ تنين جيءَ کي ڪَٿُ نه لڳي ڪڏهين

شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحه [316]

## ولادت مبارڪ:

حضرت مخدوم محمد زمان سرڪار سائين رحمة الله عليه 1- جمادي الاوّل 1278هه [317] بمطابق 4- نومبر 1861ع تي سومر جي سڀاڳي ڏينهن هالا ۾ تولد ٿيا. پاڻ حضرت مخدوم محمد امين ثالث رحمة الله عليه جو پهريون اولاد ۽ وڏا فرزند هئا. سندن ٻانگ جو نالو "محمد علي" رکيو ويو هئو ليڪن پاڻ پنهنجي ڏاڏي بزرگوار جي اسمِ گرامي "محمد زمان" سان مشهور و معروف ٿيا. نور پور ضلعي نوشهروفيروز وارا پير سندن ناناڻا آهن.

"هي حضرت مخدوم صاحب، سنڌ جي عام سجّاده نشينن وانگر ظاهري رعب ۽ طاقت، نالي ۽ ناموس ۾ وک وڌائڻ لڳو. سندس نالو ان ڪري

Gul Hayat Institute

---

[316] شاهه جو رسالو مرتب علامه آئي آئي قاضي، ص: 32.

[317] گنجينۂ اسرارِ سروريه/ گنجينۂ اوليا، ص: 253/ ڪلياتِ امين، ص: 22.

"سرڪار" پئجي ويو.[318] "پاڻ ڏاڍي لاڏ ڪوڏ سان تربيت حاصل ڪيائون، بدن ۾ پريل ۽ نهايت پُرڪشش، حسين ۽ جميل شخصيت جا مالڪ هئا."[319]

## شادي:

حضرت مخدوم محمد زمان سرڪار رحه جن ٻه شاديون ڪيون. هڪڙي پنهنجي چاچي حضرت پير ميان شاهه محمد عرف شاهنواز سائين رحمة الله عليه جن وٽان ۽ ٻي شادي پير ميان محمد حسن صدّيقي قريشي رحمة الله عليه[320] وٽان ڪيائون، ڪين اولاد ڪو نه ٿيو. سندن ٻئي حرم وارا بيحد عبادت گذار ۽ صوم و صلوات جا پابند هئا ۽ تمام وڏي عمر ۾ انتقال ڪيائون.

## سجّاده نشيني:

سرڪار حضرت مخدوم محمد زمان "خامس" سندن والد و مرشد حضرت مخدوم محمد امين عرف پکن ڌڻي سائين رحمة الله عليه جي انتقال بعد 29- رمضان 1303ھ[321] بمطابق 2- جولاءِ 1886ع تي حضرت غوث الحق مخدوم نوح رحمة الله عليه جن جي گاديءَ تي جلوه افروز ٿيا.

سجّاده نشين ٿيڻ بعد، مولوي مفتي شفيع محمد علويءَ کي هالا شهر جو قاضي مقرر ڪيائون، راڄن ڀاڳن جا فيصلا پاڻ خود ڪندا هئا ۽ ٻي صورت ۾ سندن طرفان خليفو اِرم فقير[322] اهو فرض انجام ڏيندو هو زوار

---

[318] جي-ايم- سيد، جنب گذاريم جن سين، جلد 1، ص: 94.

[319] پير ميان محمد حسن صديقي: پروفيسر محبوب علي چنا، ڪلياتِ امين، ص: 22.

[320] **پير ميان محمد حسن صديقي:**

پير ميان محمد حسن رحمة الله عليه، حضرت غوث الحق مخدوم نوح رحمة الله عليه جن جي اولاد مان هو سندس سلسلهٔ نسب هي آهي: حضرت مخدوم محمد حسن بن مخدوم غلام حيدر بن مخدوم محمد حسن بن مخدوم الله بخش بن مخدوم نواز علي بن مخدوم غلام حيدر بن مخدوم پير ڏنو بن مخدوم محمد رضا بن مخدوم ڪامل بن مخدوم عبدالصمد بن مخدوم علي عسڪر بن مخدوم سلطان ابراهيم بن حضرت غوث الحق مخدوم نوح رحمت الله عليه

[321] گنجينهٔ اسرار سرويه قلمي.

[322] **خليفو اِرم فقير (وصال: 1932ع):**

خليفي ارم جي والد جو نالو الماس هو الماس فقير کي ٽي نياڻيون ۽ ٽي فرزند، ارم فقير،

الله واريو[323] سندن مير منشي هو.

---

قلزم فقير ۽ نظير فقير تولد ٿيا. خليفو ارم فقير سيني ۾ وڏو هو هن ٻه شاديون ڪيون. پهرينءَ مان اولاد ڪو نه ٿيس. ٻي شادي ڪنڀوءَ جي شيدين مان ڪيائين. جنهن مان هڪڙو پٽ ٿيس جنهن جو نالو "زيتون" رکيائين. خليفو ارم فقير. حضرت مخدوم محمد زمان سرڪار<sup>رح</sup> جن جو اعتماد وارو ماڻهو ۽ خاص حاضريءَ جو نوڪر هو. سروري جماعت جا فيصلا ڪرڻ، انهن جا مسئلا حضرت مخدوم صاحب جن وٽ پيش ڪرڻ ۽ سندن ملاقات حضرت مخدوم صاحب جن سان ڪرائڻ سندس فرائض ۾ شامل هئا. حضرت مخدوم محمد زمان سرڪار<sup>رح</sup> جڏهن مسافري تي يا ڪنهن سفر تي نڪرندا هئا ته خليفو ارم فقير ساڻن گڏ سندن تلوار ڪڇي هلندو هو. خليفي ارم فقير جو انتقال وڏي عمر ۾ 11- ربيع الاول 1351هه مطابق 16- جولائي 1932ع تي ڇنڇر جي ڏينهن هالا ۾ ٿيو. کيس درگاهه حضرت غوث الحق ﷫ جي خدمت گذارن واري مقام ۾ دفنايو ويو. خليفي اِرَم جو پٽ زيتون فقير سيلاني ماڻهو هو هالا ۾ تمام گهٽ رهيو سندس حياتيءَ جو گهڻو وقت سانگهڙ ۽ ٿر جي سروري جماعت جي مريدن ۽ فقيرن سان گذريو هُن ڪراچيءَ جي گل محمد مڪراني وٽان شادي ڪئي، هڪ نياڻي ۽ هڪ فرزند تولد ٿيس خليفي زيتون فقير جو انتقال 14- شوال 1384هه/17- فيبروري 1965ع تي بروز اربع هالا ۾ ٿيو سندس پٽ در محمد عرف دُرو 22- مئي 1950ع تي ڄائو ۽ هن وقت تعليم کاتي ۾ ملازم آهي.

[323] زوار الله ورايو (وصال: 1965ع):

زوار الله ورايو هالا ۾ ڄائو سندس والد جو نالو جيئندو هو. زوار الله ورائي جي ننڍپڻ ۽ سندس آباءَ اجداد جي اصل ڳوٺ وغيره جي معلومات نه ملي سگهي آهي، پاڻ حضرت مخدوم محمد زمان سرڪار ﷫ جن جو معتمدِ خاص ۽ مِير منشي هو. سالن جا سال ايمانداريءَ سان خدمت ڪيائين. بعد ۾ پير ميان پنيلڏي ﷫ جن جي فرزند پير ميان غلام رسول (1884- 1938ع) سندس ٻانهن حضرت مخدوم صاحب جن کان گهري، پاڻ اجازت ڏنائون ۽ ان کان پوءِ زوار سڄي حياتي ميان غلام رسول جن وٽ رهيو ساڻن گڏجي ڪربلا معليٰ ويو ۽ زيارتون ڪري زوار ٿي موٽيو. جڏهن پير ميان غلام رسول جن جو انتقال ٿيو ۽ سندن وصيت موجب سندن جسد خاڪي کي تدفين واسطي ڪربلا معليٰ موڪليو ويو ته زوار الله ورايو ان ڪم ۾ پيش پيش رهيو. پير ميان غلام رسول صاحب کان پوءِ زوار سندن فرزند پير ميان اعجاز حسين ﷫ (ولادت: 27-نومبر 1927ع- وصال: 27- نومبر 1982ع) وٽ رهيو. زوار الله ورائي هڪڙي شادي ڪئي جنهن مان کيس هڪڙي نياڻي ۽ ٻه پٽ محمد قبول ۽ مولابخش تولد ٿيا. سندس وڏي پُٽ محمد قبول جي ولادت 14- صفر 1338هه مطابق 8- نومبر 1919ع تي ڇنڇر ڏينهن هالن ۾ ٿي ۽ سڄي عمر هالا ۾ رهيو سندس انتقال 23- آگسٽ 1987ع تي ٿيو مولابخش جي ولادت

Gul Hayat Institute

حضرت مخدوم محمد زمان سرڪار ﷫ جن ڏاڍا دلير، بيباڪ ۽ بهادر هوندا هئا، ڪو بہ ماڻهو وٽن حاضر ٿيندو هو تہ پاڻ سندس اکين ۾ نهاري پڇندا هئا تہ ”ڪهڙي آهين“؟ [324] انگريز سرڪار ۽ ان جي ڪامورن اڳيان ڪڏهن بہ نہ جهڪيا، اگر ڪو انگريز ڪامورو ملڻ لاءِ ايندو هو تہ پاڻ پهرين پنهنجي هٿ تي رومال ويڙهي پوءِ ساڻس هٿ ملائيندا هئا [325] اهڙين ڪيترن ڳالهين جي ڪري حضرت مخدوم محمد زمان سرڪار ﷫ ڪڏهن بہ حڪومت وقت جي ”پسنديده شخصيت“ نہ رهيا. سندن خلاف ڪئين سازشون ڪرايون ويون ۽ کين نقصان پهچائڻ جي ڪوشش بہ ڪئي وئي مگر پاڻ الله تعاليٰ ؓ جي لطف و ڪرم سان هميشہ محفوظ رهيا.

”پاڻ جود و سخا جا درياهہ هئا، سائلن کي ڏئي ڇڏيندا هئا، ڪو بہ سوالي سندن خدمت مان بي بهرهہ ۽ خالي نہ موٽيو سندن پوشاڪ شاهاڻي هئي، پلي گهوڙي تي سواري ڪندا هئا ۽ اڪثر تلوار ساڻ رکندا هئا. سندن آواز رعبدار هوندو هو سندن خشم آگين نگاهن جو تاب ڪير بہ برداشت ڪري نہ سگهندو هو وڏا وڏا ڏهيسر سندن روبرو اچي ڪنبندا هئا. پاڻ پنهنجي دور ۾ سين کان زور وارا پير هئا.“ [326]

هو وڏو بهادر ۽ همہ گير شخصيت هو سندس تعلقات ۽ دوستن جو حلقو بيحد وسيع هو. انهيءَ زماني ۾ انگريز سرڪار جو ڏاڍو زور هو، تنهن ڪري هر سرڪاري افيسر پنهنجي پاڻ کي انگريزن جو جانشين سمجهي حڪومت ڪرڻ پنهنجو حق تصور ڪندو هو حضرت مخدوم محمد زمان، خوشامد ۽ زماني بازيءَ جي فن کان نا آشنا هئو. اهو ئي سبب هو جو ڪيس آفيسرن جون ڪافي سختيون برداشت ڪرڻيون پيون. هڪڙي پيري ڪيس قتل جي مقدمي ۾ ملوث ڪيو ويو پر آزاد ٿي ويو. ڪڏهن بہ خودداريءَ جو دامن هٿ مان نہ ڇڏيائين ۽ هميشہ سلطان ٽيپو جي هن قول تي عمل پيرا رهيو:

---

28_ شوال 1347هہ مطابق 19_ اپريل 1929ع تي هالا ۾ ڄائو، تعليم ڪاتي ۾ ملازم هو 24_ جولاءِ 1989ع تي انتقال ڪيائين. زوار الله ورائي جو انتقال 27_ محرم 1385هہ مطابق 29_ مئي 1975ع تي ٿيو. کيس درگاهہ شريف جي احاطي ۾ دفنايو ويو.

[324] راوي سيد علي احمد شاهہ (ولادت: 11_ ڊسمبر 1936ع) بن سيد مٺن شاهہ بن سيد حيدر شاهہ اجناڻي.

[325] راوي عالي جناب حضرت مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ سائين ؒ.

[326] پروفيسر محبوب علي چنا، ڪلياتِ امين، ص: 23.

Gul Hayat Institute

## شیر کی ایک دن کی زندگی گیدڑ کی ہزار سالہ زندگی سے افضل ہے[327]

”هالن جي حضرت مخدوم محمد زمان، منهنجي (جي ايم سيد) والد سيد محمد شاهه ۽ رئيس غلام محمد پرڳڙيءَ کي آفيسر شاهيءَ جيڪي تڪليفون ڏنيون، سي واقعات اڄ به سنڌ جي ماڻهن کي ياد آهن، سندن ڏوهه صرف ۽ صرف اهو هو ته هو بيوخوف هئا، نڊر هئا، پنهنجي راءِ رکندا هئا ۽ انهيءَ تي ڄمي بيهندا هئا.“[328]

مننار فقير راڄڙ (1865ع، 16- جنوري 1935ع[329]) جا مندرجه ذيل ڏهرَ ان واقعي جو يادگار پاڻئجن ٿا:

محمد زمان پير سان — مدد محمد ﷺ مير
بيو حامي حضرت شاهه هو — ۽ ڏاڏهس نوح فقير
مدعين کي مننار چئي — تڙي ڪيئون تغيير
دشمن ٿيو دلگير — سرور سوپارو ٿيو

*

محمد زمان پير جو — نگهبان الله ﷻ
بيو مدد محمد مصطفيٰ ﷺ — حامي حضرت شاهه
مدعين جو مننار چئي — رد خدا ڪيو راهه
ٿيا دشمن دوزخ باهه — سرور سوپارو ٿيو.

*

محمد زمان پير سان — مدد محمد چار ﷺ
بيا چارئي يار رسول ﷺ جا — جن دين اجاريو اسلام
حسن مير همراهه هوا — ۽ حامي حسين امام
۽ مدعين جو مننار چئي — ڪٽي نبي ﷺ وڃايو نام
ڪافر ٿيا قتلام — سرور سوپارو ٿيو.[330]

Gul Hayat Institute

---

327 جي-ايم- سيد ميري ڪهاني ميري زباني، ص: 100.
328 جي ايم سيد ميري ڪهاني ميري زباني، ص: 66
329 مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ، درناياب عرف يادِ رفتگان، ص: 98/99.
330 رسالو رهنمائي، ص: 54.

## ياٽوني ۾ سنائي شاهن جو قصو:[331]

حضرت مخدوم محمد زمان سرڪار رح جي زماني ۾ ياٽوٽ جي سيد جمال شاهہ ۽ سن جي سيد محمد شاهہ درميان سڳابنديءَ تان شديد اختلاف ٿي پيا هئا. سندن هڪڙو وفادار نوڪر الله وسايو روڙيو[332] ٻنهي ڌرين ۾ صلح ڪرائڻ لاءِ ترڪيب سوچي. ٻيڙيءَ ۾ چڙهي ٻهرين ويو سن ۽ اتي وڃي سيد محمد شاهہ کي ٻڌايائين تہ سيد جمال شاهہ گذاري ويو آهي ۽ آئون اوهان کي اطلاع ڏيڻ آيو آهيان. اتان ٿي وري آيو ياٽوٽ ۾ اچي سيد جمال شاهہ[333] کي چيائين تہ سيد محمد شاهہ گذاري ويو آهي، اوهان کي اطلاع ڏيڻ آيو آهيان. اهو ٻڌڻ شرط ٻئي شاهہ صاحبان، پنهنجي سڄي عيال سميت، ٻيڙن تي چڙهي هڪٻئي جي ڳوٺن ڏانهن روانا ٿيا اچا اڌ پنڌ ۾ هئا تہ هڪ ٻئي سان ملي ويا. ٻئي شاهہ صاحبان پنهنجي پنهنجي ٻيڙيءَ تي اڳيان وينل هئا. جيئن ئي هڪ ٻئي تي نظر پيين فوراً اُٿي بيٺا. سيد جمال شاهہ رڙ ڪري چيو تہ "تون تہ محمد شاهہ آهين!" وري محمد شاهہ چيو تہ "تون تہ جمال شاهہ آهين ۽ جيئرو آهين!!" اهڙا گفتا ڪندا اچي هڪ ٻئي سان مليا. جڏهن حال حقيقت ڪيائون ۽ معلوم ٿين تہ اهو ڪم الله وسائي جو آهي سو ڏاڍا مٿس چڙيا ۽ چيائون تہ ان کي مار ڪڍنداسين. گڏجي ياٽوٽ پهتا. جڏهن الله وسائي ٻڌو تہ شاهہ صاحبان ڪيس مارڻ لاءِ اچن پيا سو وٺي ڀڳو ۽ سڌو اچي هالا پهتو ۽ ڊوڙندو حضرت مخدوم محمد زمان سرڪار ﷫ وٽ آيو ۽ سڌو اچي سندن ڪٽ جي هيٺان لڪي ويهي رهيو. سندن پُڇڻ تي هن سڄي ڳالهہ کين ٻڌائي ۽ چيائين تہ ياٽوني ۽ سنائي سيد مون کي مارڻ لاءِ منهنجي پنيان اچن پيا. ايتري ۾ نوڪر اچي ٻڌايو تہ "قبلا! سيد صاحب دروازي تي بيٺا آهن." پاڻ يڪدم شاهہ صاحبن کي سڏائي ۽ حال احوال پڇيائون. شاهہ صاحبن کين سڄو قصو ٻڌايو ۽ چيئون تہ اسان جا پاڻ ۾ هيڏا اختلاف ۽ وهنوار هئا، ليڪن انهيءَ ڪوڙ هٽي هيءَ ڪم ڪيو آهي. هاڻ ان جي ٻانهن اسان کي ڏيو. پاڻ فرمايائون تہ الله وسايو تہ نهايت چڱو تو ڏسجي جو توهان ياٽرن ۾ دوري

---

[331] راوي عاليجناب حضرت مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ سائين رح.

[332] "الله وسائي" جو نالو سيّد جيئندل شاهہ ولد سيّد ڏٽي بخش شاهہ ٻڌايو.

[333] سيّد جمال شاهہ بن سيّد نور شاهہ وصال: 7 _ جنوري 1918ع (جنب گذاريم جن سين، ص: 22).

Gul Hayat Institute

ختم ڪرائي پاڻ ۾ ڪير ڪنڌ ڪيو اٿس ۽ اوهان کي هڪ ٻئي سان ملايو اٿس. سندس ٻانهن اوهان کي ڪا نہ ڏينداسين. پاڻ اهو ٿا چئون تہ هن جو قدر ڪري ڪيس معافي ڏيو ۽ پرچي وڃو. شاهہ صاحبن کي سندن ڳالهہ دل سان لڳي. لنيون ڪٽي ڦٽيون ڪيائون ۽ هڪ ٻئي سان ڀاڪُر پائي پرتا. حضرت مخدوم محمد زمان سرڪار ﷫ سڏ ڪري الله وسائي کي چيو تہ هاڻ ٻاهر اچ. هو ٻاهر آيو. پاڻ ڪيس لُونگيءَ جو پٽڪو پارايائون ۽ خرچي بہ ڏنائون. شاهہ صاحبن بہ الله وسائي کي تمام گهڻيون خرچيون ڏنيون.

## وگهامل کي معافي ڏيڻ:[334]

هڪڙي دفعہ پاڻ گهوڙي تي سوار ٿي بنگلي تان نڪتا ۽ ڪڙيو وٽي

---

[334] **راوي گل شير ڪاڪا** (1939_1995ع):
گل شير ڪاڪا ولد الهہ ڏنو ڪاڪا، 1_ آگسٽ 1939ع تي ڳوٺ بيگو ڪاڪا، تعلقہ هالا ۾ ڄائو. پنهنجي ڳوٺ ۾ بہ ٽي درجا سنڌيءَ جا پڙهيائين. اڃا ننڍو هو تہ سندس والد کيس حضرت مخدوم صاحب جن وٽ وٺي آيو. جتي هو پهريائين حضرت مخدوم محمد زمان طالب المولي سائين ؒ جن وٽ رهيو ۽ بعد ۾ حضرت مخدوم محمد امين فهيم سائين ؒ جن وٽ آخري دم تائين وڏيءَ وفاداريءَ سان خدمت انجام ڏنائين. گل شير ڪاڪا 1977ع ۾ شادي ڪئي، جنهن مان کيس چار پٽ تولد ٿيا. سندس وڏي پٽ جو نالو علي شير آهي. گل شير ڪاڪا جو شمار حضرت مخدوم صاحب جن جي خاص خدمتگارن ۾ ٿيندو هو. پاڻ هڪ قابل، ذهين ۽ معاملا فهم شخص هو. ذاتي تجربي ۽ ٻي رياضيءَ جي ڪري وڏن مسئلن ۾ سندس راءِ تي عمل ٿيندو هو. جيتوڻيڪ سندس تعليم ايتري نہ هئي پر هو پنهنجي ذهانت جي ڪري هر مسئلي ۽ فيصلي جي حقيقت تائين جلد پهچي ويندو هو. سندس ٻي رياضيءَ جي ڪري گهڻا ماڻهو مٿس ناراض ٿيندا هئا ۽ ورِي وقت گذرڻ بعد پرچي بہ ويندا هئا. 1988ع ۾ حضرت مخدوم محمد زمان طالب المولي ؒ ۽ حضرت مخدوم محمد امين فهيم ؒ جن جي حڪم تي جڏهن مون خدمت خلق شروع ڪئي تہ روزانو صبح کان وٺي شام تائين اناس بنگلي ۾ ماڻهن سان ملبو هوءِ سندن مسئلن جو نيڪال ڪبو هو. اهو سلسلو ڪافي عرصي تائين نهايت خوش اسلوبيءَ سان هلندو رهيو. انهيءَ سڄي عرصي دوران گل شير ڪاڪا روز مقرر وقت تي ايندو هوءِ جيڪو بہ معاملو سندس حوالي ٿيندو هو ان کي پاڻ وڏي سمجهداريءَ سان توڙ تائين پهچائيندو هو. گل شير ڪاڪا بيباڪ ۽ دلير مڙس هو. ڪچهريءَ جو ڪوڏيو هو. حضرت مخدوم صاحب جن سان وابستہ تمام گهڻن سياسي واقعن جو عيني شاهد پڻ هو. 1995ع جي شروع ۾ بيمار ٿي پيو. کيس آغا خان اسپتال ڪراچيءَ ۾ داخل ڪرايو ويو جتي ڪافي ڏينهن علاج هيٺ رهڻ بعد 31_ مارچ 1995ع تي انتقال ڪيائين. کيس سندس آبائي قبرستان ميان ڇتو ڪاڪا ۾ دفن ڪيو ويو.

Gul Hayat Institute

پنهنجي زمينن ڏانهن اسريا. جڏهن واپس ٿيا ته ڏٺئون ته سامهون ڪپڙن ۾ ڪو ماڻهو آهي. جيڪو ڪيڏي مهل ويهي ٿو ته ڪيڏي مهل اٿيو بيهو ٿو رهي. پاڻ گهوڙو ڪاهي ڪپڙن ڏي آيا ۽ هڪل ڪري پڇئون ته "ڪير آهين ٻاهر نڪر". ٻن ٽن لمحن بعد هڪڙو شخص ڏڪندو ڪپڙن مان ٻاهر نڪتو. اگهاڙي تلوار هٿ ۾ هيس. پاڻ پڇئونس ته "ڪهڙي مقصد سان هتي بيٺو آهين". هن هٿ ٻڌي ڏڪندي ڏڪندي چيو ته "سائين اوهان جي لاءِ". پاڻ پڇئونس ته ڪنهن جي چوڻ تي آيو آهين ته هن ٻڌايو ته سائين شهر جي وگهامل اوهان کي قتل ڪرڻ لاءِ مون کي پئسا ڏيڻا ڪيا آهن ۽ انهيءَ جي چوڻ تي آيو آهيان. پاڻ رڪيب مان پير ڪڍي چيئونس اچي اسان سان گڏ گهوڙي تي ويهه. هو ڊڄندو اچي گهوڙي تي ساڻن گڏ ويٺو. پاڻ گهوڙو ڪاهي سڌو انهيءَ وگهامل جي دڪان تي آيا. وگهامل کين ڏسندي هٿ ٻڌي اُٿي بيٺو. پاڻ کيس حڪم ڏنائون ته هن شخص کي پئسا ڏي. وگهامل چيو ته قبله سائين هن کي ڇا جا پئسا ڏيان؟ هي ڪو مون کي لهڻي ته ڪو نه ٿو. پاڻ سندس اکين ۾ نهاري فرمايائون ته "تو جنهن مقصد لاءِ هن کي پئسا آڇيا آهن. هيءَ اهو ڪم ڪري چڪو آهي. زندگي ۽ موت الله جي هٿ ۾ آهي انسان جي هٿ ۾ ڪجهه به ڪونهي. تون اهي پئسا هن کي ڏي" وگهامل يڪدم پئسا ڪڍيا. پاڻ ڪانئس پئسا وٺي ان شخص کي ڏنائون ۽ چيونئس هاڻ گهوڙي تان لهه ۽ وڃ هليو. هو ٿيو روانو ۽ پاڻ به گهوڙو ڪاهي آيا بنگلي تي. وگهامل اچي خوفزده ٿيو. سو رات وچ ۾ ٽڙ ٽپڙ کڻي هالا شريف مان ٿيو روانو. وڃي حيدرآباد مان نڪتو. جڏهن حضرت مخدوم محمد زمان سرڪارؒ جن کي اها حقيقت معلوم ٿي تڏهن پنهنجي حاضريءَ جي نوڪر ارم فقير کي ڏانهس موڪليائون ۽ حڪم ڏنئونس ته هن وقت واپس اچ ۽ ساڳي طرح سان اچي هالا ۾ رهه. اسان توکي الله ج جي واٽ ۾ معاف ڪيو. بالآخر اهو وگهامل واپس آيو اچي هميشه لاءِ هالا ۾ رهيو.

## وصال:

**سرڪار حضرت مخدوم محمد زمان سائينؒ جو انتقال (تقريباً**

3_ آچر ڏينهن عجيب اڳين جو سنبهيو ڏانهن سبحان،
ڪامل پير قريشيءَ مچيو فائق جو فرمان.
4_ تيرهن سؤ ايڪٽيهہ اندر ٿيو هو تن جو هالان،
شاهہ پساهہ ڪريان هوند ڪوڏئون ڪامل تان قربان.[338]

هو ڏنوي ماڻهو سخت ۽ پورالو هو ليڪن سندس وفاتيءَ ڪري عام ماڻهن ۾ غم جي لهر ڇانئجي وئي جنهن جي معنيٰ اها ڪيڏي سگهجي ٿي تہ هو عام ۾ مقبول هو.[339] دنيا جو هر غيرت مند ۽ بهادر انسان پنهنجي ڳوٺ، گهر گهاٽ، قوم ۽ وطن جو نڪُ هوندو آهي، ساڻس محبّت ۽ سندس پيروي عقيدت سمجهي ڪئي ويندي آهي.

سهڻي سرڪش سخت دليندي، ڪنهن تي خيال نہ آڻن،
خوبي دي خود خيال ڪنون، ڪوئي آپ جيها نہ ڄاڻن،
شاهہ گداگر ڏونهين برابر، هِڪي قدر سڃاڻن،
حمل جيهي هزار تِنهان دِر، باجهہ خريد وِڪاڻن.
صوفي حمل فقير رحمة الله عليه[340]

## واقعاتي تاريخ:

(1303_1331هہ/1886_1913ع)

### 1886ع

**2_ جولاءِ:**

**حضرت مخدوم محمد زمان سرڪار رحمة الله عليه جن حضرت غوث الحق مخدوم نوح رحمة الله عليه جن جي مسند تي جلوه افروز ٿيا. (29 رمضان 1303هہ).**

**12_ ڊسمبر:**

**تارا چند گاجرا شڪارپور ۾ چائو ورهاڱي بعد پارٽ لڏي ويو.**

---

[338] تفصيل لاءِ ڏسو نوائي فراق، ص: 112.

[339] جي ايم سيد، جنب گذاريم جن سين، جلد 1، ص: 95.

[340] ڪلياتِ حمل، بيت نمبر 2، ص: 381.

Gul Hayat Institute

## 1887ع

8_ مئي:

مخدوم ميان غلام محي الدين صدّيقي ’ميرل‘ هالا نوان ۾ ڄائو. پاڻ مخدوم پير ميان پنيلڏي ”پنيل“ جو چوٿون نمبر فرزند هئو.

6_ جولائي:

ڀڳت ٽيئون رام ولد ڀڳت چيلارام، هالا تعلقي جي ڳوٺ ڪنڊؤ ۾ ڄائو.

17_ آگسٽ:

مخدوم ميان غلام نبي عرف ’پنيلڏو سائين‘ جو انتقال ٿيو. سندس تخلص ’پنيل‘ هو. پاڻ حضرت مخدوم نوح رحمة الله عليه جي 12_ سجّاده نشين حضرت مخدوم محمد زمان رابع رحمة الله عليه جو ننڍو فرزند هو. سندس وڏو ڀاءُ مخدوم محمد امين ”پکن ڌڻي رحمة الله عليه“ مخدوم نوح رحمة الله عليه جو 13_ سجّاده نشين هئو.

28_ نومبر:

مولانا محمد هاشم انصاري، ٺلجي تعلقي جوهي ضلعي دادو ۾ ڄائو (12_ ربيع الاول 1305ھ).

## 1888ع

1_ جنوري:

علامه محمد قاسم، ڳڙهي ياسيني تولد ٿيو (16_ ربيع الثاني 1305ھ).

8_ مارچ:

سر شاهنواز خان ڀٽو ڳڙهي خدا بخش ۾ ڄائو. پاڻ غلام مرتضيٰ خان ڀٽي جو وڏو فرزند هو.

## 1889ع

Gul Hayat Institute

1_ فيبروري:

سيد محمد عالم شاهه ’عالم‘ بن سيد حاجي غلام شاهه ٽکڙ ۾ ڄائو (30_ جمادي الاول 1304ھ).

4_ مارچ:

علي گوهر خان ڀٽو ڄائو.

8_ مارچ:

مسٽر نيچل داس وزيراڻي ڄائو. پاڻ ديوان چيتومل جو پٽ هو.

1_ جولائي:
مولوي ماستر لطف علي ’مسڪين‘ جي ولادت، ڳوٺ بهشتي ڪامل گهوٽڪي ۾ ٿي. سندس والد جو نالو حاجي خان محمد ڪولاچي هو.

7_ جولائي:
سنڌ جو بزرگ سياستدان شيخ عبدالمجيد سنڌي ٺٽي ۾ ڄائو. سندس وڏا هندو هئا، پاڻ مسلمان ٿيو. شيخ عبدالمجيد سنڌي ’الامين‘ ۽ ’الوحيد‘ جو ايڊيٽر بہ ٿي رهيو هئو.

24_ آگسٽ:
مولانا گل محمد شهداد ڪوٽيءَ جو انتقال ٿيو (27_ ذوالحج 1306ھ).

29_ آڪٽوبر:
نرمل داس ڏرم داس گربخشاڻي، حيدرآباد ۾ ڄائو. پاڻ ڪيترن ئي ڪتابن جو ليکڪ آهي. هي صاحب حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ ماهوار رسالي ’وديا‘ جو مئنيجنگ ايڊيٽر هو.

25_ ڊسمبر:
چوئٿرام پرتاب راءِ گدواڻي حيدرآباد ۾ ڄائو. پاڻ ڪانگريس جو سرگرم ڪارڪن هو.

## 1890ع

7_ جنوري:
سيد نور محمد شاهہ ’نورل‘ ولد سيد اسماعيل شاهہ، ڳوٺ موري منگر تعلقي حيدرآباد ۾ ڄائو پاڻ متعلوي سادات جي ميان پوٽہ پاڙي جي شاخ ڳاڙهيا مان هو. سندس سلسلءِ نسب اميرالمومنين حضرت علي المرتضيٰ عليه السلام سان ملي ٿو. پاڻ آباءَ واجداد کان وٺي حضرت غوث الحق مخدوم نوح رحمة الله عليه جو مريد هو.

24_ اپريل:
حاجي محمد اسماعيل جان ’روشن‘ سرهندي جي ولادت ٿي (4_ رمضان 1307ھ).

15_ آگسٽ:
پروفيسر نارائڻ داس رتن مل ملڪاڻي حيدرآباد ۾ ڄائو.

20_ آگسٽ:
پير پاڳاري پير سيد حزب الله شاهہ راشدي جو وصال ٿيو (4_ محرم 1308ھ).

Gul Hayat Institute

## 1891ع

6۔ جنوري:

شمس الدين 'بلبل' جو 'ديوانِ بلبل' بمع ڪريما شايع ٿيو.

11۔ جون:

سيد نظر علي شاهہ 'گدائي' قمبر ضلعي لاڙڪاڻي ۾ ڄائو. پاڻ سيد عنايت شاهہ جو فرزند هو سندس سلسلۂ نسب حضرت امام موسيٰ ڪاظم عليه السلام سان ملي ٿو.

## 1892ع

14۔ اپريل:

شاهہ محمد ديدڙ جو وصال ٿيو (16۔ رمضان 1309هہ).

1۔ جون:

دريا خان ولد محمد الياس جو انتقال ٿيو (5۔ ذيقعد 1309هہ). پاڻ هنگورجن جي قريشي عباسي مخدومن مان هئو بعد ۾ لڏي وڃي "لالوءَ جي رانڪ" ۾ رهيو.

26۔ سيپٽمبر:

نواب عرض محمد خان لغاري جي ولادت ٿي.

30۔ سيپٽمبر:

ڊاڪٽر قاضي علي احمد 'علي' بن شمس الدين حيدرآباد ۾ ڄائو. شاعريءَ ۾ مرزا قربان علي بيگ استاد هئس.

18۔ آڪٽوبر:

نوازعلي 'نياز' سومرو ڄائو.

## 1893ع

7۔ مئي:

پاڪستان جو اڳوڻو وزيراعظم ملڪ فيروز خان نون ڄائو سندس انتقال 9۔ ڊسمبر 1970ع تي ٿيو.

27۔ جولائي:

حسن علي بيگ آفندي کي بمبئي ليجسليٽوِ ڪائونسل ۾ نشست ملي.

31۔ جولائي:

قائداعظم جي همشيره مادرِ ملّت محترمہ فاطمہ جناح ڄائي.

Gul Hayat Institute

8_ سيپٽمبر:
پاڪستان جو اڳوڻو وزيراعظم حسين شهيد سهروردي، ميدن پور ۾ ڄائو.
سندس انتقال 5_ ڊسمبر 1963ع تي ٿيو.

## 1894ع

4_ اپريل:
مولانا دين محمد 'وفائي' جي ولادت ٿي. مولانا صاحب هڪ عالم، اديب ۽ شاعر ٿي گذريو آهي. سياسي نقطهٔ نگاهه کان 'جمعيت العلماءِ سنڌ' جي باني سرگرم ڪارڪنن مان هئو.
29_ جولائي:
نقير هدايت علي 'نجفي' جي ولادت ٿي. پاڻ ميان تراب علي فقير جو فرزند هو.

## 1895ع

4_ جنوري:
حاجي محمود 'خادم' ٽنيون ڳوٺ بني تعلقي ميرو خان ضلعي لاڙڪاڻي ۾ ڄائو.
15_ جولائي:
غلام احمد 'نظامي' ولد محمد صدّيق جي ولادت ٿي.
28_ جولائي:
قاضي علي اڪبر ولد قاضي علي محمد روهڙيءَ ۾ ڄائو.
12_ ڊسمبر: وشنو نيارام شرما، حيدرآباد ۾ ڄائو. ورهاڱي بعد ڀارت لڏي ويو.

## 1896ع

Gul Hayat Institute

13_ جنوري:
پير احسان الله شاهه راشدي (پير جهنڊو) جي ولادت ٿي (27_ رجب 1313هـ).
25_ مارچ:
شمس العلماءِ ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽو سنڌ جي تاريخي شهر ٺٽيءَ ۾ ڄائو.
13_ نومبر:
مولانا احمد هالائي، هالا پراڻا ۾ ڄائو (7_ جمادي الثاني 1314هـ). پاڻ مولوي محمد هالائي جو فرزند هئو.

20_ ڊسمبر:

قادر بخش ’بشير‘ سومرو، ڳوٺ ميرپور، ٽُل، جيڪب آباد ۾ ڄائو.

24_ ڊسمبر:

منگهارا ملڪاڻي حيدرآباد ۾ ڄائو. ورهاڱي بعد ڀارت لڏي ويو.

## 1897ع

27_ فيبروري:

نقير حاجي پير بخش فاروقي ”دلريش“ تولد ٿيو (25_ رمضان 1314هه). پاڻ محمد بچل فاروقي جو فرزند هئو.

1_ مارچ:

مرزا گل حسن بيگ ’احسن ڪربلائي‘ ڄائو. پاڻ مرزا دوست علي بيگ جو فرزند هو.

21_ مارچ:

مولانا دين محمد ’اديب‘ فيروزشاهي ڄائو.

14_ ڊسمبر:

منوهر داس ڪوڙو مل، پريا ۾ ڄائو. ورهاڱي بعد ڀارت لڏي ويو.

## 1898ع

4_ اپريل:

خواجه عبدالرحمان نقشبندي سرهندي جو وصال ٿيو (12_ ذوالقعد 1315هه).

”سندن درگاهه گنجي ٽڪر تي آهي، سندن درگاهه کي سندن مريد ’مقبره شريف‘ به چوندا آهن.“

7_ مئي:

مرزا علي محمد بيگ ’مظفر‘ ٽنڊو آغا حيدرآباد ۾ ڄائو.

13_ سيپٽمبر:

دوارڪا پرساد روچيرام شرما دادو ۾ ڄائو ورهاڱي بعد ڀارت لڏي ويو.

8_ آڪٽوبر:

سيد عطا حسين شاهه موسوي ولد سيد ويڏل شاهه جي روهڙيءَ ۾ ولادت ٿي.

2_ ڊسمبر:

سيد پيرل شاهه ’پيرل‘ ولد سيد علي شاهه ڄائو.

Gul Hayat Institute

## 1899ع

23_ اپريل:

حضرت مخدوم مولوي غلام حيدر صدّيقي قريشي رحمة الله عليه جي هالا نوان ۾ ولادت ٿي (12_ ذوالحج 1316هه). سندن ٻانگ جو نالو "محمد سعيد" رکيو ويو. پاڻ حضرت مخدوم نوح رحمة الله عليه جي 15_ سجّاده نشين حضرت مخدوم ظهيرالدين رحمة الله عليه جا چوٿون نمبر فرزند هئا.

16_ جولائي:

پير سيد رشيد الدين، صاحب العلم الثالث، ولد پير سيد محمد ياسين ولد پير سيد محمد راشد شاهه راشدي روضي ڌڻي جو وصال ٿيو (7_ ربيع الاول 1317هه). سندس مقبرو پير جهنڊي ۾ آهي.

## 1900ع

12_ اپريل:

حافظ محمد احسن چنا، ڳوٺ ملڪاڻي ضلعي دادو ۾ ڄائو. سندس والد جو نالو جمع خان چنا ۽ تخلص 'احسن' هئو.

25_ جون:

هندستان جو آخري وائسراءِ لارڊ مائونٽبيٽن، ونڊسر ۾ ڄائو.

4_ آگسٽ:

برطانيا جي بادشاهه جارج VII جي راڻي ۽ موجوده ملڪ اليزبيٿ جي والده، راڻي اليزبيٿ برطانيا ۾ ڄائي.

19_ آگسٽ:

پير ابوالبقا مظهرالدين راشدي جو وصال ٿيو (22_ ربيع الثاني 1318هه). کيس ٺلهه شريف ۾ سندس خاندان جي مقبري ۾ سپردخاڪ ڪيو ويو.

2_ سيپٽمبر:

پير حسن بخش شاهه ولد گلزار علي شاهه، ڳوٺ ڊنڙي (شهدادپور تعلقي) ۾ وفات ڪئي (7_ جمادي الاول 1318هه). سندس ولادت 1262هه/1845-

Gul Hayat Institute

1846ع ۾ ٿي. پاڻ اصل گهوٽانن تعلقي حيدرآباد ۾ رهندو هئو. والد صاحب جي وفات بعد ناناڻن وٽ ڏنڙي ۾ اچي مقيم ٿيو.

27_ آڪٽوبر:

احمد خان ابڙو هالا نوان ۾ ڄائو. سندس والد عبدالرؤف ابڙو ۽ تخلص 'شيدا' هئو.

## 1901ع

22_ جنوري:

مهاراڻي وڪتوريا جو لاڏاڻو ٿيو.

22_ جنوري:

ايڊورڊ VII، برطانيا جو بادشاهه ٿيو.

23_ جون:

مولوي غلام رسول تنيو. ڳوٺ بکر تونيي ۾ ڄائو (6_ ربيع الاول 1319هه). سندس والد علي بخش تنيو هو.

23_ جولائي:

حضرت خواجه غلام فريد رحمة الله عليه جو وصال ٿيو (6_ ربيع الثاني 1319هه).

7_ آڪٽوبر:

ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي بکوديرو ۾ ڄائو. "هاري تحريڪ" سان وابسته رهيو ۽ ڪيترائي ڪتاب لکيائين.

21_ آڪٽوبر:

مسٽر عثمان علي انصاري تولد ٿيو پاڻ هدايت علي انصاري جو فرزند هئو.

## 1902ع

1_ جنوري:

قاضي احمد ابڙو ڄائو. پاڻ قاضي عبدالستار جو فرزند هئو ۽ سندس تخلص 'حاجن' هئو.

15_ جنوري:

قاضي فضل الله، نوشهري ۾ ڄائو پاڻ قاضي ميان عبدالله جو چوٿون فرزند هئو.

22_ اپريل:

ميان نور محمد پيرزادو 'عبدوي' جو انتقال ٿيو (13_ محرم 1320هه).

9_ آگسٽ:

Gul Hayat Institute

ايڊورڊ-VII جي رسم تاجپوشي ٿي.

22- آگسٽ:

مير الهه بخش خان ٽالپر شهواڻيءَ ڪي بمبئي قانون ساز ڪائونسل ۾ نشست ملي، سندس والد مير علي بخش خان ٽالپر هئو.

2- نومبر:

محمد رمضان "ثاقب" ڳوٺ مريد خان لاڪير ضلعي دادو ۾ ڄائو. پاڻ قادر بخش منگي جو فرزند هئو سندس انتقال 4- اپريل 1965ع تي ٿيو.

## 1903ع

10- جنوري:

امپيريل قانون ساز ڪائونسل جو اجلاس ٿيو.

25- سيپٽمبر:

جماعت اسلامي جو باني مولانا ابوالاعليٰ مودودي اورنگ آباد دڪن ۾ ڄائو. 1979ع ۾ وصال ڪيائين.

## 1904ع

8- جنوري:

ماستر عبدالله 'خواب' حيدرآبادي بن علي بخش پيٽي ڄائو (19-شوال 1321هه).

منهنجي زخمن سان ڇيڙ ڇاڙ نه ڪر،
باهه وينديون لڳي بهارن ۾.
خواب حيدرآبادي

17- جنوري:

سيد غلام مرتضيٰ شاهه عرف جي-ايم-سيد، ڳوٺ سن ضلعي دادو ۾ ڄائو.

30- جنوري:

امپيريل ڪائونسل جو اجلاس ٿيو. آغا خان سوئم ڪي ان ۾ نشست ملي.

15- اپريل:

"رات جو 8 وڳي حيدرآباد واري قلعي ۾ هڪ زوردار ڌماڪو ٿيو جنهن ۾ مالي ۽ جاني نقصان ٿيو جنهن ڪري پورو شهر ڦليليءَ جي ڪناري ۽ درياهه سنڌ جي ڪناري تي وڃي ڪُلئي آسمان هيٺان وينو."

21- جولائي:

لطف الله 'لطف' بدوي ڄائو.

Gul Hayat Institute

27_ ڊسمبر:
علامہ محمد هاشم ڳڙهي ياسيني (ڄم 1259هہ) جو وصال ٿيو (19_ شوال 1322هہ).

## 1905ع

11_ جنوري:
غلام محمد شاهہ ’گدا‘ (ڄم 1847ع) جو وصال ٿيو پاڻ رضوي سادات مان هئو.

9_ فيبروري:
مرزا قاسم علي بيگ ’قاسم‘ ولد مرزا علي بيگ جو وصال ٿيو.

29_ مئي:
مولانا غلام صدّيق جو وصال ٿيو (23_ ربيع الاول 1323هہ).

5_ آگسٽ:
پير علي محمد راشدي ڳوٺ بهمڻ ضلعي لاڙڪاڻي ۾ ڄائو. سندس انتقال 14_ مارچ 1987ع تي ٿيو.

1_ نومبر:
سيد غلام مرتضيٰ شاهہ (جي ايم سيد) جي والد سيد محمد شاهہ کي خانداني دشمنيءَ سبب شهيد ڪيو ويو. سيد محمد شاهہ سيد حيدر سنائي جو 13_ سجّاده نشين هئو.

## 1906ع

10_ فيبروري:
ڄيٺي تلسيداس سپاهيملاڻي حيدرآباد ۾ ڄائي.

22_ فيبروري:
بوهري فرقي جي اڳواڻ سيّدنا برهان الدين جو انتقال ٿيو.

6_ مارچ:
پير سيد صبغت الله شاهہ ”ثاني“ بن پير سيد شاهہ مردان شاهہ جي ولادت ٿي.

31_ مارچ:
ڳاڙهين جي بادشاهہ حضرت مصري شاهہ رحمۃ اللہ علیہ جو انتقال ٿيو. حضرت مصري شاهہ 1828ع ۾ تولد ٿيو. سندس والد جو نالو بلند شاهہ هو.

Gul Hayat Institute

5_ سيپٽمبر:
مولانا محمد آگرو گذاري ويو (15_رجب 1324هہ).
17_ سيپٽمبر:
تعليمي ماهر ۽ شاعر محمد اسماعيل عرساڻي ميمڻ هالا نوان ۾ ڄائو، سندس والد جو نالو محمد هاشم ۽ تخلص ’فدا‘ هئو.
19_ سيپٽمبر:
سيد محمد علي شاهہ ڄاموٽ تولد ٿيو.
1_ آڪٽوبر:
شيوڪ ڀوڄ راج لاڙڪاڻي ۾ ڄائو. پاڻ سنڌي ۾ ”ٻالڪن جي ٻاري“ جو باني ۽ ماهوار رسالي ’گلستان‘ جو ايڊيٽر هئو.
25_ آڪٽوبر:
مرزا قمبر علي بيگ حيدرآباد ۾ ڄائو سندس تخلص ”حيدري“ هئو.
26_ آڪٽوبر:
مولانا فضل احمد غزنوي ڪوئيٽہ ۾ تولد ٿيو.

## 1907ع

21_ جنوري:
سنڌ جو مشهور شاعر حاجي الهہ بخش ”سرشار“ عُقيلي ٺٽي ۾ ڄائو. سندس والد جو نالو حاجي محمد صدّيق عُقيلي هئو.

چهري جي مٿان زلف گرهہ گير ڪري پيو.
ڪعبي جي اڳيان ڪافرِ بي پير ڪري پيو.

سرشار عُقيلي

Gul Hayat Institute

30_ جنوري:
هزهائينيس مير محمد حسن علي خان ”حسن“ بن مير محمد نصير خان ٽالپر جو وصال ٿيو سندس تدفين ڪربلا معليٰ ۾ ٿي.
27_ اپريل:
عبدالفتاح ”عبد“ عاقلي، ڳوٺ عاقل تعلقي لاڙڪاڻي ۾ ڄائو. پاڻ ڪجهہ وقت محمد ايوب کهڙي وٽ زمينداريءَ جو منشي ٿي رهيو.
14_ مئي:
پاڪستان جو سابق صدر فيلڊ مارشل محمد ايوب خان هزاره، سرحد ۾ تولد ٿيو.

4_ جولائي:

سنڌ جو اڳوڻو وزيراعليٰ پيرزاده عبدالستار، پراڻي سکر ۾ تولد ٿيو. پاڻ ميان عبدالرحمان پيرزادي جو ٻيو نمبر فرزند هئو.

25_ آگسٽ:

مولانا حاجي عطاءالله فيروزشاهي جو انتقال ٿيو. پاڻ ذات جو چنو هئو. سندس والد مولانا خير محمد هئو. مولانا جو سلسلہ نسب حضرت بهاءالدين زڪريا ملتاني رحمة الله عليه جي خليفي پيروج سان ملي ٿو.

9_ سيپٽمبر:

خليفو محمد امين پلي ولد ڇتو پلي ڄائو. سندس ٻيو تخلص "درس" هئو.

1908ع

8_ فيبروري:

شيخ عبدالمجيد سنڌي مسلمان ٿيو.

1_ مئي:

مرزا فائق بيگ 'فائق' جو جنم ٿيو. پاڻ شمس العلماءِ مرزا قليچ بيگ جو فرزند هو.

23_ نومبر:

قاضي فيض محمد صدّيقي، هالاڻيءَ ۾ ڄائو.

1909ع

12_ جنوري:

ٻلديو تارا چند گاجرا شڪارپور ۾ ڄائو ورهاڱي بعد ڀارت لڏي ويو.

6_ مارچ:

خيرپور جي نواب مير سر فيض محمد خان ٽالپر جو انتقال ٿيو.

17_ اپريل:

ديپ چند تلوڪ چند نواب شاهہ ۾ ڄائو. پاڻ نوشهري فيروز مان هفتيوار اخبار "نوابشاهہ گزيٽ" ڪڍندو هو.

22_ سيپٽمبر:

مير غلام علي خان ٽالپر ڄائو.

Gul Hayat Institute

13_ نومبر:

واليءِ خيرپور هزهائينيس مير امام بخش خان ٽالپر، محمدنَ اينگلو اورنٽيل ڪاليج عليگڙهه جو دورو ڪيو.

1910ع

20_ اپريل:

جي ايم سيد جي شادي ٿي.

6_ مئي:

برطانيا جي بادشاهه ايڊورڊ_VII جو لنڊن ۾ انتقال ٿيو.

6_ مئي:

بادشاهه ايڊورڊ_VII جو پٽ جارج_V بادشاهه ٿيو.

2_ جولائي:

فقير سرت علي ڪورائي ولد پيدو خان ڪورائي ڄائو.

13_ آڪٽوبر:

امام انقلاب حضرت مولانا عبيدالله سنڌيؒ جمعيت الانصار جي ناظم جو عهدو سنڀاليو.

15_ ڊسمبر:

رئيس ضياءُالدين ”ضيا“ ميهڙ ۾ ڄائو. هي صاحب سنڌ جي مشهور شاعر، عالم، اديب ۽ قومي ليڊر مرحوم رئيس شمس الدين ”بلبل“ جو فرزند ۽ ”اديب سنڌ“ ۽ ”تنظيم عوام“ جو ايڊيٽر هو.

22_ ڊسمبر:

سيد قطب علي شاهه ”قطب“ جو وصال ٿيو. پاڻ سيد فتح الدين شاهه جو فرزند هو.

Gul Hayat Institute

1911ع

29_ مارچ:

حافظ شاعر ۽ صحافي خير محمد اوحدي سکر ۾ ڄائو.

22_ جون:

شاهه برطانيا جارج_V جي رسم تاجپوشي ٿي.

18_ جولائي:

آغا غلام نبي پٺاڻ، سلطان ڪوٽ ۾ ڄائو.

20_ سيپٽمبر:

پير حسام الدين راشدي ڳوٺ بهمڻ ۾ ڄائو. پاڻ موجوده دور جو عظيم محقق، دانشور ۽ ڪيترن ئي ڪتابن جو مرتب و مصنف آهي. پاڻ ’المنار‘، ’سنڌ‘، ’زميندار‘ ۽ ’ستاره سنڌ‘ جو ايڊيٽر ٿي رهيو ۽ ڪجهه عرصو ’قرباني‘ اخبار سان به وابسته رهيو.

8_ آڪٽوبر:

سنڌ ۾ مير ايوب خان جي صدارت هيٺ ”حلال احمر سنڌ“ جو قيام ٿيو سر حاجي عبدالله هارون ان جو سيڪريٽري ۽ خزانچي مقرر ٿيو.

20_ ڊسمبر:

سيد احمد شاهه مشهدي قادري بن سيد نور شاهه مشهدي جو انتقال ٿيو (28_ ذوالحج 1329هه). سندس مزار مسجد خضرا نانڪ واڙو ڪراچيءَ ۾ آهي.

27_ ڊسمبر:

مرزا علي بخش بيگ ڄائو. سندس والد جو نالو مرزا دوست محمد ۽ تخلص ’ڪوثر‘ هئو.

## 1912ع

12_ سيپٽمبر:

هالا نوان جي بهترين شاعر ”جليس هالائي“ جي ولادت ٿي. ”محمد يعقوب ولد محمد يوسف ابڙو تخلص ’جليس‘ هالائي، ننڍپڻ ۾ ئي يتيم ٿي ويو. 1937ع ۾ روينيو کاتي ۾ ڪلارڪ ٿيو. 1950ع ۾ هيڊ اڪائونٽنٽ جو امتحان پاس ڪيائين. سندس هڪ ڪتاب ”اسان جو قرآن“ 1953ع ۾ شايع ٿيو. جليس هالائي جي زندگيءَ جو احوال ’بايوگرافيڪل انسائيڪلوپيڊيا آف پاڪستان‘ ۾ موجود آهي، سندس انتقال 7_ اپريل 1989ع تي ٿيو.

اهو منهنجو عقيدو ۽ اهو ايمان آ ساقي،
ته مَي عرفان جو جامِ حسين قرآن آ ساقي.

جليس

Gul Hayat Institute

## 1913ع

7_ جنوري:
رئيس غلام مصطفيٰ پرڳڙي ڇائو. پاڻ رئيس غلام محمد خان پرڳڙي جو ٽيون نمبر فرزند هئو.

11_ فيبروري:
صوفي مخدوم محمد ابراهيم پٽي هالائي جو انتقال ٿيو (4_ ربيع الاول 1331ھ).

10_ اپريل:
مولوي جهان خان دراني شڪارپوري جو وصال ٿيو. پاڻ خداداد خان دراني جو فرزند هئو. سندس سلسله نسب نواب سخي حافظ مدد خان سان ملي ٿو. مولوي صاحب جي علم و فضل کي ڏسي افغانستان جي بادشاهه امير حبيب الله خان کيس گورنري جي آڇ ڪئي. جيڪا مولوي صاحب قبول نه ڪئي.

19_ اپريل:
جڳت آڏواڻي حيدرآباد ۾ ڄائو. ورهاڱي بعد ڀارت لڏي ويو.

1_ مئي:
عبدالله هارون, ڪراچي جو ميونسپل ڪائونسلر منتخب ٿيو.

11_ مئي:
امام انقلاب حضرت مولانا عبيدالله سنڌي رحمة الله عليه جمعيت الانصار جي ناظم جي عهدي تان استعيفيٰ ڏني.

31_ آگسٽ:
حضرت غوث الحق مخدوم نوح رحمة الله عليه جي 14_ سجّاده نشين حضرت مخدوم محمد زمان سرڪار رحمة الله عليه جو وصال ٿيو.

Gul Hayat Institute

# حضرت

# مخدوم محمد ظهير الدين صدّيقي

# قريشي هالائي رحمة الله عليه

(15 - سجّاده نشين درگاهه شريف هالا)

(ولادت: 1280هه/1863ع، هالا شريف)

(سجّاده نشيني:1331هه/1913ع، هالا شريف)

(وصال: 1345هه/1927ع، هالا شريف)

(مدفن: وڏو قبو درگاهه شريف)

Gul Hayat Institute

ولادت مبارڪ ۽ تعليم

شادي ۽ اولاد

دستاربندي

انتظامي اُمور ۽ ترقياتي ڪوششون

پاڙيسرين سان حسنِ سلوڪ ڪرڻ

مولانا عبيدالله سنڌي رحمة الله عليه جي مدد

پٽنا ۾ ڪپڙن جي نمائش

علم پروري

وصال

حضرت مخدوم ظهير الدين رحمة الله عليه جن جي فرزندن جو احوال

ضميما

واقعاتي تاريخ (1331_1345هه / 1913_1927ع)

Gul Hayat Institute

# حضرت مخدوم محمد ظهير الدين صدّيقي قريشي هالائي رحمة الله عليه[341]

(1280-1345هـ/1863-1827ع)

صاحبِ شريعت، عاشقِ رسول ﷺ، حضرت مخدوم محمد ظهير الدين بن حضرت مخدوم محمد امين ثالث رح، حضرت غوث الحق مخدوم نوح عليہ الرحمت جن جا پندرهان سجّاده نشين هئا. پاڻ خود بہ قرآن مجيد ۽ شريعت شريف تي پابندي سان عمل پيرا رهندا هئا ۽ ٻين کي بہ ان مطابق زندگي گذارڻ جي تلقين ڪندا هئا. سندن سجّادگي وارو عرصو ترقي ۽ خوشحاليءَ جو دور ليکيو وڃي ٿو:

وَحده لاشريڪ لہ، جن اُتو سين ايمانَ،
تن مڃيو محمد ﷺ ڪارڻي، قلب ساڻ لسانَ،
اوءِ فائق ۾ فرمانَ، اوَتڙ ڪنهن نہ اوليا.

حضرت شاهہ ڀٽائي رح

## ولادت مبارڪ ۽ تعليم:

حضرت مخدوم ظهير الدين سائين رحمة الله عليه 15- جمادي الاول 1280هـ[342] مطابق 28- آڪٽوبر 1863ع[343] تي اربع جي ڀلاري ڏينهن تي هالا ۾ تولد ٿيا. حضرت مخدوم محمد زمان سرڪار رحمة الله عليه جن ڪان بہ سال ننڍا هئا. "ظهير

---

[341] مون طالب المولىٰ لائبرري ۾ موجود، ڳاڙهي رنگ جي جلد سان هڪ قديم قلمي نسخي جي پُشتي تي انگريزيءَ ۾ سندن نالو "Makhdoom Muhammad Zahir_u_Din" لکيل ڏٺو آهي، ان ڪري هتي سندن نالو ائين لکيو اٿم (مصنف)

[342] گنجينۂ اوليا قلمي/ گنجينۂ اسرار سروريہ قلمي/ ڪلياتِ امين ص: 24.

[343] ڪلياتِ امين جي ص: 44 تي ڄاڻايل عيسوي سن درست ناهي.

Gul Hayat Institute

### حضرت مخدوم غلام محمد عرف گل سائين رحمة الله عليه
(1886_1944)

### حضرت پير ميان عبدالحسين رحمة الله عليه
(1887_1937ع)

### حضرت پير ميان عبدالرحيم رحمة الله عليه
(1889_1889ع)

### حضرت پير ميان عبدالرحيم عرف الله بچايو عرف مير سائين رحمة الله عليه
(1896_1945ع)

### حضرت مولوي مخدوم غلام حيدر عرف محمد سعيد رحمة الله عليه
(1899_1953ع)

## دستاربندي:

حضرت غوث الحق مخدوم نوح رحمة الله عليه جن جي چوڏهين سجّاده نشين حضرت مخدوم محمد زمان سرڪار رحمة الله عليه ڪي اولاد ڪونه ٿيو ۽ پاڻ آگسٽ 1913ع ۾ انتقال ڪيائون، ڪانئن پوءِ شريعت وارا صاحب، پندرهين سجّاده نشين جي حيثيت سان مسند خلافت تي ويٺا، سندن دستاربندي 1_ شوال 1331هه [345] مطابق 3_ سيپٽمبر 1913ع تي ٿي. حضرت مخدوم ظهير الدين رحمة الله عليه جن غير سجادگيءَ وارن ڏينهن ۾ "پراڻي اتاس" ۾ رهندا هئا جنهن کي هينئر "قاضيءَ جي اوطاق" سڏجي ٿو سجّاده نشين ٿيڻ بعد حسب الدستور وڏي بنگلي تي رهڻ لڳا.

حضرت پکن ڏٽي رحمة الله عليه جن جي زماني کان وٺي پاڻ نهايت خوش اسلوبيءَ سان، ڪارخاني جي ذميداري سنڀاليائون ۽ ماڻهن جي خدمت انجام ڏنائون، سندن دورانديشي ۽ معامله فهمي جي ڪارڻ شهر وارن، مريدن، خادمن، دوستن ۽ تعلقدارن کي وڏو فائدو ٿيو.

ميان ظهير الدين ظهور ڪيو وينو مسند مٿي مير
سوحقدار حضرت ابابڪر صدّيق جو ورثي وارو وير

---

[345] گنجينهٔ اسرار سروريه، ص: 15.

ڏاڏو جنهن جو شيخ شهاب الدين ڪامل قطب ڪبير
مائٽ مڪمل جنهن جو نرمل نوح فقير
سرور لقب جنهن جو ۽ محمد ﷺ جو وزير
سو امين محمد گهوٽ جو پٽ پاڳارو پير
صحيح صدّيقي سلڇڻو ڪٽي اللهؑ ڪيو اڪيسر
سو مرشد آهي منٺار جو دست بہ دستگير
اهڙو پير امير هلي حضرت هالن ۾ ڏسو
منٺار فقير راڄڙ رحمة الله عليه[346]

## انتظامي اُمور ۽ ترقياتي ڪوششون:

حضرت مخدوم محمد ظهير الدين سائين رحمة الله عليه جن وقت جي نزاڪت کي مدِ نظر رکي، ڪيئين دور رس اقدام ڪنيا جن جو اثر ديرپا ثابت ٿيو ان سلسلي ۾ پاڻ پهريان پنهنجي ڪارخاني ڏانهن توجهہ ڏنائون ۽ آڳاٽيون، پراڻيون ۽ ڪمزور عمارتون مسمار ڪرائي انهيءَ هنڌ نيون جايون تعمير ڪرايائون. جن ۾ حويلي، اٿاس بنگلو رئيس دوست علي خان واري اوطاق وغيره قابل ذڪر آهن. موجوده ڪوٽ بہ سندن ئي ڊزائين آهي. مهمان خاني، بورچيخاني ۽ ٻين اوطارن وغيره جي سالانہ مرمت ڪرائيندا هئا. حضرت پڪن وارن صاحبن جي زماني ۾ ڪارخاني جو مير منشي خانبهادر سيٺ وشنداس هو جنهن ڪارخاني جي ترقي ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو ان کان پوءِ حضرت مخدوم محمد زمان سرڪار سائين رحمة الله عليه وٽ زوار الله ورايو ۽ ٻيا مير منشي ٿي رهيا، حضرت مخدوم ظهير الدين سائين رحمة الله عليه جن حافظ محمد خان پٺاڻ[347] کي مير منشي مقرر ڪيو جنهن پڻ ڪافي وقت خدمت انجام

---

[346] رسالو رهنمائي، ص: 65.

[347] **حافظ محمد خان پٺاڻ (1889_1952ع):**

حافظ محمد خان ولد بلند خان ولد خالق داد خان ولد قاسم خان ببوزئي پٺاڻ جي ولادت 24 رمضان المبارڪ 1304ھ بمطابق 27_ مئي 1889ع تي سندس آبائي ڳوٺ علي بخش پڙانگ ۾ ٿي. سندس وڏا ڪوئٽا بلوچستان مان هجرت ڪري سنڌ ۾ آيا. پاڻ بلند خان جو اڪيلو فرزند هو. بلند خان رينج آفيسر سان گڏوگڏ نهايت پڪو دينڌار مسلمان بہ هو انهيءَ حافظ محمد خان کي صرف اسلامي تعليم ڏياري جنهن ڪري هو

"هي مخدوم صاحب نهايت سنو منتظم ثابت ٿيو سوين ايڪڙن ۾ باغ رکايائين هالن جي ساري بازار ۾ دڪان ٺهرايائين، ڪفايت شعاريءَ سان چڱو پيسو گڏ ڪيائين. ان جي معنيٰ اها نہ سمجهڻ کپي تہ هو بُخل طرف مائل هو بلڪ وڏو سخي ٿي گذريو آهي، سوين بيواهن، يتيمن، مسڪينن جا ماهيا نہ ٻڌي ڇڏيائين، جن کي بنا ڪنهن ٻئي ماڻهوءَ جي چاڻ جي گهر ويٺي اهي پيسا ملندا هئا. حڪومت ۾ ڪامورن سان سُٺا تعلق هوندا هئس. سڀ ڪيس ملڻ ويندا هئا پاڻ ڪنهن وٽ نہ ويندو هو. گاديءَ جو اهو شان رکيائين جهڙو ڪنهن سجّاده نشين ڇجبو رکيو هوندو"[349].

پاڻ هالا شهر ۾ ان جي رهواسين جي مسئلن کان هر وقت واقف هوندا هئا. هالا شهر وارن سان سندن دلچسپي جو اندازو ان مان لڳائي سگهجي ٿو جو پاڻ شهر جي هر پاڙي ۾ قوم مان ٻئي معزز ماڻهو مقرر ڪري ڇڏيا هئائون، جيڪي روز وٽن ايندا هئا ۽ شهر جي ڪنڊ ڪڙڇ جي مسئلن ۽ ماڻهن جي پريشانين کان کين آگاهہ ڪندا هئا، پاڻ انهن کان حال احوال پڇي ۽ سندن مسائل کي حل ڪندا هئا.

## پاڙيسرين سان حسنِ سلوڪ ڪرڻ:

پاڙي وارن سان حسنِ سلوڪ ڪرڻ، مخالفن سان درگذر ڪرڻ ۽ مصيبت ۾ قاتلن جي مدد ڪرڻ سندن شخصيت جا قابل تقليد پهلو هئا. اهڙي ئي هڪڙي واقعي جو ذڪر محترم جي ايم سيد هيئن ڪيو آهي:

"قاضي محمد ڪامل مغل سڏائيندو هو پر قاضين سان رشتيداري جي ڪري قاضي سڏائڻ لڳو هو سندن نياڻي قاضي محمد اشرف ولد قاضي احمد سان پرڻيل هئي، پاڻ خود اهلِ تشيع هو. ڪانئس علاوه ٻيا سيئي قاضي اهلِ سنت هئا. قاضي محمد ڪامل، مخدومن جي مخالفن مان هو ۽ هالن جي پٺو خاندان سان سندس پڪي دوستي هوندي هئي جو ٻئي اهلِ تشيع هئا. قاضي ڪامل اڪثر مخدومن جي شڪايت ڪندو رهندو هو. مخدوم محمد زمان الله کي پيارو ٿي ويو ۽ مخدوم ظهير الدين عرف پرو چام مسند نشين ٿيو. قاضي محمد ڪامل انهيءَ زماني جو هڪڙو قصو ٻڌائيندو هو تہ

---

[349] جي ايم سيد، جنب گذاريم جن سين، جلد 1، ص: 96.

سن 1914ع ۾ مولانا صاحب ڪابل وڃڻ جو ارادو ڪيو ۽ انهيءَ سلسلي ۾ هو مدرسه دارالارشاد پهتو ۽ جتي مولوي عبدالله لغاري کي به تياري ڪرڻ لاءِ چيائين.[352] هڪ سال جي ضروري تياريءَ ڪرڻ بعد مولانا سنڌي رحمة الله عليه ۽ سندس ساٿي، حضرت شيخ الهند رحمة الله عليه جي حڪم موجب آگسٽ 1915ع ڌاري ڪابل روانا ٿي ويا.[353] انگريزن جو دور هو ۽ سخت چوڪسي هئي. ڪابل روانگي وقت مولوي عبدالله لغاري (ولادت: 1871ع) جي هٿان هالا جي مخدومن صاحبن مولانا سنڌيءَ کي مدد طور هڪ هزار روپيا موڪليا هئا، جڏهن ته مولانا سنڌي هر طرف کان مايوس ٿي چُڪو هو.[354]

حضرت مولانا عبيدالله سنڌي رحمة الله عليه جي ڪابل روانگي واري سن مان ثابت ٿيو ته ان وقت حضرت مخدوم ظهير الدين رحمة الله عليه جن حضرت غوث الحق مخدوم نوح عليه الرحمت جن جا گادي نشين هئا ۽ انهن ئي امام انقلاب حضرت مولانا سنڌي رحمة الله عليه جي مدد ڪئي هئي.

## پٽنا ۾ ڪپڙن جي نمائش:

1921ع ۾ هندستان جي شهر پٽنا ۾ ڪپڙي جي "آل انڊيا نمائش" لڳي هئي، جنهن ۾ حضرت مخدوم ظهير الدين رحمة الله عليه جن هالا جو خاص ڪپڙو "موتيو" موڪليو ان ڪپڙي کي بهترين هئڻ جي اعتراف ۾ سون جو تمغو مليو جنهن جي ٻنهي پاسن تي مندرجه ذيل الفاظ درج آهن:[355]

All India Hand Weaving Exibition
Patna 1921
Presented By
Mahraja Bahdaur of Durmon for
Best Motia Cloth

---

مخدوم طالب المولىٰ سائين جن تفصيل سان مون کي ٻڌايو هو.

352 ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، سوانح نمبر، مهراڻ، ص: 274.

353 مولوي عبدالله لغاري، سوانح نمبر، مهراڻ، ص: 274/ علي نواز وفائي مهراڻ سوانح نمبر، ص: 268/267.

354 الهه ورايو ڀٽ، سانگهڙ سووينيئر 1984ع، ص: 65.

355 مذڪوره تمغو هن وقت راقم الحروف وٽ موجود آهي.

Gul Hayat Institute

## علم پروري:

صاحبِ شريعت حضرت مخدوم ظهير الدين ﷫ پاڻ خود به عالم هئا ۽ ٻين کي به هميشه علم حاصل ڪرڻ جي ترغيب ڏيندا هئا. "پنهنجي فرزندن ۽ عزيزن کي تعليم جي زيور سان آراسته ڪيائون. اسلامي تعليم جي واڌاري لاءِ هالا ۾ ديني مدرسو قائم ڪيائون جنهن مان هزارين شاگردن ديني تعليم حاصل ڪئي"[356] وٽن روزانو شام جي وقت علمي ۽ ادبي رهاڻ ٿيندي هئي، پاڻ مولانا روم رح جي مثنوي بيحد پسند ڪندا هئا ۽ عموماً قاضي مولوي شفيع محمد کان اها مثنوي ٻڌندا به هئا. سندن حلقهءِ احباب ۾ عالم، فاضل، مفتي ۽ بزرگانِ دين شامل هوندا هئا.

سيد مٺن شاهه بن سيد حيدر شاهه اجناڻي (وصال: 16- اپريل 1956ع مطابق 5 رمضان 1375هه)[357]، مفتي شفيع محمد علوي، آخوند حافظ علي محمد علوي، آخوند ولي محمد[358] مولوي شاهه محمد ۽ ڪمال فقير نوشهرائي[359] سندن خاص مقرب هئا. قاضي علي اڪبر شاهه ڪيبرائي ۽ حافظ القرآن حافظ محمد خان پنهنجي وٽن مير منشي ۽ خليفو ميو فقير[360]

---

[356] پروفيسر محبوب علي چنا. ڪلياتِ امين. ص: 25/24.

[357] نسب نامه ساداتان متعلوي، مٺن شاهه.

[358] **آخوند حافظ ولي محمد** (1867_1934ع):

سندس ولادت 17- جمادي الثاني 1284هه/16 آڪٽوبر 1867ع تي اربع جي ڏينهن هالا ۾ ٿي. پنهنجي والد آخوند حافظ محمد قاسم، مجاور درگاهه شريف حضرت غوث الحق مخدوم نوح رحمت الله عليه کان قرآن شريف جي تعليم ورتائين. نهايت عبادت گذار ۽ نيڪ شخص هو. سندس شادي حافظ عبدالغني جي نياڻيءَ سان ٿي، ڪيس به فرزند آخوند محمد قاسم عرف آخوند داون (ولادت: 12- اپريل 1910ع- وصال: 10- جولاءِ 1973ع) ۽ آخوند حافظ حاجي مولوي رب ڏنو (ولادت: 8- آگسٽ 1912- وصال: 9- جون 1991ع) تولد ٿيا. ٻئي صاحب عالم فاضل، عربي ۽ فارسي جا ڄاڻو خوش خصال ۽ عبادت گذار ٿي گذريا آهن. آخوند حافظ ولي محمد. قرآن پاڪ جو حافظ ڪپڙي ۽ سون جو پارکو ۽ بهترين درزي هو. آخوند حافظ ولي محمد، صاحبِ شريعت حضرت مخدوم ظهير الدين ﷫ جي حاضري جو خاص رُڪن ۽ حضرت مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ سائين جن جو استاد به هو. سندس انتقال 30- محرم 1353هه/15- مئي 1934ع تي هالا ۾ ٿيو.

[359] ڏسو ضميمو 18.

[360] **خليفو ميو فقير** (1838_1938ع):

جهڙا الله وارا، نيڪ انسان سندن حاضريءَ جا ماڻهو هئا.

سندن علم دوستي ۽ علم پروري جو هيءُ مثال اهي پراڻا قلمي ڪتاب آهن جيڪي حضرت غوث الحق مخدوم نوح عليه الرحمت جن جي زماني کان وٺي حضرت مخدوم محمد امين ثالث عرف پکن ڌڻي ﷫ جي دور تائين مختلف اوقات ۾ قلمبند ٿيندا رهيا ۽ انتهائي مخدوش ۽ ضعيف حالت ۾ هئا. انهن قلمي نسخن ۾ حضرت غوث الحق مخدوم نوح عليه الرحمت جي آبا و اجداد، حسب نسب ۽ اولاد جو تفصيلي ذڪر ۽ سندن ملفوظات شامل هئا.

---

تعليم حاصل ڪري سرڪاري نوڪري ۾ داخل ٿيو ۽ ترقي ڪري اسسٽنٽ ڪمشنر جي عهدي تي پهتو. نهايت مذهبي ۽ عبادت گذار انسان هو. ڪيس حيدرآباد ۾ ڊيوٽيءَ دوران دهشتگردن 4- آڪٽوبر 1983ع تي صبح 11 بجي شهيد ڪري ڇڏيو. حاجي احمد ميمڻ جو انتقال 21- ذوالحج 1375هه بمطابق 30- جولاءِ 1956ع تي ٿيو.

[362] **آخوند حافظ حاجي علي محمد (1865-1931ع):**

آخوند حافظ محمد قاسم جو وڏو فرزند هو. سندس ولادت: 1- رمضان المبارڪ 1281هه/28- جنوري 1865ع تي بروز ڇنڇر هالن ۾ ٿي. هڪڙي شادي حافظ حاجي عبدالغني بن حافظ ٻاجهوءَ جي نياڻيءَ سان ڪيائين. ڪيس ٻه فرزند ٿيا. سندس وڏو پٽ حافظ حاجي عبدالفتاح 1- اپريل 1893ع تي ڄائو ۽ 21- جولاءِ 1963ع تي گذاري ويو. آخوند مولوي عبدالعزيز سندس ننڍو فرزند هو جنهن جي ولادت 23- مئي 1865ع تي ۽ وصال 1- جنوري 1968ع تي ٿيو آخوند حاجي علي محمد، حافظ القرآن ۽ عالم فاضل شخص هو. حضرت مخدوم ظهير الدين ﷫ جي حڪم تي، خاندان سروري ۽ جماعت سروري ۽ سروري تعلقدارن جي احوال تي مبني ”گنجنهٔ اسرار سروريہ“ مرتب ڪيائين. سندس انتقال 3- محرم 1350هه/29- مئي 1931ع بروز جمع هالا ۾ ٿيو. سندس والد آخوند حافظ محمد قاسم، حضرت مخدوم محمد امين ثالث ﷫ ۽ سندن فرزندن جو استاد هو.

[363] **جهنڊو فقير مگڻهار (1882-1982ع):**

عبدالرحمان عرف جهنڊو فقير 1882ع ۾ ڄائو. پاڻ چوندو هو تہ سرٽيفڪيٽن ۾ لکيل سندس تاريخ ولادت (7، جولاءِ 1903ع) صحيح ناهي. جهنڊي فقير فائنل تائين تعليم حاصل ڪئي ۽ نهايت قابل شاگرد هو. ٽنڊي آدم مان ٻہ شاديون ڪيائين. ڪيس ست پٽ ٿيا جن جا نالا هي آهن: 1- محمد سليمان 2- محمد ابراهيم 3- حسن علي 4- شوڪت علي 5- مشتاق علي 6- سجّاد حسين 7- عابد حسين. هن وقت سندس ٻئي گهر مان وڏو فرزند محمد ابراهيم ٽيليفون کاتي ۾ ملازم آهي. سندس ولادت 2- نومبر 1959ع تي هالا ۾ ٿي. جهنڊو فقير، حضرت مخدوم محمد زمان سرڪار رح، حضرت مخدوم ظهير الدين رح ۽ حضرت مولوي مخدوم غلام حيدر ﷫ وٽ حاضري ۾ رهيو.

حضرت مخدوم ظهير الدين رحمة الله عليه جن انهن ڪتابن جي اهميت ۽ افاديت کان بخوبي واقف هئا، پاڻ نه صرف سمورن قلمي نسخن جي حالت درست ڪرائي انهن کي محفوظ ڪرايائون بلڪ خاندان جي تاريخ ۽ حضرت غوث الحق مخدوم نوح عليه الرحمت جي سوانح ۽ ارشادات تي مشتمل نوان ڪتاب پڻ لکرايائون جن ۾ گنجينهٔ اولياءِ ۽ سراج العارفين قابل ذڪر آهن. سندن ئي تحرڪ تي حضرت مولوي مخدوم غلام حيدر رحمة الله عليه، قديم ڪتابن ”رسالي فتحي“ ۽ ”دليل الذاڪرين“ جو مطالعو ڪري، انهن مان مستند حوالا وٺي ”سفينته النوح“ جهڙو ناياب ڪتاب لکيو. ”سفينته النوح“ اصل فارسيءَ ۾ لکيو ويو هو، جنهن کي بعد ۾ حضرت مولوي مخدوم غلام حيدر رحمة الله عليه، جن پهرين مولانا دين محمد وفائي کان سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪرايو. جيئن ته ان ۾ اترادي ٻوليءَ جي گهڻي استعمال سبب ڪجهه مضمونن جي معنيٰ مٿجيو ٿي وئي انهيءَ ڪري، پاڻ ”سفينته النوح“ جو ٻيو ترجمو هالا جي مفتي سعد الله انصاري کان تيار ڪرايائون، جنهن جو نالو ”سڪينته الروح في تذڪره حضرت مخدوم نوح رحمة الله عليه“ رکيو ويو.

## وصال:

صاحب شريعت حضرت مخدوم ظهير الدين رح جن جو انتقال 6- رجب المرجب 1345هه[364] مطابق 11- جنوري 1927ع تي اڱاري جي ڏينهن تي هالا ۾ ٿيو سندن عمر ٽيهٺ سال هئي، ڪين ساڳئي ڏينهن درگاهه شريف ۾ حضرت غوث الحق مخدوم نوح فقير رحمة الله عليه جي قبي واري چوڪنديءَ ۾ اُيرنديءَ پاسي دفن ڪيو ويو. مرحوم اسحاق هالائي، سندن وصال جي تاريخ ۽ احوال پنهنجي ڪلامن ۾ هن طرح بيان ڪيو آهي:

Gul Hayat Institute

(1)

سخي پير سرور پرو چام پيارو
غريبن، يتيمن، جڏن جو جيارو

---

364 گنجينهٔ اسرار سروريه قلمي.

نوٽ: جنب گذاريم جن سين جلد 1 ۾ سندن وصال جي اسلامي تاريخ ۽ ڪلياتِ امين ص: 25 تي عيسوي تاريخ غلط آهي.

ڇڏي دار دنيا، ڪُلي ڪار سازي
رضا ربَ جي تي ٿيو راءِ راضي

قضا جو قبوليو عجيبن اڳارو...

(2)

سڳورو سخي پير سرور سدَر
سخا جو سدا هئو برابر بحر

ڇهين ماهہ رَجب جي تاريخ هئي
وصالي جي سڌ لوڪ ساري پئي
هئي خلق منجهہ ڀهر نعرو نئي

مجيو ڏينهن منگل تي عاشق امر[365]

”مخدوم ظهير الدين، بلند اخلاق، سخي، دشمن نواز، وڏي تحمل ۽ بردباري جو صاحب هو. سيدن ۽ پيرن جي اصلاح ۽ انهن ذريعي خدمتِ خلق ڪرڻ ۽ ماڻهن جي اخلاقي زندگي نيڪ ڪرڻ جو شوق ڪيس جنون جي حد تائين پهتل هو“[366] پاڻ سموري حياتي، اسلام جي اشاعت، خلق جي خدمت ۽ علم جي آبياري ڪندي گذاريائون. پوين ڏينهن ۾ ڪين ذيابيطس جي تڪليف ڪري ٽنگن ۽ گوڏن ۾ سور رهڻ لڳو جيڪو ايترو وڌي ويو جو پاڻ هڪڙي هنڌ ويهي رهيا هئا. حويليءَ جي هڪڙي حصي کي ”حاضريءَ واري اوطاق“ ۾ تبديل ڪري اُتي ماڻهن سان ملندا هئا. جنهن کي ”ڪِرَّ“ سڏيو ويندو هو. سندن ناچاقائي جي ڪري ڪارخاني ۽ سروري جماعت جي خدمت جو بارگران، سندن ننڍي فرزند حضرت مولوي مخدوم غلام حيدر ﷬ جن جي نگراني ۾ رهيو. حضرت مخدوم ظهير الدين ﷬ جن کان پوءِ سندن فرزند حضرت مخدوم غلام محمد عرف گل سائين ﷬ جن پڳدار ٿيا. پاڻ حضرت غوث الحق مخدوم نوح ﷬ جن جا 16 سجّاده نشين هئا.

[365] تفصيل لاءِ ڏسو نوائي فراق، ص: 83/94.
[366] جي ايم سيد، جنب گذاريم جن سين، جلد 1، ص: 96.

Gul Hayat Institute

# حضرت مخدوم ظهير الدين رحمة الله عليه جن جي فرزندن جو احوال:

## حضرت مخدوم غلام محمد عرف گل سائين رحمة الله عليه

(1886_1944ع)

پاڻ سندن ڏاڏي حضرت مخدوم محمد امين عرف پکن ڌڻي رحمة الله عليه جن جي حياتيءَ ۾ سن 1886ع ۾ تولد ٿيا ۽ صاحب شريعت حضرت مخدوم ظهير الدين رحمة الله عليه جن جا وڏا فرزند ۽ جانشين هئا. حضرت مخدوم غلام محمد رحمة الله عليه جن فقير پير هئا، سندن تفصيلي ذڪر الڳ "باب" ۾ ڏنو ويو آهي.

## حضرت پير ميان عبدالحسين رحمة الله عليه

( 1304_1356ھ/1887_1937)

حضرت عبدالحسين سائين جي ولادت 13_ رمضان المبارڪ 1304ھ[367] مطابق 5_ جون 1887ع تي پنهنجي آباڻي ڳوٺ هالا شريف ۾ ٿي. پاڻ حضرت مخدوم غلام محمدؒ کان ڏيڍ سال ڪن ننڍا هئا. قد جا ڊگها، رنگ ڳورو ۽ بت ۾ ڀريل پهلوان مٿرس هئا، هر وقت ڊگهي لٺ پاڻ سان گڏ رکندا هئا، ڪوٽ جي اندر ڪو به ماڻهو مٿي اگهاڙو ڏسندا هئا ته ان سان نهايت سختيءَ سان پيش ايندا هئا. پاڻ خود ته شاعري ڪا نه ڪيائون تاهم وڏا باذوق ۽ سخن شناس هئا.

هڪڙي ڀيري حضرت مخدوم غلام محمد عرف گل سائين رحمة الله عليه سان گڏ سوماري شريف جي حاضري ڏيڻ بعد درگاهہ شريف تان "قنئچي واري بازار"[368] ڏيو واپس ڪوٽ ڏانهن پيا آيا. حضرت مخدوم غلام محمد ۽ حضرت عبدالحسين سائينؒ کان علاوه ان وقت حضرت الله بچايو سائين، مولوي غلام حيدر سائين، ميان غلام حسين ۽ سندن ٽئي پائر، سروري جماعت جا فقرا ۽ شهر وارا پڻ گڏ هئا، حضرت مخدوم صاحبان سيئي گهوڙن تي سوار هئا، اڳيان حضرت مخدوم غلام محمد رحمة الله عليه جن جو گهوڙو هو ان جي پٺيان عبدالحسين سائين ۽ ٻين جا گهوڙا هئا. جيئن ئي ڪوٽ جي ويجهو پهتا ته پري کان ڪجهه ماڻهن کي ڀڄندي ۽ لِڪندي ڏٺائون، معلوم ٿيو ته ڪو گهوڙو چنائي ڀڳو آهي ۽

---

[367] گنجنيهٔ اسرارِ سروريہ. قلمي.

[368] هالا جي تاريخي عمارتن مان "قنئچي بازار" بہ آهي.

سڌو سندن طرف ڏانهن پيو اچي، ايتري ۾ سامهون ڏسن ته اهو گهوڙو سڌو حضرت مخدوم غلام محمد سائين رحمة الله عليه ڏانهن رخ ڪيو ۽ پوري رفتار سان ڊوڙندو پيو اچي. انهيءَ کان اڳ ۾ جو گهوڙو گل سائين رحمة الله عليه جن کي ڪو نقصان رسائي ها، حضرت عبدالحسين سائين رح جن چيا ڪيو جو فوراً پنهنجو گهوڙو هڪلي اچي گل سائين رحمة الله عليه جن جي اڳيان بيٺا ۽ جيئن ئي اُهو گهوڙو نزديڪ آيو پاڻ پيرن مان جُتي لاهي، گهوڙي جي ڪنن جو وچ وٺي سندس مغز ۾ اهڙي طاقت سان هنيائون جو گهوڙو اتي ئي ڪري پيو ۽ مري ويو.[369]

سندن طاقت ۽ بهادريءَ جا بيا به قصا ٻڌبا آهن. پاڻ محبانِ اهل بيت هئا، محرم شريف جي ڏهاڙن جو وڏو احترام ڪندا هئا. سڄي حياتي شادي ڪو نه ڪيائون.

عبدالحسين سائين رحمة الله عليه جو انتقال 25 محرم 1356هه[370] مطابق 7 اپريل 1937ع تي ٿيو سندن عمر پنجاهه سال هئي، کين ساڳئي ڏينهن درگاهه شريف ۾ حضرت مخدوم نعمت الله واري چوڪنديءَ ۾ سپردِ خاڪ ڪيو ويو.

## حضرت پير ميان عبدالرحيم رحمة الله عليه

(1889_1889ع)

هي صاحبزادو 1889ع ۾ ڄائو مٿس عبدارحيم نالو رکيائون سندس انتقال ساڳئي سال ڇهن يا ستن مهينن جي عمر ۾ ٿيو.[371]

## حضرت پير ميان عبدالرحيم عرف الله بچايو رحمة الله عليه

( 1314_1364هه/1896_1945ع)

پاڻ 27_ ربيع الاول 1314هه[372] مطابق 5_ سيپٽمبر 1896ع تي تولد ٿيا. عبدالرحيم ۽ الله بچايو سندن بانگ جا نالا هئا، سندن ٻيو نالو الله بچايو

---

[369] عاليجناب حضرت مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ سائين رح جن اهو واقعو ٻه دفعا ٻڌايو هو پهرين ڀيري 1973ع ۾ حيدرآباد واري 3_ سول لائين واري بنگلي تي ۽ ٻئي ڀيري 1990ع ۾ سندن وڏي بنگلي تي هالا ۾.

[370] گنجنيهٔ اسرار سروريه قلمي.

[371] گنجنيهٔ اسرار سروريه قلمي.

[372] گنجنيهٔ اسرار سروريه قلمي.

Gul Hayat Institute

وڏيڪ مقبول ۽ معروف ٿيو حضرت الله بچائي سائين رح جن کي وڏن جي نسبت سان "مير سائين" بہ سڏيندا هئا. سندن چھرو رعبدار، رنگ سرخ ۽ سفيد، قد موزون، نهايت عمدو ۽ نفيس لباس پائيندا هئا. الله بچائي سائين جو ننڍپڻ هالا ۾ گذريو جوانيءَ ۾ ڪافي سيرو سياحت ڪيائون، سيرو سياحت سان گڏ گھوڙي سواريءَ جو اعليٰ شوق رکندڙ بھترين شھسوار هئا. علم و ادب، ٻولي ۽ شعر و شاعريءَ سان گھاٽو لڳاءُ هئن، سندن محفل ۾ سگھڙن جي رهاڻ ۽ ڪلامن کان وٺي ڪِلَ پوڳ تائين سڀ رنگ شامل هوندا هئا. پاڻ بذات خود ڪڏهن ڪڏهن شعر بہ چوندا هئا، تاهم، سندن ڪلام هن وقت ڪٿي بہ دستياب ناهي. سندن تخلص "مھجور" هو.

1920ع ڌاري، هندستان جي شھر "ٻاهڙ ميڙ" ۾ رهندڙ مسلمان پٺاڻن مان شادي ڪيائون، ڪين ڪو نرينہ اولاد ڪو نہ ٿيو. حضرت الله بچايو عرف مير سائين رحمة الله عليه پڇاڙڪن ڏينھن ۾ ناچاق رهڻ لڳا هئا، سندن انتقال پر ملال 9_ ربيع الاول 1364ھ [373] مطابق 22_ فيبروري 1945ع تي حضرت حضرت مخدوم غلام محمد عرف گل سائين رحمة الله عليه جي رحلت کان فقط بہ مھينا پوءِ هالا ۾ ٿيو سندن عمر 49 سال هئي، کين درگاھ شريف جي حضرت مخدوم نعمت الله واري چوڪنديءَ ۾ سپردِ خاڪ ڪيو ويو.

## حضرت مولوي مخدوم غلام حيدر سائين رحمة الله عليه

(1316_1372ھ/1899_1953ع)

حضرت مولوي مخدوم غلام حيدر صدّيقي رحمة الله عليه جن جي شخصيت ڪنھن بہ تعارف جي محتاج ناهي. پاڻ حضرت صاحبِ شريعت مخدوم ظھير الدين رحمة الله عليه جا ننڍا فرزند هئا. سندن ولادت مبارڪ 12 ذوالحج 1316ھ مطابق 23_ اپريل 1899ع تي هالن ۾ ٿي. مٿن "غلام حيدر" ۽ "محمد سعيد" نالا رکيا ويا هئا. ديني، سماجي ۽ اصلاحي خدمتن، علم پروري ۽ درسگاهون قائم ڪرڻ جي ڪري هالا جا ماڻھو عقيدت مان کين "معمارِ هالا" سڏيندا آهن.

---

[373] گنجينۂ اسرار سروريہ قلمي.

27_ رجب المرجب 1344هه مطابق 10 فيبروري 1926ع تي سيڪاٽ جي حاجي محمد هاشم ۽ حاجي نور محمد سمي وارن مان شادي ڪيائون، ان وقت سندن عمر 26 سال هئي. کين ڪو نرينه اولاد ڪو نه ٿيو. هتي سندن دستِ راست مرحوم قاضي غلام محمد قريشي هالا پراڻي واري جي لکيل سندن زندگي بابت مضمون مان اقتباس ڏجي ٿو.[374]

”سندن والد جن جي اراده ۽ خواهش موجب پاڻ ديني تعليم ۾ مشغول ٿي ويا، سندن عربي پارسي تعليم لاءِ مولوي شاهه محمد صاحب پنجاب مان گهرائي کين ۽ 3_4 هالن جا ٻيا ٻه شاگرد مقرر ڪري کين تعليم ڏني ويئي. پاڻ جڏهن 15_16 سالن جي عمر کي پهتا ۽ پارسي عربي تعليم گهڻي پاڳي مولوي شاهه محمد مرحوم کان ورتي ته سندن والد بزرگوار کين مدرسه دارالعلوم ديوبند فراغت تحصيل لاءِ موڪليو باقي ڪتاب اتي ختم ڪري ديوبند مان فارغ التحصيل ٿي موٽي پنهنجي وطن آيا. ڪتابن جو ايڏو ذخيرو پنهنجي ڪتب خانه لاءِ گڏ ۽ هٿ ڪيائون جو اهو ڪتبخانه پاڪستان جي وڏن ڪتبخانن مان هڪ ليکجي ٿو.

سندن والد بزرگوار جن جي وفات بعد سمورو دنيوي ڪاروبار سندن حوالي رهيو. تاهم سندن علمي ذوق، شوق جستجو سيرابيءَ لاءِ ڪوشان رهيو ان ڪري پاڻ استاد الڪل مولوي محمد صاحب مرحوم جن کي پاڻ وٽ مقرر ڪري وٽن درس حديث جو تازه تر دور ڪري سَنَدَ ورتي ۽ اها سَنَدَ بالواسطه شاهه ولي الله محدث دهلوي سان ملي ٿي ان سَنَدَ جو نقل اڄ به موجود آهي. صوم و صلواة جا سخت پابند نماز پنجگانه سان گڏ روزانو تلاوت قرآن شريف رمضان شريف جا روزا ۽ حافظ پنيان تراويحن ۾ ڪڏهن هڪ ڪڏهن ٻه ختمان مهيني ۾ پڙندا هئا. صلوات سڳوريءَ جو ورد اڪثر رهندو هو. حضور انور آقائي نامدار صلي الله عليه وسلم جن جي ذات والا صفات سان عقيدت ۽ احترام جو اهو مقام هو جو اڪثر سندن اسم مبارڪ ٻڌڻ سان اشڪبار ٿي ويندا هئا. مثنوي شريف جو مطالعو اڪثر رهندو هو. تفسير ۽ حديث سان هر وقت وابستگي رهندي هئي. هر دنيوي

---

[374] انشاءَ الله عاليجناب حضرت مولوي مخدوم غلام حيدر صدّيقي قريشي رحمه الله جن جي مڪمل سوانح، طالب المولىٰ اڪيڊميءَ طرفان جلد شايع ڪرائي ويندي (مصنف)

Gul Hayat Institute

